
زندگيءَ جون ڪٿائون
۽ ساروڻيون
ليکڪ
رئوف نظاماڻي

# زندگيءَ جون ڪٿائون ۽ ساروڻيون

## رئوف نظاماڻي

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"زندگيءَ جون ڪٿائون ۽ سارُوٽيون"** اوهان اڳيان حاضر آهي. يادگيرين، آتم ڪٿا ۽ سارُوٽين تي ٻڌل هي ڪتاب ناميارِي اديب **رئوف نظاماڻيءَ** جو لکيل آهي.

سال ڏيڍ اڳ ڪاوش دنيا ۾ رئوف نظاماڻيءَ جي آتم ڪٿا ڇپجڻ شروع ٿي. سندس آتم ڪٿا ٻين سنڌي ڪٿائن کان ان ڪري منفرد آهي ته هن ۾ سندس پنهنجي ذات جو غير ضروري تذڪرو ڪونهي. ائين ڪٿي ڇئجي ته اها ڪراچيءَ جي تاريخ يا اپياس آهي. ائين ڪونهي ته اها ڪٿا صرف ڪراچيءَ جي چوڌاري ڦري ٿي، پر اها ڪٿا اسان کي ليکڪ سان واسطي ۾ آيل ڪيترن نامور شخصيتن جهڙوڪ امام علي نازش، ڊاڪٽر فيروز احمد فيروز، رسول بخش پليجو، جام ساقي، جمال نقوي، عبدالرحمان نقاش وغيره جا احوال به آڇي ٿي، جنهن سان اسان کي ويجهي ماضيءَ جي سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. ڏهاڪو کن مضمون سندس خاندان جي حوالي سان آهن، باقي مضمونن ۾ ڪراچيءَ جي ادبي، سياسي ۽ سماجي روئداد سان گڏ نامور شخصيتن جو احوال به آهي. هيءُ ڪٿائي ڪتاب آتم ڪٿا کان وڌيڪ ڪراچيءَ جي تاريخ ۽ سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ لاءِ بنيادي مواد فراهم ڪري ٿو.

هي ڪتاب ڪنهن به اداري اڃا تائين ناهي ڇاپيو، پر سائين رئوف نظاماڻيءَ قرب ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، جنهن لاءِ سندس ٿورائتا آهيون. مهربانيون سائين حبيب سنائيءَ جون جنهن ڪمپوز ٿيل مواد کي سنواري ۽ مهاڳ لکي ڪتاب سنڌ سلامت ڏانهن ايميل ڪيو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


• پيش لفظ — حبيب سنائي — 06

1 : هڪ صدي اڳ ڪراچيءَ آيل اسانجو خاندان ۽ منهنجي تعليم — 08
2 : ڪراچي يونيورسٽي، شاگرد سياست ۽ لياريءَ جو تبديل ٿيل سياسي ماحول — 14
3 : اسان جي ننڍپڻ جي زندگي ۽ امڙ جي يادِ — 19
4 ڪراچي يونيورسٽيءَ جا ڏينهن ۽ ٻوليءَ وارا جهيڙا — 21
5 جڏهن اسان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي اخبارن جي نمائش جو بندوبست ڪيو! — 25
6 ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اپلائيڊ ايڪانامڪس ريسرچ سينٽر AERC — 28
7 پراڻو ڪراچي، جتي اسان بہ جو گھر هو! — 31
8 لياري، جيڪو ڪڏهن ڪنهن لاءِ اوپرو نہ رهيو، اهو هاڻي تبديل ٿي چڪو آهي! — 33
9 ڪراچيءَ ۾ خوف ۽ دهشتگردي جي شروعات — 38
10 ڪراچي شهر جون لائبريريون، جن مان ڪيتريون بند ٿي ويون! — 42
11 نئون آباد: هندستان مان لڏي آيلن جا جهوپڙا، ليلان چري ۽ ظفر پمفليٽي! — 46
12 اسٽيٽ بينڪ جي گورنر اي جي اين قاضي ڪوٽا تي عمل ڪرايو تہ سنڌين جو وڏو تعداد اسٽيٽ بينڪ ۾ اچي ويو! — 48
13 اسٽيٽ بينڪ جي ٻن گورنرن: اي جي اين قاضي ۽ عشرت حسين جا دؤر — 51
14 سائو انقلاب ۽ زرعي قرض — 56
15 هڪ رات ريگستان ۾ — 61
16 ڪڏهن ڪراچي ائين بہ هوندو هو! — 64
17 سنڌي ادبي سنگت ۽ مان — 68
18 منهنجو ياءُ منهنجو دوست — 73
19 منهنجا ڏاڏاڻا، ناناڻا ۽ لياري ۾ رهندڙ بروهي — 77
20 اڪيلائيءَ ذهني حالت کي تبديل ڪري ڇڏي! — 81
21: لڏي ويل هڪ دوست جي ڳالھ تہ،’يار، ڊفينس ۾ برنس روڊ وارو مزو ناهي...‘ — 83
22 ڪجھ ريل جي سفر جي باري ۾، جتي هڪ سَٽي باز بہ مليو! — 88
23 رٽائرمينٽ ۽ اُن ڪانپوءِ...... — 93
24. لياريءَ جون مختلف برادريون ۽ سماجي خدمت وارا سنڌن ڪم — 98
25. گلشن حديد جو سفر ۽ ان جو آئيندو؟ — 100
26 جهنگ ۾ چيو ويو، ’هير بابت سوچي سمجهي ڳالهائجو“! شاپنگ مايون ڪري ڇاڻن! — 103
27 ڪي دوست ڪي ملاقاتون — 106
28 ڪراچي جو سنيما ڪلچر — 109
29 ڪراچي شهر ۾ ڳوناڻي زندگي — 112
30. آصف فرخي، سرور جاويد. ڊاڪٽر ٻوهيو ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل جي سائيڪل ريلي — 114
31 ڪراچي ۽ پشاور شهر ۾ مينهن جا ڏينهن ۽ ماڻهن جا الڳ الڳ رويا — 118
32 نرگس هوديائي، سندس هڪڙي شڪايت — 122
33 ڪوئيٽا ۾ سَت ڏينهن — 124
34 لالا، جيڪو لياريءَ کي بچائڻ وارن ۾ شامل هو! — 126
35 منهنجو دوست بدر قريشي — 129
36 حاجران ماسي، ناني ڪنوار ، موسو مستري ۽ ڪي ٻيا ڪردار — 132

37 ڪي ڪردار ڪي ڳالهيون 135
38 ڊاڪٽر فيروز احمد 138
39 اسلم خواجہ جنھن پنھنجي رولاڪين ڪي تخليق جو ذريعو بڻايو! 142
40 قبائلي علائقن جو چڪر 145
41. 1977 واريون چونڊون 148
42. اداره امن و انصاف جيڪو هڪ المئي جو شڪار ٿي ويو 149
43. آزاد ٻہ هليو ويو 152
44. منهنجي امان 156
45. منهنجو بابا 160
46. اياز ۽ سنگت ڪراچي 164
47. رسول بخش پليجو: جيئن مون ڏٺو 167
48. سفر اڳتي هلي ٿو 172
49. اياز جاني 175
50. جاويد پٽو 176
51. هو عجيب شخص هو (ماما حسن) 178
52. هڪ دوست جي ياد 181
53. سوڀو گيانچنداڻي: ڪجھ يادگيريون 184
54. ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڄام ساقي سان ڪجھ ملاقاتون 187
55. ڊاڪٽر شمس سومرو: ڪجھ يادگيريون 191
56. سنڌي عوامي تحريڪ سان وابستگي 194
57. هنجن جهڙا ڪي شخص 197
58. ڪجھ نقاش جي باري ۾ 200
59. سائين بخش رند 203
60. نول 204
61.لکڻ جي شروعات 205
62. شمشير الحيدري 206
63.سفر جيڪو جاري رهيو 207
64. بندر روڊ کان ڪيماڙي 211
65. ڪراچيءَ جو ميڪلوڊ روڊ 214
66. گل محمد کتري جون سارونيون 218

# پيش لفظ

پياري رئوف نظاماڻي کي جڏهن سندس هن آتم ڪٿائي ڪتاب جي اليڪٽرانڪ ايڊيشن لاءِ پيش لفظ لکڻ جي صلاح ڏنم ته يڪدم چيائين اوهان ئي ڪٿي لکو، ڇو ته اوهان به منهنجي علمي ادبي سرگرمين ۽ تخليقن کان ڪافي عرصي کان واقف آهيو. دل ۾ سوچيم ته ڪٿي رئوف صاحب، ڪٿي حبيب سنائي. خيال آيو ته اجايو ڪيس صلاح ڏنم. بهرحال قلم هٿ ۾ ڪنيو اٿم.

اسان جيڪي گذريل صدي جي اسي ۽ نوي واري ڏهاڪي ۾ علم و ادب توڙي سياست سان واڳيل رهيا آهيون، تن واسطي رئوف نظاماڻي هڪ اهم شخصيت جي حيثيت پيو رکي. مون کي ياد آهي ته اسي واري ڏهاڪي ۾ اسان تازو تازو ادب جي وسيلي سياست سان لاڳاپيا هئاسين، تڏهن رئوف نظاماڻي ۽ ڪن ٻين جي لکڻين جي پڙهڻ جو جنون هوندو هو. سندس اوائلي ڪتاب فلسطين ۽ سامراج اسان کي عالمي سياست کي سمجهڻ لاءِ سونهون ثيو. ائين ان کانپوءِ سندس ٻيون لکڻيون به اسان کي عالمي توڙي ملڪي حالتن جو صحيح رخ ڏيکاري، اسان کي پنهنجي راهِ جوڙڻ ۾ سهائتا ڪنديون رهيون آهن.

بهرحال خوشقسمتي سان جڏهن مون روزگار جي سلسلي ۾ سال 1985 ڌاري ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪئي. تڏهن ڪجهه مهينن کان پوءِ اوچتو پيارو جان خاصخيلي صدر ۾ ملي ويو. هن صاحب ٻڌايو ته هو به روزگار سانگي ڪراچي ۾ ٽڪيل آهي ۽ وڏيڪ هن اها ڄاڻ ڏني ته رمپا پلازا ۾ هر خميس تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي گڏجاڻي ٿيندي آهي، جنهن ۾ هو شريڪ ٿيندو آهي. هن مونکي به ان ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. سنڌي ادبي سنگت سان ساٿ ته 1981 کان وٺي شروع ٿيو هو، جڏهن قاضي معصوم هالائي صاحب مونکي ۽ عرفان مهدي کي همٿائي هالاپراڻا جي شاخ وري سرگرم ڪرائي. ان زماني ۾ اسان لاءِ ڪراچي سنگت پنهنجي ڪارڪردگي جي ڪري هڪ وڏي اتساهه جو سبب هئي.

ائين 1985 جي آخر ۾ آئون سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيس. اتي سخت تنقيدي معيار کي ڏسي ڪري رڳو هڪ اڌ ڪهاڻي پيش ڪري سگهيس. بهرحال اتي باقاعده شرڪت جي ڪري ٻين ساڻ نظاماڻي برادران يعني رئوف، شڪور ۽ حسن منصور سان ڏيٺ ويٺ ٿي. ان کان علاوهه جان خاصخيلي ۽ رحمان خاصخيلي سان گڏجي ڪافي ڀيرا رئوف صاحب جي لي مارڪيٽ پاسي واري گهر وڃڻ ٿيو، جتان ڪافي ڪتاب پڙهن لاءِ ورتاسين، اها ٻي ڳالهه آهي ته سڀ نه پڙهيا هونداسين.

هن کان اڳ ۾ مون وٽ رئوف صاحب جو تصور سياسي ۽ اقتصادي موضوعن جي ليکڪ طور هو، پر سنگت ۾ سندس سرگرمي مان سندس سٺي ادبي نقاد طور شناسائي ٿي. رئوف صاحب جا ليک گهڻ موضوعاتي هوندا آهن. ڪڏهن هو ملڪي

سياست کان وٺي عالمي سياست تي رائي زني ڪندو آهي، ته ڪڏهن اقتصاديات تي پيو لکندو آهي. ڪڏهن وري سندس روءِ سخن علم و ادب هوندو آهي.

گذريل ڪافي سالن کان هو جيڪي علمي، سياسي يا ادبي ڪتاب پڙهي ٿو، تن جو وچور اسان سان ونڊي اسان جي علمي غربت کي گهٽائڻ ۾ به هڪ اهم رول ادا ڪري رهيو آهي.

سال ڏيڍ اڳ ڪاوش دنيا ۾ سندس آتم ڪٿا ڇپجڻ شروع ٿي. سندس آتم ڪٿا ٻين سنڌي ڪٿائن کان ان ڪري منفرد آهي ته هن ۾ سندس پنهنجي ذات جو غير ضروري تذڪرو ڪونهي. ائين ڪٿي چئجي ته اها ڪراچي جي تاريخ يا اپياس آهي. ائين ڪونهي ته اها ڪٿا صرف ڪراچي جي چوڌاري ڦري ٿي، پر اها ڪٿا اسان کي ليکڪ سان واسطي ۾ آيل ڪيترن نامور شخصيتن جهڙوڪ امام علي نازش، ڊاڪٽر فيروز احمد فيروز، رسول بخش پليجو، ڄام ساقي، جمال نقوي، عبدالرحمان نقاش وغيره جا احوال به آڇي ٿي، جنهن سان اسان کي ويجهي ماضي جي سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

رئوف صاحب جي هن آتم ڪٿائي ڪتاب کي 65 مضمونن ۾ ورهايو ويو آهي. ڏهاڪو کن مضمون سندس خاندان جي حوالي سان آهن، باقي مضمونن ۾ ڪراچي جي سياسي سماجي روئداد سان گڏ نامور شخصتين جو احوال به آهي. جيئن مون اڳ ۾ لکيو آهي ته هيءُ ڪٿائي ڪتاب آتم ڪٿا کان وڌيڪ ڪراچي جي تاريخ ۽ سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ لاءِ بنيادي مواد فراهم ڪري ٿو.

هي ڪتاب هڪ لحاظ کان آتم ڪٿا جو پهريون جلد آهي. اميد ته رئوف سائين جلدي ٻيو جُلد به لکي وٺندو.

**حبيب سنائي،**
**هالاپراڻا،**
**ا مئي، 2021**

# 1
# هڪ صدي اڳ ڪراچيءَ آيل اسانجو خاندان ۽ منهنجي تعليم

زندگيءَ جو هر دور هڪٻئي سان ڳنڍيل ته هوندو آهي ته ڏار به. ماڻهو پنهنجي هڪ دور جي گهٽين ڳالهين تي فخر به ڪندو آهي، ته گهٽيون ڳالهيون سندس لاءِ پشيماني جو به باعث هونديون آهن ۽ هو ڪوشش ڪندو آهي ته نه رڳو ٻين کان سندس اهي ڳالهيون لِڪل رهن، پر ساڳئي وقت سندس اهي ذهن تان به ميسارجي وڃن، ان ڪري لکڻ جو اهو عمل جڏهن شروع ٿيندو آهي ته گهٽ يا وڌ هرڪو پاڻ ڪي سنسر ڪندو آهي، پر ان سنسر جو مطلب به اهو هوندو آهي ته، اهي سندس ذهن جي ڪنهن نه ڪنهن حصي ۾ موجود آهن. هونئن به اڻ وڻندڙ شين جو وسرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. شايد ان ڪري ئي چيو ويندو آهي ته، ’يادِ ماضي عذاب آهي يا رب.‘

هيءَ ڳالهه اڄڪلهه جي گهٽن سنڌين کي عجيب لڳندي آهي ته، ’ڪراچيءَ ۾ به ڪي اهڙا سنڌي خاندان رهندا آهن، جن کي هتي رهندي هڪ صديءَ کان به وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي.‘ اسانجو خاندان اهڙن خاندانن مان هڪ آهي، جن کي ڪراچيءَ ۾ رهندي اٽڪل هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. منهنجو ڏاڏو پنهنجي جوانيءَ ۾ جڏهن (کهڙا مان) هت آيو هو ته، ان وقت، ڪانئس اڳ ۾ ئي سندس چاچو هتي رهندو هو. ڏاڏي هتان، ڪراچيءَ جي مقامي سنڌين مان شادي ڪئي. انهن جي قدامت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڏاڏي ٻڌائيندي هئي ته، ”سندس ناني سائين عبدالرحيم آخوند، جنهن جو ذڪر ان وقت جي سنڌي نصاب جي ڪتابن ۾ هوندو هو، ڪراچيءَ جي ڪنهن انگريز ڪاموري کي سنڌي پڙهائي هئي، جنهن کيس خوش ٿي چيو هو ته ’موجوده ڊينسو هال کان گهوڙو ڊوڙاءِ، جتي اهو بيهندو اها زمين توکي لکي ٿا ڏيون.“

ان درويش ان آڇ کي رد ڪندي کيس جواب ڏنو ته، ”سائين الله اسان کي گنج ڏنو آهي. مون کي ان سڀ ڪجهه جي ضرورت ناهي.“

اها ته منهنجي سانير جي ئي ڳالهه آهي ته، بابا اسان کي جڏهن ڪنهن وڏي ننڍي ڏينهن تي قبرستان وٺي ويندو هو ته، پهرين ان قبرستان وڃبو هو، جيڪو ميوه شاهه جي مزار جي سامهون هوندو هو ۽ جتي ڏاڏا آخوند جي قبر هوندي هئي. پوءِ ليند مافيا زمينن تي قبضي جو جيڪو معاملو شروع ڪيو، انهن کان اسان جا قبرستان به محفوظ نه رهيا آهن. هن وقت اهو قبرستان ختم ٿي چڪو آهي.

ڏاڏي جو هڪ ڀاءُ پويان ڳوٺ ۾ ئي رهندو هو. اهو خاندان ماني مڇي وارو هو. ڪورڪو ڪم ڪندو هو، پر وٽس ڪا زرعي زمين وغيره نه هئي. ڏاڏو پنهنجو گهر به ڀاءُ جي حوالي ڪري آيو هو، ان ڪري پويان وٽس ڪا ملڪيت نه رهي هئي. سندس خاندان جو ڳوٺ سان تعلق ختم ٿي وڃڻ جو شايد اهو به هڪ ڪارڻ هو. جيتوڻيڪ هن

پنهنجن ٻن پٽن جي شادي پنهنجي خاندان مان ڪرائي، پر هڪ ته، اهي ٻه ڪراچيءَ ۾ نئي آباد ٿيا ۽ ٻي ڳالهه ته اهي شاديون پڻ مختلف خانداني سببن جي ڪري گهڻو عرصو نه هلي سگهيون. انهن جي ٻي شادي وري ڪراچيءَ جي مقامي ماڻهن مان ئي ڪرائڻي پئي. اهڙي ريت اسان جو ڳوٺ سان تعلق رڳو هڪ مهمان وارو ئي وڃي رهيو. ان بعد سال ۾ اٽڪل هڪ ڀيرو بابا جي سئوٽ جي گهر مهمان ٿي وڃبو هو. ڳوٺ ۾ ٻين مِٽن مائٽن سان ملڻ سان گڏ هڪ جاءِ تي وڃڻ ضروري هوندو هو ۽ اها هئي ڏاڏي نظام جي قبر، جتي حاضري ڏبي هئي.

اسان هن وقت جڻ ڏاڏي جي ستين پيڙهي آهيون. اها قبر پير ڪٽپر واري قبرستان ۾ هئي، جيڪو کهڙا شهر کان گهڻي مفاصلي تي آهي. هن وقت ته ڳوٺ جو قبرستان شهر جي ويجهو ئي آهي، پر بابا ٻڌائيندو هو ته، پهرين هتي اچبو هو.

هن قبر جي خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته هر سال وڃڻ جي باوجود ان کي ڳولڻ لاءِ اُتان پنهنجي هڪ مائٽ کي گڏ ڪٽڻو پوندو هو، جنهن کي قبرستان جي ڄاڻ هوندي هئي. ڪيترا ڀيرا ته ائين به ٿيو ته ايستائين ته اسان جي ان سونهين کي به ناڪام موٽڻو پيو. اها عام قبرن جي ڀيٽ ۾ ديگهه ۾ ننڍي هئي ۽ ان کي ڪنهن ڪارڻ پڪو نه ڪيو ويو هو. ٻي ڳالهه ته جهنگ صاف ڪرڻ جي باوجود ڪجهه عرصي ۾ اها وري جهنگ جي وچ ۾ اچي ويندي هئي. بهرحال ڏاڏا ۽ سندس ڳوٺ جي ويجهن مائٽن جي وفات ڪانپوءِ ڳوٺ وڃڻ جو سلسلو آهستي آهستي گهٽبو ويو ۽ هن وقت اهو اٽڪل نه هئڻ برابر وڃي رهيو آهي. بابا ڪانپوءِ اسانو ننڍو چاچو ان قبر جي سار سنڀال ڪندو هو پر سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ شايد ئي اسان پائرن ۽ سوٽن مان ڪو رڳو اتي ائين ٿيڻ لاءِ ويندو هجي. آئون سمجهان ٿو ته ڏاڏا جي يادگيري شايد اسان جي نسل تائين رهي، پوءِ جا ايندڙ نسل پنهنجي بنياد جي ڳولها ۾ ايڏي گهڻي دلچسپي نه وٺن.

ان سلسلي ۾ هڪ اهم مشاهدي جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. ان وقت تاثر اهو هوندو هو ته، 'ڪراچيءَ ۾ سڀ مهاجر رهن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو ٻيو به رهي ٿو ته، اهو به جلد يا بدير انهن جهڙو ئي ٿي ويندو.' هڪ ڀيري اسان بابا جي سئوٽ جي راٽيپور واري دڪان تي وينا هئاسين ته، هن پنهنجي هڪ واقف سان اسان جو تعارف ڪرائيندي چيو ته، "هي منهنجي سئوٽ جا پٽ ڪراچيءَ مان آيا آهن ۽ جلدئي اهي مهاجر ٿي ويندا." ان وقت اها ڳالهه اسان کي سمجهه ۾ نه آئي ته، ان جو مطلب ڇا هو، پر هاڻي خبر پئي ٿي ته، ان جو مطلب هو ته، "اهي ماڻهو پنهنجو ڪلچر، ٻولي ۽ طور طريقا وساري ويهندا ۽ اسان لاءِ بلڪل اوپرا ٿي ويندا." اهو خدشو صحيح به هو، ڇاڪاڻ ته اسان جي چوڌاري گهڻا خاندان ان وات تي هلي پيا هئا. اسان جو پاڻ کي بچائڻ ان ڪري ممڪن ٿي سگهيو جو اسان اتفاق سان سنڌي ميڊيم ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪئي هئي.

منهنجي امان جو واسطو به ڪراچيءَ جي مقامي سنڌي ميمڻ خاندان سان هو. منهنجي نانِي بروهي خاندان مان هئي، جيڪي حبَ جي ويجهو لڪي جي علائقي ۾

رهندا هئا. امان يا سندس خاندان پاران جيتوڻيڪ ڪڏهن سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر سان پنهنجي تعلق جو ذڪر نہ ڪيو ويو، پر هوءَ اهو ٻڌائيندي هئي تہ، ’سچل سائين سندن مرشد آهن ۽ اتي درگاهہ جي اڱڻ تي سندن خاندان جو ڪو فرد بہ دفن آهي.‘ اهڙي ريت ڳوٺ وڃڻ جي صورت ۾ امان جو درگاهہ تي وڃڻ لازمي هوندو هو، جنهن ڪري اسان جو جڻ تہ ان سان هڪ جذباتي ناتو جڙي ويو هو.

شروعات ۾ اسان اڇي قبر وٽ رهندا هئاسين. اها بابا نور شاهہ غازي جي مزار آهي، جنهن تي اڇي رنگ جي ڪري ان تي ”اڇي قبر“ جو نالو پئجي ويو. اهو ”مٺي در“ جو علائقو آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ، لياري ندي پنهنجو رخ بدلائڻ کان اڳ ۾، هتان اچي، سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. ساڳئي ريت جتي سمنڊ جو پاڻي ايندو هو، اهو علائقو ”ڪارادر“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. هن علائقي کي لياري ۽ پسگردائيءَ جا ماڻهو ”شهر“ بہ چوندا هئا.

ڏاڏي جو مون سان پيار، مون کي اڄا ياد آهي. هن خاص طور منهنجي لاءِ پنهنجي سائيڪل ۾ اڳتي گادي لڳرائي هئي. ڪيس هوندن ئي ٻارن سان وڌيڪ انسيت هوندي هئي. عيد وغيره جي موقعي تہ هو سڀني ٻارن کي شهر جي ڪنهن تفريحي جاءِ تي وٺي ويندو هو، جنهن ۾ رڳو خاندان جا نہ، پر پاڙي جا ٻار بہ شامل هوندا هئا. خا ص طور مون کي ياد آهي تہ جڏهن ڪراچيءَ ۾ سرڪلر ريلوي شروع ٿي هئي، تڏهن اسان سڀ ٻار، سندس اڳواڻيءَ ۾ وزير مينشن تان ريل ۾ سوار ٿيا هئاسين ۽ ڊرگ روڊ تي لهي، اسٽيشن جو چڪر هڻي، وري واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو هئوسين.

اسان جي گهر جي هيٺان ملباري جو چانهہ جو ننڍڙو هوٽل هوندو هو. سندس نالو تہ الائي ڇا هو، پر ڪيس سڀئي ”مامون“ جي نالي سان سڏيندا هئا. سندس مرڪندڙ چهرو، پيار سان ڳالهائڻ ۽ ملائيءَ واري چانهہ اڃان منهنجي ذهن تي نقش آهي.

خاندان جي وڌي وڃڻ ڪري اڇي قبر وارو گهر سوڙهو ٿي پيو. ان وقت اڃان ڌار رهڻ جو رواج پيدا نہ ٿيو هو، ان ڪري اسان کي نوآباد جي علائقي ۾ شفٽ ٿيڻو پيو. منهنجا بہ وڏا ڀائر اڳ ۾ ئي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيا هئا، جڏهن تہ منهنجي تعليم نوآباد، لياري شفٽ ٿيڻ ڪانپوءِ شروع ٿي. ان وقت بہ خانگي ۽ سرڪاري اسڪول؛ ٻيئي هوندا هئا، پر تعليم اجا ڪمرشيلائيز نہ ٿي هئي ۽ خانگي اسڪول گهٽي ڀاڱي فلاحي ادارن ۽ ٽرسٽ وغيره وٽ هوندا هئا. ٻار پنجن ڇهن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ٿيندو هو، جنهن ڪري ماٽتن کي ڪا گهٽي مٿاڪٽ نہ ڪرڻي پوندي هئي. سڌو وڃي ڪيس استاد جي حوالي ڪيو ويندو هو. پرائمري تعليم لاءِ مون کي ڏيپچند ٽي اوجها اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جيڪو اسان جي گهر جي بلڪل سامهون هو.

اهو ايوب خان جو دور هو ۽ پاڪستان جا آمريڪا سان ناتا سنا هئا. ان جي ڪري شاگردن لاءِ خاص طور تي آمريڪا پاران کير ۽ گيهہ موڪليو ويندو هو. اڄ وانگر اهو سڀ ڪجهہ استادن جي گهرن ۾ نہ، پر شاگردن ۾ ورهايو ويندو هو. هاف ٽائيم ۾ روزانو کير جي گلاس سان گڏ هفتي ٻئي هفتي گيهہ جو سيل ٿيل ڊٻو ملندو هو،

جيڪو شاگرد پنهنجي گهر ڪٽي ويندا هئا. اهو سنڌي ميڊيم اسڪول هو، جتي چار درجا پڙهيو هيم. ان اسڪول جي گهڻي يادگيري ته ناهي، پر قاضي صاحب، جنهن جو پڻ پورو نالو ذهن تي نه پيو اچي، جي ڪتابن ڪانسواءِ اٺڻ ويهڻ جي طور طريقن جي تربيت جا ڪجهه عڪس اجا ذهن تي نقش آهن. سائينءَ سان منهنجي گهڻو عرصو پوءِ به ملاقات ٿيندي رهي ۽ هو پنهنجن واقفڪارن کي منهنجي لاءِ ٻڌائيندو هو ته، 'منهنجو هڪ شاگرد اسٽيٽ بينڪ ۾ ڪم ڪري ٿو.'

ان ڪانپوءِ حاجي عبدالله هارون سيڪنڊري اسڪول ۾ داخلا ورتم. انگريزيءَ جي پڙهائي هڪ مضمون جي طور پنجين درجي کان شروع ٿيندي هئي. اهو اسڪول جيتوڻيڪ ان وقت خانگي هو ۽ هارون خاندان جي ملڪيت هو، پر ان کي بلڪل ويلفيئر جي حوالي سان هلايو ويندو هو. نالي ماتر في هوندي هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن خاندان جا هڪ کان وڌيڪ ٻائر داخل هوندا هئا ته، انهن مان ڪجهه جي في معاف ٿي سگهندي هئي، جڏهن ته گهڻن غريب ٻارن جي في هوندئن ئي معاف هوندي هئي.

ساڳئي اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ يتيم خانو به هوندو هو، جنهن کي پڻ هارون فيملي هلائيندي هئي. ان سان گڏ ئي خيراتي ڊسپينسري پڻ هوندي هئي، جنهن جو انتظام به هارون فيميلي وٽ هوندو هو. اسڪول ۾ ٽي ميڊيم: سنڌي، گجراتي ۽ اڙدو هوندا هئا. سنڌي ميڊيم جي ڪلاسن ۾ سنڌي ٻارن ڪانسواءِ ڪاٺياواڙي ۽ بلوچ به هوندا هئا. انهن ٻارن جو تعداد ايترو وڌيڪ هوندو هو جو هر ڪلاس کي ٽن چئن حصن ۾ ورهائڻو پوندو هو ۽ هر حصي ۾ چاليهه کان پنجاهه ٻار هوندا هئا.

اسڪول ۾ مختلف استادن سان واسطو پيو. سائين خير محمد سومرو، جيڪو هيڊ ماستر به هو، اهو الجبرا پڙهائيندو هو. ڪيس پنهنجي سبجيڪٽ تي ايتري ته مهارت حاصل هوندي هئي جو سندس ان موضوع تي ڪتاب پڻ لکيل هو. نهايت سلڇڻي طبيعت جو مالڪ ۽ ڪڏهن به ٻارن تي سختي نه ڪندو هو. سائين تاج محمد سمون جو ڪم ٻارن ۾ سنڌي ادب لاءِ شوق پيدا ڪرڻ هو ۽ ان مقصد لاءِ ان وقت نڪرندڙ "اديون" رسالو وڪري لاءِ پڻ ڪٽي ايندو هو، جنهن جي قيمت اٺ آنا هوندي هئي. نهايت سادو سٻاجهڙو ماڻهو. مون سان سندس آخري ملاقات ان وقت ٿي، جڏهن آئون ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هوس ۽ هارون ڪاليج پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ملهائجندڙ ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ اتي ويو هوس.

ان وقت روزاني هلال پاڪستان جي، شاگردن جي صفحي ۾ منهنجا ليک ڇپجندا هئا. سائين نه رڳو اهي پڙهندو هو، پر ڪيس اها به ڄاڻ هئي ته هي منهنجو ئي شاگرد آهي. منهنجي پڻي نپريندي مون کي تاڪيد ڪيائين ته، پنهنجي ڪم کي جاري رکان. سائينءَ سان پوءِ منهنجي ملاقات ته نه ٿي، پر جڏهن به ڪجهه واسطيدار ماڻهن کان معلوم ڪيو ته، خبر پئي ته سائين ڪافي عرصي کان گم هو ۽ ڳولا جي باوجود به سندس متعلق ڪجهه به معلوم نه ٿي سگهيو هو.

انهن استادن سان گڏ اهڙا استاد پڻ هوندا هئا، جن کي ٻارن کي اذيت ڏيڻ ۾ مزو ايندو هو. سندن طريقو رڳو 'مولا بخش' يعني لڪڻ جي استعمال جو نہ هوندو هو، پر ٻارن هٿان ذليل ڪرائڻ ۽ ايستائين جو ٻين ٻارن کان ان کي ٺُڪون هٽائڻ کان بہ نہ گسندا هئا. ان سلسلي ۾ وهاب نالي هڪ استاد ڪافي بدنام هو. ڏهڪاءَ وارو طريقو سائين ابراهيم لاسيءَ جو بہ هوندو هو. ايستائين جو سندس نندو ڀاءُ موسيٰ، جيڪو منهنجو ڪلاس فيلو هو، سدائين ڪانئس هيسيل رهندو هو. سائين جڏهن وجي پوليس ۾ انسپيڪٽر ٿيو تہ، سڀني شاگردن شڪر ادا ڪيو.

آئون ڪو ايڏو هوشيار شاگرد نہ هوس. انين درجي تائين بس ائين ئي پاس ٿي ويو هئس. ان جي باوجود مون کو ڪلاس رپيٽ نہ ڪيو هئو. انين ڪلاس جي، اسڪول جي امتحانن ۾ منهنجي پهرين پوزيشن هئي، جنهن جي مجتا ۾ مون کي اسڪول پاران ڪتابن جو هڪ سيٽ ڏنو ويو، جيڪا ڳالهہ گهڻن ٻين سان گڏ منهنجي لاءِ پڻ حيران ڪُن هئي. ان انقلاب جو سبب منهنجو هڪ اوڪائي ميمڻ دوست ۽ ڪلاس فيلو آدم هو، جنهن جي ڪري مون ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان کي 'همدرد نونهال' ۽ ٻارن جي ٻين رسالن ۾ سوالن جا جواب، فوٽو ۽ مختلف ليک موڪلڻ جو شوق هوندو هو. ان سان گڏ مختلف لائبريرين ۾ اخبارن ۽ اسڪول جي مطالعي لاءِ وڃڻ بہ سندس هڪ مشغلو هوندو هئو. هن مونکي بہ ان لائين سان لڳائي ڇڏيو. پوءِ منهنجي لاءِ جڻ اڳتي وڌڻ جي هڪ واٽ کلي پيئي. ان شخص کي آئون اڄ بہ ڏاڍي پيار ۽ ٻاجهہ مان ياد ڪندو آهيان. مون نائين درجي ۾ سائنس بدران آرٽس جي چونڊ ڪئي هئي. پڙهائيءَ ۾ منهنجو شوق انڪري بہ ممڪن ٿيو هو جو ان وقت پاڙي ۾ منهنجا جيڪي ننڍپڻ جا دوست هئا، انهن جون دوستيون ٻئي پاسي منتقل ٿي ويون هيون ۽ آئون جڻ تہ اڪيلو ٿي ويو هوس. ان جي نتيجي ۾ ڪلاس ۾ منهنجي ڪارڪردگي وڌي ويئي ۽ ميٽرڪ جي امتحان ۾ مون فرسٽ ڊويزن حاصل ڪئي. ان کان پوءِ پوئتي مُڙي ڏسڻ جو ڪو سوال ئي نہ هو. منهنجي تعليمي ڪارڪردگي ۽ غير تعليمي سرگرمين خاندان ۽ دوستن ۾ منهنجي عزت ۽ اهميت کي وڌائي ڇڏيو، جنهن ڪري منهنجي اجا وڌيڪ حوصلي افزائي ٿي.

تڏهن ان اسڪول ۾ ميٽرڪ تائين تعليم هوندي هئي. آئون اڃان اسڪول ۾ ئي هئس تہ هارون فيملي اسڪول سان لڳ ئي هارون ڪاليج جو قيام عمل ۾ آندو. اردو جي مشهور شاعر فيض احمد فيض، جنهن جا هارون خاندان سان سنا ناتا هئا، کي ان ڪاليج جو پهريون پرنسپل مقرر ڪيو ويو. فيض صاحب پاران ڪاليج ۾ جيڪي استاد مقرر ڪيا ويا، اهي نہ رڳو ڪراچي، پر انهن ۾ ڪي ڪي تہ ملڪ جا مڃيل استاد هئا، جن ۾ مارڪسي دانشور ڊاڪٽر م.ر. حسان بہ شامل هو، جيڪو پوءِ ڪاليج جو پرنسپل بہ ٿيو. ميٽرڪ ۾ سٺن نمبرن سان پاس ڪرڻ کانپوءِ مون هارون ڪاليج ۾ ئي داخلا ورتي. هڪ تہ اهو ڪاليج اسان جي گهر جي ويجهو هو ۽ ٻيو تہ اسڪول جي

ايڪسٽينشن هئڻ ڪري هتان جو ماحول مانوس هو. ڪاليج ۾ اچڻ ڪانپوءِ پڙهائي ڏانهن منهنجو ڌيان اجان وڌي ويو.

2

# ڪراچي يونيورسٽي، شاگرد سياست ۽ لياريءَ جو تبديل ٿيل سياسي ماحول

هارون ڪاليج مان انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ مون کي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻ جو شوق ٿيو. تيستائين ان علائقي جا گهٽ ئي ڇوڪرا يونيورسٽيءَ واري پاسي ڏيان ڏيندا هئا. هڪ عام غلط فهمي اها هوندي هئي ته گڏيل تعليم ۾ ڇوڪرين جي تعداد وڌيڪ هئڻ جي ڪري ڇوڪرن جي خراب ٿيڻ جو امڪان گهڻو هو، پر يونيورسٽيءَ ۾ وڃڻ جو مطلب هڪ لحاظ کان جڻ ته شهر سان ڳنڍجڻ ۽ ٻين علائقن جي شاگردن ۽ استادن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ هو. منهنجي لاءِ خاص طور اهو ان ڪري به اهم هو ته، هيستائين منهنجي سڄي تعليم لياريءَ جي ماحول ۾ ٿي هئي، جيڪو هڪ لحاظ کان باقي شهر کان جڻ ته الڳ ۽ ڌار علائقو هئو. مون کي معاشيات ۾ ماسٽرس ڪرڻ جو شوق هو، پر ڪجهه واقفڪارن ۾ مائٽن پاران تنبيهه ڪئي ويئي ته، اهو سبجيڪٽ ڏکيو ۽ محنت طلب آهي، ان ڪري سوچي سمجهي پوءِ ڪو فيصلو ڪيان. بهرحال آئون پنهنجي ڳالهه تي اٽل رهيس.

مون کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي معاشيات جي شعبي ۾، انٽر ۾ سٺن نمبرن هئڻ ڪري بي اي آنرز ۾ آسانيءَ سان داخلا ملي ويئي. اهو جڻ ته منهنجي لاءِ هڪ بلڪل نئون دور هو. هڪ نئون ماحول. نوان ماڻهو. نيون ڳالهيون.

يونيورسٽيءَ ۾ پهچي اها خبر پيئي ته شهر ۾ شاگردن جا ٻه گروپ آهن: هڪڙا اُهي جن عام اسڪولن يا سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهيو آهي، انهن کي اڙدو ميڊيم جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، ۽ جن شاگردن سٺن انگريزي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، انهن کي انگريزي ميڊيم چيو ويو ٿي. يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيم انگريزي هو.

ڪاليج ۾ جيتوڻيڪ بي ايس او، جيئي سنڌ ۽ ٻين مختلف قوم پرست شاگردن جا گروپ سرگرم هوندا هئا، پر آئون انهن مان ڪنهن ۾ به سرگرم نه هوس. ساڳيءَ ريت يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺندي ئي مختلف گروپ رابطي ۾ اچڻ لڳا. ان وقت هتي هڪ ته اسلامي جميعت سرگرم هئي ۽ ٻيون جميعت مخالف جماعتون هيون، جيڪي خاص طور شاگرد يونين جي چونڊن جي وقت پروگريسو الائنس ۾ گڏجي وينديون هيون.

يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي رهڻ جي ڇئن سالن جي عرصي ۾ رڳو هڪ سال پروگريسو الائنس چونڊون کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو هئو، جنهن کي پڻ اڳوڻي صدر شفيع نقي جامعي جي، سنڌس دور ۾ ٿنڊر اسڪواڊ ٺاهڻ جو ردعمل قرار ڏنو پئي ويو، جنهن جو مقصد شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي ميل جول کي محدود ڪرڻ هو. پر جميعت کي شاگردن اهو پيغام ڏئي ڇڏيو ته ووٽ ڏيڻ تائين ته ٺيڪ آهي، پر اهي انهن

پابندين کي قبولڻ لاءِ تيار هئا. ان ڪان پوءِ واري سال جميعت پنهنجو هوم ورڪ ڪيو. ان سال يونين جو صدر شفيع نقي جامعي يونيورسٽي ڇڏي وڃي چڪو هو.

شفيع پوءِ بي بي سي جوائن ڪئي هئي. هو هر لحاظ کان هڪ قابل شاگرد هو ۽ نه تو چئي سگهجي ته هن صدر ٿيڻ لاءِ جميعت کي استعمال ڪيو يا جميعت سندس شخصيت ۽ شاگردن کي متاثر ڪرڻ واري سندس صلاحيت مان فائدو ورتو.

اهو ضياءالحق جي حڪومت جو شروعاتي دور هو ۽ اجا شاگرد سياست تي پابنديون نه لڳيون هيون ۽ نه مختلف جماعتن کي هٿياربند ڪري تعليمي ادارن ۾ تشدد کي ڦهلايو ويو هو. الطاف حسين جي آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اي پي ايم ايس او) جو وجود نه هئڻ برابر هو. ڪراچي يونيورسٽي ته جتي هينئر آهي، اتي ئي هئي، پر شهر اجا ايترو نه ڦهليو هئو. ان وقت جنگ اخبار ۾ يونيورسٽيءَ جي سرگرمين متعلق هڪ ڪالم ايندو هو، جنهن جو عنوان هوندو هو، ”شهر سي باره ميل پري.“ هڪ ته شهر جي مختلف هنڌن تان يونيورسٽيءَ جون پوائنٽ بسون هلنديون هيون، ٻيو گرو مندر تان بسون هلنديون هيون. پراڻي سبزي منڊي ڪانپوءِ حسن اسڪوائر ايندو هو ۽ پوءِ هڪ ڊگهي پنڌ بعد اڙدو سائنس ڪاليج، نيپا، محڪمه موسميات ۽ پوءِ يونيورسٽي ايندي هئي، جنهن ڪانپوءِ ٽي بي جي مريضن لاءِ ٺهيل اوجها سينيٽوريم هو.

مطلب اهو ته ان سڄي علائقي ۾، جتي هاڻي فليٽن جا جهنگ آهن، اتي مختلف ڳوٺ هوندا هئا ۽ هيئر وانگر ماڻهن جي رهائش نه هئي. 1978ع جي آخر ڌاري جڏهن منهنجو يونيورسٽيءَ ۾ آخري سال هو، تڏهن گلشن اقبال جي تعمير اجا مس شروع ٿي هئي. هاڻي، جنهن يونيورسٽيءَ کي شهر کان ”ٻارنهن ميل پري“ چيو ويندو هو، اها شهر جي بلڪل وچ ۾ اچي ويئي آهي. هڪ پاسي يونيورسٽيءَ ڪيمپس جي آرٽس فيڪلٽي هوندي هئي، ته ٻئي پاسي سائنس فيڪلٽي. وچ ۾ وڏوميدان هئو، جتي ايڊمنسٽريشن بلاڪ هوندو هو ۽ جتي مختلف تنظيمون داخلائن جي ڏينهن ۾ پنهنجا پنهنجا اسٽال لڳائينديون هيون.

جميعت کي اهڙو پيغام ڏيڻ ۾ پنجاب يونيورسٽي جي شاگردن دير ڪري ڇڏي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جميعت کي ختم ڪرڻ ۾ مهاجر سياست جي ايرڻ جو وڏو هٿ آهي، جيڪو عنصر پنجاب ۾ موجود نه هو.

اها ڳالهه به ٿي سگهي ٿي ته، اتي اي پي ايم ايس او جهڙي ڪا تنظيم نه ابري سگهي، جيڪا سيڪجهه ٻهاري ڪڍي وڃي ها. ساڳئي وقت اها ڳالهه به آهي ته ان وقت تائين ته ضياءُ الحق پاران شاگرد يونين تي پابندي لڳائي ويئي ۽ پنهنجي پسند جي تنظيمن، جن ۾ جميعت به شامل هئي، جي تعليمي ادارن تي قبضي لاءِ همت افزائي ڪئي ويئي. مون سان جميعت وارن پاران به رابطو ڪيو ويو، پر ڪين جلد ئي اهو احساس ٿي ويو ته ڪين هتان ڪجهه ورڻو نه هو. ان جو هڪ ڪارڻ شايد اهو به هو ته

ان وقت تائين پٺتو فيڪٽر جو ڪراچيءَ جي سنڌي ماڻهن تي وڏو اثر هو ۽ اها به ڄاڻ هئي ته، جماعت اسلامي، پٺتو مخالف هڪ جماعت هئي.

1977 جي چونڊن کان اڳ ۾ لياري جڻ سياسي لحاظ کان ٻن خاندانن: هارون ۽ گبول خاندانن ۾ ورهايل هئي. هاڻي گبول ته پيپلز پارٽي سان گڏ هئا، جڏهن ته هارون مقابلي ۾ هئا. 1970ع جي چونڊن ۾ يوسف هارون پاران نهايت سرگرميءَ سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ سعيد هارون جي چونڊ مهم هلائي ويئي، پر سندس طريقو اهو ساڳيو راڄوٽو ۽ مختلف برادرين جي وڏن بزرگن سان رابطي وسيلي ووٽ وٺڻ وارو هو، جڏهن ته ان وقت باقي سڄي سنڌ جيان لياري پڻ تبديل ٿي چڪي هئي. سياست، جنهن سان اڳ عام ماڻهوءَ جي ڪا گهڻي دلچسپي نه هوندي هئي، هاڻي جڻ سياست انهن جي روزمره جي ڳالهه ٿي پئي هئي.

يوسف هارون جي چونڊن جي مهم جي حوالي سان مون کي هڪ واقعو ياد آهي. ٽوپي ۽ پڳ کي ماڻهوءَ جي عزت سمجهيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو پڳ جو واسطو ڏئي يا اها اوهانجي قدمن ۾ رکي، ته باقي سڀ ڳالهيون ختم ٿي وينديون هيون. ان سلسلي ۾ يوسف هارون گهڻيون ٽوپيون ورتيون هيون ۽ جتي ويندو هو، اتي لاٽل ٽوپي اتي ئي ڇڏي ويندو هو. اهڙي ٽوپي هو منهنجي ڏاڏي جي پيرن ۾ به رکي ويو هو، پر انهن طريقن مان به ڪيس ڪجهه حاصل نه ٿي سگهيو. نوجوانن جي ته ڳالهه ئي ڌار هئي. جڏهن اسان پنهنجي ڏاڏي کان پڇيو ته، ”بابا، اوهان ڪنهن کي ووٽ ڏيندا؟“ ته سندس سڌو جواب هو ته، ”بابا آڏي لٺ کي،“ معنيٰ تلوار کي، جيڪو پيپلز پارٽي جو انتخابي نشان هو.

جيتوڻيڪ گبول خاندان ڪنهن نه ڪنهن ريت اجا پارٽي سان لاڳاپيل آهي، پر انهن اڳواڻن جي، ماڻهن آڏو هڪ جوابدهي شروع ٿي ويئي ، جيڪا اڳ نه هئي ۽ ماڻهو هڪ لحاظ کان پاڻ کي اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار سمجهڻ لڳا.

منهنجي سياسي تربيت گهڻي ڀاڱي يونيورسٽيءَ کان ٻاهر ئي ٿي، ڇاڪاڻ ته هتان جي ترقي پسند سياست تنظيمي لحاظ کان ڇڙوڇڙ هئي ۽ اهڙي طرح متحرڪ نه هئي، جيئن جمعيت هئي، ان ڪري گهڻن ٻين ڪارڪنن وانگر منهنجي پنهنجي تربيت به ٻاهر ئي ٿي. ان وقت ڪراچيءَ جا ڪي اهڙا مقامي سنڌي شاگرد هئا، جيڪي سنڌ جي معاملن سان گڏ مقامي معاملن ۾ پڻ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن نالي تنظيم هيٺ سرگرم هوندا هئا. انهن ۾ هڪ قمر جماڻي نالي به شاگرد هو، جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ، جو دوست هو. ان تنظيم جي شاگردن مان ڪجهه پوءِ، جيئي سنڌ ۽ ڪجهه ٻين مڪ جماعتن ڏانهن هليا ويا. قمر شروع ۾ جيئي سنڌ سان گڏ هو، پر جي ايم سيد جي پير علي محمد راشدي وغيره سان ناهه جي ڪري جيڪو گروپ ڌار ٿيو، قمر جماڻي به ان ۾ شامل هو. قمر سان منهنجو رابطو ان وقت ٿيو، جڏهن هن رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ جيل ياترا به ڪري آيو هو، خاص طور تي هارون ڪاليج جي معاملي تي عوامي تحريڪ ۽ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن ۾ ڇڪتاڻ

هلندڙ هئي ته، اتي ڪنهن جو راڄ هجي. ان وقت تائين ڳالهه هٿيارن ۽ تشدد تائين نه پهتي هئي، ان ڪري معاملو گهڻو ڪري زباني ڪلامي تڪرار تائين محدود هوندو هو.

اُن وقت لياريءَ ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جي ٻن گروهن وچ ۾ هڪ ذاتي نوعيت جي ڇڪتاڻ هلندڙ هئي، جنهن ڪري ٻنهي مان هر گروپ جي اها ڪوشش هوندي هئي ته اهو پارٽيءَ ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪري پيش ڪري ۽ ٻئي جي ڪارڪردگي کي گهٽ. سمجهڻ ۾ سهولت لاءِ انهن ٻنهي گروپن کي قمر جماٽي ۽ سوز سمون جي گروپن جي حوالي سان سڏي سگهجي ٿو. منهنجي انهن ٻنهي سان دوستي هوندي هئي ۽ ٻنهي جي، پنهنجي ليکي اها ڪوشش هئي ته پارٽيءَ ۾ مون کي متعارف ڪرائڻ جو ڪريڊٽ کين ملي. پر جڏهن به هڪ گروپ پاران ائين ڪيو ويندو هو ته، ٻئي پاران فوري طور ان جي مخالفت ڪئي ويندي هئي. ڪڏهن مون کي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ايس اين ايس ايف) ته ڪڏهن، ايستائين جو اسلامي جمعيت طلباء سان ڄاڙايو ويندو هو. انهن دوستن جي اختلافن لياري سنڌي ادبي سنگت ۾ هڪ دلچسپ صورتحال پيدا ڪري وڌي هئي.

هڪ ڀيري ٿيو ائين ته چاڪيواڙي جي فوٽ بال هائوس ۾ سنگت جي گڏجاڻي ٿي رهي هئي. سنگت جي سيڪريٽري سوز سمون کي گڏجاڻيءَ ۾ پهچڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي. قمر جماٽي، سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ ان ڏينهن، گهڻي عرصي ڪانپوءِ آيو هو. ڪيس سوز سمون جي گڏجاڻيءَ ۾ دير سان اچڻ تي ڪاوڙ هئي، پر شايد سندس اها ذاتي ڪاوڙ هئي، جنهن کي ان صورت ۾ هڪ بهانو ملي ويو هو. هن سوز سمون جي، هال ۾ گهڙڻ سان ئي، جڻ پنهنجي سڄي ڪاوڙ کي اوتي ڇڏيو ۽ ايترو شور ڪيائين جو ڳالهه هٿين پوڻ تائين پهچي ويئي — جنهن ڪري هال کان ٻاهر، مشق ڪندڙ باڪسرن کي وچ ۾ پيئي صورتحال کي سنڀالڻو پيو.

لياري سنگت ۾ سليمان جوڻيجو جي نالي سان هڪ بزرگ شاعر هوندو هو، جنهن جي خاصيت اها هوندي هئي ته، هو هر هفتي گڏريل گڏجاڻيءَ ۾، سندس تخليق تي ٿيل تنقيد جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نئين تخليق ڪٺي ايندو هو. سنگت ۾ ٿيل ان واقعي جي حوالي سان هو ٻئي هفتي پنهنجي نئين تخليق ڪٺي آيو، جنهن جو هڪ شعر هن ريت هو ته: ”ويو جي سوز ساٿين مان اسان جو حال ڇا ٿيندو.“ مون کي ان تفصيل جي خبر ان وقت پئجي سگهي، جڏهن هڪ ڀيري مولوي عثمان پارڪ لائبرري ۾ لياري سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آزاد بلوچ، جيڪو ان وقت ڪراچيءَ ۾ عوامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هو، مون کي پاڻ ساڻ پنهنجي گهر وٺي ويو، جتي هن مون کي ان سڄي تفصيل ٻڌائڻ ڪانپوءِ چيو ته، پارٽيءَ پاران مٿس اهو ڪم رکيو ويو هو ته، هو مون سان رابطي ۾ اچي. سندس چوڻ هو ته، ڪيس منهنجي سيني ڳالهين جي خبر هئي ۽ هن رڳو اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي ته، آيا آئون پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿو يا نه؟ آئون ته ان لاءِ گهڻي عرصي کان تيار هوس، سو

مون فوري طور ان لاءِ هاڪار ڪئي. اهڙي ريت منهنجي سياسي سفر جي باقاعدي شروعات ٿي.

اها واقعي حقيقت هئي ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايس اين ايس ايف جي پهرئين صدر ايوب لغاري سان منهنجي دوستي هوندي هئي، پر اها رڳو ان حد تائين ئي هئي. تنظيمي طور منهنجو ان سان ڪوبه واسطو نه هو. ٻي ڳالهه ته ايوب لغاري پاڻ به ان وقت تنظيمي طور گهڻو سرگرم نه هو ۽ نه ئي هن مون کي پنهنجي تنظيم ۾ شموليت لاءِ زور ڀريو يا قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان جي باوجود ته نذير عباسي ۽ ٻين ڪارڪنن سان سندس اجا دوستيءَ وارا ناتا هوندا هئا. ان وقت عوامي تحريڪ تنظيمي طور پاڻ کي ناهڻ ۾ مصروف هئي. تحريڪ پاران مولابخش ڪوسي جي اڳواڻي ۾ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن ناهڻ جو اعلان ڪيو ويو، پر ان جي اڳواڻن ترت ئي، ماڳهين پارٽيءَ کان ئي بغاوت ڪري ڇڏي ۽ تنظيم کي به پاڻ سان ڪٽي ويا. اهڙي ريت پارٽي ماڳهين ان تان هٿ ڪٽي ويئي ۽ نئين سر ان سلسلي ۾ ڪوششون شروع ٿي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ وجود ۾ آئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن جي تنظيمن جي موجودگي نالي ماتر به نه هئي. عوامي تحريڪ سان هوندي به، شاگرد تحريڪ ۾، منهنجي گهڻي سرگرمي جو مرڪز پارٽي ئي هئي. سياسي طور سرگرم ايڪڙ ٻيڪڙ شاگرد گهڻو ڪري ٻين تنظيمن جي پليٽ فارم تي ڪم ڪندا هئا. ساڳئي ريت منهنجي پنهنجي تنظيمي سرگرمي به ٻاهر ئي هوندي هئي.

ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو سربراهه سائين اياز قادري هو، جنهن جو نالو يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جي هڪ معتبر استاد طور ٻڌل هو. جيتوڻيڪ سنڌي منهنجو مضمون نه هو، پر سائينءَ سان ملڻ جي شوق ۾ ان پاسي جو رخ ڪندا هئاسين. هو هڪ قربائتو استاد ۽ سٺو ماڻهو هو. ساڻس هڪ ٻيو رشتو اهو به جڙي ويو جو سندس پٽ افتخار منهنجو نهايت سٺو دوست بڻجي ويو هو. اسان ٽن ماڻهن: ايوب لغاري، مون ۽ افتخار، پوءِ گڏجي يونيورسٽيءَ ۾ جيڪا ٽن ڏينهن واري سنڌي اخبارن جي نمائش ڪرائي هئي، ان ۾ اسان سان سنڌي شعبي جي استادن جو پورو سهڪار رهيو هو. قادري صاحب ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۾ موجود پنهنجو سڄو ريڪارڊ اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو هئو، جڏهن ته سائين سليم ميمڻ جي ڪمري ۾ اسان جو سڄو ريڪارڊ پيل هوندو هو.

يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي داخل ٿيڻ جي هڪ سال ڪانپوءِ سيمسٽر سسٽم لاڳو ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ ايڪنامڪس ۾ فرسٽ ڊويزن ڪڍڻ اٽڪل ناممڪن هوندو هئو، ايستائين جو پوزيشن ڪڍڻ واري کي به سيڪنڊ ڊويزن ئي ملندي هئي. ٻي ڳالهه ته ان نئين سسٽم ۾ استاد سان سڄو سال رابطو هوندو هو.

## 3
# اسان جي ننڍپڻ جي زندگي

اسان جي ننڍپڻ جي زندگي اڄ جي ٻارن کان بلڪل مختلف هوندي هئي. نه ڪتابن جو بار هوندو هو ۽ نه ٽيوشن وغيره جو ڪو رواج هو. ماءُ پيءُ کي به اهو ڪريز نه هوندو هو ته، سندن ٻار ڄمندي ئي ڪي ڪارناما انجام ڏئي، ميڊل ۽ انعام کٽي اچي ۽ آئن اسٽائن بڻجي وڃي يا وڏو ڪو آفسر ٿي وڃي. ٻارن جو اسڪول کان پوءِ گهڻو وقت پنهنجي لاءِ هوندو هو، جنهن ۾ هو گهڻو ڪري گهٽين ۾ ئي ٻين ٻارن سان گڏ راندن ۾ مصروف هوندا هئا ۽ رات جو دير سان اچي، ٿڪجي پنهنجن هنڌن ۾ سمهندا هئا. مائٽن کي ڪو الڪو ۽ڪو فڪر نه هوندو هئو ته سندن ٻارَ ڪٿي ۽ ڪنهن جي گهر ۾ آهن. مون کي ياد ٿو پئي ته رڳو مئٽرڪ ۾ مون پنهنجي مئٿميٽڪس جي استاد جا ڪجهه مهينن لاءِ، ڪوچنگ ڪلاس اٽينڊ ڪيا هئا، جيڪو مهيني جي ڏهه روپيا في وٺندو هو.

اسان جي علائقي جون گهٽيون ويڪريون هونديون هيون، جتي ٻار آرام سان مختلف رانديون ڪري سگهندا هئا. ان ڪانسواءِ اسان جي گهر جي سامهون ئي ڏيپچند ٽي اوجها اسڪول هوندو هو، جتي مون پرائمري تعليم حاصل ڪئي آهي.

ڪاٺ سان ٺهيل اسڪول سان گڏ وڏو ميدان هوندو هو، جنهن جي چوڌاري ننڍي ديوار ڏنل هوندي هئي، ان مان ٽپي اندر وڃي سگهبو هو. هتي اڪثر علائقي جي وڏين ٽيمن جا فوٽبال ميچ ٿيندا هئا ۽ اسان ٻار به اڪثر ڏينهن جي ڪنهن به حصي ۾ پنهنجا بيٽ ۽ بال وغيره کڻي ديوار ٽپي ميدان ۾ داخل ٿي ويندا هئاسين. اسڪول جي سارسنڀال ڪندڙ رحمت چوڪيدار جو به اتي ئي هڪ ڪنڊ ۾ گهر هوندو هو، پر هو ٻارن يا ٻئي ڪنهن تي گهٽي روڪ ٽوڪ نه ڪندو هو. هن وقت ميدان جي چوڌاري هڪ وڏي ديوار ڏنل آهي ۽ اندر ڪجهه ٻين اسڪولن کي شفٽ ڪيو ويو آهي. علائقي جي ماڻهن ۽ ٻارن لاءِ جڻ اهو هڪ ممنوعہ علائقو بڻجي چڪو آهي.

ڪرڪيٽ ۽ فٽبال وغيره جون مختلف ٽيمون ٺهنديون هيون، جيڪي علائقي ۽ شهر جي ٻين مختلف ٽيمن سان ميچ وغيره رکنديون هيون. ان وقت ماري پور روڊ تي هڪ وڏو ميدان هوندو هو، جنهن کي رد جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هتي خاص طور موڪل جي ڏينهن ڪرڪيٽ جون گهڻيون ٽيمون ميچ کيڏنديون هيون. ان ميدان جو نالو هاڻي پيپلز گرائونڊ آهي ۽ ان جي چوڌاري به وڏين ديوارن جو حصار آهي. ساڳي ريت مشهور ڪڪري گرائونڊ آهي، جنهن جي ڪجهه حصي کي به فاروق ستار جي ميئر هئڻ جي دور ۾ ڪتيانہ ميمڻ جماعت جي هال وغيره لاءِ ان جماعت جي حوالي ڪيو ويو هو.

هڪ ڀيري اسان جي ڪرڪيٽ ٽيم ناظم آباد جي ڪنهن ٽيم سان ڪرڪيٽ ميچ رکيو هو ۽ اسان اهو ميچ کيڏڻ لاء ناظم آباد ويا هئاسين. ان وقت اهو اصول

هوندو هو ته جيڪا ٽيم بيٽنگ ڪندي هئي، ايمپائر ان ٽيم مان ئي هوندو هو. منهنجو وڏو ڀاءُ اسان جي ٽيم جو اهم رانديگر هئو، جيڪو پنهنجي تيز ۽ جارحاڻي بيٽنگ جي ڪري سڃاتو ويندو هو. هن بيٽنگ پئي ڪئي ته هڪ بال تي مخالف ٽيم پاران ايل بي ڊبليو جي زبردست اپيل ڪئي ويئي. اها اهم وڪيٽ هئي ۽ ايمپائر نه ٿي چاهيو ته هو آئوٽ ڏئي. ان ڪري اسان جي ٽيم جي بيٺل ايمپائر بجاءِ ها يا نه ۾ ڪنهن جواب ڏيڻ جي، ماڳهين مُنهن ڦيري ڇڏيو. انتهائي ڪل جوڳو عمل هو. مخالف ٽيم جي رانديگرن جو اهو ئي چوڻ هو ته ايمپائر پلي آئوٽ نه ڏئي ها، پر ائين مُنهن ته نه ڦيري ڇڏي ها. هن وقت به اهو دوست جڏهن مون کي ملندو آهي ته، مون کي اها ڳالهه ياد اچي ويندي آهي.

هڪ خانداني تقريب ۾ وينا هئاسين ته منهنجي وڏي ڀاءُ، جيڪو ايڊيشنل سيشن جج جي عهدي تان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ هاڻي وڪالت ڪندو آهي، ان هڪ واقعو ٻڌايو. سندس چوڻ هو ته، هو جڏهن شريف الدين پيرزادي سان گڏ ڪم ڪندو هو ته، هڪ ڏينهن هڪ همراهه آفيس ۾ آيل هڪ همراهه سان ڪيس متعارف ڪرائيندي چيو ته، ”اوهان اچي قبر جا آهيو ۽ هي همراهه به اتي ئي رهندو هو.“ جڏهن منهنجي ڀاءُ ڪيس ٻڌايو ته، ”فلاڻي جاءِ تي اسان جو گهر هوندو هو،“ ته ان همراهه ڪٽي ڪيس ٻک وڌو ۽ ٻڌايو ته، ”ان جي سامهون شريف منزل ۾ اسان رهندا هئاسين.“ هن ٻڌايو ته، ”منهنجي ماءُ گذاري ويئي هئي ۽ منهنجو پيء بلڪل ننڍو هو، جنهن کي اسان ڏينهن ۾ سامهون واري گهر ۾ هڪ اڇي رنگ جي سهڻي عورت، جنهن وٽ ڳئون هونديون هيون، وٽ ڇڏي ويندا هئاسين.“ ڪانئس ان عورت جو نالو وسري ويو هو.

منهنجي ڀاءُ ڪيس ٻڌايو ته، ”ان عورت جو نالو ساران هو ۽ اها منهنجي ڏاڏي هئي.“ ان همراهه ٻڌايو ته، ”ورهاڱي کانپوءِ جڏهين اسان هتان وڃي رهيا هئاسين ته، منهنجي پيءُ جاءِ جون چاٻيون اچي اوهان جي ڏاڏي جي هٿ ۾ ڏنيون هيون ۽ چيو هئائينس ته جيڪڏهين اسان موٽي آياسين ته ان جاءِ ۾ رهنداسين، نه ته اها اوهان جي آهي، پر اوهان جي ڏاڏي چاٻين وٺڻ کان انڪار ڪيو.“

ان همراهه منهنجي ڀاءُ کي چيو ته، ”هو ڪيس پنهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏا سان ملائي،“ پر منهنجي ڀاءُ ڪيس ٻڌايو ته، ”انهن ٻنهي جي وفات ٿي چڪي آهي.“ بهرحال منهنجي ڀاءُ ڪيس بابا، جيڪو ان وقت حيات هو، سان ملايو. ان همراهه ٻڌايو ته، ”سندس ننڍو ڀاءُ، جنهن کي اوهان جي ڏاڏي سنڀاليندي هئي، اهو هاڻي وڏو ۽ ٻارن ٻچن وارو آهي، ۽ اولهه بنگال ۾ پنهنجي زال سان رهندو آهي. وٽس مال ملڪيت، سڀڪجهه آهي، پر ڪيس اولاد ناهي.“

منهنجي ڀاءُ ٻڌايو ته، اهو همراهه بنگالي زال هئڻ ۽ بنگال ۾ رهڻ جي باوجود نهايت ئي سٺي سنڌي ڳالهائي رهيو هو.

## 4

# ڪراچي يونيورسٽيءَ جا ڏينهن ۽ ٻوليءَ وارا جهيڙا

مون ڪان اڳ ۾ جيتوڻيڪ منهنجي وڏي ڀاءُ گريجويشن ڪئي هئي، پر هن ڪاليج مان ئي تعليم حاصل ڪئي هئي. اهڙي ريت اسان جي خاندان جي ڪنهن به فرد هڪ ريگيولر شاگرد طور يونيورسٽي مان تعليم حاصل نه ڪئي هئي. ڪراچي يونيورسٽي جي معاشيات جي شعبي ۾ منهنجي، هڪ ريگيولر شاگرد طور داخلا بي اي آنرز ۾ ٿي هئي. ان جي ٽن سالن جي ڪورس ۾ ٻن سالن لاءِ مک مضمون ڪانسواءِ انگريزي ۽ اڙدو جي لازمي مضمونن سان گڏ ٻيا ضمني مضمون به ڪٺا پوندا هئا. مون شروع ۾ جنرل هسٽري ۽ سياسي نظرين جي مضمونن جي چونڊ ڪئي هئي، پر ٿوري عرصي ڪانپوءِ جنرل هسٽري جي جاءِ تي مون سوشيالوجي جو مضمون ڪنيو.

اهو 1972 جو سال هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جيتوڻيڪ ٻوليءَ جي بل جي منظور ٿيڻ جي ڪري سڄي سنڌ ۾ سنڌي مهاجر فساد شروع ٿي ويا هئا ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي وغيره تي ان جو اثر پيو هو، پر ڪراچي يونيورسٽي ان وقت، ان ڪان گهڻو متاثر نه ٿي هئي. منهنجن: اردو ڳالهائيندڙ دوستن ۽ ڪجهه استادن ڪي منهنجي سنڌي هئڻ جي خبر هئي، پر انهن ان سلسلي ۾ مون سان ڪو به امتيازي سلوڪ روا نه رکيو ۽ نه ئي اهڙو ڪو تاثر ڏنو. ان جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو، ته ان وقت يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ ڪان به گهٽ هو.اڻين ڪٺي ڇئجي ته پنهنجي ڪلاس ۾ آئون اڪيلو سنڌي هوس، پر پوءِ به ماڻهوءَ جا رويا گهڻو ڪجهه ٻڌائيندا آهن، جيڪا ڳالهه مون ڪي گهٽ ۾ گهٽ ان وقت نظر نه آئي. ان لحاظ ڪان ان وقت ڪراچي شهر، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ڪان مختلف هو، جيڪو هاڻي به آهي.

ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي خاص ڳالهه، جنهن گهٽ ۾ گهٽ ان ڪي سنڌ يونيورسٽيءَ ڪان مختلف بڻايو ٿي، اها هئي ته اتي نسلي ۽ لساني امتياز جو ماحول نه هو. قوم پرست تنظيمن جي هوندي به يونيورسٽي جي سياست گهڻو ڪري نظرياتي بنيادن تي ورهايل هوندي هئي، جنهن ۾ ٻنهي پاسي مختلف ٻولين، علائقن ۽ نسلن سان واسطو رکندڙ شاگرد شامل هوندا هئا. منهنجي خيال ۾ اڄ به پُلن جي هيٺان گهڻي پاڻي وهي وڃڻ ۽ خاص طور تي ايم ڪيوايم جي نسلي بنياد تي ٿيندڙ سياست جي زور ونڻ جي باوجود ڪراچي يونيورسٽي ۾ اهو ماحول، گهڻي حد تائين برقرار آهي.

ان وقت هوئڻ ئي تعليمي ادارن ڪي سرڪاري ملڪيت ۾ ورتو ويو هو ۽ يونيورسٽين جي خانگي شعبي ۾ هئڻ جو ڪو تصور نه هو. في معمولي هئي. شايد ساليانى في به اڍائي سئو روپيا ڪن هئي، جنهن ڪري اسان جهڙن گهٽ وسيلن وارن

ماڻهن لاءِ به اتي پڙهڻ ممڪن هوندو هو، پر تعليمي معاملن ۾ حڪومت جي گهڻي مداخلت نه هوندي هئي.

مون ايستائين اسڪول ۽ ڪاليج ۾ جيڪا تعليم حاصل ڪئي هئي، اها Co-Education نه هئي. ان لحاظ کان يونيورسٽيءَ جو ماحول بلڪل ئي مختلف هو. هتي اسانجي ڪلاس ۾ اڌ کان وڌيڪ شاگردياڻيون هونديون هيون. ايستائين جو مون سياسي نظرين جو جيڪو ضمني مضمون کنيو هو، ان جي ويهه پنجويهه ڄڻن جي ڪلاس ۾ اسان رڳو به شاگرد هئاسين. استادن ۾ پڻ مڙد ۽ عورتون؛ ٻيئي شامل هوندا هئا. اهڙي ريت شروع ۾ مون ۾ جيڪا shyness هئي، ڪجهه عرصي ۾ اها گهڻي حد تائين گهٽجي ويئي.

يونيورسٽين کي هڪ Melting pot طور ليکي سگهجي ٿو، جتي مختلف علائقن ۽ تعليمي ادارن سان تعلق رکندڙ، مختلف سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر رکندڙ شاگرد گڏ ٿين ٿا ۽ هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن ٿا. اها ساڳي صورتحال ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ به هئي، پر اسان جي ڪلاس ۾ شاگردن جو واسطو گهڻي ڀاڱي ڪراچيءَ جي ئي مختلف علائقن ۽ تعليمي ادارن سان هو. انهن ۾ ڪجهه ڄڻن انگريزي ميڊيم اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ ڪجهه ڄڻن اسان جهڙن عام اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، جن کي انگريزي ميڊيم وارا شاگرد اڙدو ميڊيم چئي پاڻ کان گهٽ سمجهندا ۽ ڌار ڪندا هئا.

منهنجو انٽرميڊيئيٽ ۾ آرٽس جو پسمنظر هو ۽ ميٿيميٽڪس جو مضمون مون وٽ نه هو، پرمعاشيات جي چونڊ ڪرڻ ڪانپوءِ اڳتي هلي مون کي خبر پيئي ته ان مضمون ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ ميٿيميٽڪس ۽ اسٽيٽسٽڪس جا مضمون ڪيترو نه ضروري آهن. گهڻن سائنس جو پسمنظر رکندڙ شاگردن ضمني مضمونن طور انهن ٻن مضمونن جي چونڊ ڪئي هئي. هونئن به جيئن ماڻهو اڳتي وڌي ٿو، تيئن معاشيات ۾ انهن ٻن مضمونن جو عمل دخل وڌندو وجي ٿو. اها ڳالهه ڪڏهن ڪڏهن اڄا به مون کي تنگ ڪندي آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ اچڻ جو وڏو فائدو اهو به ٿيو ته هتي شهر جي اٽڪل سيني علائقن ۽ ملڪ جي مختلف علائقن جي تعليمي ادارن سان واسطو رکندڙ شاگردن ۽ استادن وغيره سان واسطو پيو. اهڙي ريت انهن علائقن ۽ ان جي ماڻهن سان شناسائي ٿي ۽ انهن متعلق نئون نڪته نظر ۽ نوان خيال مليا.

يونيورسٽيءَ جي شاگردن لاءِ اها سهولت هوندي هئي ته، شهر جي مختلف علائقن مان يونيورسٽيءَ لاءِ ايس آر ٽي سي يا ڪي ٽي سي جون پوائنٽ بسون هلنديون هيون، جڏهن ته گرومندر کان يونيورسٽي تائين يونيورسٽي جون پنهنجيون بسون هلنديون هيون. حسن اسڪوائر آخري آبادي هوندي هئي. ان ڪانپوءِ اڙدو ڪاليج ۽ محڪمه موسميات هوندو هو. اين اي ڊي ڪاليج / يونيورسٽي اڄا شهر ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي ڀرسان واقع هئي ۽ اها موجوده جاءِ تي منتقل نه ٿي هئي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ سان لڳ ئي اوجها ٽي بي سينيٽوريم هو، جيڪو اڃا به اتي ئي آهي. ان کان اڳتي ڳوٺ هوندا هئا، پر ڪا شهري آبادي نه هئي. پوائنٽ بسون ڏينهن جو ٻارنهين وڳي ڪانپوءِ ڪلاڪ ڪلاڪ جي وقفي سان شام تائين مختلف علائقن ڏانهن واپسي لاءِ روانيون ٿينديون هيون ۽ شاگردن کي پنهنجن گهرن تائين پهچائينديون هيون. شاگردن لاءِ پاڙو ڏهه يا پندرنهن پئسا هوندو هو. آئون گهڻو ڪري ٽاور ۽ ڪڏهن ڪڏهن واپسي لاءِ ليمارڪيٽ جي بس استعمال ڪندو هوس.

ان وقت ڪارادر ۾ اسماعيلين جي قائم ڪيل هاسٽل، جتي هاڻي آغا خان ليباريٽري جي شاخ آهي، ۾ گلگت بلتستان جا ڪجهه شاگرد رهندا هئا، جن سان واٽ تي، ايندي ويندي ملاقات ٿيندي هئي. اهي گهڻو ڪري فارسي ۽ اڙدو وغيره جهڙن شعبن ۾ هوندا هئا ۽ سندن چوڻ هوندو هو ته، سندن لاءِ رڳو ڪنهن به شعبي ۾ ڊگريءَ جو حصول اهم هو، جڏهن ته ان ڪانپوءِ نوڪري حاصل ڪرڻ ان ڪري سندن لاءِ مسئلو نه هو جو سندن علائقي ۾ تعليم گهٽ هئڻ ڪري نوڪرين لاءِ گهڻي چٽاپيٽي نه هوندي هئي. انهن مان هڪ ٽوئرسٽ گائيڊ به رهي چڪو هو ۽ چترال، خاص طور ڪافرستان وغيره جي حوالي سان عجيب و غريب قصا ٻڌائيندو هو، جن مان گهڻا پوءِ اخبارن وغيره ۾ به ڇپجندا رهيا. اهي ڪنهن سياسي جماعت ۽ نظرئي وغيره جي حوالي سان نه ڳالهائيندا هئا، پر سندن سوچڻ جو انداز سيڪيولر هوندو هو.

بسن ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي ٻين مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شاگردن سان به ملاقات ٿيندي هئي ۽ سندن سرگرمين جي ڄاڻ ملندي هئي. ان وقت اسان جي سڄي پاڙي مان، يونيورسٽيءَ ۾، مون ڪانسواءِ پڙهندڙ ٻيو ڪوبه شاگرد نه هو. ان لحاظ کان منهنجي اهميت ڇڻ وڌي ويئي هئي. ڪاليجن ۾ پڙهندڙ مختلف شاگردن کي يونيورسٽيءَ جي حوالي سان جيڪي ننڍا وڏا ڪم هوندا هئا ته، انهن کي به منهنجو ڏس ملندو هو.

هيستائين مون جيڪا تعليم حاصل ڪئي هئي، اها گهر جي ويجهو تعليمي ادارن مان ئي ڪئي هئي ۽ اتي پڙهندڙ ٻيا شاگرد به گهڻو ڪري ان ئي علائقي جا هوندا هئا.

ڪراچي يونيورسٽي جي سڄي رونق آرٽس فيڪلٽي ۾ هوندي هئي. صبح جو پوائنٽ بسون جيئن ئي يونيورسٽيءَ جي حدن ۾ داخل ٿينديون هيون ته، اتي پهرئين ئي اسٽاپ تي مختلف شاگرد تنظيمن جا ڪارڪن مختلف مسئلن ۽ هڪٻئي جي خلاف لکيل پمفليٽ هٿن ۾ ڪنيو ورهائڻ لاء بيٺا هوندا هئا. جلسا ۽ ٻيون سرگرميون گهڻو ڪري هتي ئي ٿينديون هيون. ان جو هڪ ڪارڻ ته شايد اتي ڪشادي جاءِ ۽ آڊيٽوريم وغيره جو هئڻ هو، جڏهن ته ٻيو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته، هتان جي شاگردن تي سائنس فيڪلٽي جي شاگردن جي ڀيٽ ۾ پڙهائيءَ جو دٻاءُ گهٽ هوندو هو، ان ڪري اهي ٻيون سرگرميون ڪري سگهندا هئا.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ٻين مختلف شعبن ۾ جيڪي سنڌي شاگرد هئا، انهن سان رابطو ٿيو. معاشيات جي شعبي سان لڳ علم سياسيات جو شعبو هوندو هو. جتي ڪلري، لياري سان ئي واسطو رکندڙ عثمان هگورو ۽ لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ روشن شيخ پڙهندا هئا. عثمان: مولانا نوراني جي جماعت ۽ نظرئي سان لاڳاپيل هو. ساڻس وقت بوقت ٽاڪرو ٿيندو رهندو هو، پر هو گهٽين ڳالهين کي ڪِلي ٽاري ڇڏيندو هو. سندس ننڍو ڀاءُ جيڪو سنڌي عوامي تحريڪ جو ڪارڪن هو، سان به منهنجي دوستي هئي. سنڌي شعبو ٿورو عرصو اڳ قائم ٿيو هو. ايس ايم ڪاليج ۾ سنڌي جي ليڪچرار ۽ ڪهاڻيڪار طور سائين ايازقادري جو نالو گهڻو ٻڌل ۽ ڪراچي جي سنڌين لاءِ جاتل سڃاتل هو. ڪراچيءَ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي قائم ڪرڻ ۾ سندس وڏو ڪردار هو. ان وقت هن شعبي ۾ نوازعلي شوق ۽ سليم ميمڻ به استاد هوندا هئا. شاگردن جو تعداد به گهٽ هو، پر هي ڇڻ يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن جي سنڌي شاگردن جي گڏجڻ جو هڪ مرڪز به هوندو هو.

مون کي خاص طور تي سنڌي شعبي ۾ پڙهندڙ مريم ۽ جعفري ياد آهن. نهايت محبت ڪرڻ وارا ۽ ملنسار ماڻهو. انهن پوءِ پاڻ ۾ شادي به ڪئي. جعفري سان پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن رستي پنڌ ملاقات ٿي ويندي هئي، جڏهن ته مريم پوليس کي جوائن ڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن روڊن ۽ چوواٽن تي پوليسورديءَ ۾ پوليس وارن سان گڏ بيٺل نظر ايندي هئي.

5

# جڏهن اسان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي اخبارن جي نمائش جو بندوبست ڪيو!

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پنهنجن چار سالن جي دور ۾ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو هڪ اهم ڪم ايوب لغاري ۽ افتخار قادري سان گڏجي ٽن ڏينهن جي سنڌي اخبارن جي نمائش جو انعقاد هو. ان جو ڪجهه ذڪر اڳ ۾ به ڪيو آهي، پر وڌيڪ اهو ٻڌائجي ته ان نمائش جو مقصد تاريخي حوالي سان سنڌي صحافت کي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ استادن ۾ متعارف ڪرائڻ هو. ان سلسلي ۾ پراڻين ۽ نين اخبارن جي حصول لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن سان ملياسين، جن سڀني پاران نهايت سٺي موٽ ملي. ان طرح اسان اخبارن جو هڪ چڱو ريڪارڊ گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين.

ايوب لغاريءَ جو ايس اين ايس ايف (سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن) جي حوالي سان حيدرآباد ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي گهڻن ماڻهن سان واسطو هو. ان دوران هڪ رات سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ نذير عباسي سان به گڏ رهڻ جو موقعو مليو هو. هُو بلڪل عام ماڻهن جيان مليو. مون کي منجهس روايتي شاگرد اڳواڻن واري ڪا ڳالهه نظر نه آئي. هو اسان کي ٻڌائي پيو ته، هو پاڻ رات جو ديوار تي اهي نعرا لکندو هو ته، 'نذير عباسي جا وارنٽ رد ڪيو.' ساڳئي وقت هن رات جو سمهڻ لاءِ مون کي پنهنجو وڇو پڻ ڏنو هو. نذير سان منهنجي اها پهرين ۽ آخري ملاقات هئي.

سنڌي اخبارن جي نمائش جي سلسلي ۾ سنڌي شعبي جي سڀني استادن، خاص طور سائين اياز قادريءَ گهڻو سهڪار ڪيو هو. لاڙڪاڻي ۾ جيڪو به سندس ريڪارڊ هو، اهو سڀ اسان جي اختيار ۾ ڏيئي ڇڏيائين. اها نمائش آرٽس فيڪلٽي ۾ آڊيٽوريم جي پرسان منعقد ڪئي ويئي هئي، جنهن کي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ استادن پاران نهايت مثبت موٽ ملي هئي.

ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ هڪ نئون ليڪچرار- عبدالرحمان چنا مقرر ٿيو هو. هُو به لياريءَ جو رهاڪو هئو، ان حوالي سان چنا صاحب سان اسان جو تعلق ته نهيو ٿي، پر ان ڪانسواءِ سندس واسطو منهنجي ڏاڏي جي مائٽن سان به هو ۽ سندس موقعي مهل جي حساب سان اسان جي گهر به اچڻ وڃڻ هوندو هو. ان حوالي سان ۽ عمر ۾ وڏي هئڻ جي ڪري سندس ذهن ۾ اها ڳالهه هوندي هئي ته انهن ٻارن، ان وقت تائين شڪور به يونيورسٽي ۾ اچي چڪو هو، جو خيال ڪرڻ ۽ ڪين ڪنهن خراب ڳالهه کان پري رکڻ سندس فرض هو. بهرحال اسان به سندس محبت

جو جواب اهڙي ئي ريت ڏيندا هئاسين ۽ ڪوشش هوندي هئي تہ اسان جي ڪنهن ڳالهہ مان ڪيس تڪليف نہ پهچي.

انهن ڏينهن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڇوڪرين جو تعداد ڇوڪرن کان وڌيڪ هوندو هو. ساڳئي وقت ڪنهن سان سندن ملڻ وغيره جي حوالي سان بہ ڪي پابنديون نہ هونديون هيون. ان سلسلي ۾ جميعت جي، جيئن هن وقت پنجاب يونيورسٽي ۾ پاليسي آهي تہ، هڪ تہ يونيورسٽي ۾ پنهنجي مٿيرائپ قائم رکجي، پوءِ پلي ان لاءِ شاگردن ۽ استادن تي تشدد جو استعمال ڇو نہ ڪرڻو پئي ۽ ٻيو تہ ڏهڪاءَ جو ماحول پيدا ڪري شاگردن ۽ شاگردياڻين جي رابطن کي محدود ڪيو وڃي. ان وقت اي پي ايم ايس ۽ جهڙين نين شاگرد تنظيمن ۽ الطاف حسين جهڙن شاگرد اڳواڻن سان اهو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. ڪين نہ داخلا جي وقت اسٽال وغيره لڳائڻ ڏنا ويندا هئا ۽ نہ ٻي ڪا سرگرمي ڪرڻ ڏني ويندي هئي. هڪ لحاظ کان جڻ يونيورسٽي ۾ سندن داخل ٿيڻ تي پابندي هئي. ان جو مک ڪارڻ اهو بہ هو تہ جميعت جي بنياد ۽ طاقت بہ مهاجر شاگرد ئي هوندا هئا، جنهن کي اهي برقرار رکڻ چاهيندا هئا.

مون اڳ ۾ بہ بيان ڪيو هو تہ بي بي سي جو هاڻوڪو صحافي شفيع نقي جامعي سياسيات جي شعبي جو شاگرد هو ۽ بهترين مقرر طور ڄاتو ويندو هو. جميعت جي پنيرائي ۽ پنهنجي ذاتي خاصيتن جي ڪري هو جميعت پاران صدر چونڊجي آيو هو. سندس دور ۾ جميعت جو ٿنڊر اسڪواڊ، جنهن جو ڪم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ملڻ جلڻ کي ڏهڪاءَ ۽ تشدد وسيلي محدود ڪرڻ ۽ ٻين شاگرد تنظيمن سان ٽڪراءَ واري ڪيفيت کي برقرار رکڻو هوندو هو، وڌيڪ سرگرم ٿي ويو.

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ان وقت اها هڪ مثبت ڳالهہ هئي تہ اهڙي ڏهڪاءَ واري سياست خلاف شاگردن ۾ عام طور تي هڪ مزاحمت موجود هئي ۽ اهي خاص طور پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪنهن اڻ سهائيندڙ مداخلت کي پسند نہ ڪندا هئا، انڪري جميعت جي اهڙين پاليسين کي عام طور قبوليت حاصل نہ ٿي - ۽ ٻئي سال ئي سردار رحيم جي اڳواڻيءَ ۾ پروگريسو الائنس جو پينل چونڊن ۾ سوڀارو ٿيو. جيتوڻيڪ اهي پنهنجي ان سوڀ جي تسلسل کي برقرار نہ رکي سگهيا ۽ ٻئي سال جميعت وري چونڊون کٽي ويئي، پر ان کي يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي حوالي سان پنهنجين پاليسين تي نظرثاني ڪرڻي پئي ۽ ساڳي وقت شفيع کي ڪنهن بهاني سان جميعت مان نيڪالي ڏني ويئي.

يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجيون لائبريريون هونديون هيون، پر يونيورسٽيءَ جي مرڪزي لائبريري هڪ ڌار عمارت ۾ هوندي هئي، جتي مختلف موضوعن تي ڪتابن جو هڪ سنو ذخيرو ۽ پڙهڻ لاءِ ڪشادي جاءِ ۽ سنو ماحول ميسر هوندو هو. منهنجو گهڻو فارغ وقت اُتي گذرندو هو. اُتي خاص طور انگريزي شعبي جو هڪ شاگرد مستقل وينو پڙهندو ۽ ڪتابن مان نوٽ وٺندي نظر ايندو هو. ساڻس اڪثر گپ شپ بہ ٿيندي هئي. لائبريري ۾ شاگردن جو تعداد گهٽ ئي نظر ايندو هو.

گهڻا شاگرد ڪينٽين، چانهه جي اسٽالن ۽ ٻين هنڌن تي ڪچهريون ڪندي نظر ايندا هئا.

ان وقت جيئن ته اوڀر بنگال ڪي ڌار ٿئي اجا ٿورو عرصو ئي ٿيو هو، ان ڪري هتي ڪجهه اهڙا بنگالي موجود هئا، جيڪي ڊپ ۽ هراس جي ڪيفيت ۾ هتي رهيل هئا ۽ قانوني يا غير قانوني طريقي سان هتان بنگال وڃڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. يونيورسٽيءَ جي هڪ بنگالي شاگرد سان منهنجي دوستي هئي، جيڪو گهڻو ڪري الڳ ٿلڳ ئي رهندو هو، پر مون سان پنهنجي دل جا حال اوريندو هو. هڪ ڏينهن هن مون کي اعتماد ۾ وٺندي ٻڌايو ته، رات جو هُو هتان وڃي رهيو آهي. ان ڪانپوءِ چاليهه پنجيتاليهه سالن جي عرصي گذرڻ بعد به ساڻس ڪو رابطو نه ٿيو آهي.

منهنجو هڪ ڪلاس فيلو اسٽيٽ بينڪ جي پريڊي اسٽريٽ وارن فليٽن ۾ رهندو هو. اسان پنج ڇهه ڄڻا اڪثر سندس گهر ۾ گڏيل پڙهائي لاءِ گڏ ٿيندا هئاسين. جڏهن 1977 ۾ ضياءَ الحق جي مارشل لاءِ لڳي ته ان وقت به آئون سندس گهر ۾ ئي موجود هئس. اهو ڄڻ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو آخري سال هو، پر هن دوست سان پوءِ به مختلف سرويز ۾ گڏ رهيس ۽ هُو بعد ۾ اسٽيٽ بينڪ ۾ منهنجي ملازمت دوران به مون وٽ ايندو رهندو هو.

## 6

## ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اپلائيڊ ايڪانامڪس ريسرچ سينٽر AERC

منهنجو واسطو هڪ وچولي طبقي سان رهيو آهي. پنهنجي ذاتي گهر ڪانسواءِ ٻي ڪابه مال ملڪيت، زمين، جائداد اسان جي خاندان ۾ ڪڏهن به نه رهي آهي. ڏاڏو جڏهن ڳوٺ مان ڪراچيءَ آيو هو ته هُو هتي محنت مزدوري ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پاليندو هو. ساڳي ريت منهنجو بابا پنهنجي محدود آمدنيءَ مان ڏهن ڀاتين تي مشتمل گهر هلائيندو هو. ان سان گڏ پنهنجن ٻارن جي پڙهائيءَ جو پڻ خيال ڪندو هو. هُو پنهنجن ٻارن کي هڪ ڳالهه چوندو هو ته، ”پنهنجي پڙهائيءَ ۾ پوري دلچسپي وٺو ۽ پنهنجو وقت ۽ منهنجو پئسو زيان نه ڪريو.“

ايم اي تائين سورنهن سال، مون اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ هڪ ريگيولر شاگرد جي طور تعليم حاصل ڪئي. مون کي جيتوڻيڪ ڪڏهن به پنهنجي پڙهائيءَ جي خرچن جي سلسلي ۾ ڪنهن ڏکيائيءَ کي مُنهن ڏيڻو نه پيو، پر مون کي اهو احساس هر وقت هوندو هو ته جلد ئي تعليم مان فارغ ٿي ڪنهن روزگار سان لڳان ۽ گهر جي خرچ ۾ هٿ ونڊايان.

ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر حفيظ پاشا جي سربراهي ۾ اپلائيڊ ايڪانامڪس ريسرچ سينٽر AERC قائم ٿيو هو، جنهن جو ڪم ريسرچ اسڪالرز جي تعليم، تربيت ۽ مختلف عالمي ادارن جي سهڪار سان ملڪي معيشت جي مختلف شعبن متعلق ريسرچ رپورٽون تيار ڪرڻ هو. منهنجي ايم اي ڪرڻ ۽ يونيورسٽي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ان اداري پاران اسان جي استاد ڊاڪٽر سرور ۽ هڪ آمريڪي پروفيسر مائيڪ ويلس، جيڪو پڻ ايم اي جي آخري سال ۾ اسان جو استاد رهيو هو، جي اڳواٽيءَ ۾ سنڌ جي ٻن تعلقن: سڪرنڊ ۽ هالا ۾ ڪپهه جي اپت ۽ ان سان لاڳاپيل مختلف مسئلن جي حوالي سان مخلتف مرحلن ۾ هڪ سروي شروع ڪيو ويو. ان سروي ٽيم ۾ ٻين ڇهن ستن همراهن سان گڏ آئون به شامل هوس.

ان کان اڳ آئون جيتوڻيڪ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف حوالن سان ويندو رهيو هوس، پر عام ماڻهن ۽ وڏن زميندارن سان ملڻ جو اهو هڪ انوکو ۽ پهريون تجربو هو. اهو ان ڪري به اهم هو جو تازو ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي ختم ڪري کيس ڦاهي تي چاڙهيو ويو هو. سنڌ جي ڀهراڙين ان وقت جيتوڻيڪ ڪو وڏو احتجاج نه ڪيو هو ۽ ماڻهو بظاهر چپ هئا، پر پوءِ به سندن ردعمل اهم هو، جنهن کي هو پنهنجين ڳالهين ۽ ڪچهرين مان ظاهر ڪندا هئا. اها ڳالهه ته برابر هئي ته ڀٽو حڪومت جيڪي زرعي سڌارا آندا هئا، انهن تي موثر طور تي عمل نه ٿيو هو. ان جي هڪ جهلڪ اسان کي سڪرنڊ جي هڪ ڳوٺ ۾ نظر آئي، جتي اسان کي مختلف ماڻهن کان انٽرويو ڪرڻو هو. اسان کي اتي زميندار جي اوطاق تي ويهاريو ويو، جيڪو

ٿوري دير کان پوءِ نند مان اٿي اچي اسان سان وينو. اسان کيس ٻڌايو ته اسان کي فلاڻن ماڻهن سان سروي جي حوالي سان ملڻو آهي. سندس جواب هو ته، ”اهي سڀ سندس نوڪر هئا. منجهانئن ڪو ڊرائيور، ڪو باورچي، ته ڪو سندس گهر جو ڪم ڪار ڪندو هو. اهڙي ريت انهن جو ٻني ٻاري سان ڪو واسطو نه هو ۽ نه ئي ڪين ان متعلق ڪا جوڳي خبر چار هئي، ان ڪري اوهان کي سندن متعلق جيڪي به معلومات گهرجي، اها مون کان وٺي سگهو ٿا.“

خبر اها پيئي ته رڳو ڪاٺن ۾ تبديلي ٿي هئي، جڏهن ته ملڪيت اڳ جيان ساڳين ماڻهن جي هٿ ۾ هئي، پر ساڳئي وقت، ان هوندي به زميندارن ۽ آسودن ماڻهن کي ذوالفقار علي ڀٽي کان وڏي شڪايت اها هئي ته، هن عام ماڻهن ۽ هارين جو مٿو ڦيرائي ڇڏيو هو. اڳ جيڪي ماڻهو ساڻن ڪنڌ ڪٽي نه ڳالهائي سگهندا هئا، اهي هاڻي سندن منهن سامهون ٿي ٿا بيهن ۽ اکين ۾ اکيون وجهي ٿا ڳالهائين. اهڙي ريت سندن جڻ ته ڪا عزت ئي ناهي رهي. جڏهن ته عام ماڻهن ۽ هارين اها ساڳي ڳالهه مختلف انداز ۾ ٿي ڪئي. سندن چوڻ هو ته وڏيرا اڳ بلڪل بي لغام هئا ۽ هارين ۽ عام ماڻهن تي ڪتن جي ٻچ ڪرائڻ ۽ کين ذليل ڪرڻ هڪ عام ڳالهه هوندي هئي. ڀٽي صاحب ماڻهن کي عزت نفس ڏني آهي ۽ هاڻي پوليس، ڪامورن ۽ وڏيرن جا ظلم گهٽي حد تائين گهٽجي ويا هئا. سياسي طور تي ماڻهو بظاهر مختلف ڪارڻن ڪري چپ هئا، پر جڏهن سندن ويجهو وڃبو هو ته سندن اندر جي خبر پوندي هئي. ان وقت گهٽ ننڍن آبادگارن ۽ هارين جي گهرن ۾، اسان کي، ان جي باوجود ته سندس حڪومت ختم ٿي چڪي هئي، ديوارن تي ڀٽي صاحب جون وڏيون تصويرون لڳل نظر آيون هيون.

مقامي طور تي سروي جو انتظام وغيره ڪرڻ ان وقت سڪرنڊ ۾ قائم ڪاٽن ريسرچ سينٽر جي ڊائريڪٽر برڪت سومرو ۽ ان جي ٻين ماڻهن جي هٿ ۾ هو. سروي ۾ شامل آبادگارن سان ملائڻ ڪانسواءِ سندن ڪوشش اها هوندي هئي ته سروي ٽيم کي علائقي جي اهڙن اهم ماڻهن سان به ملائجي، جن جا نالا پلي سروي ۾ شامل نه هجن. ان سلسلي ۾ سڪرنڊ ۾ جهنڊي واري پير جي بنگلي تي، انهن اسان جي ملاقات ۽ مانيءَ جو بندوبست ڪيو هو. هڪ عاليشان بنگلو هو، جنهن ۾ جديد دور جي هر سهولت موجود هئي. ميزبان پاران ست رشي طعامن ۽ مختلف موضوعن تي ڪنهن به طرح جي فرق ڪانسواءِ هڪ سٺي ڪچهري سان اسان جي آجيان ڪئي ويئي.

سروي جي پهرئين مرحلي جي ختم ٿيڻ تي مون کي اعزازي طور تي ٽي سئو روپيا ڏنا ويا، جيڪا منهنجي زندگيءَ جي پهرين ڪمائي هئي. اها سروي گهٽ مرحلن تي مشتمل هئي ۽ آئون ان جي ٽن مرحلن ۾ شامل رهيس. ان دوران آئون ساڳي وقت ٻين جاين تي پڻ نوڪريءَ جي ڳولا ڪندو رهيس. ان وقت جيتوڻيڪ نوڪرين جي حوالي سان اڄ جهڙي خراب صورتحال نه هئي، پر ان جي باوجود هڪ دورانديش استاد جي طور تي اسان جي استاد ڊاڪٽر سرور، جيڪو شاگردن سان پنهنجن ٻارن جهڙو

ورتاءُ ڪندو هو ۽ ڪين وقت به وقت پڙهائي ۽ زندگي گذارڻ جي سلسلي ۾ مختلف صلاحون ڏيندو رهندو هو، سيني کي چيو ته، يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ نوڪريءَ کي يقيني نه سمجهو ، ان ڪري اهو بهتر آهي ته ڪو هنر جهڙوڪ: اليڪٽريشن، پلمبر يا واڍڪو ڪم وغيره سکي وٺو، جيڪو اوهان کي اڳتي هلي ڪم ايندو.

ان سلسلي ۾ سندس چوڻ هو ته، جيڪي به شاگرد ان ۾ دلچسپي رکن ٿا، هو انهن جي مدد ڪرڻ لاء تيار هو، پر آئون نه ٿو سمجهان ته ڪو گهڻن شاگردن سندس ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو، ۽ سندس ان آڇ مان فائدو ورتو. ملازمت جي ڳولا جي سلسلي ۾ ئي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ملازمت ڪندڙ پنهنجي دوست صوبل خان بلوچ جي معرفت پلاننگ کاتي جي سربراهه عبدالقادر مغل سان ملاقات ٿي، جنهن ان وقت ئي نئين قائم ٿيل سنڌ ريجنل پلان آرگنائزيشن (ايس آر پي او) جي زرعي شعبي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر بدر سومرو سان ٽيليفون تي ڳالهايو ۽ مون کي ساڻس ملڻ لاء چيائين.

ڊاڪٽر بدر مون سان سٺي نموني مليو. جيتوڻيڪ فوري طور مون کي نوڪريءَ جو آرڊر نه ڏنائين، پر مون کي رابطي ۾ رهڻ لاءِ چيائين. آئون وٽس وقت به وقت ويندو رهيس. نوڪري ڏيڻ کان اڳ ۾ هن مون کي پنهنجي اڳواٽي ۾ ايس آر پي او پاران ٿيندڙ سنڌ زرعي سروي جي ٽيم ۾ شامل ڪيو. ان سروي ۾ درياهه جي ساڄي ۽ کابي پاسي وارا سنڌ جا گهڻا شهر اچي ٿي ويا. ٽيم جي رهڻ وغيره جو بندوبست ان وقت سنڌ ۾ آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري عبدالوهاب شيخ، جنهن جو پاءُ عبدالرشيد شيخ ان وقت ايس آر پي او جو ڊائريڪٽر هو، جي معرفت اريگيشن جي ريسٽ هائوسن ۾ ڪيو ويو هو. اهو ڄڻ ته اتڪل سڄي سنڌ سان منهنجي متعارف ٿيڻ جو هڪ بهترين موقعو هو. سنڌ اجا امن امان جي لحاظ کان پرامن هئي ۽ ڌاڙن ۽ اغوائن جو اهو سلسلو شروع نه ٿيو هو، جيڪو پوءِ سنڌ جي خاصيت بڻجي ويو هو. ان ڪري بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ ۽ سيڪيورٽي وغيره جي انتظامن جي، رات ۽ ڏينهن جي وقت، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سفر ڪري سگهجي پيو. اسان کي سروي جي شروعات گهوٽڪي کان ڪرڻي هئي. پوءِ گدو، ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ کان ٿي سڄي سنڌ لتاڙي ڄامشورو پهچڻو هو. اتان سڄاول ۽ ٺٽي کان ٿيندي ڪراچيءَ موٽڻو هو.

7

# پراڻو ڪراچي، جتي اسان به جو گهر هو!

منهنجي اسڪول جي عمر تائين پهچڻ مهل اسان جو خاندان منا در مان لڏي ويو هو يا لڏڻ جي تيارين ۾ هو. مون کي رڳو ايترو ياد پوي ٿو ته هڪ يا به پيرا آئون ڪنهن گهر جي ياتيءَ سان گڏجي ويجهو ڪاغذي بازار ۾ هڪ اسڪول ۾ ويو هوس، جنهن جون لوهه جون گول ڏاڪڻيون هيون. ان کي ”ڪاغذي بازار“ ان ڪري چيو ويندو هو جو هتي گهڻو ڪري جلد سازن ۽ ڪاغذ جو ڪم ڪندڙن جا دڪان ۽ گهر هوندا هئا. اهي ماڻهو پنهنجي نالي سان گڏ پاڻ کي لکندا ئي ”ڪاغذي“ هئا. منجهائئن پوءِ گهڻا اسان سان اسڪول ۾ به گڏ پڙهيا ۽ اسان جا دوست به ٿيا. هن وقت ان بازار جو اهو نالو ته ساڳيو آهي، پر هاڻي بازار ۾ ٻين گهڻين شين ۽ ڏنڊن جا دڪان کلي ويا آهن ۽ ڪاغذ جي ڪم ڪندڙن جو شايد ئي ڪو دڪان هاڻي ملي. تنهن ڪري اها بازار هاڻي علائقي جي مختلف شين جي بازارن جي وسيع نيٽ ورڪ جو هڪ حصو بڻجي ويئي آهي، جنهن ۾ هلندي ماڻهو هڪ بازار کان ٻي بازار ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ۽ پتو جڻ ڪٿي ئي نه ٿو.

اسان جي اتان لڏڻ جو ڪارڻ اهو هو ته، اتي منهنجو ڏاڏو پنهنجي سڄي خاندان: ٻن ڏيئرن ۽ پنجن پٽن سان گڏ رهندو هو. ٻارن جي شادين ۽ پوءِ انهن جي خاندانن جي وڌڻ جي ڪري اهو گهر سوڙهو ٿي پيو هو. ان وقت تائين اجا اسان جي خاندان ۾ گهٽ ۾ گهٽ اها روايت نه پئي هئي ته خاندانن ۾ سوڙهه محسوس ٿئي ته، پٽ پنهنجن ٻارن سان وڃي پنهنجا ڌار گهر وٺن. ان ڪري پيءُ ۽ پٽن گڏجي اهو فيصلو ڪيو هو ته، هڪ اهڙو گهر وٺجي، جنهن ۾ سڀ گڏ ۽ آرام سان رهي سگهن.

ان وقت منا در، ڪارادر ۽ اڇي قبر وغيره جي علائقي کي ”اولڊ ٽائون“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جيڪو نالو اجا به شايد ڪِن سرڪاري ريڪارڊن ۾ موجود هجي. ان علائقي کي، ويجهو واري لياري، ڪڏي ۽ نوآباد وغيره جا ماڻهو ”شهر“ جو نالو ڏيندا هئا. مطلب ته انهن علائقن کي پسگردائي يا شهر جي ٻاهر جي علائقن ۾ ليکيو ويندو هو ۽ اتي وڃڻ لاءِ چيو ويندو هو ته، ’اسان شهر ٿا وڃون.‘ منهجو خيال آهي ته، ان وقت ڪراچي شهر جي جيڪا آبادي ڳڻي ويندي هئي، ان ۾ اهي علائقا شامل نه هوندا هئا. اهو آئون ان ڪري به چوان ٿو ته انهن علائقن ۾ ان وقت سيوريج جي لاءِ اجا کُليل ناليون هونديون هيون، جيڪي هن وقت به لياريءَ جي اندرين علائقن ۾ آهن، جڏهن ته اولڊ ٽائون کي باقاعدي رٿابندي سان ٺاهيو ويو هو ۽ اتي سيوريج جو جديد نظام موجود هو. ان جي هڪ حصي جو ”اڇي قبر“ نالو ان ڪري پيو جو هتي روڊ جي بلڪل وچ ۾ اجا تائين به بابا نور شاهه غازي جي مزار آهي، جنهن جو رنگ اڇو آهي. ان جي ويجهو اجا به پراڻا قبرستان موجود آهن، جن مان هڪ ۾ سنڌ اسلاميا هوٽل وارن

پنهنجو بورچيخانو قائم ڪيو هو. ساڳي ريت بولٽن مارڪيٽ واري ميمڻ مسجد جي هيٺان قبرستان آهي، جتي وڃڻ جو رستو به آهي ۽ ماڻهو اچا به اتي فاتحه درود لاءِ ويندا آهن.

ڪارا در ۽ منا در بابت اهو چيو ويجي ٿو ته، ان وقت سمنڊ انهن جاين تائين هوندو هو، جڏهن ته ٻئي پاسي کان لياري نئين پنهنجو منو پاڻي ڪٽي اچي هتي سمنڊ سان ملندي هئي. چوندا هئا ته چانڊوڪي راتين ۾ جڏهن سمنڊ جي وير چڙهندي هئي ته، اچي قبر جڻ سمنڊ جي پاڻيءَ جي وچ ۾ هوندي هئي. بابا نور شاه غازي متعلق چيو ويندو هو ته، هن جو ٻارن سان گهڻو پيار هوندو هو. ٻار اڪثر سندن قبر تي وڃي راند ڪندا هئا، جنهن ڪي وڏا، ان بزرگ جي قبر جي بيحرمتي سمجهندا هئا ۽ ڪين ائين ڪرڻ کان منع ڪندا هئا. روايت آهي ته ان تي بابا ڪجهه وڏڙن ڪي خواب ۾ آيو ۽ ڪين چيائين ته، ”اهي ٻارن ڪي راند ڪرڻ کان منع نه ڪن. اهي سندس دوست آهن ۽ ڪيس انهن مان ڪا به تڪليف نه ٿي پهچي.“

هڪ لحاظ کان هن وقت به لياري ٽائون اتي ختم ٿي وڃي ٿو، جتي ڪڪري گرائونڊ آهي ۽ پوءِ ڪارادر جو علائقو شروع ٿي وڃي ٿو، جيڪو صدر ٽائون ۾ شمار ٿئي ٿو. انهن ٻنهي جي وچ ۾ سڙڪ، لياري نئين جو لنگهه هوندي هئي، جنهن ڪي ٻئي پاسي منتقل ڪري هتي علائقي ڪي آبادي جي لائق بڻايو ويو. ڪڪري گرائونڊ جو اهو نالو ئي ان ڪري پيو جو اهو سجو ۽ جيترو هن وقت به حدخلين کان بچيل آهي، ننڍين ننڍين پٿرين سان ڀريل آهي، جيڪي نئين؛ جبلن تان پاڻ سان گڏ ڪٽي ايندي هئي.

اسان جي گهر جي پاسي ۾ ئي ڪوڙي گارڊن هوندو هو، جتي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڏا سان گڏ گهمڻ ۽ راند ڪرڻ لاءِ ويندا هئاسين. اهو ”گارڊن“ نالي ۾ جيتوڻيڪ اڄ به موجود آهي، پر مختلف ادارن ۽ ماڻهن جي حدخلين جي ڪري ان جي پراڻي حيثيت جڻ ختم ٿي چڪي آهي. جهونا مارڪيٽ ۽ جوڙيا بازار ان وقت به موجود هيون، جتي خاص طور تي بلوچستان، ڪراچي جي ٻهراڙي ۽ ٺٽي وغيره جا ماڻهو خريداريءَ لاءِ ايندا هئا، پر ان اچا ويجهڙ جي علائقن جي رهائشي حيثيت کي متاثر نه ڪيو هو، جڏهن ته هاڻي اهي سڀ علائقا جڻ مارڪيٽ جو حصو بڻجي ويا آهن. هاڻي اُتي ماڻهن ۽ گاڏين جي ايڏي پيهه آهي جو آئون جيڪڏهن پنهنجو پراڻو گهر ڏسڻ لاءِ وڃڻ چاهيان ته ان لاءِ به مون کي گهڻي تڪليف کي مُنهن ڏيڻو پوندو، جڏهن ته هاڻي اهو گهر به مختلف فرمن جي دفترن ۽ ننڍين ڪارخانن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي ۽ سڃاڻڻ کان ٻاهر آهي. اهو گهر منهنجي ڏاڏي جي ملڪيت ۾ ئي رهيو، جنهن جي هيٺئين حصي ۾ منهنجو چاچو، ڪنفيڪشنري جو ڪارخانو هلائيندو هو ۽ جنهن ۾ آئون به ڪجهه عرصو اسڪول کان پوءِ واري وقت ۾ ڪم ڪندو رهيو هوس. ڏاڏي جي وفات کان پوءِ اهو گهر بابا کي ورثي ۾ مليو، جيڪو پوءِ ان وڪڻي ڇڏيو هو.

هن وقت جيئن ڪراچي ۾ ڪوئيٽا جي پٺاڻن جا مختلف جاين تي چانهن جا هوٽل آهن، ان وقت ڪراچي ۾ ائين ملبارين جا چانهن جا ننڍا دڪان هوندا هئا. خبر ناهي ڇو انهن سڀني ملبارين کي ”مامون“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اسان جي منادر واري گهر جي هيٺان به اهڙو ملباريءَ جو چانهن جو دڪان هوندو هو. اڌوڙث عمر جو هر وقت مرڪندڙ شخص، جنهن جا ڏند هر وقت ٻاهر نڪتل هوندا هئا، ملباري لهجي ۾ دلچسپ انداز ۾ اڙدو ڳالهائيندو هو ۽ ڏاڏا جي سڀني ٻارن کي هر وقت ملائيءَ واري چانهه پيارڻ لاءِ تيار هوندو هو. سندس چهرو جڻ اجا به منهنجي اکين آڏو آهي. سندس نالي جي نہ ان وقت ئي خبر هئي ۽ نہ هاڻي ڄاڻ آهي. بس ڪيس سڀ ”مامون“ جي نالي سان سڏيندا هئا.

اهڙي ريت ائين ڇئجي تہ، پنهنجيون اهي يادگيريون ڪٽي شهر کي ڇڏي ان جي ويجهو ئي پسگردائي واري علائقي نوآباد ۾ منتقل ٿي ويا هئاسين.

## 8

# لياري، جيڪو ڪڏهن ڪنهن لاءِ اوپرو نه رهيو، اهو هاڻي تبديل ٿي چڪو آهي!

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ لياري گھڻين تبديلين مان گذريو آهي ۽ ڏسندي ڏسندي ان جو سڄو نقشو تبديل ٿي ويو آهي. جيڪڏهين ڪا شئي نه بدلي آهي ته، اُهو هِتان جو گُليل نالين وارو سيوريج يا گند جي نيڪال وارو نظام آهي. پيپلز پارٽي جي پهرين حڪومت لياري جي ماڻهن کي سندن گهرن جي ليز ته ڏني ۽ سيوريج جي نظام متعلق به ڪجھه عالمي ادارن سان ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي، پر 1977 جي مارشل لا کانپوءِ اها رٿا ڪنهن ٻئي علائقي ڏانهن منتقل ٿي وئي.

هڪ گڏيل آبادي وارو، پورهيت طبقي جو علائقو، جتي سڀ ٻوليون ڳالهائيندڙ گڏجي رهن ٿا، جن ۾ نسلي ۽ لساني تضادَ ڪڏهن به جهيڙن ۽ فسادن جو ڪارڻ ناهن رهيا. مڪران، تربت ۽ بلوچستان جي ٻين علائقن مان آيل بلوچ، ڪڇ ۽ يوپي مان آيل ڪڇي، بهار مان آيل اڙدو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌ جي مختلف علائقن مان آيل ماڻهن هڪ ڊگھي عرصي جي ميل ملاپ ۾ اهڙي گڏيل ڪلچر کي جنم ڏنو آهي، جيڪو انهن ماڻهن کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي، جيڪي انهن سڀني کي ڏار ڏار ڏسڻ جا عادي آهن. اهي راندين ۾ خاص طور فٽبال ۽ باڪسنگ سان شوق رکندڙ ماڻهو آهن.

اهو علائقو جيئن ته مک شهر جي ويجهو آهي، ان ڪري پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڀارت مان آيل مهاجرن جي هڪ وڏي تعداد هن علائقي ۾ رهائش اختيار ڪئي. انهن مان گھڻا اتي جهڳين ۾ رهندا هئا. هتي هڪ ته ٻڌي واپار جون مارڪيٽون هيون، جتان پوري ملڪ کي هر قسم جي سامان جي سپلاءِ ٿيندي هئي. ٻيو ته بندرگاه جي ويجهو هئڻ ڪري هتي گودام وغيره قائم ڪرڻ جو لاڙو وڌيڪ هو. هتان جا جهونا ٻڌائين ٿا ته، ايوب خان جي دور ۾ هتان ماڻهن کي لڏائڻ جي اسڪيم جوڙي وئي هئي، ته جيئن هتي گودام قائم ڪري سگهجن، پر ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا. سندن پاران مزاحمت جي ڪري، جنهن جو ذڪر آزاد بلوچ به ڪندو هو، ان تي عمل نه ٿي سگهيو. ساڳي ريت شهر جي ويجهو هئڻ ڪري ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي لاءِ پڻ ان علائقي کي تجويز ڪيو ويو هو، پر هتان جي ماڻهن جي لڏڻ کان انڪار جي ڪري ان اسڪيم کي ٻئي پاسي منتقل ڪرڻو پيو.

هتي جنهن علائقي جو ذڪر ڪيون ٿا، اهو لياري جو اهو علائقو آهي، جيڪو شهر سان گڏيل آهي ۽ جتي جي آباديءَ جي گھڻائي ڪانياواڙي ميمڻ، ڪڇين ۽ سنڌين تي مشتمل آهي. انهن مان گھڻا پنهنجا دڪان هلائيندڙ ۽ سرڪاري ۽ نجي دفترن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو آهن. هتان جيئن اڳتي بغدادي، چاڪيواڙي، ميوه شاهه ۽ ٻين علائقن

ڏانهن وڌجي ٿو تہ، اتي جيتوڻيڪ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، پر انهن ۾ گهڻائي بلوچن جي آهي. ۽ انهن ماڻهن جي بہ گهڻائي پورهيتن تي ٻڌل آهي.

ڪي شيون ماڻهوءَ جي شخصيت جو حصو بڻجي وينديون آهن ۽ انهن جو ميسارجڻ يا انهن ۾ ڪا اڻ وڻندڙ تبديلي تڪليف جو باعث بڻجي ويندي آهي. موسا لين ۽ نوآباد جي علائقن کي لياري جي نسبتاً سڪين ستابن علائقن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، جتي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ زندگيءَ جون گهڻي ڀاڱي اهي سڀ سهولتون موجود آهن، جيڪي ڪراچيءَ جي ٻين علائقن ۾ موجود آهن.

ڏاڏا جڏهن پنهنجي خاندان جي وڏڻ جي ڪري اڇي قبر يا مٽي در ڪان نوآباد منتقل ٿيو تہ، ان وقت منهنجي عمر شايد چار يا پنج سال مس هوندي. ان وقت ڪجھ سرنديءَ وارن کي ڇڏي هتي بہ ماڙ ۽ ٽي ماڙ عمارتن جو تصور ئي نہ هو. وڏا هوادار گهر ۽ کُليل گهٽيون هونديون هيون، جيڪي بہ جڻ گهرن جو ئي هڪ حصو هونديون هيون، جتي ڏينهن جو پاڙي جون عورتون ويهي پنهنجا حال اوريندون هيون ۽ رات جو ڪٽون وڇائي ماڻهو سمهندا هئا. ڪوبہ گهر ڪنهن جي لاءِ اوپرو نہ هوندو هو. مائٽن کي پنهنجي ٻارن جو گهڻو فڪر نہ هوندو هو. ڪين پڪ هوندي هئي تہ هو پاڙي ۾ ئي ڪٿي هوندا. اهو سڀڪجھ هاڻي رڳو ماضي آهي، جڏهن تہ جيڪا تبديلي آئي آهي، اها انتهائي ڏکوئيندڙ آهي.

ان علائقي ۾ هن وقت هڪ ماڙ جاءِ ڪابہ مشڪل سان ئي نظر ايندي. پڳڙي سسٽم جي بنياد تي هر عمارت پنج، ڇھ ماڙ کان گهٽ نہ رهي آهي. گهٽيون سوڙهيون ۽ گنديون ٿي ويون آهن، جيڪي فليٽن مان اڇلايل گند ڪچري سان ڀريون پيون هونديون آهن- ۽ جتي ڪڏهن فٽبال ۽ ڪرڪيٽ کيڏبي هئي، اتان هاڻي لنگهڻ جي جاءِ بہ نہ ٿي ملي.

ڪجھ وقت اڳ ڏيپچند ٽي اوجها پرائمري اسڪول واري عمارت تي امن ڪاميٽي نالي تنظيم جو بہ قبضو رهيو هو، جنهن ڪري علائقي جا ماڻهو ڪافي هراس ۾ رهيا هئا. اهو قبضو بعد ۾ رينجرز جي اچڻ ڪانپوءِ ختم ٿيو. اسڪول جي سامهون ئي جُهڳين جي آبادي هوندي هئي. گهڻي عرصي تائين اها آبادي هتي رهي. پوءِ حڪومت پاران انهن کي متبادل پلاٽ ڏيئي شهر جي ڪنهن ٻئي علائقي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. اهو پلاٽ "پنجرا پور" جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ۽ ڪي ايم سي جي ملڪيت هو. ان وقت اسان ڪجھ دوستن گڏجي اخبارن وغيره وسيلي اها مهم هلائي تہ ان پلاٽ تي شاه لطيف لائبرري قائم ڪئي وڃي. ان جي نتيجي ۾ شاه لطيف جو نالو تہ رکيو ويو، پر ڪي ايم سي ان کي لائبرريءَ بدران شادي هال ۾ تبديل ڪري پنهنجي ڪمائي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو.

جيڪي ڪجھ عمارتون ان علائقي جي سڃاڻپ هونديون هيون، انهن ۾ معصومين اسپتال بہ هوندي هئي، جتي ٻاهرٻارنهن امامن جا نالا لکيل هوندا هئا ۽ اندر هر غريب امير کي ڪنهن تفريق ڪانسواءِ سستي علاج جي سهولت ميسر هوندي

هئي. هاڻي تجارتي ۽ نفعي وارا مقصد فلاحي ڪمن تي حاوي ٿي ويا آهن. گهڻي عرصي کان اسپتال جي عمارت، جيڪا طرزِ تعمير جي حوالي سان هڪ ڌار حيثيت جي حامل هئي، کي ڊاٿو ويو آهي. شايد ان جي ٽرسٽين اتي جديد ۽ نئين اسپتال قائم ڪئي آهي. پر سوال وري به اهو آهي ته، ڇا اها ان پراڻي اسپتال سان وابستگي جو پورائو ڪري سگهندي يا ان جو تسلسل هوندي. ٿورو اڳتي هلجي ٿو ته، جڳ مشهور ڪڪري گرائونڊ آهي. اهو ڪنهن دور ۾ نهايت عاليشان گرائونڊ رهيو آهي، جتي فٽبال جي مئچن ڪانسواءِ باڪسنگ ڪلب وغيره جون سهولتون پڻ رهيون آهن. هي ڪارادر سان لڳولڳ آهي ۽ ان ئي روڊ تي علائقي جون مک اسپتالون ۽ اسڪول قائم آهن. اهڙي ريت لينڊ مافيا جي نڪته نظر کان نهايت اهم آهي.

گرائونڊ جو هڪ وڏو حصو ڇائنا ڪٽنگ وسيلي ڪتيانا ميمڻ جماعت کي ڏنو ويو آهي، جنهن اتي پنهنجي جماعت جي ماڻهن لاءِ ڪميونٽي هال ۽ ٻيون سهولتون قائم ڪيون آهن، جنهن سان گرائونڊ جي حيثيت، وسعت ۽ ڪشادگيءَ کي گهڻو نقصان پهتو آهي. ساڳي ريت ڪي ايم سي جي، فاروق ستار جي ميئر هئڻ واري دور ۾ ان ئي سڙڪ تي واقع تاريخي عمارت فدو ٽاور جي ڪمپائونڊ کي ڪتيانا ميمڻ جماعت کي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو. ان تاريخي عمارت جي اهميت جي پيش نظر ڪراچيءَ جي مختلف تنظيمن ۽ اخبارن پاران ان قدم جي مخالفت ڪئي ويئي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ان لاءِ هڪ وچين واٽ ڪڍي ويئي، جنهن ۾ ان ٽاور جي گنبذ کي قائم رکندي اتي ڪتيانا ميمڻ اسپتال قائم ڪئي ويئي.

ان ساڳئي علائقي ۾ ٻئي پاسي روڊ تي ڪڏي واري علائقي ۾ اچون ٿا ته، اتي جي اهم ڳالهه حاجي عبدالله هارون جا قائم ڪيل ادارا هئا. هڪ وڏو ڪمپائونڊ، جنهن کي ڪامپليڪس جو نالو به ڏيئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ سنڌي، اڙدو ۽ گجراتي ميڊيم پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول، يتيم خانو، ڊسپنسري ۽ پوءِ فيض احمد فيض جي اڳواڻي ۾ قائم ٿيل هارون ڪاليج شامل هئا. ان ڪمپائونڊ ۾ باسڪيٽ بال ڪورٽ به هوندو هو، جتي شاگرد فارغ وقت ۾ راند ڪندا هئا. ان سان لڳ ئي عبدالله هارون ۽ مولوي محمد صادق ڪڏي واري جو گڏيل طور قائم ڪيل مدرسو مظهرالعلوم آهي. اهي ادارا نه رڳو علائقي، پر ٻاهر جي ماڻهن لاءِ به اتساه جو ذريعو هوندا هئا. هارون خاندان انهن جو گهڻو خرچ ڪڍندو هو ۽ اٽڪل سڄي لياريءَ جا ٻار ان مان فائدو حاصل ڪندا هئا. اسڪولن ۽ ڪاليجن جي نيشنلائزيشن جي قدم انهن ادارن کي وڏو نقصان پهچايو. هارون فيملي جي ان مان دلچسپي ختم ٿي ويئي ۽ پوءِ واپس ڪرڻ جي آڇ جي باوجود انهن ان کي واپس نه ورتو. ان عمارت ۾ ئي موجود هارون هال، جنهن کي علائقي جا ماڻهو شادين ۽ ٻين تقريبن لاءِ استعمال ڪندا آهن، امن ڪاميٽي جي قبضي ۾ هليو ويو، جيڪو به بعد ۾ رينجرز آجو ڪرايو.

ان ئي سڙڪ تي ٿورو اڳتي اوڪائي ميمڻ لائبرري ۽ ريڊنگ روم هوندو هو، جنهن مان علائقي جا سڀ ماڻهو فائدو وٺندا هئا. آئون پاڻ روز شام اتي اخبار پڙهڻ ۽

امتحانن جي ڏينهن ۾ پڙهڻ لاءِ ويندو هوس. ٻين علائقن جيان هتي به ڪمرشل مفادن جي فلاحي مقصدن تي حاوي هئڻ جي ڪري ان لائبرري ۽ ريڊنگ روم کي ختم ڪري هاڻي اتي فليٽ قائم ڪيا ويا آهن، جن کي ڏسي ۽ پراڻن وقتن کي ياد ڪري، رڳو افسوس جو اظهار ئي ڪري سگهجي ٿو.

اهڙي ريت اهو چئي سگهجي ٿو ته لينڊ مافيا، تجارتي مفادن، سياسي جماعتن ۽ اڳواڻن جي ملي ڀڳت سان ماضيءَ جي اهم نشانين، جيڪي هن علائقي جي سڃاڻپ هيون، کي ختم ڪري هن سڄي علائقي جي منظر کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهو عمل اڃا به هلندڙ آهي - ۽ ان جي خلاف عوامي سطح تي ڪا مزاحمت به موجود ناهي.

## 9

# ڪراچيءَ ۾ خوف ۽ دهشتگردي جي شروعات

منهنجي سڄي زندگي ڪراچيءَ ۾ گذري آهي. ائين ڪٿي چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته شهر ۽ آئون گڏ گڏ ئي وڏا ٿيا آهيون. جڏهن مون ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي هئي ته، ان وقت جنگ اخبار ۾ يونيورسٽي ۾ شاگردن جي سرگرمين متعلق ڪالم ڇپجندو هو، جنهن جو عنوان هوندو هو، ”شهر سي باره ميل پري“ اهو فاصلو اهو هو، جيڪو گرو مندر کان هلندڙ يونيورسٽي جي بسن کي يونيورسٽي پهچڻ لاءِ طئي ڪرڻو پوندو هو. ان سڄي رستي ۾ حسن اسڪوائر کان پوءِ ٻي ڪا شهري آبادي نه هوندي هئي ۽ بس اڙدو سائنس ڪاليج، نيپا ۽ موسميات کاتي کان ٿيندي اچي يونيورسٽي پهچندي هئي.

1978 ۾ جڏهن آئون يونيورسٽي مان فارغ ٿيس ته ان وقت گلشن اقبال جا ڪجهه گهر اجا نهڻ مس شروع ٿيا هئا. اهڙي ريت شهر: صدر يا ڪٿي چئجي ته وڌ ۾ وڌ گرو مندر تي ختم ٿي ٿي ويو. ان وقت لالو کيت، ناظم آباد ۽ فيڊرل ايريا کي شهر کان ٻاهر ليکيو ويندو هو. ٻئي پاسي خاص طورتي لياري ۽ کارادر ۽ منادر وغيره جا ماڻهو رات جي ماني کائڻ کانپوءِ سائيڪلن تي ۽ پنڌِ ڪراچيءَ جي ’هوا بندر‘، جنهن کي ڪلفٽن جو نالو ڏنو ويو آهي، ڏانهن نڪري ويندا هئا - ۽ دير تائين سمنڊ ڪناري ڪچهريون ڪري گهر موٽندا هئا. اهڙيون گهڙيون راتيون مون کي به ياد آهن. ڪجهه بنگلن کانسواءِ هتي ٻي ڪا آبادي نه هوندي هئي. پوءِ 1980 جي ڏهاڪي کان هتي فليٽن ۽ گهرن جو جيڪو جهنگ نهيو، ان چڻ سمنڊ جي ڪناري کي هتان جي ماڻهن لاءِ اوپرو ڪري ڇڏيو. ڏسندي ڏسندي شهر چئني پاسن کان ائين وڌندو ۽ ڦهلجندو ويو، جو هتان جون شيون سڃاڻڻ کان ئي پري ٿي ويون.

شهر جي ان ڦهلاءَ جيتوڻيڪ گهڻين شين کي اوپرو به ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ به شهر سان هڪ پنهنجائپ وارو تعلق آهي. هڪ لحاظ کان اهو چڻ منهنجي هڪ سڃاڻپ آهي. منهنجا گهڻا مائٽ پنهنجو ناتو سنڌ جي ان شهر سان ڳنڍيندا آهن، جتان منهنجو ڏاڏو سئو سال کن اڳ لڏي ڪراچي آيو هو، پر منهنجي لاءِ اها ڳالهه ڏکي هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته مون کي اهو احساس هوندو آهي ته منهنجي شخصيت ان شهر جو ئي عڪس آهي ۽ آئون جيڪڏهن پاڻ کي ٻئي ڪنهن به علائقي يا شهر سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندس، ته اهو سراسر ڪوڙ هوندو.

ننڍي هوندي کان مون کي اڪيلي پنڌِ گهمڻ جي عادت هوندي هئي. ان جو هڪ ڪارڻ شايد اهو به هو ته ان وقت جيتوڻيڪ شهر ۾ رش ۽ ٽريفڪ گهٽ هوندي هئي، پر منهنجي لاءِ خاص طور ايم اي جناح روڊ کي پار ڪرڻ هميشه مسئلو رهيو آهي. شايد ڪجهه ماڻهن لاءِ اها ڳالهه حيرت جهڙي هجي ته، ان وقت صدر جي زينب مارڪيٽ واري پاسي، جتي ان وقت ريو ۽ ريڪس سينمائون هونديون هيون ۽ هوٽل ميٽروپول

واري علائقي ۾ سج لٿي ڪانپوءِ ائين سج ٿي ويندي هئي، جڻ راڪاس گهمي ويو هجي، پر ڪوبہ ڏپ ڏاءُ نہ هوندو هو ۽ ماڻهو فلمن جو آخري شو ڏسي اطمينان سان پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا.

اها صورتحال ان وقت بہ رهي، جڏهن 1980ع جي ڏهاڪي ۾ سهراب ڳوٺ ۽ علي ڳڙه ڪالوني وارا واقعا ٿيا ۽ شهر وڳوڙن جي ور چڙهي ويو - ۽ شهر جي ماڻهن 1948 ۾ رتن تلاءَ وٽ گردواري ۾ پارت ڏانهن لڏيندڙ سکن کي جيئري ساڙڻ کانپوءِ پهريون ڀيرو وڏي پشيماني تي ماڻهن جو ڪوس ۽ انهن کي جيئري ساڙڻ جا منظر ڏٺا. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ شروع ٿي تہ، شهر تبديل ٿي ويو آهي - تبديل ٿي رهيو آهي- ۽ هاڻي ماڻهن کي انهن نين حقيقتن کي سامهون رکندي هتي رهڻو پوندو. شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪرفيو، روز جون هڙتالون، وڳوڙ ۽ ماڻهن جو ڪوس جڻ هڪ معمول بڻجي ويو هو. شاهہ فيصل ڪالوني جهڙا ڪجهہ علائقا اهڙا هئا، جتي مهينن تائين ڪرفيو لاڳو رهندو هو. شايد مون ان صورتحال جي سنگينيءَ کي محسوس نہ ڪيو يا مون ان کي اجا بہ پراڻي نظر سان ٿي ڏٺو، جنهن جو ڪارڻ شايد اهو هو تہ ان وقت آئون لياري ۾ رهندو هوس، جيڪو جڻ ان سڀني هنگامي ۽ڳوڙ گهمسان کان پري: هڪ اهڙو بيٽ هو، جيڪو ٻولي ۽ رنگ، نسل جي فرق کانسواءِ ٻين علائقن مان وڳوڙن جي ڪري ڀڄي آيلن لاءِ هڪ پناهہ گاهہ هو، ان ڪري منهنجي آفيس وغيره وڃڻ جي معمولات ۾ ڪو فرق نہ پيو، جيڪا ڳالہ گهڻن آفيس وارن لاءِ بہ حيرت جوڳي هئي.

ان وقت منهنجا شهر جي جن سياسي ۽ ادبي تنظيمن سان واسطا رهيا، ان ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو شامل هئا، جن جو ترقي پسند مزدور، شاگرد ۽ ادبي تحريڪن سان واسطو هو - ۽ جيڪي سڀيئي ان صورتحال جي ڪري پريشان هئا، جنهن شهر کي ٻولي ۽ نسلي بنيادن تي ورهائي ڇڏيو هو. اها صورتحال گهڻجڻ بدران اجا وڌندي ٿي ويئي. شهر، جيڪو اڳ ۾ شاگرد ۽ مزدور تحريڪن جو مرڪز رهيو هو ۽ هر جمهوري تحريڪ ۾ مهڙ وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو هو، اتي اهي سڀ شيون جڻ تہ پسمنظر ۾ هلي ويون. هڪ تہ انهن تحريڪن سان لاڳاپيل ماڻهن جي صورتحال کي سڌارڻ جي ڪوشش جي ڪنهن نتيجي نہ نڪرڻ کانپوءِ اهي هڪ بيوسيءَ جو شڪار ٿي ويا ۽ انهن ان کي جيئڻ جو تيئن قبولي ورتو.

ان جو ٻيو نتيجو اهو نڪتو، جيئن چوندا آهن تہ، لوڻ جي کاڻ ۾ رهي ڪا بہ شئي لوڻ ٿي ويندي آهي. اهڙي ريت گهڻا ترقي پسند لاشعوري طور ان صورتحال جو حصو بڻجي ويا ۽ بجاءِ پنهنجو موقف ڏيڻ جي: نسلي سياست جي هڪ يا ٻئي موقف جي وڪالت ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ مون کي پنهنجي دوست: مزدور اڳواڻ بصير نويد، جنهن کي پوءِ ڪراچيءَ جي حالتن جي ڪري ملڪ ڇڏي وڃڻو پيو هو، جي اها ڳالهہ جڻ اندر ۾ ويهي رهي تہ، 'اسان انهن حالتن متعلق اڻ ڏريو ٿي ڳالهايون ٿا، پر يار، جڏهن ايم ڪيو ايم جو نالو اچي ٿو تہ، اسان جي ذهن ۾ گهنٽي وڄڻ شروع ٿئي ٿي.

هن وقت اهڙا سيپيئي ماڻهو مُنهن نہ ڏيئي سگهڻ يا پنهنجي موقف ۾ چٽائي نہ هئڻ ڪري Depoliticize ٿي ويا آهن ۽ گهڻن ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۾ پناھ ڳولهي آهي، جنهن جو عملي يا نظرياتي سياست سان ڪو لاڳاپو ناهي.'

ان وقت ۾ شهر جي گهڻن علائقن مان لڏپلاڻ ٿي هئي ۽ ڪجھ علائقن ۾ وڃڻ ۾ ڊپ بہ ٿيندو هو، پر اهو بہ ڄڻ دوستن جو معمول هوندو هو تہ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين کانپوءِ دير تائين ڪچهريون ڪري، چانهيون پي، پوءِ دوستن سان گڏجي پنڌ، لياريءَ ۾ پنهنجي گهرَ ڏانهن روانو ٿيو هو. پنڌِ ئي پنڌِ رنڇوڙ لائين، پيپر پوره يا ٻين مختلف علائقن مان لنگهڻ مهل اهو خيال نہ هوندو هو تہ، اهو علائقو گينگ وار، امن ڪاميٽي يا ايم ڪيو ايم جو آهي- ۽ هتان لنگهندي ڪنهن احتياط جي ضرورت آهي.

شهر جي حالتن متعلق اخبارن ۽ ريڊيو وغيره تان ٻڌبو هو، پر اها ڄڻ هڪ پري جي ڳالھ لڳندي هئي. ڊپ اجا پنهنجي ذات جو حصو نہ بڻيو هو. ان جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ضياءُ الحق جي دور ۾ جڏهن بوهري بازار صدر ۾ بم ڦاٽو هو، جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو مري ويا هئا تہ ان جي ٻئي ڏينهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ انٽرويو ڏيندي جڏهن ان ڌماڪي متعلق ۽ منهنجي ڄامشوري پهچڻ متعلق سوال ڪيو ويو تہ، مون کين حقيقتون ٻڌايون، جنهن ۾ڪنهن ڊپ يا پريشانيءَ جو عنصر ۽ واپس موٽڻ جو الڪو نہ هو. ڊپ بہ شايد اهڙو احساس آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي ڄاڻ ڪانسواءِ ان جي اندر ۾ پلبو رهندو آهي ۽ پوءِ ڪنهن موقعي تي نڪري نروار ٿيندو آهي.

ڪجھ عرصو اڳ تائين جيڪڏهن ملڪ جي ڪنهن ٻئي شهر جو ماڻهو ڪراچيءَ جي حالتن تي تشويش جو اظهار ڪندو هو يا هتي اچڻ کان لنوائيندو هو تہ منهنجي لاءِ اها حيرت جي ڳالھ هوندي هئي، ڇاڪاڻ جو مون کي شهر ۾ ڪا اهڙي ڳالھ نظر نہ ايندي هئي. پر شايد مون کي هتي رهڻ جي ڪري انهن حالتن جي عادت پئجي ويئي هئي ۽ مون انهن کي محسوس نہ ٿي ڪيو، جڏهن تہ ٻاهر وينل ماڻهو ان کي معروضي طور تي ڏنو ٿي ۽ ساڳئي وقت وٽس ان کان بچڻ لاءِ هڪ متبادل هو، جيڪو مون وٽ نہ هو.

بعد ۾ خاص طور تي ان ڊپ کي پنهنجي انتهائي ويجهو ٿيندي محسوس ڪيم. پنهنجن ٻارن، دوستن ۽ مائٽن جي فڪر ڪانسواءِ: آئون پاڻ جنهن کي شهر ۾ پنڌ هلڻ مهل اها خبر نہ هوندي هئي تہ، اوسي پاسي ڇا پيو ٿئي، اهو هاڻي ڏھ قدم هلندي بہ ڏھ ڀيرا مُڙي اهو ڏسڻ لڳو هو تہ، ڪير سندس پويان تہ نہ پيو اچي. شهر جو بي نام ۽ غير واضح تشدد، جنهن ۾ هجوم ۽ ميڙ کي نشانو بڻايو ويندو هو، پوءِ اهو هڪ واضح شڪل اختيار ڪري ويو. شهر جي پيدا ٿيل سياسي ۽ انتظامي خال ۽ مختلف سياسي ۽ غيرسياسي ڌرين ۽ مافيائن پاران ان کي مالِ غنيمت سمجهي ان تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش جي ڪري پيدا ٿيل خال ۾ هٿيار ۽ مختلف فيڪٽرز داخل ٿي ويا.

ان دوران پهرين ڊاڪٽرن ۽ پوءِ پروفيسرن کي نشانو بڻايو ويو. اهڙي طرح سبين محمود ۽ پروفيسر وحيد رحمان جي قتل شهر ۾ هڪ نئين بحث ۽ تشويش پيدا ڪري ڇڏي. بدر ابڙو جي اها ڳالهه درست آهي ته، جيڪڏهين هاڻي ڪير اظهارراءِ جي حق کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو ته اهو پنهنجي رسڪ تي ائين ڪري. اڳ ۾ ڪراچيءَ جي صحافين لاءِ چيو ويندو هو ته، اهي ايم ڪيو ايم جي ڏهڪاءَ جي ڪري ان متعلق ڳالهائيندي نهايت احتياط کن ٿا، پر هاڻي رڳو ايم ڪيو ايم ان ۾ شامل ناهي. ان حوالي سان مختلف گروهن ڌار ڌار پنهنجي حد مقرر ڪئي آهي ۽ ليڪ ڇڪي آهي. ان صورتحال ۾ اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته، ڪٿي ڪهڙي گروه جي ليڪ اورانگهجي ٿي ۽ ماڻهو خطري جي حد ۾ داخل ٿي وڃي ٿو.

# 10

# ڪراچي شهر جون لائبريريون، جن مان ڪيتريون بند ٿي ويون!

لائبريرين جي موجودگيءَ سان ڪنهن شهر ۾ ان جي ماڻهن جي پڙهيل لکيل ۽ مهذب هئڻ جي خبر پوندي آهي. اهي ماڻهن جي تربيت جو هڪ اهم ذريعو هونديون آهن. ڪراچيءَ جي، ان لحاظ کان پنهنجي هڪ سڃاڻپ هوندي هئي. تعليمي ادارن ۾ انهن جو هئڻ هڪ لازمي امر سمجهيو ويندو هو. هارون ڪاليج، جتان مون انٽرميڊيئيٽ ڪئي، جي هڪ سٺي لائبريري هوندي هئي، جتي روزاني اخبارن ۽ ڪتابن جو هڪ وڏو تعداد هوندو هو، ۽ جنهن جي سارسنڀال لاءِ ڌار عملو رکيل هو. ساڳئي ريت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾، جتان مون ماسٽرس ڪئي، اُتي بہ هڪ بلڪل ڌار ۽ وڏي عمارت ۾ هڪ لائبريري هئي، جتي گهڻيون سهولتون موجود هيون. ڪلاسن ڪانسواءِ منهنجو گهڻو وقت ان لائبريريءَ ۾ گذرندو هو. اها رڳو حڪومت جي ذميواري نہ هوندي هئي، پر مختلف سماجي تنظيمون وغيره پڻ شهر جي مختلف علائقن ۾ اهڙا مرڪز قائم ڪنديون هيون. پوءِ گڏيل طور اتي ڪي ڪتاب آڻي رکندا هئا، تہ ڪي روزاني اخبارن جو خرچ ڪڍندا هئا. اهي رڳو مطالعي جا مرڪز نہ، پر اهي پاڙي جي ماڻهن جي ملڻ جلڻ ۽ حال احوال ڪرڻ جا مرڪز پڻ هوندا هئا.

مون جهڙن گهڻن ماڻهن لاءِ اهي مثبت نموني وقت گذارڻ ۽ تربيت جا مرڪز پڻ هوندا هئا. لياريءَ جي علائقي- نوآباد ۾ اسان جي گهر کان ٿوري فاصلي تي ۽ حاجي عبدالله هارون اسڪول واري رستي - شاه ولي الله روڊ تي اوڪائي ميمڻ جماعت وارن هڪ وڏو هالُ لائبريري لاءِ مخصوص ڪيو هو، جتي ڪتاب ۽ روزاني اخبارون ايند‌يون هيون. هتي خاص طور تي اخبارن جي چڪ جي ڪري هر عمر جا ماڻهو ايندا هئا. هتان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هرڪو لائبريري کان ٻاهر دڪين ۽ فٽ پاٿن تي ڪچهري ڪرڻ لاءِ ويهي رهندو هو. پوءِ دير تائين اهو سلسلو هلندو رهندو هو. شام جو اسان اسڪول جا ڪجهہ دوست هتي گڏبا هئاسين. اخبارن وغيره پڙهڻ ڪانپوءِ اسان جي دلچسپي ٻارن جي مختلف رسالن، خاص طور 'همدرد' جي 'نونهال ڊائجسٽ' ۾ سوالن جا جواب موڪلڻ هوندو هو. اها جهڙوڪر منهنجي مستقل مصروفيت هوندي هئي. ان جو هڪ فائدو اهو ٿيو تہ اسڪول ۾ منهنجي ڪارڪردگي، جيڪا اڳ ڪا گهٽي چڱي نہ هئي، سا بهتر ٿي ويئي.

اها لائبريري ڄڻ اڃا تائين بہ منهنجي اندر جو هڪ حصو آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ان پاسي وڃڻ ٿيو تہ مون ان لائبريري واري جاءِ ڪي ڏسڻ تي چاهيو. پر اُتي جو سڄو منظر تبديل ٿيل هو. اتي فليٽ نهي ويا هئا ۽ لائبريريءَ جو تہ ڄڻ وجود ئي نہ رهيو هو. گهر کان ٿورو پرتي ڪارادر جي علائقي ۾ آغا خاني خوجن جو بيت العلم جي نالي سان هڪ اسٽڊي سينٽر هوندو هو، جتي ڪنهن جي بہ اچڻ تي ڪا بندش نہ هئي.

امتحانن جي تياري وغيره لاءِ اها سني ۽ پرسڪون جاءِ هوندي هئي، جيڪا ڀ هاڻي شايد نہ رهي آهي.

مختلف پرڏيهي قونصل خانن پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ لائبريريون ۽ ثقافتي مرڪز قائم ڪيا ويا هئا. پاڪستان چوڪ وٽ برٽش ڪائونسل، ٿورو اڳتي سرور شهيد روڊ تي گوئٽي انسٽيٽيوٽ، فريئر هال جي سامهون آمريڪي قونصل خانو، ان جي لائبريري ۽ ڪلچرل سينٽر - ۽ سنڌي مسلم سوسائٽي ۾ سوويت يونين جو فرينڊشپ هائوس هو جيڪو پوءِ طارق روڊ تي جهيل پارڪ وٽ منتقل ٿي ويو هو. انهن جي رڪنيت مفت هوندي هئي. جڏهن تہ ميمبر هئڻ ڪانسواءِ بہ لائبريري جي سهولت حاصل ڪري سگهبي هئي. هتي مختلف ثقافتي پروگرام وغيره بہ ٿيندا هئا، جن ۾ مقامي ماڻهن جو سهڪار وغيره بہ شامل هوندو هو. ميڊيا جي حوالي سان اهڙو هڪ پروگرام سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي، گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان ڪراچي جي هڪ هوٽل ۾ ڪيو هو. هاڻي اهي سڀ سهولتون گهٽي پاڳي ختم ٿي ويون آهن.

رڳو برٽش ڪائونسل ڪنهن حد تائين پنهنجيون سرگرميون برقرار رکيون آهن، پر ان کي بہ شهر جي وچ مان، جتي ان کي اڪثر وڳوڙين کي مُنهن ڏيڻو پوندو هو، ڪينٽ اسٽيشن جي پاسي ۾ هڪ ڪنڊ ۾ منتقل ٿيڻو پيو آهي.

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئرز: ان حوالي سان هڪ ڪارائتو ادارو آهي، جتي خاص طور تي ڪرنٽ افيئرز جي حوالي سان ڏيهي ۽ پرڏيهي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وغيره موجود هوندا آهن. ان اداري جو پنهنجو هڪ آڊيٽوريم بہ آهي، جتي مختلف پروگرام وغيره ٿيندا رهندا آهن. اداري جي سهولتن جي استعمال تي ڪا پابندي ناهي ۽ اتي موجود عملو پوري طرح سهڪار ڪندو آهي. ڪجهہ سال اڳ پنهنجي ساليانی موڪلن ۾ آئون هتي باقاعدي ويندو هوس. مون وٽ ان وقت هتان جي رڪنيت نہ هئي. هڪ ڏينهن سيڪريٽريءَ مون کان پڇيو تہ، ”اوهان ڇا ڪندا آهيو؟“ مون کيس پنهنجي نوڪريءَ متعلق ٻڌايو تہ، هن چيو تہ، ”پر اوهان تہ روز هتي هوندا آهيو.“ مون کيس ٻڌايو تہ، ”آئون ساليانی موڪلن تي آهيان،“ تہ هن مون کي چيو تہ، ”ائين ڪيو، اوهان هتان جي ايسوسيئيٽ ميمبرشپ وٺي ڇڏيو، جنهن جي ڪا في وغيره ناهي.“ اهڙي ريت آئون ان اداري جو ميمبر ٿي ويس، پر ڪجهہ وقت کان پنهنجين ڪجهہ مصروفيتن جي ڪري آئون اتي وڃي نہ سگهيو آهيان.

ڪراچيءَ ۾ لائبريرين جو احوال ڪجي، پر ان ۾ اسٽيٽ بينڪ جي لائبريري جو ذڪر نہ ڪجي، تہ اهو بيان مڪمل نہ ٿيندو. ملڪ جي معيشت جي حوالي سان پاليسي سازي، حڪومت کي انهن معاملن تي صلاحون ڏيڻ ۽ عالمي ادارن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ۾ مرڪزي بينڪ جو اهم ڪردار هوندو آهي. ان لاءِ اهو ضروري هوندو آهي تہ انهن کي معيشت جي معاملن جي پوري ريت ڄاڻ هجي. ان مقصد لاءِ ريسرچ

۽ شماريات جا شعبا قائم ڪيا ويا. ساڳئي وقت لائبريري قائم ڪئي وئي، تہ جيئن انهن شعبن جا آفيسر پنهنجي ڪم لاءِ ان کان مدد حاصل ڪري سگهن.

اها لائبريري 1949 ۾ قائم ڪئي وئي هئي. شروع ۾ اها شاهين ڪامپليڪس جي سامهون ان عمارت، جتي اسٽيٽ بينڪ قائم ڪئي وئي هئي ۽ جتي هن وقت سپريم ڪورٽ رجسٽري آهي، ۾ قائم هئي. 1961 ۾ آءِ آءِ چندريگر روڊ تي بينڪ جي نئين عمارت جي نهڻ ڪانپوءِ ان کي ان جي پنجين ماڙ تي منتقل ڪيو ويو. اٽڪل سڄو فلور لائبريري جي لاءِ هوندو هو. ان جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ ان جي ديوارن تي صادقين جون ناهيل تصويرون ۽ خطاطي هوندي هئي. ڪجهہ پراڻا ماڻهو ٻڌائيندا هئا تہ، صادقين هتي راتين جا اوجاڳا ڪري اهي شاهڪار تخليق ڪيا هئا. گهڻو وقت اها لائبريري ان جاءِ تي هئي. ان ڪانپوءِ 1995 ۾ ان کي جاءِ جي گهٽتائي وغيره جي ڪري اسٽيٽ بينڪ جي ئي ڪمپائونڊ ۾ بينڪ آف انڊيا جي عمارت، جتي هن وقت اسٽيٽ بينڪ جو ميوزيم آهي، ۾ منتقل ڪيو ويو.

ڊاڪٽر عشرت حسين جي گورنر ٿيڻ ڪانپوءِ اسٽيٽ بينڪ ۾ گهڻيون تبديليون آيون. انهن ۾ اسٽيٽ بينڪ جي انيڪسي ۾ لرننگ ريسورس سينٽر جو قيام بہ شامل هو. ان دور ۾ بينڪ جي عملي جي تربيت جو جيڪو وسيع پروگرام شروع ڪيو ويو هو، اهو ان جو هڪ حصو هو. ان سينٽر ۾ جديد سهولتن سان آراستا آڊيٽوريم ۽ ڪلاس روم وغيره موجود آهن، جتي بينڪ جي عملي سان گڏ ڪمرشل بينڪن ۽ ٻين مالياتي ادارن وغيره کي پڻ سهولتون مهيا ڪيون وينديون آهن. 2005 ۾ هتي لائبريري کي منتقل ڪيو ويو هو. ان عمارت جو گرائونڊ ۽ فرسٽ فلور لائبريري لاءِ مخصوص آهن. بنيادي طور تي تہ هتي معاشيات ۽ بينڪنگ وغيره سان لاڳاپيل ڪتاب پيل آهن، پر ان سان گڏ اڪائونٽنگ، انفارميشن ٽيڪنالوجي ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن تي پڻ ڪتاب موجود آهن. ان ڪانسواءِ ٻين مختلف موضوعن جهڙوڪ: ادب، سياست ۽ تاريخ وغيره تي بہ ڪتابن جو چڱو تعداد موجود آهي. سنڌي ۽ اڙدو ڪتابن جا ڌار سيڪشن آهن. هر مهيني انهن موضوعن تي خريد ڪيل ڪتابن جي فهرست شائع ڪئي ويندي آهي، جيڪا اسٽيٽ بينڪ جي ويب سائيٽ جي لائبريري واري سيڪشن ۾ پڻ موجود هوندي آهي.

ساڳئي ريت حڪومت ۽ عالمي ادارن جهڙوڪ: عالمي بينڪ ۽ آئي ايم ايف جي دستاويزن ۽ ڏيهي ۽ پرڏيهي رسالن ۽ اخبارن جو هڪ وڏو تعداد پڻ مطالعي لاءِ موجود هوندو آهي. ان ڳالهہ جي حوصلي افزائي ڪئي ويندي آهي تہ ميمبر پنهنجي پسند جا نوان ڪتاب تجويز ڪن، جيڪي پوءِ لائبريري ڪاميٽيءَ جي منظوريءَ سان خريد ڪيا ويندا آهن. انهن ۾ اهڙا ڪتاب بہ شامل هوندا آهن، جيڪي پاڪستان ۾ دستياب نہ هوندا آهن ۽ اهي ٻاهران گهرايا ويندا آهن. مان پاڻ گهڻا ڪتاب تجويز ڪندو رهندو آهيان، جيڪي پوءِ خريد ڪيا ويندا آهن. لائبريري جو عملو، خاص طور چيف لائبريرين لائبريري جي معاملن کان واقف، پروفيشنل ۽ هر وقت ممڪن حد تائين

سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. خاص ڳالهه اها آهي ته اها لائبريري جي سهولت رڳو بينڪ جي ملازمن تائين محدود ناهي، پر ٻاهران ماڻهو به نه رڳو اها سهولت حاصل ڪري سگهن ٿا، پر ميمبر ٿي ڪتاب وغيره به حاصل ڪري سگهن ٿا. اها لائبريري آفيس جي وقت ڪانپوءِ به رات جو انين وڳي تائين کليل هوندي آهي. هن وقت اها لائبريري پاڪستان جي ڪجهه وڏين لائبريرين ۾ ڳڻي وڃي ٿي.

مٿي ذڪر ڪيل لائبريرين مان ڪجهه بند ٿي ويون آهن ۽ ڪجهه ۾ منهنجو وڃڻ گهٽجي ويو آهي، جڏهن ته اسٽيٽ بينڪ جي لائبريري منهنجي اڪثر استعمال ۾ هوندي آهي، جيڪا منهنجي مطالعي جون گهٽيون گهرجون پوريون ڪندي آهي.

11

# نئون آباد: هندستان مان لڏي آيلن جا جهوپڙا، ليلان چري ۽ ظفر پمفليٽي!

اهو چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته منهنجي شعوري زندگيءَ جي شروعات نئين پاڙي ۽ نئين گهر ۾ اچڻ کان پوءِ ٿي. نوآباد جو علائقو: جيئن هن وقت پنج ڇهه ماڙ عمارتن، سوڙهين ۽ گندين گهٽين، رش ۽ هڻ هٽان ۾ ورتل نظر اچي ٿو، ائين اڳ ۾ نه هو. گهٽو ڪري ته هڪ ماڙ وارا کُليل گهر هوندا هئا. گهر مسواڙ تي ڏيڻ جو تصور ئي نه هو. پاڻي ڇڪڻ جي مشينن يا بورنگ وغيره جو ڪنهن کي خيال ئي نه هوندو هو. بجلي وافر مقدار ۾ هئي. نه لوڊ شيڊنگ جو ڪو مسئلو هو ۽ نه ئي ماڻهن کي ڪنڊيا هڻڻ جو ڪو خيال ايندو هو. فرج شايد ئي ڪنهن گهر ۾ هئي. جڏهن ته ايئر ڪنڊيشنر ڪنهن به گهر ۾ نه هو. اتي گهٽن اهڙن آسودن ماڻهن جا گهر هئا، جيڪي انهن شين جا متحمل ٿي سگهيا ٿي، پر اُنهن اِنهن شين جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي ڪئي.

ان وقت سڄي پاڙي ۾ منهنجي هڪ پري جي چاچي جي گهر ٽيليفون هوندو هو. ان فون تي جڻ ته سڀني جو حق هوندو هو - ۽ انهن ماڻهن جو اهو وڙُ هو جو ڪنهن جو به فون ايندو هو ته، ان کي گهران وڃي سڏي ايندا هئا، جنهن ڳالهه جو هاڻي تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. ساڳي ريت ٽيليويزن به انهن ڏينهن ۾ نئين آئي هئي. ۽ اها به انهن ئي ماڻهن جي گهر ۾ سڀ کان اڳ آئي هئي. پاڙي جا سڀ ٻار پنهنجن مٽي هاڻن پيرن ۽ گندن ڪپڙن سان شام جو جيئن ئي پي ٽي وي جون نشريات شروع ٿينديون هيون، تيئن سندن گهر ۾ داخل ٿيندا هئا ۽ دير تائين اتي ويٺا هوندا هئا. پر انهن ماڻهن جي چهري تي ڪي گهنج يا ناراضگيءَ جا آثار نه ملندا هئا.

جتي اسان جو گهر هوندو هو، ان جي پرسان سان ئي ٻن پاسن کان هندستان مان لڏي آيل مهاجرن جا جهوپڙا هوندا هئا. رات جو جڏهن اتان لنگهڻ ٿيندو هو ته اهي ماڻهو دير تائين پنهنجن گهرن جي ٻاهران کٽن ۽ پٽ تي ويٺي پاڻ ۾ ڪچهريون پيا ڪندا هئا، پر نه ڪنهن جو نالو وٺندا هئا ۽ نه ڪنهن کي تنگ ڪندا هئا. هتي رهندڙ دائود نالي هڪ همراهُ هڪ ڀيري مون کي پي ايم اي هائوس جي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ مليو. مون جيتوڻيڪ هن کي نه سڃاتو، پر هن مون کي سڃاتو ۽ ٻڌايائين ته، ”آئون اتي جهوپڙن ۾ رهندو هوس.“ هي همراهه هڪ ڀيرو ٻيهر مون کي زيارت ۾ مليو هو، جتي آئون ٻارن سان گڏ ويل هوس ۽ هو پڻ ساڳئي هوٽل ۾ پنهنجن ٻارن سان رهيل هو. جهوپڙن جي حوالي سان دائود مون کي ياد ڏياريندي چيو ته، ”جتي ايمٽان، جنهن کي ’ليلان چري‘ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، رهندي هئي، هو ان جي پر ۾ رهندو هو. ان عورت کي، جنهن کي ٻار تنگ ڪندا رهندا هئا، اها سڄو ڏينهن پٿرن جو وسڪارو ڪندي ۽ گاريون ۽ پِنون ڏيندي رهندي هئي. ان جي لاءِ چيو ويندو هو ته، ”هو

پر ۾ ئي رهندڙ اسو لالا نالي هڪ ماڻهوءَ جي زال هئي، جيڪو اتي پڪوڙن جي هڪ خاص قسم، جنهن کي اتي مقامي ٻولي ۾ ’ٻجيا‘ چيو ويندو آهي، وڪڻندو هو. اهو شخص هڪ ٻئي گهر ۾ پنهنجي ٻي زال ۽ ٻارن سان گڏ رهندو هو. اسان ڪڏهن ڪيس ليلان جي پرگهور لهندي نه ڏٺو.

دائود جو ٻيو حوالو سندس پاڙي ۾ رهندڙ هڪ سياسي ڪارڪن ظفر سان ويجهڙائي هئي، جيڪو هر ننڍي وڏي معاملي تي پمفليٽ ڇاپيندو هو، جنهن جي ڪري سندس نالو ئي ’ظفر پمفليٽي‘ پئجي ويو هو. هڪ ڀيري اسان ڪجهه دوست رات جو هوٽل تي چانهه پي رهيا هئاسين ته هو نهايت جوش ۾ ڇڻ رڙيون ڪندو آيو ته، ’ڪامريڊ! انقلاب در تي دستڪ پيو ڏئي. بس رڳو در کولڻ جي ضرورت آهي.‘ ڪانئس پڇيوسين: ”ته ڇا معاملو آهي،“ ته هن افغانستان ۾ ثور انقلاب جي اچڻ جو ذڪر ڪيو ۽ چيو ته بس هاڻي هتي به دير نه لڳندي.

اهي جهوپڙا ۽ انهن ۾ رهندڙ ماڻهو ڪنهن به لحاظ کان محفوظ نه هئا. وقت بوقت اتان ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ ڪري لڳندڙ باهه جا پنيٽ نظر ايندا هئا، جن ۾ گهڻن ماڻهن جو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويندو هو، پر اهي وري نئين سِر اتي ئي پنهنجو اجهو اڏيندا هئا. هڪ ڊگهي عرصي تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. نيٺ حڪومت پاران انهن کي نئين ڪراچي وغيره واري پاسي متبادل گهر ۽ پلاٽ ڏيئي اتي منتقل ڪيو ويو ۽ جهوپڙن واري جاءِ خالي ڪرائي ويئي. خالي ڪرايل جاءِ جو هڪ حصو هڪ وڏو ڪمپائونڊ هو، جنهن کي ’پنجراپور‘ چيو ويندو هو. گهڻن ماڻهن پاران ڪوشش ڪئي ويئي ته ان پلاٽ تي قبضو ڪري ان کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي، پر علائقي جي نوجوانن جي هڪ گروپ، جنهن ۾ آئون به شامل هوس، پاران اختيارين آڏو اها تجويز رکي ويئي ته، هتي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نالي سان هال ۽ لائبريري قائم ڪئي وڃي، جنهن مان علائقي جا ماڻهو لاڀ حاصل ڪري سگهن. ان سلسلي ۾ مختلف لاڳاپيل ماڻهن سان ملاقاتن ڪانسواءِ اخبارن وغيره ذريعي مهم به هلائي ويئي. نيٺ ڪي ايم سي پاران ان ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو ويو ته هتي ان نالي سان هال قائم ڪيو ويندو. اهو هال ته قائم ٿي ويو، پر جيڪو مقصد هو، اهو حاصل نه ٿي سگهيو. لائبريري وغيره قائم نه ٿي سگهي ۽ اهو اڃا تائين هڪ شادي هال جي طور تي مقامي ماڻهن جي ڪم اچي ٿو.

## 12

# اسٽيٽ بينڪ جي گورنر اي جي اين قاضي ڪوٽا تي عمل ڪرايو ته سنڌين جو وڏو تعداد اسٽيٽ بينڪ ۾ اچي ويو!

جيتوڻيڪ منهنجي لکڻ وغيره جي سرگرميءَ ڪي ڏسندي هاڻي به گهڻا ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته، منهنجو واسطو صحافتي پيشي سان رهيو آهي، پر ائين ناهي. حقيقت ۾ ائين ڪٿي چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته ڪراچي يونيورسٽي مان تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ، شروعاتي ٻن ٽن سالن ڪي ڇڏي، منهنجي سڄي نوڪري اسٽيٽ بينڪ ۾ رهي. اسٽيٽ بينڪ ۾ شموليت ڪرڻ ڪان اڳ ۾ مون صنعتي ترقياتي بينڪ ۾ پڻ انٽرويو ڏنو هو، پر اتي ڏنل آڇ تي سهمت نه ٿي سگهڻ ڪري مون اها جوائن نه ڪئي هئي. اسٽيٽ بينڪ واري نوڪري اٽڪل پنجٽيهه سال هلي. هن وقت بينڪنگ جي شعبي ۾ ايندڙ نوجوانن، جيڪي هر وقت بهتر نوڪريءَ جي ڳولا ۾ هوندا آهن - ۽ ٿوري عرصي ڪان پوءِ ملڪ ۾ يا ملڪ ڪان ٻاهر: هڪ نوڪري ڇڏي ٻي جوائن ڪندا آهن، انهن لاءِ اها ڳالهه سمجهڻ ڏکي آهي، ان ڪري اسٽيٽ بينڪ جي اڳوڻي گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين بينڪ جي پراڻن ملازمن جي خدمتن ڪي ساراهڻ لاءِ ڪمٽمنٽ يا اداري سان وابستگي تي ايوارڊ ڏيڻ جو خيال پيش ڪيو هو، پر بينڪ مان هن جي هليو وڃڻ جي ڪري ان تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو. انهن مان گهڻن نوجوانن ڪي مون ڪي اهو ٻڌائڻو پوندو آهي ته، ان وقت بينڪنگ جو شعبو اڄ ڪان مختلف هو.

1974 ۾ ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ سڀيئي پاڪستاني بينڪون قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون هيون. اهڙي ريت خانگي شعبي ۾ ڪي بينڪون نه هيون ۽ پرڏيهي بينڪون به ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي هيون، جيڪي وڏن شهرن ۾ محدود پئماني تي پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون. ان سان گڏ صنعتن وغيره جي گهڻي ڀاڱي سرڪاري شعبي ۾ هئڻ ڪري بينڪن ۾ گهڻي چٽاڀيٽي نه هئي ۽ نه ئي ملازمن تي ڊپازٽ وغيره ڪٺي اچڻ ۽ سٺيا ڪلائنٽ وغيره هٿ ڪرڻ لاءِ ڪو دٻاءُ هو، ان ڪري هڪ بينڪ مان ٻي بينڪ ۾ وڃڻ لاءِ پگهار، مراعتن ۽ سهولتن وغيره جي لحاظ ڪان اهڙي ڪا خاص ڳالهه نه هئي ته، ماڻهو هرو ڀرو هڪ جاءِ ڪان ٻي جاءِ تي وڃي.

مون سنڌ حڪومت جي جنهن شعبي ۾ سال ڏيڍ نوڪري ڪئي هئي، اسٽيٽ بينڪ جو ماحول ان ڪان بلڪل ئي مختلف هو. اسٽيٽ بينڪ وفاقي حڪومت تحت هلندڙ ادارو هو، جڏهن ته سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن سنڌ حڪومت جو ادارو هو، ان ڪري ان شعبي ۾ چڱي خاصي تعداد ۾ سنڌي هئا - ۽ سنڌي هئڻ ڪا اوپرائپ واري ڳالهه نه هئي. جڏهن ته اسٽيٽ بينڪ ۾ ان وقت جنهن ڊپارٽمنٽ ۾ آئون آيس، اتي اڳ ۾ رڳو هڪ سنڌي آفيسر هو ۽ هڪ ٻيو آفيسر ڊيپوٽيشن تي سنڌ حڪومت جي پلاننگ کاتي ۾ هو، بلڪ پراڻا ماڻهو اهو ٻڌائيندا هئا ته، ڪنهن وقت ۾ سڄي بينڪ ۾ اهو

واحد سنڌي آفيسر هوندو هو، جنهن کي سنڌي هئڻ ڪري سنڌس نالي بدران ’سائين‘ جي نالي سان سڏجاتو ويندو هو.

جنهن وقت مون اسٽيٽ بينڪ جوائن ڪئي هئي، ان وقت وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي ۽ ضياءُ الحق جي مارشل لا جو دور هو. ڀٽي صاحب جي دور ۾ بينڪ ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ئي اچي سگھيو هو. ڪارڻ اهو هو تہ ڪوٽا، جنهن تي ايترو شور متل هو، ان تي بينڪ ۾ ڪو بہ عمل نہ ٿيو هو. اهو ان جي باوجود هو تہ، ان دور ۾ غلام اسحاق خان، جنهن کي هڪ بااصول ۽ قانون تي عمل ڪندڙ ڪامورو ڪري ليکيو ويندو هو، اهو بينڪ جو گورنر رهي چڪو هو. اها صورتحال 1978 ۾ اي جي اين قاضي جي گورنر ٿيڻ کان پوءِ ڪافي حد تائين بدلجي ويئي. ڳالھ اها نہ هئي تہ، قاضي سنڌي هئڻ ڪري هروڀرو سنڌين کي فائدي ڏيڻ جي ڳالھ ڪندو هو، پر سنڌس سڄو زور بينڪ کي قاعدن ۽ قانونن موجب هلائڻ هو. هو اٽڪل اٺ سال بينڪ جو گورنر رهيو، پر ان سڄي عرصي ۾ هن قاعدن قانونن اندر رهندي ئي ڪم ڪيو ۽ مٿس ڪنهن کي ناجائز طور تي فائدن پهچائڻ يا پنهنجي ۽ پنهنجن ويجهن عزيزن وغيره لاءِ فائدن حاصل ڪرڻ جهڙي ڪا ڳالھ نہ ٿي.

اي جي اين قاضي جي دور ۾ ڪنهن حد تائين ڪوٽا تي عمل ٿيڻ جي ڪري خاص طور هيٺئين سطح تي بينڪ ۾ سنڌين جو چڱو خاصو تعداد اچي ويو. ان کي ائين بہ ڏِسي سگھجي ٿو تہ، ان وقت جي سياسي صورتحال جي حوالي سان جڏهن سنڌين ۾: ڀٽي صاحب جي حڪومت جي ختم ٿيڻ ۽ ڪيس ڦاهي اچڻ جي ڪري هڪ بيچيني ۽ مايوسيءَ واري ڪيفيت هئي تہ، اها ڪوشش ڪئي ويئي تہ نوڪرين وغيره ڏيڻ جي وسيلي سنڌن ان محرومي واري ڪيفيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جيئن ان وقت سي ايس ايس وغيره جي اميدوارن کي بہ رعايتون ڏنيون ويون هيون. بهرحال ان سلسلي ۾ اداري جي سربراھ جو اهم ڪردار هوندو آهي، جيڪو رڳو موجود قاعدي قانون تي عمل ڪرڻ جي ڪري گهٽين ناانصافين ۽ بي قاعدگين کي ختم ڪري سگھيو پئي.

اسان جي گروپ ۾ ست اٺ ڄڻا سنڌي هئا، جن مان آئون ۽ هڪ ٻيو آفيسر بالترتيب: ڪراچي ۽ حيدرآباد جي شهري ڊوميسائل جي بنياد تي آيا هئاسين. اسان جي تقرري بينڪ جي ريسرچ ڊپارٽمنٽ ۾ ٿي هئي، جتي ملڪ جي مختلف يونيورسٽين جي معاشيات جي شعبي جي تازن فارغ ٿيل پوسٽ گريجوئيٽس کي ڀرتي ڪيو ويندو هو. پوءِ مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي تربيتي پروگرامن وسيلي سنڌن صلاحيتن کي وڌايو ويندو هو. جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ هوندا هئاسين تہ، ان وقت اِن ڊپارٽمنٽ جي: معاشي معاملن ۾ تحقيق وغيره جي لحاظ کان وڏو نالو ۽ هاڪ هوندي هئي. يونيورسٽي جا معاشيات جا شاگرد يونيورسٽي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ان شعبي ۾ تقرريءَ جا خواب ڏسندا هئا ۽ ان کي پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز ڪري ليکيو ويندو هو، پر اسان جڏهن ان ڊپارٽمنٽ کي جوائن ڪيو تہ، ان وقت بلڪل ئي مختلف ماحول هو. ڪارڻ اهو هو تہ

اهو سڄو ڪم گهٽ پاڳي بينڪ جي بنگالي آفيسرن جي ڪري هو. 1970 ۾ اوڀر بنگال جي ڏار ٿيڻ ڪانپوءِ بنگالي آفيسرن ۽ اسٽاف، جن جو تعداد پنهنجي آبادي جي تناسب جي حوالي سان طئي ٿيل ڪوٽا جي ڪري بينڪ جي ڪل اسٽاف جي اڌ ڪان وڌيڪ هو، جي بينڪ مان وڃڻ ڪانپوءِ بينڪ جڻ تہ خالي ٿي ويئي هئي، ان ڪري گهٽ ننڍن عهدن تي موجود ماڻهن لاءِ بہ، سندن لائق نہ هئڻ جي باوجود وڏن عهدن تي وڃڻ جا موقعا نڪري آيا هئا، جيڪي هونئن شايد نہ نڪري سگهن ها. اهڙي ريت ان جو جيتوڻيڪ ذاتي طور تي تہ ڪِن ماڻهن کي فائدو ٿيو، پر مجموعي طور تي ان جو خاص طور تي معاشي تحقيق وغيره جي معيار جي خراب ٿيڻ جي حوالي سان وڏو نقصان ٿيو. ڊپارٽمنٽ جي آفيسرن کي، ان وقت بہ مختلف ادارن جي سهڪار سان ڏيهہ ۽ پرڏيهہ ۾ پڙهائي ۽ تربيت وغيره لاءِ موڪليو ويندو هو، پر ڊپارٽمنٽ جي آفيسرن پاران نہ ڪي تحقيقي مقالا لکيا ويندا هئا ۽ نہ ئي ڪا اهڙي سرگرمي ٿيندي هئي، جنهن سان نون ايندڙن جو هڪ تحقيقي تنقيدي نڪتہ نظر جڙي سگهي، جيڪا مرڪزي بينڪ جي هڪ خاصيت رهي هئي.

بينڪ مان بنگالي آفيسرن جي وڃڻ ڪانپوءِ اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان جي حوالي سان ملازمن ۾ موجود ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءَ ختم ٿي ويو هو. هتي بلوچ آفيسرن جو تہ وجود ئي نہ هو، جڏهن تہ سنڌي ۽ پٺاڻ بہ اتي ۾ لوڻ جيترا بہ نہ هئا.

هاڻي اصل تضاد پنجابي ۽ مهاجر آفيسرشاهي جي وچ ۾ هو. ان وقت اهي سڀ ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون هيون ۽ نہ ئي خانداني پسمنظر جي حوالي سان ڪا ان قسم جي تربيت ٿيل هئي تہ، ڪهڙن ڪمن ۽ ڪهڙن آفيسرن جي پاسي هئڻ جي ڪري نوڪري ۾ فائدو ملي سگهي پيو. منهنجو خيال هو تہ پنهنجي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ئي اڳتي وڌي سگهجي ٿو، ان ڪري منهنجو سڄو زور پنهنجي ڪم تي هوندو هو، پر اڳتي هلي منهنجو اهو خيال غلط ثابت ٿيو.

ڪجهہ عرصي ۾ اها خبر پيئي تہ بينڪ جي گهڻن آفيسرن جو اهو اصول هو تہ، ڪم جي تہ اوهان کي بينڪ پاران پگهار تي ملي، پر جيڪڏهن سٺي ساليانی رپورٽ ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪرڻا آهن، تہ پوءِ ان لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪرڻو پوندو.

مطلب تہ پنهنجي آفيسر جي خوشامد ڪرڻ، سندس ذاتي ڪم ڪرڻ ۽ وڏي ڳالهہ تہ ان سياسي ۽ لساني گروپ سان واسطو هئڻ، جنهن سان ان آفيسر جو واسطو هجي، ضروري شرط هئا. مون ۾ اهي گڻ شروع کان ئي نہ هئا، ۽ جيڪي پوءِ بہ گهڻن آفيسرن جي اسرار جي باوجود نہ اچي سگهيا.

13

# اسٽيٽ بينڪ جي ٻن گورنرن: اي جي اين قاضي ۽ عشرت حسين جا دؤر

اي جي اين قاضي (آفتاب غلام نبي قاضي) صاحب اسٽيٽ بينڪ جو اهڙو گورنر هو، جيڪو اٽڪل اٺ سال ان عهدي تي رهيو. ان ڪي نہ رڳو سندس پيشي وراڻي قابليت، پر بينڪ جي هيٺين ملازمن ڪي فائدن پهچائڻ جي لحاظ کان پڻ اجا تائين سٺن لفظن ۾ ياد رکيو وڃي ٿو. مٿس ڪنهن بہ قسم جي اقربا پروري ۽ ڪنهن کي ڪنهن بہ بنياد تي ناجائز فائدي يا نقصان پهچائڻ جو الزام ڪڏهن بہ نہ لڳو. هن لاءِ چيو ويندو هو تہ، جڏهن هو واپڊا ۾ هو، تڏهن بہ اداري جي ملازمن سان سندس ساڳيو رويو هوندو هو. پگهار ۽ سالياني بونسن کان سواءِ هر ٻئي ٽئين مهيني ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ملازمن کي ڪو نہ ڪو فائدو حاصل ٿيندو رهندو هو. ان طريقي سان هن هڪ لحاظ کان جڻ يونين کي بي اثر ڪري ڇڏيو هو.

يونين جي اڳواڻن جو چوڻ هوندو هو تہ، قاضي صاحب کان اسان ڇا جي گهر ڪيون؟ اسان پنهنجيون جيڪي گهرون ڪٽي وٽس وڃون ٿا، هو ان کان اڳ ئي پنهنجو حساب ڪتاب ڪري انهن کان وڌيڪ ئي اسان کي ڏيڻ لاء تيار هوندو آهي. ڪنهن بہ شڪايت جي حوالي سان سندس اهو اصول هوندو هو تہ، جيڪڏهن اها قاعدن قانونن جي دائري ۾ آهي، تہ پوءِ ان جو ازالو ٿي ويندو هو ۽ هو اهو صاف طور تي شڪايت ڪندڙ کي اڳواٽ ئي چئي ڇڏيندو هو، ٻي صورت ۾ شڪايت ڪندڙ کي پاڻ کي شرمندگي ڪٽڻي پوندي هئي.

هڪ پراڻي آئي سي ايس آفيسر ۽ مرڪزي بينڪ جي گورنر هوندي ڪيس عام ملازمن سان ملڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ٿيندو هو. اسان جي ڊپارٽمنٽ پاران، پنهنجي ڪم جي حوالي سان، ڪانئس ڪجهہ وڌيڪ اسٽاف جي گهر ڪئي ويئي هئي. هڪ پيري آئون پنهنجي آفيسر سان ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ سندس ڪمري ۾ وينو هجان تہ اوچتو قاضي صاحب اچي اتي پهتو ۽ اسان سان گڏ ئي اتي ويهي ان آفيسر کان سيڪشن جي ڪم ۽ ان جي لاءِ گهربل اسٽاف جي ضرورت متعلق سڄو تفصيل ورتائين- ۽ ان تي پنهنجو رايو ڏيندي ضروري تبديليون ڪيائين.

هونئن تہ پاڪستان ۾ ڪوبہ دور سياسي بيچيني ۽ بحرانن کان خالي نہ رهيو آهي، پر اهو افغان جنگ ۽ ضياءَ الحق جي مارشل لا خلاف سياسي جدوجهد جي حوالي سان هڪ اهم دور هو. بينڪن ۽ صنعتن وغيره جي نجڪاري جو معاملو جيتوڻيڪ شروع ٿيو هو، پر اهو انهن ڪارڻن ۽ مختلف ادارن ۾ مضبوط ٽريڊ يونين هئڻ جي ڪري گهڻو اڳتي وڌي نہ سگهيو هو. اسٽيٽ بينڪ ۾ ئي يونين ۽ هيٺين اسٽاف جي مضبوط هئڻ جي حوالي سان مون کي هڪ واقعو ٿو ياد اچي.

اسان جي گروپ جي اچڻ جي ڪجهه عرصي ڪانپوءِ آفيسرن جو هڪ ٻيو گروپ به ڀرتي ٿي آيو هو، جنهن ۾ هڪ پٺاڻ آفيسر پڻ شامل هو. ان کي شايد اهو اندازو نه هو ته اسٽيٽ بينڪ جي آفيسري ۽ حڪومت جي آفيسريءَ ۾ وڏو فرق آهي.

بينڪ ۾ هڪ چوٽي عام هئي ته”هتي رڳو ٻه آفيسر آهن: هڪ گورنر ۽ ٻيو پٽيوالو.“ ان ڪري ڪانئن جيڪڏهن ڪو ڪم ونڻو هوندو هو ته اهو رعب تاب سان نه، پر هينائين ۽ نوڙت سان ونڻو پوندو هو. اڪثر پٽيوالا چانهه پاڻي ڏيڻ کان اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيندا هئا ته، اهو سندن ڪم ناهي ۽ سندن ڪم رڳو فائل کي هڪ ڊيسڪ کان ٻي ڊيسڪ تائين پهچائڻ آهي. ظاهر آهي ته ان جو ڪارڻ ڪين هڪ مضبوط يونين جي پٺڀرائي حاصل هئڻ وارو هو، جيڪا انتظاميا کان پنهنجيون ڳالهيون مڃائي سگهندي هئي ۽ پنهنجن ميمبرن کي خوش رکڻ لاءِ سندن جائز ۽ ناجائز گُهرن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. مون کي به ڪجهه عرصو سنڌ حڪومت ۾ رهندي پٽيوالن جي تابعداري جو اندازو هو، پر آئون ٿوري عرصي ۾ ئي ٻنهي جي ماحول جي فرق کي سمجهي ويو هوس. پر اسانجي ان آفيسر يونيورسٽيءَ مان نڪري شايد  پهريون پيرو ڪنهن دفتر ۾ پير پاتو هو. ان ڪري ڪيس اهو سڀڪجهه سمجهڻ لاءِ هڪ تلخ تجربي مان گذرڻو پيو.

ٿيو ائين ته ونس هڪ مهمان آيل هو، جنهن لاءِ چانهه آڻڻ لاءِ هن اتي موجود هڪ پٽيوالي کي چيو، جنهن مُنهن تي ئي ڪيس کُٽو جواب ڏيئي ڇڏيو. ظاهر ڳالهه آهي ته، هڪ نوجوان آفسر لاءِ، جنهن لاءِ مِٺن مائٽن ۽ دوستن يارن ۾ مشهور هجي ته، هو بينڪ ۾ هڪ وڏو آفسر آهي، اها ڪنهن ٻاهران آيل مهمان آڏو وڏي بيعزتيءَ جي ڳالهه هئي، ان ڪري پنهنجي بيعزتي محسوس ڪندي ۽ ڪاوڙ کي نه روڪي سگهندي، هن ان پٽيوالي کي هڪ زوردار چماٽ وهائي ڪڍي.

اسان سڀني اهو ڏٺو پئي، پر اسان کي اهو اندازو نه هو ته، ٿوري دير کان پوءِ ڇا ٿيڻ وارو آهي. ڪن پل ۾ پنجاهه سئو پٽيوالا پنهنجي يونين جي اڳواٽن سان گڏ اسان جي هال ۾ جمع ٿي ويا ۽ پوءِ ڪين جيڪي وات ۾ آيو ٿي، اهو سڀني وينلن آفيسرن کي گڏي پئي ٻڌايائون. ڪافي دير تائين اهو سلسلو هلندو رهيو، پر معاملو اتي ختم نه ٿيو. اهو آفيسر جيئن ته بينڪ جي نوڪريءَ ۾ اڃا پڪو نه ٿيو هو، ان ڪري يونين، گورنر کان گهر ڪئي ته، ان جي خلاف ڊسيپلنيري قدم کٽي سندس نوڪري ختم ڪئي وڃي. ائين ٿي به وڃي ها، پر ڊپارٽمنٽ جي ڊائريڪٽر جو پٺاڻ هئڻ، ان آفيسر جي ڪم اچي ويو. هن پٽيوالي، جيڪو پڻ پٺاڻ هو، کي گهرائي چيو ته ”جيڪڏهن تون پشاور بدلي ڪرائڻ چاهين ٿو ته، اهو ڪيس واپس وٺ.“ ان ڏي وٺ کان پوءِ اهو ڪيس واپس ورتو ويو. اهڙي ريت ان آفيسر جي جان ڇٽي ۽ گهٽن کي اسٽيٽ بينڪ جي آفيسري جي حيثيت جي خبر پئجي ويئي.

ممڪن آهي ته بينڪنگ جي صنعت، جيڪا ملڪ جي معيشت ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، ۾ ناپر ۽ ماٺ رکڻ لاءِ قاضي صاحب جي اڳواٽيءَ ۾ اها حڪمت

عملي ناهي ويئي هجي، پر ان شئي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته، پلي کهڙي به حڪمت عملي ۽ پاليسي اختيار ڪئي ويئي هجي، پر ان جي اڳواٽي ڪندڙ شخصيت جو اهم ڪردار هوندو آهي، ان ڪري مون کي ياد ناهي ته اي جي اين قاضي صاحب جي گورنر هوندي بينڪ ۾ ڪو احتجاج وغيره ٿيو هجي.

هڪ اهڙو شخص، جنهن کي عهدي ڇڏڻ وقت رڳو سرڪاري طور تي نه، پر بينڪ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي مختلف ايسوسيئيشنن ۽ يونين وغيره ساڳئي نموني سان آجياڻا ڏنا ۽ عزت ۽ مانُ ڏنو، جيڪو ٻين گهڻن کي نصيب نه ٿيو هو.

ڪجهه عرصي تائين مون اهو ئي تاثر ورتو ته، بينڪ ۾ سڀ ڪم ميرٽ جي بنياد تي ٿيندو آهي، پر وقت گذرڻ سان گڏ شين جي حقيقت ظاهر ٿيڻ شروع ٿي. حقيقت ۾ جيڪي مون ڏٺو آهي ته، ان ۾ اهڙي قسم جي ڇڪتاڻ اندر ئي اندر پيئي هلندي آهي ۽ مختلف گروپ ۽ فرد هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن، پر سندن ڪوشش هوندي آهي ته، ماڻهن کي انهن ڳالهين جي خبر نه پوي. پر اهو طريقو ڪجهه آفيسرن، خاص طور اسان جي سيڪشن جي سربراهه، جيڪو ميانوالي جو نيازي هو، پر پنهنجي پناڻ هئڻ جو ڏيکاءُ ڏيندو هو، ڪي شايد نه ايندو هو. اسان جو سپروائزر، جيڪو ڪاٺياواڙي ميمڻ هو، اهو خاص طور تي سندس نشاني تي هوندو هو. هو وري سندس قهر کان بچڻ لاءِ ڊپارٽمنٽ جي ڊائريڪٽر ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر، جيڪي ٻيئي اڙدو ڳالهائيندڙ هئا، ۾ پناهه ڳولهيندو هو، جيڪا ڳالهه نيازي صاحب لاءِ اجا چيڙائيندڙ هوندي هئي- ۽ هو وس هلندي ڊائريڪٽر جي بيعزتي ڪرڻ ۽ ان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان به نه مُڙندو هو.

ان مرحلي تي هو اجا هيٺ تائين نه پهتو هو. ان دوران ڊائريڪٽر ڊيپوٽيشن تي ڪنهن ٻئي اداري ۾ هليو ويو ۽ ان جي جاءِ تي آئي ايم ايف ۾ ڊيپوٽيشن کان واپس آيل هڪ آفيسر اشرف جنجوعه پنهنجي سينارٽي جي بنياد تي ڊپارٽمنٽ جو ڊائريڪٽر بڻجي ويو.

## تبديلين جو عمل:

اسٽيٽ بينڪ جي پاليسين ۾ جيتوڻيڪ ڊاڪٽر عشرت حسين جي اچڻ کان اڳ ئي تبديلين جي شروعات ٿي چڪي هئي، پر ان ۾ گهڻي تيزي نه هئي ۽ نه ئي اها گهڻي محسوس ٿئي پئي. عشرت حسين بنيادي طور تي سول سروس جو ماڻهو هو. مون جڏهن يونيورسٽيءَ مان نڪرڻ کان پوءِ سنڌ ريجنل پلان آرگنائزيشن کان پنهنجي نوڪري جي شروعات ڪئي هئي ته، هو ان وقت اتي ايڊوائزر طور ڪم ڪري رهيو هو. ان کان پوءِ هُو ورلڊ بينڪ ۾ ڊيپوٽيشن تي هليو ويو- ۽ پوءِ اسٽيٽ بينڪ جي گورنر طور پاڪستان موٽيو هو. هن اچڻ سان ئي ملازمن کي اهو ٻڌايو ته هو کهڙي نموني جي مرڪزي بينڪ چاهي ٿو.

سنڌس اچڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪو ٻاهريون ماڻهو ملڻ يا ڪنهن ڪم ڪار سان ايندو هو ته، بينڪ جي فرنيچر وغيره جي حالت ڏسي ان جو پهريون تاثر ئي ڏاڍو خراب هوندو هو. مون کي ياد آهي ته، منهنجي نوڪريءَ جي شروعات ۾ هڪ دوست مون سان ملڻ آيو هو ۽ وڃڻ مهل سنڌس اهو تبصرو هو ته، ”يار، هيءَ مرڪزي بينڪ آهي يا مختيارڪار جي آفيس آهي؟“ سنئين ڪرسي مهمان لاءِ ته نهيو، پر اسٽاف جي ويهڻ لاءِ به نه هوندي هئي. جيڪڏهين ڪو آفيسر ڪنهن ڪم ڪار ۽ حاجت پوري ڪرڻ جي خيال سان اُٿندو هو ته ڪيس اها پڪ نه هوندي هئي ته واپسيءَ تي سنڌس ڪرسي پنهنجي جاءِ تي هوندي يا نه. انڪري اڪثر ڪرسيون ميزن جي ٽنگن سان ٻڌل ملنديون هيون. فرنيچر ۾ مُنگهڻ ان ڪانسواءِ هوندا هئا. ان سان گڏ سڄو ڏينهن ڪرسين جي نڪا نڪ لڳي پيئي هوندي هئي. عشرت حسين ان ڳالهه تي پهرين توجهه ڏنو.

اسٽيٽ بينڪ جي ڏهه ماڙ عمارت جا هيٺيان به فلور ڪراچي لوڪل آفيس وٽ آهن، جتي ڪيش، پرائز بانڊ ۽ ٻيو لاڳاپيل ڪم ٿئي ٿو. ان جو انتظام ان آفيس جي چيف مينيجر جي ذمي هوندو آهي. باقي مٿيان فلور اسٽيٽ بينڪ جي مختلف شعبن جي استعمال ۾ آهن. ٽيون فلور، جتي گورنر ۽ ڊپٽي گورنر وغيره جا دفتر آهن، اهو هميشه هڪ سٺي حالت ۾ ئي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن تبديليءَ جي ضرورت نه هئي. چوٿين کان ڏهين فلور تائين واري سڄي اندروني بيهڪ کي تبديل ڪيو ويو. هڪ لحاظ کان بينڪ جڻ واقعي هڪ مرڪزي بينڪ جيان لڳڻ لڳي، جيڪو فرق ان ماڻهوءَ کي واضح طور محسوس ٿيندو، جيڪو عشرت حسين جي گورنر ٿيڻ کان اڳ بينڪ ۾ آيو هوندو ۽ سنڌس اچڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ آيو هوندو. ان سان گڏوگڏ هڪ ٻي وڏي تبديلي ڪمپيوٽر ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي (آءِ ٽي) جو وڏي پئماني تي ڦهلاءُ هو. ڪو دور هوندو هو جو، ڪنهن سڄي ڊپارٽمنٽ ۾ هڪ اڌ ڪمپيوٽر ڪو مس هوندو هو، ۽ ان جي ويجهو وڃڻ جي به هر ڪنهن کي اجازت نه هوندي هئي ته، متان خراب نه ٿي پوي. هاڻي ليپ ٽاپ ۽ ڊيسڪ ٽاپ عام ٿي ويا ۽ آفيسر ته ڇڏيو، هيٺئين اسٽاف مان به هر ڪنهن جي ميزتي ان جو پنهنجو ذاتي ڪمپيوٽر اچي ويو. بينڪ ۾ باقاعدي آئي ٽي جو ڊپارٽمنٽ کوليو ويو، جنهن لاءِ پروفيشنل ڀرتي ڪيا ويا. ان طرح سڄي بينڪ ۾ انٽرنيٽ وغيره جي سهولت کي عام ڪيو ويو.

عشرت حسين جي اچڻ کان اڳ ٽريننگ وغيره جو باقاعدي ڪو نظام موجود نه هو. چونڊيل ماڻهو ته ٻاهر: مختلف ٽريننگس وغيره تي ويندا رهندا هئا، پر ملڪ جي اندر اهڙو ڪو نظام موجود نه هو، جنهن ۾ تربيت وغيره جي عمل ذريعي بينڪ جي عملي کي دنيا ۾ ٿيندڙ معاشي ۽ مالياتي تبديلين سان هم آهنگ ڪري سگهجي. منهنجي پنهنجي پهرين ٽن هفتن جي ٽريننگ نوڪريءَ ۾ اچڻ جي ايڪويهه سالن کان پوءِ ٿي هئي. ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته اسٽيٽ بينڪ جو عملو ٽيڪنيڪي ۽ علمي اعتبار سان جديد دنيا سان هم آهنگ هجي ۽ ان سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلي، خاص طور تي نوجوان آفيسرن جون وڏي پئماني تي نيون ڀرتيون ڪيون ويون، پر

ساڳئي وقت هڪ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ بجاءِ پراڻن ملازمن کي زوري مختلف بهانن سان فارغ ڪرڻ جي، وڏي پئماني تي انهن جي تربيت جو بندوبست ڪيو ويو.

بينڪ جي ٽريننگ ڊپارٽمينٽ کي نئين سر ترتيب ڏني ويئي. مختلف پروفيشنلس کي ان مقصد لاءِ آندو ويو. هڪ پاسي اسلام آباد ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف بينڪنگ اينڊ فنانس( NIBAF )کي سرگرم ڪيو ويو، ته ٻئي پاسي ڪراچيءَ ۾ ان جو ڪيمپس قائم ڪيو ويو. اهي ادارا اسٽيٽ بينڪ جي اسٽاف ڪانسواءِ ٻين بينڪن ۽ مالياتي ادارن جي ملازمن جي تربيت جو ڪم پڻ ڪندا آهن. عشرت حسين جي ڇهن سالن جي دور ۾ مختلف حوالن سان جيڪي ٽريننگ پروگرام ٿيا، انهن ڄڻ ته سڄي اڳين پوئين ڪسر پوري ڪري ڇڏي. ان جي وجهه کان پوءِ معاملو آهستي آهستي وري پراڻي سطح تي اچي ويو. ساڳي ريت ان دور ۾ ئي بينڪ جي لائبريري ۾ سڌارا آندا ويا ۽ ان ۾ عام ماڻهن ۽ شاگردن لاءِ داخلا ۽ رڪنيت کي کوليو ويو ته، جيئن ان مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهجي. ساڳئي ريت وقت کان اڳ رضاڪارانه رٽائرمنٽ جون مختلف اسڪيمون پڻ متعارف ڪرايون ويون، جن تحت اهڙن ملازمن کي هڪ پرڪشش پيڪيج ڏنو ٿي ويو، پر ان سلسلي ۾ ڪا زور زبردستي نه هئي.

انهن مان گهڻا قدم اهڙا آهن، جيڪي بينڪ لاءِ خاص طور تي ڊگهي مدي ۾ فائديمند ثابت ٿيا آهن، ۽ جن مان ماڻهو هاڻي به فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، ته اينڊڙ گهڻي وقت تائين به فائدو حاصل ڪندا رهندا. ساڳئي وقت ڪجهه اهڙا ڪم به آهن، جن بينڪ ۾ هڪ غيريقينيءَ واري صورتحال ۽ ملازمن ۾ بيچيني کي جنم ڏنو هو. عشرت حسين جي هڪ ڳالهه اها به هئي ته، هُو پاڻ به پنهنجي پاليسين تي گهڻي عرصي تائين قائم نه رهي سگهندو هو ۽ انهن ۾ مرضيءَ موجب ٽڪڙيون تبديليون ڪندو رهندو هو. مقصد اهو هوندو هو ته پنهنجي پسند جي ماڻهن يا ماڻهن جي ڪنهن خاص حلقي کي فائدو پهچائجي. ان حوالي سان سندس لاڙو نون اينڊڙ ماڻهن ڏانهن هو. اهڙي ريت هڪ ته ماڻهن کي پنهنجي پروموشن ۽ انڪريمنٽ وغيره متعلق ڪا پڪ نه هوندي هئي. ٻي ڳالهه ته انهن پاليسين جي ڪري خاص طور تي نون ۽ پراڻن ملازمن جي پگهارن ۽ ٻين فائدن وغيره ۾ فرق ڏينهون ڏينهن وڌندو ويندو هو. هڪ لحاظ کان، اڻ سڌي ريت پراڻن ملازمن لاءِ اهو هڪ اشارو هو ته، هُو وقت کان اڳ بينڪ کان پئسا وٺن ۽ نوڪري ڇڏين.

پروموشن جي انٽرويو هلندي عشرت حسين هڪ همراه کي چيو هو ته، ”تون هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهين. رٽئرمنٽ ڇونه ٿو وٺين؟“ جنهن تي ان همراهه ڪيس نهه پهه جواب ڏنو ته، ”مون کان ته توهان عمر ۾ وڏا آهيو ۽ پوءِ جڏهن اوهان نوڪري ڪيو ٿا ته آئون ڇو رٽائر ٿيان؟“ اهڙي ريت انهن پاليسين جا اثر سندس وڃڻ کان پوءِ به جاري رهيا ۽ ماڻهو انهن کي ڀوڳيندا رهيا.

# 14
# سائو انقلاب ۽ زرعي قرض

بينڪن جي قرضن جي write off واري ڪم مان جان آجي ٿيڻ ڪان پوءِ مون کي زرعي ترقياتي بينڪ جي انسپيڪشن ڪندڙ ٽيم ۾ شامل ڪيو ويو هو. اها بينڪ عام ڪمرشيل بينڪن جيان ناهي، جنهن جو مقصد رڳو نفعو ڪمائڻ هجي. ان کي قائم ڪرڻ جو مقصد به اهو هو ته جيئن ته ڪمرشل بينڪن پاران قرضن وغيره جي معاملي ۾ زرعي شعبي کي غير منافع بخش ۽ وڏيڪ جوکم وارو سمجهي نظرانداز ڪيو ويو هو، ان گهٽتائيءَ کي ان بينڪ جي قائم ڪرڻ وسيلي پورو ڪري سگهجي ۽ ساڳي وقت آبادگارن کي سائي انقلاب جي نتيجي ۾ متعارف ٿيل نئين زرعي ٽيڪنالوجي وغيره کان پڻ واقف ڪرائي، ان جي تربيت وغيره ڏيئي سگهجي. ان حوالي سان اسٽيٽ بينڪ جي انسپيڪٽرن سان مسئلو اهو رهيو آهي ته، ڪين جيڪا تربيت ڏني وڃي ٿي، اها گهڻي ڀاڱي ڪمرشل بينڪن وغيره جي ڪم جي لحاظ کان هوندي آهي، جڏهن ته ملڪ ۾ جيڪي مالياتي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن، انهن ۾ جيتوڻيڪ گهڻائي ڪمرشل بينڪن جي آهي، پر گڏوگڏ ٻيا اهڙا ادارا به آهن، جن کي ٻين مختلف مقصدن لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. ان لحاظ کان انهن کي مختلف نموني سان ڏسڻ جي ضرورت آهي ۽ زرعي ترقياتي بينڪ انهن مان هڪ آهي.

موسمي حالتن وغيره تي دارومدار هئڻ جي ڪري زراعت جو شعبو هميشه غير يقيني صورتحال جو شڪار هوندو آهي، ان ڪارڻ ۽ ٻين مختلف سببن جي ڪري حڪومت وقت بوقت آبادگارن جي قرضن معاف ڪرڻ وغيره جا اعلان ڪندي رهندي آهي. ساڳئي وقت بينڪ جي ان نقصان جي پورائي لاءِ بجيٽ وغيره مان ان کي فنڊ وغيره ڏيندي رهندي آهي. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته بينڪ جي معاملن کي ان وقت جو گورنر عشرت حسين به ان ساڳي اک سان پيو ڏسي، جنهن سان ڏسڻ جي انسپيڪٽر کي تربيت ڏني ويئي هئي. سندس آڏو شايد اولهه جي زراعت جو نمونو هو ۽ هو شايد اهو چاهيندو هجي ته، بينڪ کي ان طرح سان ڪمرشل بنيادن تي پنهنجن پيرن تي بيهاريو وڃي. اسٽيٽ بينڪ هڪ لحاظ کان انهن ادارن جي سرپرست جو ڪردار ادا ڪندي آهي ۽ انهن جي مالي ۽ ٽيڪنيڪي معاملن ۾ مدد ڪندي رهندي آهي. ان مقصد لاءِ گورنر، بينڪ جي نئين سر اڏاوت يا ري اسٽرڪچرنگ جي نالي ۾ مختلف عالمي مالياتي ادارن وغيره سان ناه ڪيا ۽ اهو پڌرو ڪيو ته ڪجهه عرصي ۾ بينڪ جي نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو ويندو ۽ بينڪ جي هر برانچ ۾ ڪمپيوٽر ۽ تربيت يافته عملو هوندو.

ان عمل جي هلندي به سال آئون بينڪ جي انسپيڪشن جي عمل ۾ شامل رهيس، پر سواءِ بينڪ جي نالي جي انگريزي مان اڙدو ۾ تبديل ٿيڻ جي ٻي ڪا

خاصيتي تبديلي نہ اچي سگهي. آئون سمجهان ٿو تہ بينڪ پنهنجي مالي ۽ انتظامي معاملن جي حوالي سان اڄ بہ اتي ئي بيٺل آهي، جتي ان وقت بيٺل هئي. مک مسئلو اهو آهي تہ ان وٽ قرض لاءِ ضمانت زمين جي يا مستقبل ۾ ايندڙ پوک جي هوندي آهي. انهن شين کي نقد ۾ تبديل ڪرڻ جي حوالي سان صورتحال غيريقيني هوندي آهي. هونئن ڏنو وڃي تہ بينڪ وٽ ڪروڙين اربين روپين جي زمين گروي رکيل آهي، پر جڏهن ان کي وڪڻڻ يا نيلام وغيره ڪرڻ جو سوال اٿي ٿو تہ، زمين جي ملڪيت ۽ مالڪ جي سماجي ۽ سياسي حيثيت سميت گهڻا سوال ڪر کڻي بيهن ٿا. گهڻين صورتن ۾ تہ بينڪ جي عملدارن کي پنهنجي نوڪري، ايستائين جو پنهنجي جان بچائڻ بہ ڏکيو ٿي پوي ٿو. ان حوالي سان عدالتن ۾ جيڪي ڪيس هلندڙ آهن، انهن کي سال گذري ٿا وڃن، پر انهن جو ڪو نبيرو نہ ٿو ٿئي.

زرعي ترقياتي بينڪ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان جون شاخون اهڙن ڏورانهن علائقن ۾ بہ موجود آهن، جتي ٻيون بينڪون وڃڻ جو تصور بہ نٿيون ڪري سگهن. مون کي ان انسپيڪشن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن کي ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪراچي شهر ۾ ملير جا ڳوٺ ۽ ساموندي پٽي اهڙا ٻيٽ آهن، جيڪي نہ رڳو شهري سهولتن کان پري آهن، پر اتي ساڳئي نموني، پر ڪن صورتن ۾ ان کان بہ خراب نموني سان وڏيرن ۽ سردارن جو راڄ قائم آهي، جيئن سنڌ جي ٻين ٻهراڙين وارن علائقن ۾ آهي. بينڪ جون ڪجهہ شاخون ڪراچيءَ جي انهن علائقن ۾ بہ آهن. ابراهيم حيدري سان لڳ ساموندي پٽي جاموٽن ۽ جتن جي اثر هيٺ آهي. اهي ماڻهو مختلف وقتن تي ڪراچي شهر، سنڌ جي ٻين علائقن ۽ قومي سطح تي هتان جي ماڻهن جي نمائندگي ڪندا رهيا آهن، پر انهن علائقن ۾ نہ تہ تعليم جي مناسب سهولت آهي، نہ صحت جون سهولتون آهن ۽ نہ ئي مهاڻن کي روزگار ۽ سماجي لحاظ کان ڪي جوڳا تحفظ حاصل آهن. انهن ماڻهن کي ڪراچي جا پراڻا شهري چيو وڃي ٿو، جيڪا حيرت جهڙي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن کي شهرين جهڙي ڪا سهولت نہ ڏني ويئي آهي. هاڻي ڪراچي شهر انهن کي گهٽو پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي ويو آهي. اها ساڳي حالت گهڻي ڀاڱي ڪراچيءَ جي ٻهراڙي جي آهي.

زرعي قرضن جو تناسب سنڌ ۾ نهايت گهٽ آهي. ان جو مک ڪارڻ اهو آهي تہ هتي يا تہ ننڍيون ٻنيون آهن، جن کي آبادگار پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ڪيڙي ٿو، جنهن لاي ڪيس قرض جي ضرورت نہ ٿي پئي ۽ بينڪون انهن کي قرض لائق بہ نٿيون سمجهن يا تہ وڏيون زمينون آهن، جن جو وڏو حصو اڻ پوکيل ئي رهجي ويندو آهي ۽ زميندار جو هونئن ئي گذارو ٿي ويندو آهي. انهن ٻنين ۾ پوک جي حوالي سان زميندار جي دلچسپي نالي ماتر ئي هوندي آهي.

ان ڪري ڪجهہ عرصو سنڌ ۾ گذاري انسپيڪشن ٽيم پنجاب ڏانهن رخ ڪندي هئي. ان جي پيٽ ۾ خاص طور ڏکڻ پنجاب ۾ وچولي درجي جون ٻنيون آهن، جن مان آبادگار وڌ ۾ وڌ پيداوار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هتي ٻنيءَ جي ڪنهن

ٽڪري کي خالي ڇڏڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. هتان جي آبادگار کي وڏو فائدو اهو آهي تہ هتي سنڌ جي پيٽ ۾ نهري پاڻي وافر مقدار ۾ موجود آهي. ٻي ڳالهہ تہ مينهن بہ گهڻا پون ٿا. ان سلسلي ۾ بهاولپور جي ويجهو يزمان جو علائقو جڻ تہ هڪ مثال آهي. اهو درحقيقت ريگستان آهي، جتي زمين کي ناهي جوڙي نهري پاڻي وسيلي شاندار قسم جي پوک ڪئي وجي ٿي، جڏهن تہ ان جي آسپاس ريگستان پوري ريت نظر اچي ٿو.

هتي زرعي ٽيڪنالوجي، ٻج، ولايتي ڀاڻ ۽ مشنيري جو ڀرپور استعمال ٿئي ٿو، جنهن ڪري في ايڪڙ پيداوار سنڌ جي گهڻن علائقن کان وڌيڪ آهي. هڪ لحاظ کان اهو علائقو جڻ پنجاب جي زراعت جو مرڪز آهي. هتي صنعتون گهٽ آهن، جن جو گهڻو تعداد وچولي پنجاب ۾ ملي ٿو. انهن آبادگارن کي زرعي بينڪ کانسواءِ ٻيون بينڪون بہ قرض ڏيڻ لاءِ تيار هونديون آهن، ڇاڪاڻ تہ کين ان ڳالهہ جي پڪ هوندي آهي تہ انهن جو صحيح استعمال ٿيندو ۽ انهن جي واپسي بہ وقت تي ٿي ويندي. جيتوڻيڪ اهو سرائيڪي علائقو آهي، پر انهن ذڪر ڪيل آبادگارن ۾ انهن جو تعداد اتي ۾ لوڻ جيترو بہ ناهي. هتي وڏو تعداد انهن آبادگارن جو آهي، جيڪي ورهاڱي وقت لڏي اچي هتي رهيا هئا، جڏهن تہ وچولي ۽ اتر پنجاب جا بہ ڪجهہ ماڻهو ملندا، جيڪي لڏي اچي هت رهيا آهن.

مختلف ڊائريڪٽر ۽ انهن جا رويا

انسپيڪشن ۾ مون اٽڪل پندرنهن سالن جو عرصو گذاريو، جيڪو بينڪ جي ڪنهن بہ ٻئي شعبي ۾ منهنجي گذاريل عرصي کان وڌيڪ هو. ان عرصي ۾ مختلف ڊائريڪٽرن سان ڪم ڪرڻ جو مون کي موقعو مليو، جن مان شروعاتي ڊائريڪٽر ظفر حسنين، پراڻن ماڻهن مان هو، جيڪو منهنجي ڊپارٽمنٽ ۾ اچڻ کان ٿورو عرصو پوءِ ئي رٽائر ٿي ويو.

انهن پراڻن ماڻهن جا پنهنجا ئي واسطا ۽ حلقا هوندا هئا ۽ اهي ڪوشش ڪري انهن ماڻهن کي ئي فائدا ڏيندا هئا. ان وقت اها ئي اهم ڳالهہ هوندي هئي. ان جو اهم ڪارڻ اهو بہ هو تہ ان وقت ڊپارٽمنٽ ايڏو متحرڪ نہ هو ۽ نہ ئي ان ۾ نون ماڻهن جو ڪو وڏو تعداد هو. ان ۾ ڄڻ تہ تبديليءَ جو عمل اجا اچي رهيو هو. ان جي جاءِ تي وري هڪ پراڻي همراهہ: الطاف کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو ٿوري عرصي ۾ رٽائر ٿيڻ وارو هو، پر اهو تبديلي جي ڊبائن ۽ پنهنجي طبيعت جي خرابيءَ جي ڪري ان کان بہ اڳ رٽائرمنٽ وٺي هليو ويو. ان کان پوءِ قاضي عبدالمقتدر، جيڪو ان وقت بينڪنگ پاليسي جو ڊائريڪٽر هو، کي انسپيڪشن جي اضافي چارج ڏيئي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو، پر ٻُڌل خبرن موجب سندس معاملو شايد مئنيجمينٽ سان سٺي نموني هلي نہ سگهيو، ان ڪري ٿوري عرصي کان پوءِ ئي کيس ترقي ڏيئي اسلام آباد ۾ اسٽيٽ بينڪ جي ٽريننگ انسٽيٽيوٽ، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف بينڪنگ اينڊ فنانس (NIBAF) ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪري پاسيرو ڪيو ويو.

ان کان پوءِ ڊپارٽمنٽ جي هڪ آفيسر اظهر قريشي، جيڪو هڪ ڊگهي عرصي کان اتي ڪم ڪري رهيو هو ۽ ڊپارٽمنٽ جي اسٽاف ۽ ماحول کان چڱيءَ ريت واقف هوءِ کي ڊپارٽمنٽ جي چارج ڏني ويئي. ان سان، سندس ماتحت طور مون اڳ ۾ به ڪم ڪيو هو. بينڪ ۾ جيتوڻيڪ مون هڪ ڊگهو عرصو گذاريو، پر هن ماڻهوءَ جي طبيعت جي آفيسرن سان منهنجو واسطو گهٽ ئي پيو. هي بينڪ جي هڪ اڳوڻي ڊائريڪٽر جو پٽ هو ۽ شايد ڪجهه عرصو پاڻ بي سي سي آئي جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾، ان ۾ به ڪم ڪري چڪو هو. هڪ خوش لباس ماڻهو. سندن هڪ خاصيت اها به هئي ته، هُو پنهنجي هيٺئين اسٽاف سان هميشه نرم رويو رکندو هو، ساڻن مهذب نموني پيش ايندو هو ۽ انهن ڏانهن مثبت رويو رکندو هو. ساڳئي وقت هُو پنهنجي مٿين آفيسرن جي دٻاءَ ۾ نه ايندو هو ۽ پنهنجيءَ مرضي موجب ڪم ڪندو هو.

پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي نه هئڻ ڪري هيٺئين اسٽاف ۾ سندس عزت هوندي هئي، جڏهن ته مٿين سطح تي آفسر سندس رويي جي شڪايت ڪرڻ جي باوجود سندس عزت ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا هئا. سندس شخصيت جو هڪ اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته، سندس انسپيڪشن سان لاڳاپيل ڪينيڊا ۾ ٿيندڙ هڪ ٽريننگ ۾ نامينيشن ٿي هئي ۽ ان دوران ئي ڪيس ٻئي ڊپارٽمنٽ ۾ بدلي ڪري نيب ۾ ڊيپوٽيشن تي ويل اسٽيٽ بينڪ جي هڪ آفيسر عامر عزيز کي ڊپارٽمنٽ جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو. هن رضاڪاراڻا طور اهو چئي ان ٽريننگ تان هٿ ڪنيو ته، اها جيئن ته سندس نئين ڪم سان لاڳاپيل ناهي ۽ ان تي نئين ايندڙ ڊائريڪٽر جو ئي حق آهي، ان ڪري ان کي ئي ان ۾ وڃڻ گهرجي. اهڙي ريت نئون ڊائريڪٽر اچڻ سان بلڪ ائين چئجي ته جوائن ڪرڻ کان اڳ ئي ان ٽريننگ لاءِ ٻاهر هليو ويو. پوءِ مٿين سطح تي بينڪ ۾ جيڪي تبديليون آيون ۽ ماحول بدليو، اظهر قريشي ان سان پاڻ کي هم آهنگ نه ڪري سگهيو ۽ رٽائرمنٽ کان اڳ ئي موڪل وٺي هليو ويو.

عامر عزيز گهڻو عرصو ڊپارٽمنٽ جو ڊائريڪٽر رهيو. پوءِ ترقي ملڻ بعد به ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر طور ڊپارٽمنٽ سندس ماتحت رهيو، ان ڪري مون کي ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جو گهڻو عرصو موقعو مليو. هن جو پنهنجي اسٽاف ۽ آفيسرن سان هڪ سرگرم تعلق هوندو هو. وقت بوقت ڊپارٽمنٽ جي گڏجاڻين ڪوٺائڻ سان گڏوگڏ ڏينهن ۾ ڊپارٽمنٽ جا ٻه ٽي چڪر هڻندو هو ۽ ڪٿي به ڪنهن آفيسر سان ڪچهري ۾ ويهي رهندو هو. ائين ٻيا همراه به اتي سندس چوڌاري گڏ ٿي ويندا هئا ۽ ڪيس هڪ لحاظ کان چئو ته غير رسمي طور ڊپارٽمنٽ ۽ بينڪ ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هوندو هو، ان جي ڄاڻ ملي ويندي هئي. منهنجي خاموش طبيعت ۽ آفيسرن سان گهٽ اٿ ويهه جي ڪري شروع ۾ منهنجي متعلق سندس سٺو تاثر نه هو، پر وقت گذرڻ سان جيئن ساڻس تعلق وڌيو ۽ پنهنجن مختلف ڪمن کي مون وقت سر پورو ڪيو ته، مون ڏانهن سندس رويي ۾ پڻ تبديلي آئي.

اسٽيٽ بينڪ ۾ ان وقت ساليانو رپورٽ جو جيڪو نظام هو، ان ۾ ان کي مڪمل ڪرڻ کان اڳ سپروائيزر لاءِ ضروري هوندو هو ته ان تي لاڳاپيل ملازم سان ڳالهائي ۽ ان کي جيڪڏهن ان تي ڪي اعتراض آهن ۽ هو رپورٽ ڏيندڙ سان ڪن ڳالهين ۾ متفق ناهي ته، هو ان کي لکت ۾ پيش ڪري. رپورٽ ڏيڻ وقت معمول موجب عامر عزيز مون کي گهرايو ۽ مون کي چيائين ته، اوهان منهنجي توقعات کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي، اوهان ۾ گهڻي صلاحيت آهي ۽ اوهان ان کي مناسب طور استعمال ڪيو.

پنهنجي ترقيءَ کانپوءِ ڊپارٽمنٽ جي پنهنجي ماتحت هئڻ جي باوجود هن معمول جي ڪمن ۽ نئين ڊائريڪٽر جي معاملن ۾ گهٽو دخل ڏيڻ ڇڏي ڏنو هو. نئون ڊائريڪٽر عنايت حسين بينڪ جي پراڻن آفيسرن مان هو، جن کي ڊاڪٽر عشرت حسين جي دور ۾ وڏن آفسرن سان ويجهڙائي وغيره جي ڪري جوائنٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ پوءِ اهي ساڳي ريت ترقي ڪري ڊائريڪٽر جي عهدي تائين پهتا هئا. ان عهدي جي ماڻهوءَ ۾ جنهن توازن، ڌيرج ۽ پختگي وغيره جي ضرورت هوندي آهي، ان جي هن ۾ کوٽ محسوس ٿي ٿي. پر ٿوري ئي عرصي ۾ بينڪ ۾ مٿئين سطح تي چڱي هڪ وڏي تبديلي واقع ٿي. گورنر سليم رضا استعفيٰ ڏيئي ڇڏي، جنهن جي جاءِ تي ايڪٽنگ چارج ڊپٽي گورنر ياسين انور کي ڏني ويئي، جيڪو پوءِ باقاعدي گورنر مقرر ٿيو. ان وقت تائين ياسين جڻ سائيڊ لائين ٿيل هو ۽ بينڪ جي معاملن ۾ سندس گهٽو عمل دخل نه هو، پر سندس گورنر ٿيڻ سان پهرين وڏي تبديلي اها آئي ته قاضي عبد المقتدر کي نباف اسلام آباد مان بدلي ڪري بينڪنگ انسپيڪشن جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي عامر عزيز کي اسلام آباد بدلي ڪيو ويو. ان وقت تائين جيتوڻيڪ عامر عزيز کي انسپيڪشن مان بينڪنگ پاليسي ۾ بدلي ڪيو ويو هو، پر هن اسلام آباد وڃڻ کان اڳ انسپيڪشن جي آفيسرن جي هڪ گڏجاڻي ۾ کين چيو هو ته، هاڻي مٿن ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي ۽ کين مڙس ماڻهو ٿي ان کي مُنهن ڏيڻو آهي.

15

# هڪ رات ريگستان ۾

رحيم يار خان جي اهميت ان وقت وڌي جڏهن اهو نار جي عرب شيخن جي سڄي علائقي ۾ تلور جي شڪار جو هڪ مرڪز بڻجي ويو. هتي انهن پنهنجي رهڻ لاءِ محل ۽ هوائي اڏا وغيره نهرايا، جتي عام ماڻهوءَ جي پهچ ناممڪن آهي.

اسان جي ٽيم جي همراهن جو خيال هو ته شهر ۾ رهڻ دوران انهن شين کي ڏسجي، پر انهن کي رڳو پري کان ئي ڏسي سگهجي پيو. مختلف جاين تي خانگي ملڪيت جا بورڊ لڳل هئا ۽ اتي وڃڻ لاءِ منع ٿيل هئي. مقامي ماڻهن لاءِ به عربن جو، هتي شڪار لاءِ اچڻ وڃڻ سندن روزگار جو هڪ ذريعو آهي. تازو جڏهن عدالت پاران شڪار تي پابندي لڳائي ويئي هئي ته، علائقي جي ٻين مختلف شهرن جي ماڻهن سان گڏ هتان جي ماڻهن به احتجاج ڪندي حڪومت تي، اها پابندي ختم ڪرڻ لاء زور وڌو هو. انهن ئي علائقن مان اڳ ۾ ٻارن کي اُنن جي ڊوڙ لاءِ نار جي ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو، جنهن جو مک ڪارڻ انهن ماڻهن جي غربت ۽ مفلسي آهي.

ان شهر جي اهميت وڌڻ ۽ ضلعي هيڊڪوارٽر جي حيثيت اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ علائقي جي ٻين شهرن جي اهميت گهٽجي ويئي آهي. ان کان اڳ خانپور ڪٽوره، ضلعي هيڊ ڪوارٽر هوندو هو، پر اهو ان حيثيت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ وڏي زرعي مرڪز هئڻ جي باوجود گهٽو پوئتي پئجي ويو آهي. خانپور ۾ اسان ماڻهن کان پڇا ڪئي ته، ”شهر جي نالي سان گڏ ’ڪٽوره‘ ڪيئن شامل ٿيو؟“ ته سندن چوڻ هو ته، ”هتي اڳ نهندڙ ڪٽورن جي ڪري شهر مشهور هو، جنهن جي ڪري اهو جڻ ان جي نالي جو حصو بڻجي ويو.“

هتي زرعي بينڪ جي برانچ جو مئنيجر جيڪب آباد جو هڪ سرڪي هو. برانچ جي بيهڪ به هڪ ڪشادي، ڪُليل ڳوٺاڻي گهر جهڙي هئي. اهڙين گهٽين برانچن ۾ غير مقامي اسٽاف جي رهائش وغيره جو به بندوبست هوندو آهي. اها ساڳي ڳالهه سامارو برانچ ۾ به نظر آئي هئي. خانپور ۽ ان جي پرپاسي وارو شهر لياقت پور وڏا زرعي مرڪز ۽ منڊيون آهن، پر هتي مناسب رهائشي هوٽلن جهڙيون شهري سهولتون موجود ناهن، جنهن ڪري ٻاهران ايندڙ ماڻهن کي ڪنهن ريسٽ هائوس وغيره ۾ ئي اهڙو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي يا صبح شام ڏکهو سفر ڪري ڪم واري جاءِ تي پهچڻو پوندو آهي.

لياقت پور ۾ برانچ جي هڪ آفيسر هفتي جي آخري ڏينهن تي اسان کي چيو ته،”اوهان کي ريگستان ۾ دراوڙ قلعو گهمايون ٿا.“ ٻئي ڏينهن موڪل هئڻ ڪري ڪم جو ڪو اونو نه هو ۽ ٻيو اهو به شوق هو ته انهن شين کي ڏسي ونجي وري الائي اهڙو موقعو ملي يا نه. ان همراهه جيپ جو به بندوبست ڪيو هو. اهو قلعو لياقت پور کان

ڪافي اڳتي ريگستان جي اندر آهي، جنهن ڪري اسان کي ريگستان کي ٻه ڏسڻ جو موقعو مليو. هتي ريگستان جي وچ ۾ مختلف جاين تي پڪين سرن جي فرش جا ٽڪرا نظر آيا، جنهن مان لڳو ٿي ته هتي شايد ڪنهن دور ۾ آبادي هوندي. ٿر ۽ اچڙو ٿر هوندئن ئي دنيا جي ڪجهه آباد صحرائن ۾ ڳڻيا ويندا آهن، جتي مينهن پوڻ تي مختلف پوکون ٿينديون آهن ۽ ماڻهو جانور پاليندا آهن. پاڪستان جي پيڪٽ واري ڪير جون گهٽيون ڪمپنيون اچڙي ٿر مان ڪير گڏ ڪنديون آهن. هتي پاڻيءَ جي کوٽ آهي، پرڪير ايڏي گهٽي مقدار ۾ هوندو آهي، جو گهٽين حالتن ۾ اهو هتان جي ماڻهن جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو ٻه پورائو ڪندو آهي، پر مون کي گهٽ ۾ گهٽ دراوڙ قلعي ڏانهن ويندڙ ريگستان جو اهو حصو آباد نظر نه آيو. نه گهٽي ساوڪ هئي ۽ نه ئي گهرن جا ڪي اهڙا آثار نظر آيا، جن مان پتو پوي ته ماڻهو انهن کي عارضي طور ڇڏي ويا آهن ۽ وري اچي انهن کي آباد ڪندا.

بهرحال ڪجهه ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اسان دراوڙ جي قلعي وٽ پهتاسين، جتي قلعي کان ٻاهر لڳل خيمي ۾ اسان کي رات گذارڻي هئي. نائين صديءَ ۾ ٺهيل اهو قلعو جيتوڻيڪ يونيسڪو جي قديم آثارن واري فهرست ۾ شامل آهي، پر اهو اڃا عباسين جي ملڪيت ئي سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ اجازت کان سواءِ اندر نه ٿو وڃي سگهجي. اسان وٽ جيئن ته اهڙو ڪو اجازت نامو نه هو، ان ڪري رڳو ٻاهران وڏي دروازي کي لڳل هڪ وڏي تالي کي ڏسي اچي پنهنجي خيمي ۾ ويناسين. قلعي جي ڏيک ويک ۽ مرمت تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته ان ۾ ٽوڙ ڦوڙ جو عمل جاري آهي ۽ جيڪڏهين ان جي سار سنڀال تي تڪڙو ڌيان نه ڏنو ويو ته اهو اچي پَٽِ پوندو.

اسان مان ڪجهه همراهن کي شڪار جو شوق هجي. کين اهو ٻڌايو ويو ته، ’هن سڄي علائقي ۾ سخت چوڪسي هوندي آهي ۽ شيخن جي محافظن جي سڄي علائقي تي نظر هوندي آهي. ڪنهن ٻه اوپري ماڻهوءَ کي خاص طور تي شڪار جي مقصد لاءِ انهن علائقن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي هوندي. ۽ جيڪڏهن ڪير اهڙي همت ڪندو آهي ته ان کي سختي سان منهن ڏنو ويندو آهي. هڪ لحاظ کان اهو علائقو ڄڻ ته عرب شيخن ۽ سندن ملازمن جي ضابطي هيٺ آهي.‘ پر اسان وارا همراهه ڪنهن ٻه ريت مڙڻ لاءِ تيار نه هئا. نيٺ ميزبانن پاران کين چيو ويو ته، اوهان ماني کائي في الحال ننڊ ڪيو. پاڻ اڌ رات گذرڻ کان پوءِ اٽڪل ٻي ٽين وڳي شڪار لاءِ روانا ٿينداسين. انهن همراهن کي الائي ننڊ آئي ٻه يا نه، بهرحال اهي پنهنجي مقرر وقت تي روانا ٿي ويا. کين مختلف تدبيرون ٻڌايون ويون، ته جيئن محافظ هوشيار نه ٿين ۽ کين ڪا ڏکيائي نه ٿئي. ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ اهي همراهه جيئن ويا هئا، ائين ئي موٽي آيا. لڳو ٿي ته رڳو اونداهيءَ ۾ ئي ٽاڦوڙا هنيائون ۽ محافظن جي ڊپ کين گهٽو پري وڃڻ نه ڏنو.

ٻئي ڏينهن صبح جو واپسيءَ لاءِ سنبرياسين، پر اسان وارو همراهہ جيڪو رات شڪار تان نراس ٿي موٽيو هو، ان جي مٿي ۾ چڙ اچا تائين تلور ئي سوار هو. سندس اصرار تي گاڏي، جيڪا سنئين سڌي رستي تي هلي رهي هئي، ان کي ريگستان جي اندر موڙيو ويو ۽ تلور جي موجودگيءَ جي نشانن جي ڳولا ٿيڻ لڳي. ان معاملي ۾ ڪا گهڻي ڄاڻ اسان مان ڪنهن کي بہ نہ هئي. تلور تہ ڇا ملڻو هو، پر اسان ريگستان ۾ واٽ وڃائي ويناسين. مٿان وري اهو ٿيو تہ گاڏي جي گيئر خراب ٿي پئي. هاڻي ان ماڳيئي هلڻ کان ئي جواب ڏيئي ڇڏيو. اسان مُنجهي پياسين. انهن ڏينهن ۾ موبائل فون وغيره ايڏو عام نہ ٿيا هئا. ڪنهن سان رابطي جو ڪو ذريعو نہ هو.

پوءِ مڙيئي جڳاڙ سان پهرين گاڏي کي ڪنهن ريت هلائڻ جي ڪوشش ڪئي سين. ۽ جنهن همراه کي تلور جي شڪار جو شوق هو، تنهن ڪٿان رسيءَ جو ٽڪڙو هٿ ڪري، ان کي گيئر سان ٻڌي، پاڻ بونيٽ تي چڙهي ان کي جهلي ويهي رهيو. گاڏي هلي پيئي ۽ پوءِ اندازي تي صحيح دڳ تي بہ اچي وياسين. پر پنڌ اجا گهڻو هو ۽ اها خبر نہ هئي تہ گاڏي ڪيڏي مهل جواب ڏيئي ڇڏي. هو همراه رسيءَ کي لاڳيتو جهلي وينو رهيو. جڏهن گاڏي لياقت پور شهر جي حدن ۾ داخل ٿي تہ، اسان شڪر ڪيو. جيتوڻيڪ اتي گهڻيءَ ۾ ڪيڏنڌڙ ٻار اسان جي دوست کي گاڏيءَ جي بونيٽ تي رسي جهلي وينل ڏسي ٺٺوليون ڪري رهيا هئا، پر اسان شڪر ٿي ڪيو تہ خيريت سان ڪنهن حادثي ۽ رڻ ۾ رلڻ کان سواءِ پنهنجي منزل تي پهچي ويا هئاسين.

16
# ڪڏهن ڪراچي ائين به هوندو هو!

سجي دنيا جيان پاڪستان ۾ شهري آباديءَ جي تناسب ۾ واڌارو ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهو واڌارو ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. هن وقت صوبي جي اٽڪل اڌ آبادي شهرن ۾ رهي ٿي. ان واڌاري جو اهم ڪارڻ ڪراچيءَ جي آبادي ۾ ٿيندڙ واڌارو آهي، جيڪو شهر جي خراب حالتن جي باوجود به لاڳيتو جاري رهيو آهي. آرڪيٽيڪٽ ۽ ڪراچيءَ جي شهري معاملن جي ماهر عارف حسن اها اڳڪٿي ڪئي هئي ته، 'لاهور ۽ ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ آباديءَ ۾ ايندڙ واڌ جي ڪري ساڳيا: پاڻي، بجلي، ٽرانسپورٽ ۽ زمينن وغيره تي قبضي جهڙا مسئلا پيدا ٿيندا.' پر ڪراچي ملڪ جي ٻين شهرن کان ان لحاظ کان مختلف آهي ته هتي شهري مسئلن کان وڌيڪ شهر جي ملڪيت ۽ ان تي قبضي جو سوال آهي. اهو سوال جيتوڻيڪ پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي موجود آهي، پر وقت گذرڻ سان گڏ ان جي شدت ۾ واڌارو ايندو رهيو آهي. ڪجهه وقت اڳ شهر جڻ ته گهرو ويڙهه جي ور چڙهي ويو هو.

گهڻي پراڻي ڳالهه ته ناهي. جيڪڏهن رڳو چاليهه پنجيتاليهه سال پوئتي وڃجي ته اڄ جي صورتحال ڏسندي ڪنهن کي به شايد يقين نه اچي ته، ٻين مهذب ملڪن جيان ڪراچيءَ ۾ به بسون پنهنجي اسٽاپ تي بيهنديون هيون ۽ انهن ۾ سوار ٿيڻ لاءِ ماڻهو قطار ناهيندا هئا. ساڳيءَ ريت شهر جي اعليٰ تعليم جي ادارن ۾ جيڪڏهن سياست هوندي هئي ته ان جو هڪ مقصد شاگردن جي مسئلن کي حل ڪرائڻ ۽ ٻيو ته اها نظرياتي بنيادن تي هوندي هئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڇهن سالن واري منهنجي تعليمي عرصي دوران ان ڳالهه جا مون کي ڪِٿا ثبوت مليا. ان وقت ڪراچيءَ ۾ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (اين ايس ايف) ۽ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ڊي ايس ايف) وغيره جو زور ٽُٽي چڪو هو ۽ حڪمرانن جي پٺڀرائيءَ جي ڪري جماعت اسلامي جي ذيلي تنظيم اسلامي جمعيت طلبا جو يونيورسٽيءَ تي راڄ هو. شاگرد يونين جي چونڊن وقت جمعيت مخالف قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمون گڏ ٿي وينديون هيون، پر سندن لاءِ جمعيت کي شڪست ڏيڻ ڏکيو هوندو هو. انهن چونڊن ۾ نظرياتي لحاظ کان لاڳاپيل شاگردن کي ڇڏي اٽڪل ڏرين شاگردن جو وڏو ڪردار هوندو هو، جيڪي شاگرد تنظيمن جي ڪارڪردگي ۽ انهن جي اڳواڻن جي ڪردار تي ڪرڙي نظر رکندا هئا. ان جو اندازو مون کي يونيورسٽي ڇڏڻ کان هڪ سال اڳ ٿيو، جڏهن شفيع نقي جامعي جمعيت پاران يونين جو صدر هو، جنهن جي هڪ سٺي مقرر ۽ هڪ هوشيار شاگرد جي شهرت ۽ مقبوليت مان فائدو وٺندي جمعيت پاران ٽنڊر اسڪواڊ قائم ڪيا ويا، جيڪي جاءِ جاءِ تي ڇاپا هڻي گڏ ويٺل جوڙن کي هراسان ڪندا رهندا هئا، جيئن هن وقت جمعيت پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ ڪري رهي آهي، پر شاگردن اهو

سيڪجهه گهڻو عرصو هلڻ نه ڏنو ۽ ايندڙ چونڊن ۾ جمعيت کي ان جا نتيجا ڀوڳڻا پيا، جڏهن پروگريسو الائنس جو سردار رحيم غير متوقع طور يونين جو صدر چونڊجي ويو.

ان وقت جيتوڻيڪ سياسي طور تي سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ ڇڪتاڻ نظر ايندي هئي، پر اها عام شاگردن ۾ گهٽ نظر ايندي هئي. ان وقت يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمنٽ غير سنڌين کي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ ڪلاس شروع ڪيا هئا، جن ۾ شاگردن جو هڪ وڏو تعداد شريڪ ٿيندو هو.

يونيورسٽيءَ وڃڻ ۽ اتان موٽڻ جي حوالي سان نه ته مائٽن ۽ نه ئي شاگردن کي ڪو اونو هوندو هو ۽ نه ئي مائٽ ڪين اهڙي ڪا تاڪيد ڪندا هئا. ڏينهن جو ٻارهين ڪان شام تائين شهر جي سڀني علائقن ڏانهن هر ڪلاڪ ڪانپوءِ ايس آر ٽي سي ۽ ڪي ٽي سي جي يونيورسٽي لاءِ مخصوص ڪيل بسن جا پوائنٽ هلندا هئا. انڪري ڪڏهن ڪنهن دوست سان گڏجي ناظم آباد، ته ڪڏهن طارق روڊ ۽ ڪڏهن ڪيڏانهن ته ڪڏهن ڪيڏانهن هليو وڃبو هو. هڪ ڀيري نيشنل اسٽيڊيم ۾ پاڪستان ۽ نيوزي لينڊ جي ٽيسٽ ميچ ٿي رهي هئي. اسٽيڊيم، جيئن هن وقت قلعي جيان ٺهيل آهي، ان وقت ائين نه هو.

ننڍيون ديوارون هيون ۽ ٻاهر جتي هاڻي فليٽن جو جهنگ آهي، اُتي ننڍيون ٽڪريون هونديون هيون. انهن ٽڪرين تان اسٽيڊيم جي اندر جي سڄي وارتا کي صاف طور ڏسي سگهبو هو. يونيورسٽيءَ کان موٽندي هڪ دوست سان پروگرام ٺهيو ته ٻاهران ٽڪريءَ تي ويهي ميچ ٿا ڏسون. اها ميچ منهنجي لاء ان ڪري به يادگار بڻجي ويئي جو ان ۾ ماجد خان پهرئين سيشن ۾ پنهنجي سينچري مڪمل ڪئي هئي.

اها ڳالهه پڻ حيرت جهڙي هئي ته ڪراچي، جتي سنڌ اسمبلي جي سنڌي ٻولي جي بل منظور ڪرڻ خلاف وڏا فساد ٿيا هئا، اتي ڪجهه ئي عرصي ڪان پوءِ حالتون جڻ معمول تي اچي ويون هيون. سنڌين جو هڪ وڏو تعداد ۽ اسان جا گهڻا دوست لالوکيت، ناظم آباد، فيڊرل بي ۽ سي ايريا ۾، اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ ڪنهن ڊپ ڊاءَ ڪانسواءِ رهندا هئا ۽ اتي ڏينهن رات جي چوويهه ڪلاڪن ۾ اچڻ وڃڻ ۾ ڪو به مسئلو نه هوندو هو. اها ڳالهه ان ڪري آئون ايتري يقين سان ڪيان ٿو جو انهن علائقن ۾ مختلف سياسي ۽ ادبي گڏجاڻين ۽ دوستن سان ملاقاتن جي سلسلي ۾ منهنجو اڪثر وڃڻ ٿيندو رهندو هو. ان وقت فقير محمد لاشاري، حاجي مريد ڳوٺ ۾ رهندو هو، جيڏانهن وڃڻ لاءِ لالو کيت جي ڊاڪ خاني واري اسٽاپ تان وڃڻو پوندو هو، پر ڪڏهن اتي رهندي نه ته فقير کي ڪنهن ڏکيائيءَ کي منهن ڏيڻو پيو ۽ نه ئي ساڻس ملڻ لاءِ ويندڙ دوستن کي ڪا مشڪل پيش آئي.

مختلف علائقن مان لڏ پلاڻ جو عمل، جنهن کي ڪجهه دوست يوگوسلاويا جي صورتحال کان متاثر ٿي ethnic cleansing جو نالو به ڏيندا هئا، 1980ع جي ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي زور ونڻ کان پوءِ شروع ٿيو ۽ شهر جا گهڻا علائقا

ٻاهرين ماڻهن لاءِ نو گو ايريا بڻجي ويا - ۽ انهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو اتي قيدي بڻجي ويا.

ساڳئي ريت لياري ته جڻ رات جو جاڳندو هو. علائقي جون هوٽلون ۽ فٽ پاٿون ماڻهن سان آباد ٿي ويندون هيون. منهنجو به اهو معمول هوندو هو ته رات جو ماني کائڻ ڪانپوءِ ڪڏهن سنگولين ۾ آزاد بلوچ جي گهر، ته ڪڏهن لالا لعل بخش رند وٽ هليو ويندو هوس، جتي مختلف دوست گڏ ٿيندا هئا ۽ مختلف مسئلن تي ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ هرڪو پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ٿيندو هو. ان بعد جيڪا صورتحال پيدا ٿي، ان ۾ اهڙي ڳالهه جو تصور ئي نه پيو ڪري سگهجي.

لياريءَ جا اهي علائقا جڻ ته نو گو ايريا بڻجي ويا هئا. لياريءَ جو مسئلو نسل ۽ ٻوليءَ کان وڌيڪ امن امان جو آهي - ۽ هتي جيڪي مختلف گينگ ڪم ڪري رهيا هئا، انهن ۾ به رڳو بلوچ نه، پر سيئي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو شامل هئا.

اهڙي ريت اهي پنهنجي شڪار جي معاملي ۾ به اها تميز نه ڪندا هئا ته ان جو واسطو ڪهڙي ٻولي، ڪهڙي علائقي يا ڪهڙي نسل سان آهي؟

ان وقت شهر ۾ برٽش ڪائونسل، گوئٽي انسٽيٽيوٽ، آمريڪن ڪلچرل سينٽر ۽ فرينڊشپ هائوس جون لائبريريون شاگردن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن لاءِ خاص ڌيان جو مرڪز هونديون هيون. انهن ۾ خاص طور فريئر هال جي سامهون آمريڪن ڪائونسل جي لائبريري پنهنجي ماحول ۽ بلڪل تازي مواد جي ڪري منهنجي لاءِ يونيورسٽيءَ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ۽ نوڪريءَ دوران به وقت گذارڻ ۽ پاڻ کي اپ ڊيٽ رکڻ جو هڪ بهترين ذريعو هوندي هئي. انهن سيني لائبريرين جي رڪنيت آساني سان ملي ويندي هئي. هونئن به اتي ٻين لاءِ به داخلا ايڏي ڏکي نه هوندي هئي. شهر جي حالتن ۽ ملڪ ۾ دهشت گرديءَ جي صورتحال جي ڪري شهر جي ذهنن جي پرورش ڪندڙ اهي سڀ ذريعا هاڻي ختم ٿي ويا آهن. لڳي ٿو ته اهو سڀ ڄڻ موجود ئي نه هو.

شهر جو ماحول ماڻهوءَ کي هڪ خول ۾ بند رهڻ ۽ پوءِ ان جي سوراخ مان سڄي دنيا کي ڏسڻ ۽ ان جي بنياد تي پنهنجو نڪته نظر ناهڻ جي اجازت نه ڏيندو هو. جيڪڏهن اوهان جو ڪنهن هڪ سياسي يا ادبي تنظيم سان واسطو آهي ته، ان جو بلڪل اهو مطلب نه هوندو هو ته، اوهان اٺ پڪي وانگر واريءَ ۾ مُنهن لڪائي پاڻ کي ئي سڀڪجهه سمجهي ٻين سيني کان ڪنجي ڏار ٿي ٻيهي رهو. جيڪڏهن منهنجو ان وقت سنڌي عوامي تحريڪ سان واسطو هو ته، ساڳئي وقت نوجوان محاذ، ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين جماعتن جي دوستن سان به منهنجا لاڳاپا هوندا هئا. جيتوڻيڪ لالا لعل بخش رند، فصيح سالار، امام علي نازش، جمال نقوي ۽ جام ساقي وغيره سان تنظيمي طور تي منهنجو ڪو لاڳاپو نه هو، پر انهن سان ملاقات ۽ ڪچهري ڪرڻ ۽ انهن جي تجربن مان لاڀ حاصل ڪرڻ ۾ مون ڪي ڪابه هٻڪ محسوس نه ٿيندي هئي.

ساڳي ريت آئون جيڪڏهن سنڌي ادبي سنگت جو ڪارڪن هئس ته ان جو اهو مطلب نه هو ته منهنجو عوامي ادبي انجمن يا انجمن ترقي پسند مصنفين سان ڪو

واسطو نہ هجي. منهنجي نظر ۾ اهي سڀ شيون سماج کي اڳتي وٺي وڃڻ جي عمل جو حصو هيون ۽ انهن هڪ ٻئي جي نفي ڪرڻ بدران هڪٻئي کي اجا مضبوط تي ڪيو. آئون ارتقا فورم قائم ڪرڻ وارن بنيادي ميمبرن ۾ شامل هوس، جنهن جو مقصد اهو هو تہ ملڪ ۽ خاص طور تي شهر ۾ ترقي پسند سوچ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪجي. اهو فورم ۽ ان پاران نڪرندڙ رسالو ’ارتقا‘ اجا تائين پنهنجو ڪم جاري رکندا اچن پيا.

هونئن تہ هن وقت شهر ۾ وڏن نالن وارا گهٽا ادبي ۽ ثقافتي پروگرام ٿين ٿا، پر عوامي سطح تي مختلف تنظيمن ۽ فورمن وسيلي ماڻهن جي گڏجڻ جو جيڪو عمل اڳ هوندو هو، اهو هاڻي نہ هئڻ برابر وڃي رهيو آهي. هونئن تہ شهر وڌي ۽ ڦهلجي رهيو آهي، پر ماڻهو ڄڻ تہ جسماني ۽ روحاني طور محدود ٿي ويو آهي. ڪجهہ وقت اڳ تہ ڪانئس هلڻ چلڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ پنهنجي راءِ جو آزاديءَ سان اظهار ڪرڻ جا حق ڄڻ کسجي ويا هئا. جمهوري عمل، جيڪو شهر جي ڪلچر جو هڪ لازمي حصو هو، اهو بہ ڄڻ ماضي جي ڳالهہ بڻجي ويو هو. ٿورن لفظن ۾ چئجي تہ ڪراچيءَ کان ڄڻ تہ ان جو روح کسجي ويو هو.

17
# سنڌي ادبي سنگت ۽ مان

ون يونٽ جي ٽُٽڻ تائين سنڌي ادبي سنگت ڪي ترقي پسند اديبن جو گڏيل پليٽ فارم ڪري ليکيو ويندو هو، بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن سنڌ هاري ڪاميٽي کي اهڙو پليٽ فارم سمجهيو ويندو هو، جيڪو سڀني هارين جي گڏيل حقن لاءِ جدوجهد ڪندو هو. اهي پيشيوراڻا تنظيمون هيون، جن تي نه ڪنهن هڪ پارٽيءَ جي دعويٰ هئي ۽ نه ئي ڪنهن انهن کي پنهنجو ڪليل پليٽ فارم ڪري ليکيو ٿي، نه انهن کي پنهنجي پارٽيءَ جي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو ٿي. ڇا ائين ڇئي سگهجي ٿو ته، ان جو ڪارڻ اهو هو ته ان وقت سياسي جماعتن جي حوالي سان سنڌ سطح جي سياست موجود نه هئي ۽ سنڌي قوم پرست ۽ ڪابي ڌر جا اڳواڻ پاڪستان سطح جي سياسي جماعتن جو حصو هئا، جنهن ڪري سنڌن انهن جماعتن جي سرگرمين ۾ ڪا خاص دلچسپي نه هئي.

بعد ۾ ون يونٽ جي ٽُٽڻ ۽ خاص طور تي اوڀر بنگال جي ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ پاڪستان سطح جي سياست کان ڌار ٿي مختلف نين قائم ٿيل قوم پرست ۽ ڪابي ڌر جي جماعتن ۾ ورهائجي ويئي. پيپلز پارٽي سنڌ جي وچولي ۽ پورهيت طبقي جي هڪ وڏي حصي کي ذوالفقار علي ڀٽو جي ڪرشمه ساز شخصيت ۽ 'ڳيي، اجهي ۽ لٽي' جي نعري جي زور تي پاڻ سان ڪٺي ويئي، جڏهن ته قوم پرست ۽ ڪابي ڌر جي جماعتن وٽ شاگردن ۽ دانشورن جي هڪ محدود حلقي ڪانسواءِ گهڻو ڪجهه نه هو، ان ڪري انهن جو ان ڳالهه تي زور هو ته، جيڪي ادارا اڳ موجود هئا ۽ جن ماڻهن ۾، پنهنجي ڪم جي لحاظ کان هڪ ساک ۽ شهرت رکي ٿي، انهن ۾ پنهنجو اثر رسوخ پيدا ڪجي ۽ پارٽيءَ جي سياسي ڪم لاءِ انهن جو استعمال ڪجي.

حيدر بخش جتوئيءَ جي وفات ڪانپوءِ سنڌ هاري ڪاميٽي جا گهڻا همراهه ڀٽي صاحب جي سحر ۽ واعدن جو شڪار ٿي پيپلز پارٽيءَ پاسي هليا ويا هئا ۽ گهڻا ڪنهن اتساهه نه هئڻ ڪري غير سرگرم ٿي ويا هئا، جنهن ڪري سنڌ هاري ڪميٽي جي گهٽي ڇڪ نه رهي هئي. سنڌ جي جماعتن آڏو به سنڌ ۽ سنڌي هارين کان وڌيڪ پنهنجي جماعت جا مفاد وڌيڪ اتم هئا، ان ڪري سنڌن پاران به بجاءِ هاري ڪاميٽي کي هڪ گڏيل طبقاتي پليٽ فارم طور وري جيئارڻ جي، پنهنجا ڌار پليٽ فارم جوڙيا ويا، جيڪي هارين لاءِ ڪم ڪرڻ بدرن جڻ ته پنهنجي پنهنجي جماعت جي سياسي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪٻئي سان مقابلي ۾ هئا. انهن کي ڇيو ئي پارٽي جو ڪليل پليٽ فارم ويندو هو. سنڌي ادبي سنگت جي سلسلي ۾ به اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون ۽ مختلف نالن سان ادبي پليٽ فارم وغيره جوڙيا ويا، پر ڪين ڪا گهڻي موٽ نه ملي سگهي.

سنڌي ادبي سنگت پنهنجي ليکي اديبن جو هڪ گڏيل پليٽ فارم ته هئي، پر اتي مختلف جماعتن جي ڪارڪنن پاران هڪ ٻئي تي حاوي ٿيڻ ۽ ان کي پنهنجي جماعت جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش لاڳيتو جاري رهندي هئي. منهنجو سنگت سان واسطو اٽڪل چاليهه سالن کان، هڪ نه ٻي صورت ۾ رهندو آيو آهي. ان عرصي ۾ مختلف شاخن ۽ مرڪز پاران گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا مختلف ادبي ۽ سياسي اختلافن جي ڪري منهنجي رڪنيت به ختم ڪئي ويئي هئي، جنهن کي وري ساڳين دوستن کي منهنجي پاران ڪنهن احتجاج يا درخواست ڏيڻ کانسواءِ ٻين دوستن جي اخلاقي دٻاءَ ڪري بحال ڪرڻو پيو هو.

سنڌي ادبي سنگت ۾ پنهنجي ڪم جي شروعات مون ساڳئي وقت هڪ ليکڪ ۽ سياسي ڪارڪن طور لياري شاخ جي ڪارڪن طور ڪئي هئي. ان وقت آئون سنڌي عوامي تحريڪ ۾ اڃا شامل نه ٿيو هوس، پر ان سان لاڳاپيل دوستن سان لاڳاپي ۾ هوس، جيڪي اتي سنگت جي شاخ قائم ڪرڻ متعلق سوچي رهيا هئا. لياريءَ جي بلوچي، سنڌي، گجراتي ۽ اردو ادب جي حوالي سان هڪ خاص حيثيت رهي آهي. ٻي ڳالهه ته ان وقت لياريءَ ۾ سنڌي ادب جي حوالي سان ڪا سرگرم ادبي تنظيم موجود نه هئي، جيڪا علائقي جي ادب دوست ماڻهن کي گڏ ڪري سگهي. ساڳئي وقت عوامي تحريڪ جي دوستن جو پنهنجو مفاد به هو ته، اهڙي ريت ڪين اتان جي پڙهيل لکيل طبقي سان رابطي ۾ اچڻ ۽ پارٽيءَ جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ جو موقعو ملي ويندو.

ان وقت ڪراچي سنگت سرگرميءَ سان پنهنجيون سرگرميون جاري رکندي پئي آئي. جيتوڻيڪ لياري سنگت جي قائم ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته ڪراچي جيئن ته هڪ وڏو شهر آهي ۽ هر ماڻهو لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هو باقاعدگيءَ سان ان ۾ حصو وٺي سگهي، ان ڪري شهر جي پسگرداين ۾ سنگت جي شاخن جي کُلڻ سان ادب دوستن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ ادب متعلق چاهه ۽ ڄاڻ پيدا ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا ميسر ٿيندا، پر ان شاخ تي عوامي تحريڪ جي ٺپي هڻڻ ڪري اهو ئي سمجهيو ويو ته، ’ان کي ڪراچي سنگت، جنهن ۾ جيتوڻيڪ عوامي تحريڪ، وطن دوست پارٽي (ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ واري) ۽ ٻين مختلف جماعتن جا دوست شامل هئا، پر ڪميونسٽ پارٽي هڪ حاوي حيثيت ۾ هئي، جي پيٽ ۾ آندو ويو آهي.‘ ان تاثر کي ختم ڪرڻ لاءِ وقت سان گڏ لياري شاخ کي عوامي تحريڪ جي خول مان نڪري پنهنجي هڪ ڌار حيثيت قائم ڪرڻ ڪپندي هئي، پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ اها شاخ ڄڻ پارٽي (عوامي تحريڪ) جو هڪ حصو بڻجي ويئي، جنهن ۾ شامل دوستن کي پارٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ پنهنجي ادبي سنگت جي ڪارڪردگيءَ متعلق رپورٽ ڏيڻي پوندي هئي، ان ڪري پارٽي ۾ پيدا ٿيل اختلاف سنگت لاءِ به موتمار ثابت ٿيا. سيڪريٽري ۽ سندس ڪجهه دوست پارٽي ڇڏي ويا، جن پارٽيءَ سان، سنگت جي لاڳاپي کي ختم ڪرڻ لاءِ منهنجي پارٽي ۾ هئڻ ڪري، منهنجي سنگت جي بنيادي رڪنيت ئي پنهنجي ليکي ختم ڪري ڇڏي. بهرحال اهي دوست سنڌي ادبي سنگت لياري کي گهڻي عرصي تائين سرگرم نه رکي

سگهيا. سنگت جي ان شاخ کي جيتوڻيڪ سرگرم رکڻ جون پوءِ به ڪوششون ڪيون ويون، پر اهي گهڻو ڪامياب نه ٿي سگهيون.

سنگت ڪراچي ۾ منهنجي سرگرميءَ جي شروعات ان ڪان پوءِ ٿي، پر اها ڪنهن به سياسي جماعت پاران مڙهيل ڪا ڊيوٽي نه هئي. ان وقت عوامي تحريڪ ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪجھ عرصو ارباب کهاوڙ جي جماعت وطن دوست پارٽيءَ سان لاڳاپيل هوس، پر انهن جماعتن ۾ اڳتي وڌڻ جي صلاحيت نه هئڻ ۽ رڳو رينگڻ ۽ هڪٻئي خلاف سازشن، طبيعت ۾ هڪ بيزاري پيدا ڪري ڇڏي هئي. ان ماحول ۾ ادب، ادبي بحث ۽ ادب سان لاڳاپيل دوستن سان سياست سميت مختلف سماجي موضوعن تي بحث هڪ آزادي ۽ تازگيءَ جو احساس ڏياريو ٿي.

ان وقت فقير محمد لاشاري سان، هلال پاڪستان ۾ لکڻ ۽ وطن دوست ۾ گڏ هئڻ جي حوالي سان لاڳاپي ۾ اچڻ جو موقعو مليو. سنڌ جي سياست ۽ سياسي جماعتن جي حوالي سان سندس اٽڪل ساڳيا خيال هئا ته، انهن جماعتن ۽ انهن جي اڳواڻن ۾ اها صلاحيت ناهي ته اهي سنڌ جي مسئلن کي حل ڪري سگهن ۽ انهن آدرشن کي ساپيان ڏيئي سگهن، جن جي لاءِ سنڌ جي نوجوانن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جو هڪ وڏو حصو ساڻن گڏ هو. ساڳي ريت عبدالرحمان نقاش سان منهنجو واسطو عوامي تحريڪ ۾ ان ڪان وڌيڪ هڪ ذاتي دوست جي حوالي سان گهڻو پراڻو هو. ان وقت اهي ٻيئي دوست (فقير محمد لاشاري ۽ نقاش) سنگت ڪراچيءَ جا سرگرم ڪارڪن هئا. سندن اتساھ ڏيڻ جي ڪري مون ڪراچي سنگت جي دستوري گڏجاڻين ۾ وڃڻ شروع ڪيو، جيڪي ان وقت واءِ ايم سي اي جي هال ۾ ٿينديون هيون. ائين نه هو ته سنگت جي اها سرگرمي سياسي سرگرمي جي پيٽ ۾ ڪنهن جوکم ڪان آجي هئي.

بدر ابڙي جي 'جام ساقي ڪيس' ۾ گرفتاري جيتوڻيڪ سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان نه هئي، پر سنگت سان، سندس سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت ۾ هڪ مضبوط لاڳاپو رهيو هو. ان وقت ضياءَ الحق جي آمريت جو دور هو ۽ عملي سياست ۽ سياسي سرگرمين تي پابنديون هئڻ ڪري مختلف سياسي جماعتن جي سياسي ڪارڪنن جو رخ پنهنجي اوبر ڪيڻ لاءِ سنگت جي دستوري گڏجاڻين ڏانهن هوندو هو. ادبي موضوع پلي چا به هجي، پر ان تي تنقيد جي حوالي سان هر شريڪ ٿيندڙ پنهنجو سياسي فلسفو ۽ تجزيو پيش ڪندو هو. اهڙي صورتحال ۾ اختيارين پاران انهن ماڻهن تي دباءُ پوندو هو، جيڪي سنگت کي گڏجاڻين لاءِ جاءِ ڏيندا هئا يا سندن پنهنجو دٻپ سنگت کي وقت بوقت پنهنجي جاءِ بدلائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهين واءِ ايم سي اي، ڪڏهن ميرينا هوٽل، ته ڪڏهن اداره امن و انصاف جو هال. ان ڪانسواءِ مختلف دوستن ڪان سي آئي ڊي جون انڪوائريون ڏار هونديون هيون ۽ آئون پاڻ انڪوائري جي اهڙي هڪ مرحلي مان گذريس. انهن ادبي سرگرمين جي ڪري هڪ دوست مون کي طعنو ڏيندي چيو هو ته، "دنيا ۾ ماڻهو ادب ڪان سياست ڏانهن ويندا آهن، پر اوهان سياست ڪان ادب ڏانهن ڪيئن هليا آيا آهيو؟" جڏهن ته ان کي اهو

سمجهڻ ڪپندو هو ته هر ملڪ جو حالتون مختلف ٿينديون آهن ۽ ماڻهو ان پاسي رخ ڪندا آهن، جتي ڪين اتساهه ملندو آهي. سنڌ ۾ آئون اڪيلو اهڙو ماڻهو نه هوس، پر اڪثر نوجوانن ۽ سياسي ڪارڪنن: سياسي جماعتن ۽ اڳواڻن کان مايوس ٿي ان پاسي جو رخ ڪيو هو، جنهن متعلق سوچڻ جي ضرورت هئي.

ضياءالحق جي جهاز جي حادثي ۾ مري وڃڻ جي ٻئي ڏينهن خميس هئڻ ڪري رمپا پلازه ۾ ان ۾ موجود اداره امن انصاف جي آفيس بند هئڻ باوجود دوست سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي لاءِ موجود هئا، پر ان وقت پاڪستان جي سياسي صورتحال گهڻي تبديل ٿي چڪي هئي، جنهن جا اثر سڌي ۽ اڻ سڌي ريت هر اداري ۽ ماڻهو تي پوڻا هئا. ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿيڻ، پابندين جي ختم ٿيڻ ۽ شهري آزادين جو دور شروع ٿيڻ وارو هو. ساڳي وقت ڪجهه ئي عرصي کان پوءِ سوويت يونين جي ٽُٽڻ ۽ سرد جنگ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان ۾ پڻ نظرياتي تبديلين جو هڪ دور شروع ٿيو، جنهن فردن ۽ ادارن: سڀني کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. ان سڄي صورتحال جو اثر سنڌي ادبي سنگت تي پڻ پيو. انهن حالتن کي مدنظر رکندي مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ اها تجويز پيش ڪئي ته، 'نئين صورتحال ۾ سنگت کي وڌيڪ موثر ڪرڻ لاءِ ان جي نئين سر تنظيم سازي ڪئي وڃي، جيڪا تنظيمن جي جيئري رهڻ لاءِ هڪ ضروري عمل آهي.' ان تجويز تي ڪنهن هاڪاري بحث ۽ سنگت جي حوالي سان منهنجي ماضي کي نظر ۾ رکڻ ڪانسواءِ سنگت مرڪز پنهنجي هڪ اجلاس ۾ منهنجي تاحيات رڪنيت ختم ڪري ڇڏي. ان سلسلي ۾ نه ته، ان اجلاس کان اڳ ۽ نه ئي پوءِ مون سان ڪو رابطو ڪيو ويو ۽ نه ئي ڪا وضاحت گهري ويئي. ان ڪري مون به ان فيصلي کي غير آئيني ۽ ضابطن جي خلاف سمجهندي ان سلسلي ۾ ڪو رابطو يا لکپڙهه نه ڪئي.

سنڌي ادبي سنگت کي جنهن نموني هلايو ٿي ويو، ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو ته ساڳئي مرڪزي باڊي هڪ ٻئي اجلاس ۾ ڪجهه دوستن جي احتجاج ڪرڻ تي منهنجي رڪنيت وري بحال ڪري ڇڏي. ان سڄي پيچ ڏاهه ۽ مخالفت کي ختم ڪرڻ جي لاڙي جو بنيادي ڪارڻ اهو هو ته هاڻي سنگت سان تعلق ڪنهن جوکم کان وڌيڪ سماجي رتبي ۾ واڌاري جو باعث هو، ان ڪري مرڪز ۽ شاخن جي عهدن لاءِ گهڻي پاڻي سياسي جماعتن سان وابستگيءَ جي بنياد تي اهڙن همراهن ۾ هڪ ڇڪتاڻ شروع ٿي ويئي، جن مان گهڻن جو واسطو ادب سان بس نالي ماتري هو ۽ جن جو بنيادي مقصد سنگت جي عهدن جي بنياد تي پنهنجن لڳ لاڳاپن کي وڌائي ان مان ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ هو.

اهڙي ريت سنگت جي حوالي سان اهو هڪ الميو هو ته اها پنهنجي ماضيءَ جي ڪردار کي وساري پنهنجي سمت وڃائي ويٺي - ۽ ان جو مقصد ادب کان وڌيڪ ڪجهه فردن ۽ جماعتن جي سياسي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ وڃي رهيو.

اهو سوال حيدرآباد ۾ مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جي هڪ اجلاس ۾ پيش ٿيل رپورٽ تي مون اٿاريو هو تہ ’سنگت جو گهڻو ڌيان ادبي ڪمن جي پيٽ ۾ غير ادبي ڪمن تي رهيو آهي،‘ پر ان سوال تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو ويو ۽ مون کي ماٺ ڪري ويهڻ لاءِ چيو ويو. ان ڪري سنگت جي عهديدارن لاءِ اهو اشد ضروري آهي تہ سنگت جي موثر ڪردار لاءِ بنيادي سوالن تي ڌيان ڏين.

# 18

# منهنجو پاءُ منهنجو دوست

5 مارچ، 2020ع جي شام جو ڇهه ساڍا ڇهه وڳي جو وقت هو. آئون معمول موجب پنهنجو ڪم ڪري رهيو هئس ته هڪ دوست جو فون آيو. هن ڪنهن به ٻي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ ۾ مون کي چيو ته، ”رئوف، ايمرجنسي آهي. توهان جي پاءُ حسن جي طبيعت خراب آهي. کيس اسپتال کڻي ويا آهن. اوهان فوري طور پهچو.“ اسان اجا گهر کان ٻاهر ئي مس نڪتا هئاسين ته، هڪ ٻئي دوست جو پيغام آيو ته، ”حسن گذاري ويو.“

بلڪل اوچتو، سمجهه ۾ ڳالهه نه پئي اچي ته هي ڇا ٿي ويو؟ ڇاڪاڻ جو نه ته هو بيمار هو ۽ نه ئي هن ڪڏهن ڪا اهڙي شڪايت ڪئي هئي. حسن جي گهر پهچڻ تي گهڻا مائٽ ۽ دوست موجود هئا ۽ سڀ هڪٻئي کي ڏک مان ڏسي رهيا هئا. ڪنهن جي وات مان ڪو اکر نه پيو نڪري. ڊسمبر 2007 ۾ اهڙي ئي ريت منهنجي وڏي پاءُ جي وفات وقت حسن ئي مون کي فون تي روئندي چيو هو ته،”جلدي گهر اچو، پاءُ کي الائي ڇا ٿي ويو آهي.“ هن وقت اها ساڳي صورتحال حسن جي سلسلي ۾ ٿي هئي.

منهنجي لاءِ هونئن به پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز ۽ دوست تي فوري طور لکڻ ڏکيو هوندو آهي. جڏهن ته حسن تي لکڻ اجا وڌيڪ ڏکيو معاملو آهي. هو اسان ڇهن پائرن ۾ سڀ کان ننڍو ۽ سيني جو پيارو هو. رڳو ننڍي هئڻ ڪري هو امان ۽ بابا کي سڀ کان پيارو نه هو، پر ان ڪري به امان جي وڌيڪ ويجهو هو جو امان هن تي پنهنجي وڏي ۽ پياري پاءُ، محمد حسن، جيڪو امان جي وڌيڪ ويجهو هو، جو نالو رکيو هو. مامو محمد حسن، هڪ ڊگهو عرصو گهر کان ٻاهر رهڻ ڪانپوءِ جڏهن موٽيو هو ته، امان سان ملڻ لاءِ اسان جي گهر اڪثر ايندو هو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ شايد 1964 ۾ هو دل جي اوچتي دوري سبب گذاري ويو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جولاءِ 1965 ۾ امان کي پٽ ڄائو، جنهن تي هن پنهنجي پاءُ جي سڪ لاهڻ لاءِ ان جو نالو محمد حسن رکيو.

حسن سان امان جي محبت جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته، هوءَ آخر تائين حسن ۽ ان جي ٻارن سان گڏ رهي. سندس ڄڻ حسن ۽ ان جي ٻارن ۾ ساهه هوندو هو. جڏهن مون وٽ گلشن حديد ايندي هئي ته چوندي هئي ته،”آئون هتي هفتو ڏيڍ رهنديس.“ پر هڪ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ئي کيس حسن جي ٻارن جو فڪر ٿيڻ شروع ٿيندو هو ۽ واپس وڃڻ لاءِ اهو چوندي اصرار ڪندي هئي ته، ”حسن جا ٻار کيس ياد ڪندا هوندا ۽ پريشان هوندا.“

بابا جنهن رات گذاري ويو هو، ان رات، آخر تائين کيس ڄڻ حسن جو ئي انتظار هو. سندس ساهه ڄڻ حسن ۾ ئي اٽڪيل هو. هو ٿوري ٿوري دير کان پوءِ پڇندو رهيو ته، ”حسن ڇو اجا نه آيو آهي؟“ نيٺ جڏهن رات جو ٻارهين وڳي کن حسن پنهنجي ڊيوٽي تان آيو ۽ بابا سان ڳالهايائين ته، ٿوري دير ڪانپوءِ هن دم ڏنو. اسانجي وڏي پاءُ،

جنهن جي ۽ حسن جي عمر ۾ اٽڪل ويهه سالن جو فرق هو، حسن کي جڻ پنهنجن پٽن جيان سنڀاليو هو.

اسان ڀائرن جي خاص طور وڏن پٽن ۽ حسن جي عمر ۾ ٿورو ئي فرق هو، ان ڪري اهي گهڻو ڪري سندس ويجهو هوندا هئا. هو ساڳئي وقت انهن سان پيار به ڪندو هو، ته انهن کي تنگ به ڪندو هو. سندس اها هڪ عجيب ڳالهه هوندي هئي ته هو اسان ڀائرن سان گهڻن معاملن ۾ اختلاف به ڪندو هو، پر ساڳئي وقت اها ڪوشش ڪندو هو ته، اسان جي سامهون سگريٽ نه پيئي. ان جي باوجود ته اسان کي اها خبر هئي ۽ آئون ڪيس اهو چوندو رهندو هئس ته، ”يار، اسان جي سامهون سگريٽ پيئڻ سان ڪو اسان جي عزت ۾ فرق ڪونه ٿو پئي،“ پر هو ان ڳالهه جو خاص خيال رکندو هو.

ڪنهن جاءِ تي گڏ وينا هوندا هئاسين ته هو سگريٽ پيئڻ جي خيال سان ڪو بهانو ڪري اٿي ويندو هو. هڪ اڌ ڀيرو ائين ٿيو ته سندس ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ مون کي به ڪنهن ڪم سان ٻاهر وڃڻو پيو ته، هو فوري طور سگريٽ پويان لڪائي ڇڏيندو هو، جنهن سان ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪپڙا پڻ سڙي پوندا هئا. اسان جو وڏو ڀاءُ ڳالهه ڪندو هو ته، ”جڏهن شڪارپور ۾ سندس پوسٽنگ هئي ته، حسن جڏهن ڪنهن ڪم سان ان پاسي ايندو هو ته، وٽس اچي رهندو هو. اتي هو ملازم کي چوندو هو ته ’ڀاڀيءَ کان پئسا وٺي سگريٽ وٺي اچ، پر ڀاءُ سان اها ڳالهه نه ڪجان.‘“

آئون پنهنجن ڀين ڀائرن جي پيٽ ۾ ڪيس پنهنجي وڌيڪ ويجهو سمجهندو هئس. ڪٿي ڪنهن تقريب ۾ گڏيا هئاسين ته پاڻ ۾ پيا ڪچهري ڪندا هئاسين. ان جو ڪارڻ اهو هوندو هو ته، اسان جي دلچسپيءَ جا موضوع ساڳيا هوندا هئا. عام سياسي ۽ سماجي صورتحال سان گڏ اسانجا موضوع مختلف ڪتاب هوندا هئا. حسن جو ڪتابن جو هڪ سٺو ذخيرو هو. ساڳئي وقت سافٽ فارم ۾ وٽس هڪ سٺي ڪليڪشن هئي. مون کي هو ڊراپ باڪس وسيلي مختلف ڪتاب موڪليندو رهندو هو. تازو هڪ به ڀيرا جڏهن مختلف ڪتابن جي حوالي سان ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿي ته چئي پيو ته، ”رئوف ڀاءُ، بس ان اخبار جي مصروفيت جي ڪري پڙهڻ جو وقت گهٽ ٿو ملي.“ آئون وقت بوقت حال احوال وٺڻ لاءِ ڪيس فون ڪندو رهندو هئس. مون کي هر وقت چوندو هو ته، ”توهان کي منهنجي ته خبر آهي ته فون وغيره جي معاملي ۾ ڪيترو لاپرواهه ماڻهو آهيان.“ آئون ڪيس چوندو هئس ته، ”يار، ان سان ڪو فرق نٿو پوي ته آئون فون ڪيان يا تون ڪر. بس توسان ڳالهائڻ تي دل ڪندي آهي، ان ڪري فون ڪندو آهيان.“

ڪهاڻي ۽ شاعري سان گڏ حسن جو هڪ شوق فوٽوگرافي به هو. فيس بڪ تي وقت بوقت هو آسمان ۽ ڪڪرن وغيره جون تصويرون ته ڏيندو رهندو هو، پر گهر ۾ ۽ مختلف تقريبن ۾ به هو پنهنجو اهو ڪم ڪندو رهندو هو. وٽس خاص طور خاندان جي حوالي سان تصويرن جو هڪ وڏو ذخيرو هو. مون کي جڏهن پنهنجي ڪم لاءِ ڪنهن تصوير جي ضرورت پوندي هئي ته، منهنجو خيال فوري طور حسن ڏانهن ويندو

هو ۽ گهڻو ڪري اها ضرورت پوري ٿي ويندي هئي. ڪيس سندس ٻين گهڻن دوستن جيان آئون ٻه اها صلاح ڏيندو رهندو هئس ته، هو پنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو شائع ڪرائي. هاڻي جڏهن هن پنهنجي ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان جي تياري شروع ڪئي ته ڪيس ان کي توڙ تائين پهچائڻ جو موقعو نه مليو.

اسلم خواجه پنهنجي طبيعت جي حوالي سان گهٽ ماڻهن سان ئي ٺهندو آهي، پر هن جو حسن سان خاص لڳاءُ هو. هو اڪثر گهر ايندو هو ۽ جيڪڏهن حسن ستو پيو هوندو هو يا گهر کان ٻاهر هوندو هو ته، امان سان يا اسان جي وڏي ڀاءُ سان ڪچهري ڪرڻ ويهي رهندو هو. اها واقعي منهنجي لاءِ ڏاڍي حيرت جي ڳالهه هوندي هئي. اهي ٻيئي هڪٻئي جو خيال رکندا هئا ۽ سندن اهو ناتو آخري وقت تائين هلندو آيو.

هڪ حساس ۽ آزاد طبيعت شخص. شروع کان ئي هو ٻڌندو سڀني جي هو، پر ڪندو پنهنجي هو. فيصلا ڪرڻ ۾ ڪيس دير نه لڳندي هئي. انٽر سائنس ڪرڻ کان پوءِ هن بي ايس سي آنرز ڪرڻ لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جي ميٿميٽڪس ڊپارٽمنٽ ۾ داخلا ورتي. اهو مضمون گهڻن جيان اسان لاءِ ٻه ڏکيو هو، پر حسن لاءِ سولو هو. منهنجي خيال ۾ ٽئن سالن جي ان ڪورس ۾ هن ٻه سال مس پورا ڪيا ته اهو اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنائين.

ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ڪيس پاڪستان اسٽيل ملز جي ميٽلرجيڪل ٽريننگ سينٽر ۾ داخلا ملي، پر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هن اهو ڪم ٻه ڇڏي ڏنو. سندس چوڻ هو ته، ”بس مون کي صحافي ٿيڻو آهي.“ ساڳي وقت ادب سان ٻه سندس لڳاءُ رهيو ۽ سنڌي سنگت، ڪراچي جي گڏجاڻين ۾ باقاعدي شريڪ ٿيندو هو، جتي پنهنجا اسم تنقيد لاءِ پيش ڪندو هو. مون کي ياد ٿو پئي ته هڪ ڀيري هن ’وائي‘ پيش ڪئي ته، ان تي فقير محمد لاشاري ڳالهائيندي چيو هو ته، ”مون کي حيرت آهي ته هڪ شهري نوجوان سنڌي شاعريءَ جي هڪ ڪلاسيڪي صنف تي ايتري سٺي نموني طبع آزمائي ڪئي آهي.“

سندس طبيعت ۾ هڪ بيچيني ۽ اڻ تڻ هوندي هئي. ڪنهن ٻه هڪ جاءِ تي سڪون سان نه ويهي سگهندو هو. هن پنهنجي صحافتي ڪيريئر جي شروعات عوامي آواز ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر ڪان ڪئي. ساڳئي وقت ان اخبار ۾ ڪالم لکڻ پڻ شروع ڪيائين، پر جلد ئي اتان ڇڏي هلال پاڪستان ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر طور هليو ويو ۽ جڏهن اتي سندس نوڪري پڪي ٿي ته اتان استعفي ڏيئي فقير محمد لاشاريءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ ’روزاني جاڳو‘ ۾ هليو ويو. ان سان گڏ هو پنهنجي انگريزي ٻوليءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪندو رهيو. ڏٺو وڃي ته هن پنهنجي باقاعدي صحافت انگريزي اخبارن کان ئي شروع ڪئي. ڊان گروپ جي شام جي اخبار اسٽار ۾ جڏهن هن ڪم شروع ڪيو ته ڪيس انور پيرزادي سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. حسن گهٽ ئي ڪنهن ماڻهو مان مطمئن ٿيندو هو ۽ ان جي تعريف ڪندو هو، پر انور سان هن جو خاص لڳاءُ هو ۽ سندس پيار ۽ عزت سان ذڪر ڪندو رهندو هو. ساڳي وقت

انور بہ هن جو، هڪ نوجوان جي طور گهڻو خيال رکندو هو ۽ سندس پيار ۽ محبت سان ذڪر ڪندو هو.

آئون سمجهان ٿو تہ اسٽار ۾ هوندي هو مظهر عباس جي وڏيڪ ويجهو هو. ان ڪانپوءِ هن ڊيلي ٽائمز، اي ايف پي ۽ ڊان ۾ رپورٽر طور ڪم ڪيو. پنهنجين انهن نوڪرين بدلائڻ دوران ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو تہ هو بيروزگار رهيو هجي.

اسان جيڪي ڏينهن ۾ صبح جو نائين وڳي کان شام جو پنجين وڳي تائين ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو آهيون، انهن کي لڳندو هو تہ حسن جي زندگي بي ترتيب آهي. سندس نہ تہ ننڊ ڪرڻ جو ڪو وقت هو ۽ نہ ئي جاڳڻ جو. رات جو دير تائين پيو جاڳندو، ٽي وي تي فلمون ۽ مئچ ڏسندو، ڪتاب پڙهندو ۽ پنهنجو لکڻ جو ڪم پيو ڪندو هو - ۽ ڏينهن جو دير تائين ستو پيو هوندو، پر سندس بي ترتيبي ۾ بہ پنهنجي هڪ ترتيب هئي. هن پنهنجي ڪم ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪئي ۽ پنهنجي اسائنمنٽ کي، پوءِ پلي اها شهر ۾ هجي يا شهر کان ٻاهر، اورچائي ۽ محنت سان پورو ڪندو هو. پنهنجي ان ڪم جي ڪري ئي هو عزت ماڻيندو هو ۽ اسان کي، ماڻهن کي اهو ٻڌائيندي سٺو لڳندو هو تہ،"حسن منصور اسان جو ياءُ آهي."

هڪ ٻي ڳالهہ، جيڪا حسن کي گهڻن کان ڌار ڪري بيهاري ٿي، اها هئي تہ هن ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي مفاد کي فوقيت نہ ڏني. هو موقعي مهل تي پنهنجن مائٽن، عزيزن، يائرن، ڀينرن ۽ ٻين ماڻهن جي مدد ڪندو رهندو هو ۽ ڪڏهن بہ ان ڳالهہ جو ذڪر نہ ڪندو هو.

گهڻين خوبين جو مالڪ، هڪ يگانو ۽ منفرد ماڻهو اسان کان جلد ئي موڪلائي ويو. سندس ياد سندس سيني دوستن ۽ عزيزن لاءِ هڪ اثاثو آهي.

19

# منهنجا ڏاڏاڻا، ناناڻا ۽ لياري ۾ رهندڙ بروهي

ڏاڏا رازڪو ڪم ڪندو هو. اڳتي هلي هن عمارتن وغيره جا ننڍا نيڪا پڻ ونڻ شروع ڪيا هئا. سندس چار پٽ ان ئي ڪم سان لاڳاپيل هئا. جڏهن ته هڪ ڪنٽمنڙن وغيره ناهڻ جو ڪم ڪندو هو. ڏاڏا جو اهو معمول هوندو هو ته روز شام جو گهر کان ٻاهر ڪرسيون رکي ويهندو هو، جتي ساڻس گڏ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ مستري وغيره پنهنجي روزاني جي حال احوال ڏيڻ ۽ حساب ڪتاب لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا. اڳتي هلي اها هڪ باقاعدي بينڪ ٻڻجي ويئي، جتي پاڙي جا مختلف شعبن سان لاڳاپيل گهڻا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا، جتي رات جو دير تائين مختلف موضوعن تي سندن ڪچهري ٿيندي هئي ۽ ريڊيو تي خبرون ٻڌبيون هيون. ان ۾ ڪنهن به لحاظ جي ڪا تفريق نه هوندي هئي.

محرم جي ڏينهن ۾ پاسي ۾ موجود امام بارگاه مان نياز وغيره ايندو هو. محرم ۾ ئي پر ۾ ڪڪري گرائونڊ جي ويجهو حسينيه ايرانيان امام بارگاه تي به وڃڻ ٿيندو هو، خاص طور عاشوري جي ڏينهن ۾ اسان جي هڪ چاچي، گهر جي ٻارن کي ڪارادر ۾ مائٽن جي گهر وٺي ويندي هئي. ان گهر جون دريون ٻاهر سڙڪ ڏانهن کُلنديون هيون، جتان جلوس گذرندو هو. اسان به اتان بيهي اهو ڏسندا هئاسين. پوءِ اهڙو وقت به آيو جو هڪ ڀيري محرم جي ڏينهن ۾ منهنجي زال بندرروڊ تي تاج ميڊيڪل هاسپيٽل ۾ داخل هئي. عاشوري کان هڪ اڌ ڏينهن اڳ پوليس وغيره اچي ڪمري جون دريون وغيره چڪاسي اها پڪ ڪئي ته، هتان ڪنهن به طرح جي ڪا حرڪت نه ٿئي. اسان کي تڙ تڪڙ ۾، گهر وڃڻ جي موڪل ملڻ ڪانپوءِ اها اسپتال ڇڏڻي پيئي هئي.

عيد جي ڏينهن ۾ اهو معمول هوندو هو ته، عيد جي نماز پڙهڻ ڪانپوءِ بابا سان گڏ سيني مٽن مائٽن سان عيد ملڻ ويندا هئاسين. ان ڏينهن تي هرڪو عيد ملڻ وارن جي انتظار ۾ هوندو هو ۽ سندن خاص ڪاڏن سان آدرڀاءُ ڪيو ويندو هو. اهو سلسلو گهڻي عرصي تائين هلندو رهيو. پوءِ اڳتي هلي اهو گهٽجي ويو ۽ هاڻي ته جڻ بلڪل ئي ختم ٿي ويو آهي. محرم ۾ عاشوري جي ڏينهن ۾ صبوح سوير بابا سان گڏجي ميوه شاه قبرستان ويندا هئاسين، جتي مختلف جاين تي پنهنجن مٽن مائٽن جي قبرن تي فاتحه پڙهڻ ڪانپوءِ پنهنجي جماعت جي مک قبرستان ۾ ايندا هئاسين ۽ اتي پنهنجي ويجهن مائٽن جي قبرن تي گل پٽي رکي، پاڻي وغيره وجهندا هئاسين. ان دوارن بابا اسان کي مختلف مٽن مائٽن جي ڄاڻ ڏيندو رهندو هو.

اسان جي وڏن، مٽي مائٽيءَ جي بنياد تي ’سنڌي مومن جماعت‘ جي نالي سان هڪ جماعت ناهي هئي. اها ڪنهن خاص ذات وغيره جي ماڻهن تي مشتمل نه هئي، پر

ان ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو شامل هوندا هئا. هونئن ته جن ماڻهن اها جماعت ناهي هئي، اهي ۽ انهن جي خاندان وارا ان جا رڪن ليکيا ويندا هئا. جيڪڏهن جماعت کان ٻاهر ڪنهن پنهنجي ڌيءُ يا پٽ جي شادي ڪرائي ته اهي ٻاهريان ماڻهو به جماعت جا رڪن ٿي ويندا هئا. جماعت جي ملڪيت هڪ ته هال هوندو هو، جتي جماعت جون گڏجاڻيون به ٿينديون هيون، ته شادي غمي وغيره جي موقعن تي به اهو استعمال ٿيندو هو ۽ نوجوان ان کي پنهنجي وندر ۽ پڙهائي لاءِ به استعمال ڪندا هئا.

ميوه شاهه جي قبرستان ۾ ڏنو وڃي ته عام قبرون آهن، جتي ڪنهن کي به دفن ڪري سگهجي ٿو. ٻيو ته مختلف جماعتن ۽ ڪميونٽي وارن پنهنجن ماڻهن لاءِ جايون مخصوص ڪيون آهن، جتي ان جماعت ۽ ڪميونٽي سان لاڳاپيل ماڻهن کي ئي دفن ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ريت 'سنڌي مومن جماعت' به پنهنجي لاءِ هڪ ڪمپائونڊ هٽ ڪيو. ان قبرستان ۾ اٽڪل هڪ صدي پراڻيون قبرون به آهن. ڪجهه قبرون انهن ماڻهن جون آهن، جيڪي 1930 جي لڳ ڀڳ ڪراچي ۾ آيل طاعون جي وبا ۾ مري ويا هئا. هن وقت رڳو ان جماعت جو نالو رهجي ويو آهي. جماعت جو هال به رڳو نالي ۾ وڃي رهيو آهي، جڏهن ته قبرستان جو معاملو اڃا هلندو اچي، پر ان جي به مناسب نموني سان سار سنڀال نه پئي ٿئي.

پائرن ۾ سڀ کان وڏو منهنجو بابا هو. بابا جي شادي به ڪراچيءَ جي ماڻهن مان ئي ٿي. منهنجو نانا عيساناڻي ميمڻ هو، جڏهن ته منهنجي ناني جو واسطو حب جي ويجهو لڪي جي علائقي جي بروهين سان هو. منهنجي ناني جي مائٽن جو اسان جي گهر اچڻ وڃڻ هوندو هو. اسان به موقعي مهل جي مناسبت سان لڪي ويندا هئاسين. اهي غريب ماڻهو هوندا هئا ۽ جهوپڙين ۾ رهندا هئا، پر اها ڳالهه مشهور هوندي هئي ته، ويجهو جيڪي ٽڪريون آهن، اتي خزاني سان ڀريل ديڳيون آهن، جن تي نانگ وينل آهي، جنهن کي ماڻهوءَ جو رت گهربل آهي. خير ان وقت ته اها هڪ ڏند ڪٿا ئي هئي، پر حب ڊيم ٺهڻ ۽ علائقي ۾ مختلف صنعتن وغيره لڳڻ ۽ ٻين ترقياتي ڪمن ٿيڻ جي ڪري اها ڳالهه جڻ هڪ حقيقت بڻجي وئي، ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا ۽ ٻيو ته زمينن جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. ان مان ظاهر ڳالهه آهي ته منهنجي ناني جو به حصو هو ۽ جنهن مان ڪجهه ان جي ڏيئن، پٽن ۽ انهن جي ٻارن کي پڻ مليو.

نانا گهڻو اڳ گذاري ويو هو. ان کي اسان جي ناني، جيڪا سندس ٽين زال هئي، مان اٺ ٻار هئا، جڏهن ته هڪ پٽ ڪيس پهرين زال مان به هو، جيڪا ڪانئس اڳ گذاري وئي هئي. هو پنهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي امان، جيڪا پنهنجي هڪ ڀاءُ کان ننڍي پر ناني جي ٻارن ۾ پنهنجن سيني پائرن ڀينرن کان وڏي هئي، ۽ هڪ پٽ جي شادي ڪرائي سگهيو هو.

سندن وفات کانپوءِ سڄو بار نانيءَ تي اچي پيو، جنهن ۾ ڪنهن حد تائين منهنجي امان ۽ بابا به سندس هٿ ونڊائيندا هئا. هوءَ ٻين ماڻهن جي گهرن جا ڪم ڪري

پنهنجن ٻارن جو پيٽ گذر ڪندي هئي. سندس گهر اسان جي نوآباد واري گهر کان ٿوري مفاصلي تي بغدادي واري علائقي ۾ هو. اتي جيتوڻيڪ ان وقت بجلي نه هئي، پر هڪ ڪمري سان گڏ وڏو اڱڻ هوندو هو. آئون خاص طور اتي اڪثر رات جو وجي رهندو هوس. اتي وڃڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به هوندو هو ته منهنجو ننڍو مامو فلم ڏسڻ جو شوقين هوندو هو. پوءِ اتي رات جو سمهڻ مهل هو فلمن جون اهي ڪهاڻيون اسان کي پنهنجي انداز ۾ ٻڌائيندو هو.

نانيءَ جي خاص ڳالهه اها هئي ته هن نوي سالن کان وڌيڪ ڄمار ماڻي. پر هن تي ڄڻ عمر جو اثر نه هو. جيتوڻيڪ سندس ڏيئرن ۽ پٽن جي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ڪانپوءِ ڪيس ڪم ڪرڻ جي ضرورت نه رهي هئي، پر هوءَ هڪ جاءِ تي سانتيڪي ٿي نه ويني. هر وقت پنهنجن ٻارن جو حال احوال وٺڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن جي گهر ته ڪڏهن ڪنهن جي گهر ويندي هئي. اهڙيءَ ريت نانيءَ جي صحيح ڏس پتي جي خبر نه پوندي هئي. سندس پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن سان به آخر وقت تائين رابطو هوندو هو. آئون نه ٿو سمجهان ته هوءَ پنهنجي وفات کان اڳ بيمار ٿي بستري تي پيئي هوندي.

شير شاه وليج ڪراچي ۾ ڄڻ بروهين جو مرڪز هوندو هو. لياري نئين سان لڳ ان علائقي جو انتظام سيد صالح شاه جي هٿ ۾ هوندو هو، جنهن جا بلوچستان ۽ سنڌ جي بروهين سان لاڳاپا هوندا هئا. هي هڪ مهربان ۽ ٻين ماڻهن جو خيال ڪرڻ وارو شخص هو. منهنجي ناني کي هن اتي زمين ڏني ته جيئن هو اتي پنهنجو گهر ناهي پنهنجن پٽن سان گڏ رهي.

گهڻو عرصو منهنجي ناني ۽ ماما اتي رهيا. اسان موقعي مهل جي حساب سان سندن گهر ويندا رهندا هئاسين. پوءِ انهن سڀني پنهنجا ڏار گهر ورتا ۽ لياري جي ٻين علائقن ۾ منتقل ٿي ويا ۽ ناني به اهو گهر ڇڏي ڏنو. نانيءَ پنهنجيءَ هڪ پائٽيءَ سان پنهنجي پٽ جي شادي ڪرائي. سندس ان پاءُ جو هڪ پٽ ننڍي هوندي ئي وٽس هليو آيو هو، جتي هو سندس پٽن وانگر ئي رهيو هو.

ان وقت علائقي ۾ ڪجهه مشهور هوٽل هوندا هئا، جن ۾ ڪيفي نوآباد، ڪراچي هوٽل ۽ حاجي ولي جو هوٽل شامل هئا. حاجي ولي وارو هوٽل عمارتن جي ان جهڳٽي جو ئي حصو هو، جنهن ۾ هارون فيملي جا اسڪول، ڪاليج، يتيم خانو، جامع مسجد ۽ مولانا محمد صادق ڪڍي واري جو مدرسه مظهرالعلوم هوندا هئا. ان هوٽل سان گڏ ٻيا مختلف دڪان به هئا.

ان عمارت جي سامهون ئي حاجي ولي جو مٺائي جو دڪان هوندو هو. حاجي ولي جي مٺائي ۽ خاص طور سوهن حلوي ۽ حبشي حلوي جي فرمائش ڪئي ويندي هئي. اهو به ڄڻ هڪ ڪامپليڪس هوندو هو. ان جي پر ۾ عيدگاه آهي. عيد جي نماز پڙهڻ لاءِ ان عيدگاه ۾ ئي بابا سان گڏجي اڇبو هو. هڪ خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته، مولوي صادق جو پٽ حافظ اسماعيل، سنڌيءَ ۾ خطبو ڏيندو ۽ نماز پڙهائيندو هو. آئون اڃا لياريءَ ۾ ئي رهندو هوس ته سندس جماعت: جميعت علماء سنڌ جا به همراهه،

جن جو واسطو پنون عاقل سان هو ۽ جيڪي حافظ صاحب جي مدرسي سان لاڳاپيل هئا، مون سان رابطي ۾ آيا. ڪجهه ملاقاتن ڪانپوءِ هو مون کي حافظ صاحب سان ملاقات لاءِ وٺي ويا. خبر ناهي ڇو سندن شخصيت مون کي متاثر نه ڪري سگهي. بس هو مون کي هڪ روايتي مذهبي عالم لڳو ۽ ساڻن پوءِ ملڻ جي ڪا خواهش به نه رهي. ساڳي ريت انهن همراهن سان به رابطو ختم ٿي ويو.

علائقي جي ٻين هوٽلن ۾ رينچوڙ لائين جو لڪپتي هوٽل، چاڪيواڙي جو چمچا هوٽل ۽ بولٽن مارڪيٽ تي ڪاسائي جو هوٽل مشهور هوندا هئا. ڪاسائي جي هوٽل جي خاص ڳالهه ان جو پيالو هوندو هو. ان پيالي ۾ نان ۽ ٻڪري جا پايا ملائي ڏنا ويندا هئا، جيڪي علائقي جا ماڻهو وڏي شوق سان کائيندا هئا. ڪارادر ۾ هڪ علائقي کي اڃا ان جي پراڻي نالي ”پنج نمبر ٽانڪي“ سان سڏيو ويندو آهي. شايد ڪنهن دور ۾ علائقي کي پاڻي وغيره ڏيڻ لاءِ ڪي ٽانڪيون ناهيون ويون هجن، جن جي يادگيري مون کي ناهي. ان علائقي ۾ هڪ پراڻو ايم سليمان جي نالي سان مٺائيءَ جو دوڪان آهي.

جيتوڻيڪ ان جي مٺائي علائقي جي ٻين دڪانن جي ڀيٽ ۾ مهانگي آهي، پر ماڻهو ان جي ذائقي ۽ ڪوالٽي جي ڪري ان کي پسند ڪندا آهن. ان اڄا تائين پنهنجي ان معيار کي برقرار رکيو آهي.

رمپا پلازه، جتي گهڻو وقت سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جون هفتيوار دستوري گڏجاڻيون ۽ ماهوار پروگرام وغيره ٿيندا هئا، ان جي پر ۾ منظور چيمبر ۾ سائين نورالدين سرڪي جي وڪالت واري آفيس هوندي هئي. سرڪي صاحب جن جيتوڻيڪ سياست ۾ سرگرم نه هئا ۽ نه ئي ڪنهن سياسي جماعت سان سندن لاڳاپو هو، پر ماڻهن سان سندن لاڳاپو ختم نه ٿيو هو. سنڌي ادبي سنگت جا دوست مختلف پروگرامن جي حوالي سان صلاح مشوري ۽ڪيس دعوت ڏيڻ لاءِ وٽس ويندا هئا. سرڪي صاحب وٽ سياسي ڪارڪنن ۽ سنڌي ليکڪن جو اچڻ وڃڻ عام هوندو هو ۽ اڪثر وٽس مختلف ماڻهن سان ملاقات به ٿي ويندي هئي.

## 20

# اڪيلائيءَ ذهني حالت کي تبديل ڪري ٿي ڇڏي!

اڪيلائيءَ ۾ زندگي گذارڻ ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ناهي. جيڪي الڳ ٿلڳ ۽ ٻين کان ڌار رهڻ کي ترجيح ڏيندا آهن، اهي به ڪنهن حد تائين پنهنجي چوڌاريءَ جي زندگي سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجين بنيادي ضرورتن لاءِ ڪين ماڻهن سان رابطي ۾ اچڻ جي ضرورت پوندي آهي. اهي ضرورتون ذهني ۽ جسماني؛ ٻيئي هونديون آهن.

ماڻهن سان گڏ رهڻ هڪ ماڻهوءَ جي بنيادي ضرورت آهي. هو اهڙي طريقي سان پنهنجيون ذهني ۽ جسماني گهرجون پوريون ڪري ٿو. ماڻهوءَ جي ان ضرورت کي محسوس ڪندي ئي اڪيلائيءَ جي قيد کي سخت سزا تصور ڪيو ويندو آهي. آمريڪا جي هڪ ڏورانهين علائقي ۾ هڪ اهڙو جيل آهي، جتي اهڙن قيدين کي رکيو ويندو آهي، جيڪي خطرناڪ سمجهيا ويندا آهن ۽ وڏن ڏوهن جهڙوڪ؛ منشيات جي اسمگلنگ ۽ دهشت گردي وغيره ۾ ملوث هوندا آهن.

هتي لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي منشيات جي وڏن نالن ۽ القاعده ۽ طالبان جي قيدين کي به رکيو ويو آهي. اتي جي خاص ڳالهه اها آهي ته قيدين کي مڪمل طور اڪيلائيءَ ۾ پنهنجين ڪولين ۾ بند رکيو ويندو آهي. انهن جو ٻين قيدين ۽ ٻاهر جي دنيا سان ڪو رابطو نه هوندو آهي. ڪن ڪن حالتن ۾ ڪجهه قيدين کي چوويهه ڪلاڪن ۾ اڌ ڪلاڪ لاءِ ورزش وغيره لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. ڪجهه نفسياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته ماڻهوءَ کي جيڪڏهن به هفتا لاڳيتو اڪيلائيءَ ۾ رکيو وڃي ته ان جي ذهني حالت ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ هو پنهنجي ماحول کان لاتعلق ٿيندو ويندو آهي.

آئون پنهنجي طبيعت ۾ هڪ اڪيلائي پسند ماڻهو آهيان ۽ پنهنجي ان اڪيلائيءَ کي خاص طور تي پنهنجي لکڻ پڙهڻ، واڪ ڪرڻ ۽ ائين ئي ويهي پُورَ پچائڻ جهڙين سرگرمين ذريعي انجواءِ ڪندو آهيان، پر تازو ڪجهه عرصو مون کي اڪيلو لاهور ۾ گذارڻو پيو ته مون کي اهو احساس ٿيو ته ان ڪيفيت ۾ گذارڻ جي به هڪ حد هوندي آهي- ۽ اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه به ناهي. هوٽل جي ڪمري ۾ آئون اڪيلو رهيل هوس. هفتي جا پنج ڏينهن ته آئون آفيس ۾ هوندو هوس ۽ رات جو دير سان موٽندو هوس. ماني کائي ڪجهه دير ٽي وي ڏسي ۽ ڪتاب پڙهي سمهي رهندو هوس.

ڪنهن ويڪِ اينڊِ تي ڪراچي هليو ايندو هوس. جڏهن ته ڪجهه ويڪ اينڊ لاهور ۾ ئي گذارڻا پوندا هئا.

دفتر ۽ رهائش پري هئڻ ڪري شهر ۾ اچڻ وڃڻ گهڻ ٿيندو هو ۽ گهڻو وقت هوٽل ۾ ئي گذارڻو پوندو هو. جيتوڻيڪ ليپ ٽاپ، ڪتاب ۽ ٽي وي ڏسڻ ۾ ڪجهه وقت گذري ويندو هو، پر اهي ٻه ڏينهن خاص طور تي ان لحاظ کان نهايت سخت هوندا هئا ته، چوڌاري ڪا مانوس انساني سرگرمي نه هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو هو ته ڪٿي منهنجو ذهني توازن نه خراب ٿي پوي. مون ان مان اهو نتيجو ڪڍيو ته گهر ۾ جيتوڻيڪ آئون پنهنجي ڪم ڪار ۾ رڌل هوندو آهيان، پر مون کي اهو احساس هوندو آهي ته، منهنجي چوڌاري مانوس ماڻهن جي چرپر ۽ سرگرمي آهي، جن سان آئون ڪنهن به وقت لهه وچڙ ۾ اچي سگهان ٿو. اهڙو ماحول ان اڪيلائيءَ ۾ منهنجو مددگار هوندو آهي. جڏهن ته مڪمل اڪيلائي هڪ استشنا آهي، جنهن کي سهڻ هر انسان جي وس جي ڳالهه ناهي. رڳو ڪي ماڻهو ئي ان مرحلي مان ڪاميابيءَ سان گذري سگهن ٿا، پر انهن کي اڳتي هلي ماڻهن جي ضرورت پيش اچي ٿي.

## 21
# لڏي ويل هڪ دوست جي ڳالهه ته ’يار، ڊفينس ۾ برنس روڊ وارو مزو ناهي...‘

گلشن حديد ۾ منهنجي رهائش اٽڪل ٽيويهه سالن کان وڌيڪ وقت کان آهي. جڏهن ته علائقي کان واقفيت ان جي 1984 ۾ قائم ٿيڻ جي وقت کان آهي، جڏهن منهنجا ٻه سالا، جيڪي پاڪستان اسٽيل ملز جا ملازم هئا، پنهنجن خاندانن، ڀين ڀائرن ۽ ماءُ پيءُ سان گڏ هتي اچي رهيا هئا. ان وقت اجا فيز ون جو ڪم مڪمل ٿيو هو ۽ فيز ٽو جو ڪم شروع ٿيڻ وارو هو يا ابتدائي مرحلن ۾ هلندڙ هو. اسٽيل ملز پاران اها ڪالوني درحقيقت پنهنجن ملازمن لاءِ ناهي ويئي هئي ته جيئن ڪين شهر جي ٻين علائقن مان اچڻ ۾ گهٽي تڪليف نه ٿئيءَ ساڳئي وقت ملز جي ٽرانسپورٽ جي خرچ ۾ پڻ گهٽتائي اچي سگهي. اهڙي ريت ملازمن کي ته اهي گهر گهٽ قيمت ۽ آسان قرض جي شرطن تي ڏنا ويا، جڏهن ته ٻين ماڻهن جي به انهن گهرن کي خريد ڪرڻ وغيره تي ڪا پابندي نه هئي. هڪ ته هتان جي گهرن جون قيمتون شهر جي ٻين، ساڳئي معيار جي علائقن جي ڀيٽ ۾ اڌ کان به گهٽ هيون . ٻي ڳالهه ته شهر ۾ خاص طور تي پاڻي ۽ بجلي وغيره جا جيڪي مسئلا هئا، اهي هتي ائين نه هئا. اهي ٻيئي سهولتون اسٽيل ملز فراهم ڪندي هئي ۽ ماڻهو ان لحاظ کان پاڻ کي شهر جي ٻين علائقن جي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مراعات يافته ۽ مٿانهون سمجهندا هئا.

هڪ ٻيو اهم عنصر، جنهن شهر جي گهڻن ماڻهن کي هن علائقي ڏانهن متوجهه ڪيو، اها اُن دور ۾ شهر ۾ نسلي ۽ لساني فسادن سبب خراب ٿيندڙ صورتحال هئي، جن شهر کي حقيقت ۾ نسلي ۽ لساني بنيادن تي ورهائي ڇڏيو هو ۽ ماڻهن پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي حفاظت لاءِ اهڙن علائقن قائم ڪرڻ يا اهڙن علائقن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ٿي، جتي سندن پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندا هجن. گلشن حديد ۾ رهندڙ اهڙن ماڻهن ۾ انور پيرزادو، شاهه محمد پيرزادو ۽ سندن خاندان جا ڪجهه ٻيا ماڻهو به شامل هئا. اهڙي ريت علائقي جي آبادي به وڌي ويئي ۽ ان جي گهرن وغيره جي قيمتن ۾ پڻ واڌارو اچي ويو.

هتي شروعاتي دور ۾ ڏکيائيون اهي هيون ته هفتيوار بازار کان سواءِ سودي سلف وغيره وٺڻ جو ڪو مناسب بندوبست نه هو. علائقي جي رٿابندي ڪرڻ وارن کي فيز ون ۾ ڪمرشل ايريا يا مارڪيٽ وغيره ناهڻ جو ڪو خيال نه آيو هو، ان ڪري ماڻهن رهائشي گهرن ۾ ئي مختلف شين جا دڪان وغيره کولڻ شروع ڪيا. ان گهٽتائيءَ کي پوءِ فيز ٽو ۾ مخلتف مارڪيٽون وغيره کولي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان ڪري شروع ۾ گهڻين شين وٺڻ لاءِ شهر جو رخ ڪرڻو پوندو هو يا

شهر مان ايندڙ ڪنهن مائٽ مٽ کي ان لاءِ چوٽو پوندو هو. ساڳي ريت شهر اچ وڃ لاءِ ٽرانسپورٽ جو ڪو مناسب بندوبست نه هو. شروع ۾ ليمارڪيٽ کان گلشن حديد تائين ڳوناٽي قسم جي هڪ 51 نمبر بس هلندي هئي، جنهن لاءِ ڪلاڪ وقت انتظار ڪرڻو پوندو هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪوسٽر سروس شروع ٿي ۽ پهرين ڪوچ 'مهراڻ' جو روٽ ڊاڪيارڊ کان گلشن حديد هو. ان ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ مختلف روٽن تي اهڙين ڪيئي ڪوچ سروسن جي شروعات ٿي ويئي. ان سروس جي شروع ٿيڻ سان علائقي جي ماڻهن لاءِ به سهولت ٿي پيئي ته ساڳي وقت علائقي تائين ٻين ماڻهن جي پهچ به آسان ٿي پيئي.

ان وقت جيئن ته شهر ۾ ايڏي گهڻي ٽريفڪ وغيره نه هوندي هئيءَ روڊ به صحيح حالت ۾ هئا، ان ڪري ماڻهو ڪلاڪ سوا ۾ شهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچي ويندو هو. اسڪولن ۽ ڪاليجن وغيره جي لحاظ کان جيتوڻيڪ اسٽيل ملز ۽ حڪومت جا قائم ڪيل ڪي اسڪول ۽ ڪاليج هئا، پر اهي پنهنجي معيار وغيره جي لحاظ کان اطمينان جوڳا نه هئا. ان گهٽتائيءَ کي پوري ڪرڻ ۽ علائقي جي آباديءَ جي وڌندڙ ضرورتن کي محسوس ڪندي هتي بيڪن ۽ سٽي سميت سوين خانگي اسڪول قائم ٿي ويا، پر خاص طور مئٽرڪ کان پوءِ جي تعليم لاءِ شاگردن جي وڏي تعداد کي وڏو سفر ڪري شهر جي مختلف تعليمي ادارن ۾ وڃڻو پئي ٿو. صحت جي سهولتن جي حوالي سان جيتوڻيڪ هتي مختلف ننڍيون وڏيون اسپتالون ۽ ليبارٽريون وغيره آهن . اسٽيل ملز جي قائم ڪيل هڪ سئو بسترن واري اسپتال به آهي، جتي چڪاس وغيره جو جديد سامان به موجود آهي، پر اسٽيل مل پنهنجي مالي بيقاعدگين، عدم دلچسپي ۽ ملازمن جي رويي جي ڪري ان اسپتال کي ان معيار تي نه آڻي سگهي آهي، جيڪا پنهنجن ملازمن ۽ علائقي جي ماڻهن کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪري سگهي. نتيجي ۾ گهڻي ڀاڱي مريضن کي شهر جي اسپتالن ڏانهن رخ ڪرڻو پوندو آهي، خاص طور ايمرجنسي جي صورتحال ۾ وڏي فاصلي ۽ ٽريفڪ جي صورتحال جي ڪري اهو ڏاڍو ڏکوئيندڙ عمل هوندو آهي.

ڪراچي جي پراڻي شهر جو ماحول شهر جي ٻين علائقن کان بلڪل ئي مختلف آهي. هتي گهڻي وقت گذرڻ ۽ ماحول تبديل ٿيڻ جي باوجود ماڻهورات دير تائين پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا رهندا آهن. ڪيئي ميل پري رهندڙ ماڻهن جي نالن ۽ گهر ٻار جي هڪٻئي کي خبر چار هوندي آهي. اسان جي آفيس جو هڪ دوست جيڪو برنس روڊ تي رهندو هو، ان کي ڊفينس ۾ گهر وٺڻ جو خيال ٿيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون سان سندس ملاقات ٿي ته ٻڌايائين ته، 'يار ڊفينس ۾ برنس روڊ وارو مزو ناهي. هر ڪو پنهنجي ڪرت ۾ لڳو پيو آهي. ماڻهن کي هڪٻئي جي خبرچار ۽ حال احوال وٺڻ جي پرواهه ئي ناهي. سوچيان پيو ته واپس برنس روڊ ۾ گهر ۾ موٽي اچان.' اهڙي ريت منهنجا سالا ۽ سندن ماءُ پيءُ جيڪي شروع ۾ هتي گشن حديد ۾ اچي رهيا هئا، تن مان رڳو هڪ هتي حديد ۾ رهجي ويو، باقي چار ڇڏا مختلف وقتن تي پنهنجي ماءُ

پيءُ سميت پنهنجي پراڻي پاڙي ۾ گهرن ڏانهن هليا ويا. ٻين گهڻن مائٽن به هتي جيڪي گهر ورتا هئا، اهي هتي مسواڙ تي ڏيئي پنهنجن پراڻن گهرن ڏانهن هليا ويا. ڪجهه ته اهڙا هئا، جن جا ٻار ته هتي رهندا هئا، پر پاڻ اسٽيل مل مان ڊيوٽي ڪري سڌو شهر هليا ويندا هئا ۽ ڏينهن جا ڏينهن گهر وارن ڪي سندن منهن ڏسڻ نصيب نه ٿيندو هو. منهنجي لاءِ خاندان جا ڪجهه فرد اهو چوندا هئا ته، ”هي پنهنجي الڳ ٿلڳ ۽ اڪيلي رهڻ واري طبيعت جي ڪري اتي حديد ۾ رهي ويندو، باقي سندس ٻئي ڪنهن پاءُ جو هتي رهڻ ڏکيو آهي.“ اهڙي ريت 27 نومبر 1997 تي آئون پنهنجو پراڻو گهر ڇڏي گلشن حديد لڏي آيس.

گهڻو ڪجهه ڏسڻ وائسڻ ڪانپوءِ مون گلشن حديد فيز ٿري ۾ گهر ورتو. ان وقت اڃان بينڪن جو گهرن، گاڏين ۽ ذاتي قرضن وغيره لاءِ آسان شرطن وارن قرضن وارو معاملو شروع نه ٿيو هو، ان ڪري گهرن جون قيمتون، جيڪي ڪجهه سالن کان پوءِ آسمان تي پهچي ويون هيون، اڃا مناسب حد ۾ ۽ مون جهڙي ماڻهو جي پهچ ۾ هيون. فيز ٿري اڃا پوريءَ ريت آباد نه ٿيو هو. گهڻا گهر ڪنسٽرڪشن ڪمپني ائين ئي اڻ مڪمل ڇڏي ويئي هئي ۽ گهڻا خالي پيا هوندا هئا، جن مان ڪجهه تي قبضا ٿيل هئا، جن کي ڇڏائڻ لاءِ مالڪ ڊوڙ ڊڪ ۾ لڳل هوندا هئا.

فيز ون جي بجلي اسٽيل مل فراهم ڪري ٿي ۽ اها ئي اتي رهندڙن کي ماهوار بل وغيره موڪليندي آهي، جڏهين ته فيز ٽو، ٿري کي اليڪٽرڪ جي حوالي ٿيل هو. ٻنهي ۾ فرق اهو هوندو هو ته، فيز ون ۾ بجليءَ جو ڪو مسئلو ۽ لوڊ شيڊنگ وغيره نه هوندي هئي، جڏهن ته فيز ٿري ۾ لوڊ شيڊنگ ۽ پاور بريڪ ڊائون وغيره عام ڳالهه هوندي هئي، ان ڪري گهڻا ماڻهو فيز ٿري جي ڀيٽ ۾ فيزون ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندا هئا ۽ ان لحاظ کان اتان جي گهرن جون قيمتون به وڌيڪ هونديون هيون. آئون جڏهن هتي رهڻ آيس ته ان وقت هتي بجلي جا ميٽر لڳل نه هوندا هئا ۽ نه ئي ڪي ماهواربل وغيره ايندا هئا.

اهي ميٽر گهڻي عرصي کان پوءِ لڳا ۽ هتي رهندڙن کي ان عرصي ۾ ائين ئي بجلي ملندي رهي. سڄي علائقي کي پاڻيءَ جي فراهمي جو بندوبست اسٽيل مل جي هٿ ۾ آهي، جيڪا پنهنجي فلٽر پلانٽ وغيره وسيلي پاڻي فراهم ڪندي آهي. ان پاڻي ۾ صفائي سترائي جو بل به اسٽيل مل ته ماهي بنياد تي وصول ڪندي آهي. ان پاڻيءَ جي ڪوالٽيءَ کي شهر جي ٻين علائقن ۾ فراهم ٿيندڙ واٽر بورڊ جي پاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ بهتر سمجهيو ويندو آهي. ان وقت پاڻي وافر مقدار ۾ هوندو هو ۽ ان جي استعمال تي ڪا پابندي نه هئي. هر ڪنهن پنهنجن گهرن آڏو وڻ ٻوٽا ۽ لان وغيره رکيا هئا ۽ پاڻيءَ جو گهڻو ضروري ۽ غيرضروري استعمال ڪيو ويندو هو. ان وقت اها صورتحال هئي ته منهنجي گهر جي ڇت تي جيڪا واٽر ٽينڪ لڳل هئي، اها رات جو دير سان جڏهن پاڻي جي فراهمي شروع ٿيندي هئي ته بنا ڪنهن پاڻي ڇڪڻ جي، موٽر وغيره هلائڻ جي، پاڻيءَ جي پنهنجي پريشر سان ئي ڀرجي ويندي هئي ۽ گهڻي دير تائين

ٽينڪ مان پاڻي ائين ئي وهندو رهندوهو. پاڙي وارا اهو سمجهندا هئا تہ شايد گهروارا پاڻيءَ جو موٽر هلائي سمهي پيا آهن.

اها صورتحال مختلف ڪارڻن ۽ خاص طور تي اسٽيل مل جي خراب ٿيندڙ معاشي صورتحال جي ڪري ساڳي نہ رهي. اسٽيل مل پاران ڪي اليڪٽرڪ جي بجليءَ جي بلن جي ادا نہ ڪري سگهڻ جي ڪري صورتحال اها وڃي بيٺي تہ اسٽيل مل ڪي بجليءَ جي فراهمي بند ٿي ويئي. اسٽيل ٽائون ۽ فيز ون، جيڪي شهر جي اهڙن ڪجھ چونڊ علائقن مان هئا، جتي بجلي جي وڃڻ جو تصور ئي نہ هو، اتي ڏينهن جا ڏينهن بجلي نہ هوندي هئي. ساڳئي وقت جڏهن معاملا ڪجھ نبريا تہ هتي صبوح شام شهر جي ٻين علائقن جيان لوڊ شيڊنگ جو معمول شروع ٿي ويو. هتان جي ماڻهن سان جڏهن علائقي جي بجليءَ جي نظام ڪي ڪي اليڪٽرڪ جي حوالي ڪرڻ جي ڳالھ ڪبي هئي تہ اهي ڪاوڙجي پوندا هئا ۽ هڪ اڌ موقعي تي تہ انهن اهڙي ڪنهن ڪوشش کي روڪڻ لاءِ مظاهرو وغيره ڪري ماڳهين نيشنل هائي وي ئي بند ڪري ڇڏيو هو. پوءِ اهڙو وقت بہ آيو جو انهن مان گهڻا اها گهر ڪرڻ لڳا تہ جيئن تہ اسٽيل مل سندن ضرورتن کي پورو نہ ٿي ڪري سگهي، ان ڪري سندن علائقي جي بجليءَ جي نظام کي ڪي اليڪٽرڪ جي حوالي ڪيو وڃي.

ان دوران فيز ٿو جي بجليءَ جي صورتحال ۾ ڪافي سڌارو اچي ويو. بلن جي ادائيگي کي ڏسندي پهرين لوڊشيڊنگ جي وقت ۾ گهٽتائي ڪئي ويئي ۽ پوءِ ماڳهين ان کي ختم ڪيو ويو.

جيستائين پاڻيءَ جي فراهميءَ جو تعلق آهي تہ بہ ٽي سال اڳ ۾ سڄي علائقي کي هڪ ڊگهي عرصي تائين اهڙي بحران کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن جي ڪري ايستائين جو گهڻن ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏي شهر جي ٻين علائقن ڏانهن منتقل ٿيڻو پيو. پهريون ڀيرو علائقي ۾ واٽر ٽينڪرن جي آمد شروع ٿي. ٽئين چوٿين ڏينهن ڪجھ علائقن کي پاڻيءَ ڦڙو ملي پوندو هو. مسئلو اسٽيل مل جي لاڳاپيل آفيسرن جي نااهلي، علائقي جي مختلف صنعتي ۽ زرعي ادارن وغيره کي پاڻي وڪڻڻ تان جهيڙو ۽ ڪجھ ماڻهن جي چوڻ موجب واٽر ٽينڪر مافيا سان ملي ڀڳت هئي، جڏهن تہ جنهن تلاءَ مان پاڻي فراهم ٿيندو هو، اهو ڀريل ئي هوندو هو. ان سڀڪجھ لاءِ جواز اهو ڏنو ويندو هو تہ پاڻي ڇڪڻ وارين مشينن ۾ خرابي آهي ۽ يا پمپنگ اسٽيشن ۾ بجلي ناهي، پر ماڻهو اهو سمجهي سگهيا ٿي تہ اها صورتحال ايتري ڊگهي عرصي تائين نہ ٿي رهي سگهي. صورتحال ايتري خراب هئي جو ننڍا ٻار پاڻيءَ جا ٿانوَ کڻي گهر گهر وڃي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ منٿون ڪندا هئا.

ان طرح پاڻي علائقي جي ماڻهن لاءِ هڪ اڻ لڀ شئي ٿي پيئي هئي. پوءِ رات وچ ۾ اهو مسئلو ائين حل ٿي ويو ڄڻ اهو موجود ئي نہ هو. چوڻ وارن جو چوڻ آهي تہ اسٽيل ٽائون ۾ رهندڙ طاقتور آفيسرن ڊگهي عرصي تائين معاملي کي ڏسڻ کان

پوءِ اسٽيل مل جي لاڳاپيل ڪامورن کي چتاءُ ڏنو هو ته، اهي معاملن کي ٺيڪ ڪن، نه ته هو پاڻ انهن کي ٺيڪ ڪندا.

هن وقت اسٽيل مل جي حالت ڪا گهڻي چڱي ناهي. حقيقت ۾ اها بند ٿي پيل آهي. علائقو جنهن جي لاءِ اسٽيل مل جي هڪ اڳوڻي چيئرمين جو چوڻ هو ته، هو ان کي اسلام آباد جهڙو ٺاهيندو، اهو نه ٿي سگهيو. آبادي وڌي ويئي آهي.

هرڪنهن ٻه ٽي ماڙ گهر ۽ گهرن ۾ دڪان بلڪ مارڪيٽون ٺاهي ڇڏيون آهن. ايڪسٽينشن ۾ ماڻهن کي گهرن، دڪانن ۽ هوٽلن وغيره لاءِ پلاٽ ڏنا ويا آهن، جتي ماڻهن پاڻي، بجلي ۽ گئس وغيره جي سهولتن نه هئڻ ڪري غيرقانوني طور انهن جا ڪنڪشن حاصل ڪيا آهن. جيتوڻيڪ علائقي مان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل وغيره جا ڪائونسلر وغيره چونڊجن ٿا، پر اجا اهو طئي نه ٿي سگهيو آهي ته، علائقي جي سڙڪن کي ٺاهڻ وغيره جي ذميواري آيا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي آهي يا اسٽيل مل جي؟ حالت اها آهي ته هن وقت جڻ علائقي ۾ سڙڪن جو وجود ئي ناهي.

جنهن علائقي کي شهر جو صاف سٿرو علائقو سمجهيو ويندو هو، اتي هن وقت جاءِ جاءِ تي ڪچري جا ڍير لڳل آهن ۽ انهن جي صفائيءَ جو ڪو بندوبست ناهي. اهو هڪ اهڙو علائقو آهي، جنهن جي هن وقت ڪا ٻه مالڪي ناهي.

# 22

# ڪجھ ريل جي سفر جي باري ۾، جتي هڪ سَٽَي باز بہ مليو!

مون پنھنجي زندگيءَ ۾ ريل جو گھڻو سفر ڪيو آهي، جيڪو مختلف طريقن سان ريل جي هر ڪلاس ۾ سفر ڪيو آهي. گھڻا سال اڳ هڪ ڀيري آئون پنھنجي وڏي ڀاءُ ۽ مامي سان گڏ پاڪستان جي مختلف شھرن جي سير تي نڪتو هوس. ملتان، لاهور ۽ راولپنڊي گھمڻ کان پوءِ پشاور پھتا هئاسين، جتان اسان کي ڪراچيءَ موٽڻو هو. اسان مان ڪنھن کي بہ ان وقت اهو اندازو نہ هو تہ اڳواٽ بُڪنگ ڪانسواءِ ريل ۾ سيٽ نہ ملندي آهي، خاص طور تي پشاور کان ڪراچيءَ جي اٽڪل چوويھ ڪلاڪن جي ڊگھي سفر لاءِ تہ اهو اشد ضروري هو. ٽڪيٽ وٺي ريل ۾ چڙهي پياسين. ڪا سيٽ خالي هجي تہ اسان کي ملي. پناڻن جا ڪٽڪ هئا، جيڪي پشاور کان ڪراچيءَ اچي رهيا هئا. اهو سفر اسان ٽنھي لاءِ انتهائي تڪليف ده هو. مون کي تہ پنجاب جي ڪنھن شهر تي لهندڙ هڪ همراهہ گاڏيءَ ۾ موجود ٻين مسافرن سان وڙهي پنھنجي سيٽ الائي ڪھڙي خيال کان ڏيئي ويو، پر باقي اسان وارا ٻيئي همراهہ ائين ئي پنھنجو وقت گذاري اچي ڪراچيءَ پھتا.

ان کان گھڻو وقت پوءِ 9 اپريل 2008 تي مون کي پنھنجي زال سان گڏ ملتان وڃڻو هو ۽ اسان اڳواٽ ان لاءِ بڪنگ بہ ڪرائي ڇڏي هئي. مون کي پنھنجي آفيس مان، جڏهن تہ منھنجي گھرواريءَ کي پنھنجي گلشن حديد واري گھر مان سڌي اسٽيشن تي پھچڻو هو. ڪراچيءَ جي حالتن لاءِ تہ نہ ان وقت ۽ نہ ئي هاڻي ڪا اڳڪٿي ڪري سگھجي ٿي تہ، ايندڙ لمحي ڇا ٿيندو. ان ڏينهن بہ اوچتو ايم ڪيو ايم ڪنھن بھاني پنھنجو احتجاج شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ معمول جيان سڄو شهر وڳوڙن ۾ وٺجي ويو هو. ان ڏينهن ئي سٽي ڪورٽ جي ويجھو طاهر پلازه ۾ وڪيل ۽ سندن اصيل، ڪيميڪل ذريعي باهہ ڏيئي ساڙيا ويا هئا. مون لاءِ ٽاور تي اسٽيٽ بينڪ کان سٽي اسٽيشن پھچڻ ڪو مسئلو نہ هو، پر منھنجي زال کي ان سلسلي ۾ وڏي ڏکيائيءَ کي منهن ڏيڻو پيو. ٽئڪسي ۾ گھران نڪرڻ مهل نہ تہ ڪيس ۽ نہ ئي ٽئڪسي ڊرائيور کي شهر ۾ حالتن جي سنگيني جو اندازو هو. قائد آباد پھچڻ کان پوءِ انهن کي ڪجھ اندازو ٿيو تہ اڳتي حالتون صحيح ناهن.

ٽئڪسي ڊرائيور اڳتي هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، پر منھنجي زال اهو سوچي تہ، هوءَ جيڪڏهن لانڍي اسٽيشن تان ڪنهن ريل ۾ ويهندي تہ اها ڪيس سڌو وڃي سٽي اسٽيشن لاهيندي. پر جنھن ٽرين ۾ هوءَ ويني تہ اها بہ وڳوڙن جي ڪري ڊرگ روڊ جي اسٽيشن تي بيهي رهي ۽ اتان هوءَ ڪنهن طريقي سان وڏيڪ ڀاڙو ڏيئي رڪشا يا ٽئڪسي ڪري اچي سٽي اسٽيشن تي پهتي.

آئون جڏهن اسٽيشن تي پهتس ته هوءَ اڳ ۾ ئي اتي موجود هئي. پوءِ ريل جو هڪ اٽڪڻ انتظار شروع ٿي ويو. گهر وارن کي اسان اطلاع ڪري ڇڏيو هو ته اسان خيريت سان اسٽيشن تي پهچي ويا آهيون، جنهن ڪري هو ڪا ڳڻتي نه ڪن. جنهن ريل گاڏيءَ کي ڇهين وڳي ڪراچيءَ کان روانو ٿيڻو هو، اها ان وقت تائين ڪراچي ئي نه پهتي هئي ۽ شهر کان ٻاهر ئي وڳوڙن جي ڪري ڪٿي بيٺل هئي. اسان وانگر بيا گهڻا مسافر به اسٽيشن تي پنهنجي پنهنجي گاڏيءَ جي انتظار ۾ وينا هئا. نيٺ رات جو اٽڪل نائين وڳي ڏاري گاڏي ڪراچي پهتي ۽ يارڊ ۾ صفائي وغيره جي عمل مان گذرڻ کان پوءِ اٽڪل ڏهين وڳي ڏاري ڪراچي کان رواني ٿي. ساڳئي ريت اسان پنهنجي منزل تي به اوترو ئي دير سان پهتاسين.

سنڌ جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۾ ريلوي جو نظام هميشه کان وڌيڪ بهتر رهيو آهي. انهن جو شيڊول اهڙي ريت طئي ٿيل هوندو آهي جو فيصل آباد، گجرانوالا ۽ گجرات وغيره کان به ماڻهو صبح جو سوير لاهور؛ پنهنجن ڪمن ۽ دفترن ۾ پهچي سگهن ٿا. مون کي پنهنجي آفيس جي ڪمن جي سلسلي ۾ اڪثر پنجاب جي مختلف شهرن ۾ وڃڻو پوندو هو ۽ ان سهولت کي مدِنظر رکندي آئون پنهنجي رهائش لاهور ۾ ئي رکندو هوس، جتان ئي اچ وڃ ڪندو هوس. لاهور کان پنڊي ويندڙ ريل ڪار مون کي صبح جو نائين وڳي کان اڳ گوجرانوالا تي لاهيندي هئي. هڪ ڀيري مون کي ڪاريان وڃڻو هجي ۽ مون اهو ئي سوچيو ته، صبح جو ريل ڪار ۾ سوار ٿي سڌو وڃي اتي لهبو. اتفاق سان اتي پليٽ فارم تي نان اسٽاپ نالي ٽرين به بيٺل هجي، جيڪا واٽ تي ڪٿي بيهڻ کانسواءِ سڌو لاهور کان پنڊي ويندي آهي. آئون غلطيءَ سان ريل ڪار ۾ چڙهڻ بدران نان اسٽاپ ۾ سوار ٿي ويس. جڏهن اها گجرانوالا جي اسٽيشن تي نه بيٺي ته، مون ٻين مسافرن کان پڇيو ته، ”اها اتي ڇو نه بيٺي؟“

انهن ٻڌايو ته، ”اها ريل ڪار نه، پر نان اسٽاپ آهي، جيڪا گجرانوالا تي ناهي بيهندي ۽ نه ئي وري اها ڪاريان تي بيهندي.“ آئون پريشان ٿي ويس ته اهو ته غلط ڪم ٿي ويو. گاڏي مون کي سڌو پنڊي وڃي لاهيندي ۽ پوءِ اتان ڪاريان پهچندي ته شام ٿي ويندي، پر ان ڳالهه کي اتفاق چئجي ته نيڪ ڪاريان اسٽيشن تي ئي سگنل نه ملڻ ڪري گاڏي بيهي رهي. گاڏي پليٽ فارم کان ڪجهه پرتي بيٺي. زندگيءَ ۾ شايد اهو پهريون ڀيرو هو جو مون پنهنجو سامان ڪنيو ۽ هيٺ پٽڙين تي ٽپي ڀيس ۽ پٽڙيون پار ڪري سڌو ڪاريان جي ريلوي اسٽيش ۽ اتان ٻاهر نڪري ويگن رستي ڪاريان شهر ۾ پنهنجي وقت کان اڳ پنهنجي منزل تي اچي پهتس. ان متعلق هينئر به آئون سوچيندو آهيان ته مون کي يقين نه ايندو آهي ته، واقعي ائين ٿيو هو ۽ مون پٽڙين تي ٽپو ڏنو هو.

ڪجهه عرصو اڳ هڪ دوست سان پروگرام ناهي لاهور لاءِ روانا ٿياسين. منهنجي اها عادت آهي ته گهڻي ڀاڳي اسٽيشن تي ريل مان نه لهندو آهيان، پر ان ڏينهن الائي ڇا ٿيو جو آئون ڪنهن شئي وٺڻ لاءِ حيدرآباد اسٽيشن تي گاڏيءَ مان لهي پيس. مون اڃا اها شئي ورتي نه ورتي ته ريل هلڻ شروع ڪيو ۽ آئون ان ۾ سوار ٿي نه

سگهيس ۽ پنهنجي ان شئي سميت اتي اسٽيشن تي ئي رهجي ويس. مون سان گڏ جيڪو همراه هئو، اهو پنهنجي ليکي پريشان، پر هو ٽرين ۾ اڳتي هليو ويو. پوءِ فون تي اهو طئي ڪيوسين ته هو پلي لاهور پهچي اتي منهنجو انتظار ڪري. آئون پويان ايندڙ ٻي ٽرين ۾ اتي پهچان ٿو. پويان ايندڙ ٻي ٽرين ته مون کي جلدي ملي ويئي، پر اهو سفر ان دوست جي لاءِ ۽ منهنجي لاءِ ذهني اذيت ۽ تڪليف وارو رهيو.

ان سڀڪجهه جي باوجود به ريل جو سفر منهنجي لاءِ بس ۽ هوائي جهاز جي ڀيٽ ۾ هميشه وڻندڙ ۽ اتساهيندڙ رهيو آهي. آئون هاڻي به ريل جي سفر کي ترجيح ڏيندوآهيان. هونئن ته مون هوائي جهاز، ريل ۽ بس ۾ گهڻو سفر ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ هر سفر جي پنهنجي خاصيت آهي ۽ ماڻهو هر سفر ۾ مختلف تجربا حاصل ڪري ٿو، پر انهن ۾ ريل جي سفر جي هڪ پنهنجي انفراديت آهي. ان ۾ ريل جو گاڏو جڻ ته ڪجهه وقت لاءِ مسافرن جو گڏيل گهر بڻجي ويندو آهي ۽ اهڙا مسافر، جيڪي هونئن هڪٻئي سان ڪڏهن مليا به نه هوندا آهن، سي سفر ختم ٿيڻ تائين هڪٻئي جي انتهائي ويجهو اچي وڏا مائٽ بڻجي پوندا آهن. هونئن ته منهنجو اهڙي سفر ۾ گهڻن مختلف ماڻهن سان واسطو پيو آهي، پر ويجهڙ ۾ جڏهن هڪ ذاتي ڪم سانگي ملتان وڃڻو پيو ته، اهو جڻ هڪ نئين قسم جي ماڻهن سان سفر ڪرڻ جو هڪ منفرد تجربو هو.

هن وقت جيتوڻيڪ ريل جي نظام ۾ مسافرن کي سهولتن وغيره ڏيڻ ۽ وقت جي پابنديءَ جي حوالي سان گهڻو سڌارو اچي چڪو آهي، پر ساڳئي وقت ڪجهه ريل گاڏين کي نجي هٿن ۾ ڏيڻ ۽ وڌيڪ پئسن ڪمائڻ جي حوالي سان نشستن وغيره ۾ جيڪي تبديليون ڪيون ويون آهن، انهن مسافرن لاءِ ڪجهه سوڙهه، تنگي ۽ ڏکيائي به پيدا ڪري ڇڏي آهي. اڳ ۾ جيڪا جاءِ ٻن ماڻهن لاءِ هوندي هئي، اتي هاڻي ٻنهي پاسن کان وچ ۾ هڪ هڪ واڌو سليپر هڻي ڇهن ماڻهن جي گنجائش ڪئي ويئي آهي. اهڙيءَ ريت ماڻهو لاءِ جڻ صحيح نموني ويهڻ جي جاءِ به نه ٿي هجي. ريلوي وارن جو مقصد آهي ته اهي بس ستل ئي رهن. اها صورتحال اڪثر سڀني ريل گاڏين ۽ انهن جي سڀني ڪلاسن ۾ آهي.

آئون ڪراچي مان پنهنجي زال سان 23 سيپٽمبر تي تيزگام ۾ بزنس ڪلاس ۾ روانو ٿيس. اسان کان سواءِ اسان جي ڪوپي ۾ چار ٻيا مسافر سوار ٿيا. انهن همراهن جو ڪراچيءَ سان ئي واسطو هو. انهن اسان کي شروع ۾ چيو ته ”اسان جي پاران اوهان کي ڪابه پريشاني نه ٿيندي.“ سندن ڳالهين مان خبر پيئي ته هو جيتوڻيڪ پاڻ ۾ دوست هئا، پر پنهنجي مزاج، عمر ۽ پسمنظر جي حوالي سان مختلف هئا. هڪ ڪانياواڙي ميمڻ، هڪ رنڇوڙ لائين ۾ رهندڙ سلاوٽ ۽ ٻه اڙدو ڳالهائيندڙ هئا. ميمڻ جو سڄو ڌيان پنهنجي موبائيل تي هو ۽ لاڳيتو پنهنجي گهر ۾ پنهنجي پٽ سان رابطي ۾ هو. هو ان کي ڪنهن ڪرڪيٽ ميچ ۾ سٽي جي حوالي سان هدايتون ڏيئي رهيو هو. ساڳئي وقت هو پنهنجي هڪ دوست کي اهو پڻ سمجهائي رهيو هو ته، انٽرنيٽ

وسيلي انهن ميچن ۾ ڪيئن ٻولي ڏبي آهي ۽ ڪيئن سٽو ڪيڏبو آهي. مون دير تائين اهو سڀڪجهه ڏٺو پي.

جيتوڻيڪ ڪرڪيٽ ڪي آئون به فالو ڪندو آهيان، پر مون ڪي ذهن ۾ نه پيو اچي ته ان وقت ڪٿي ۽ ڪهڙي ميچ ٿي رهي هئي. نيٺ مون کان رهيو نه ٿيو ۽ مون ڪانئس پڇيو ته، ”اها ڪهڙي ميچ ۽ ٽورنامينٽ آهي؟“ هن مون کي ٻڌايو ته، ”اها ڀارت جي پرڳڻي ڪرناٽڪا ۾ ٿيندڙ ڪرناٽڪا پريميئر ليگ آهي، جنهن ۾ ان پرڳڻي جون مقامي ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن.“

مون ڪانئس پڇيو ته، ”هو ڪهڙيءَ ريت اها راند ڪري ٿو؟“ ته هن ٻڌايو ته، ”سندس واسطو ڪنهن به ٽيم جي کٽڻ يا هارائڻ سان نه هوندو آهي.“ هن مون کي سمجهائيندي چيو ته، ”جيئن شيئرز مارڪيٽ ۾ شيئرز جي قيمت ۾ چاڙهه ۽ لاٽ جي صورت ۾ خريد و فروخت ڪري نفعو ڪمائبو آهي، ساڳي ريت هتي به ڪنهن به ٽيم جي اڳهه ۾ لاٽ ۽ چاڙهه جي صورت ۾ اسان ٽيمن جي خريد و فروخت ڪندا آهيون.“ هو پنهنجي دوست کي ٻڌائي پيو ته، ”اهو ڌنڌو جڻ ته سندس رت ۾ شامل آهي. شروع ڏينهن کان هو اهو ڪم ڪندو رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته اهو دنيا جو بهترين ڌنڌو آهي.

جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ پئسو آهي ته ان کي ان ڪم ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ان لاءِ هڪ ته ماڻهوءَ کي ان ڪم جي طور طريقن جي خبر هجي ۽ ٻيو منجهس نقصان برداشت ڪرڻ جي به سگهه هجي. پر هن جي باقي ٽن دوستن مان ڪنهن جي به ان ڪم ۾ دلچسپي نه ٿي لڳي ۽ هو ان ڪم کي چڱو نه پيا سمجهن. جڏهين ته هڪ ٻئي دوست جي وري ڳائڻ ۾ دلچسپي هئي ۽ منهنجي ۽ پنهنجن دوستن جي زور پرڻ تي هن پراڻن انڊين ۽ ڪلاسيڪي گانن جا ڪجهه ٽڪرا ڳائي ٻڌايا.

سلاوٽ جو چوڻ هو ته، هو مقامي چونڊن ۾ چيئرمين جي عهدي لاءِ آزاد اميدوار طور بيٺو هو، پر ايم ڪيو ايم جي اميدوار کان ڏيڍ سئو ووٽن تان هارائي ويو. سندس چوڻ هو ته، هو اهڙين چونڊن ۾ حصو وٺندو رهندو آهي ۽ برادريءَ جي ڪري سندس ووٽن جي پوزيشن به مضبوط هوندي آهي. هن پيري ايم ڪيو ايم، خاص طور تي برادريءَ جي حوالي سان فاروق ستار پاران مٿس گهڻو زور وڌو ويو ته هو ايم ڪيو ايم جي ٽڪيٽ وٺي يا ايم ڪيو ايم جي اميدوار جي حق ۾ هٽ ڪٽي ۽ قوم کي نه ورهائي. ايستائين جو منهنجي ساڻس ملاقات کان انڪار ڪرڻ جي باوجود هو منهنجي اليڪش آفيس ۾ هلي آيو، پر مون کي هٽ ڪٽائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. سندس چوڻ هو ته سندس پنهنجو هڪ موقف آهي. هو ايم ڪيو ايم جي سياست کي پنهنجن ماڻهن لاءِ صحيح نه پيو سمجهي.

انهن ۾ سڀني کان ننڍو اساما نالي نوجوان هو، جيڪو ڳئن ۽ مينهن وغيره جي واپار جو ڪم ڪندو آهي. ان جي ڪم سانگي ئي اهي چارئي ڄڻا مال جي خريداري لاءِ ٽرين ذريعي خانيوال وڃي رهيا هئا، جتان ڪين جهنگ وڃڻو هو، جتي ڇنڇر تي مال

جي خريد و فروخت جي بازار لڳندي آهي. چئني ڄڻن جو ريل جو ڀاڙو، کاڌي پيتي مطلب ته سفر جو سڄو خرچ متانئس هو ۽ هو زوريءَ کين ڪارائي پياري رهيو هو. هن نوجوان جي جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم سان همدردي لڳي ٿي، پر سندس شوق ڳائڻ سان هو. هن ٻڌايو ته شروع ۾ هن ان سلسلي ۾ باقاعدي تربيت وٺڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي، پر سندس والد پاران ڪيس اجازت نه ملي، جنهن ڪري هو وڌيڪ اڳتي نه وڌي سگهيو. سندس چوڻ هو ته، هو فلمي گانا ڳائڻ پسند نه ڪندو آهي ۽ گهڻو ڪري ڪلاسيڪي راڳ ۽ ڪافين وغيره تي ڌيان ڏيندو آهي. اسان جي گهڻي اصرار تي هن ڪجهه گيت اسان کي ٻڌايا.

چوٿون اسد نالي همراه گهٽ ڳالهائڻ ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو هو. ڪنهن سياسي تنظيم ۽ سياسي اڳواڻ سان سندس ڪا جذباتي وابستگي نه هئي، بلڪ سندس چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم جي سياست هڪ شهر جي حيثيت ۾ ڪراچيءَ کي تعليم ۽ شهري سهولتن جي حوالي سان گهڻو پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. ان رڳو پنهنجي ووٽ بينڪ کي وڌائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ وڏي پئماني تي ٻاهرين ماڻهن جي رهڻ جي حوصلي افزائي ڪئي، جنهن ڪري شهري سهولتن تي دٻاءُ وڌيو ۽ شهر ۾ بيروزگاري ۽ ڏوهن ۾ واڌارو ٿيو، جنهن جو گهڻو بار پڻ مهاجرن کي ڪٽڻو پيو.

اهڙي ريت اهو سفر انهن دلچسپ ماڻهن جي سنگت ۾ پورو ٿيو.

# 23
# رٽائرمينٽ ۽ اُن ڪانپوءِ......

سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهن لاءِ سٺ سالن جي عمر کي پهچڻ ڪانپوءِ رٽائرمنٽ هڪ اهم مرحلو هوندو آهي. ڪن لاءِ ته جن سڄي عمر نوڪريءَ کي ئي پنهنجو سڀڪجهه سمجهيو هوندو آهي ۽ ايستائين جو گهر ۽ ٻارن جي حيثيت به انهن جي لاءِ ثانوي هوندي آهي، اهو جڻ هڪ وڏو صدمو هوندو آهي. مون سان گڏ بينڪ ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي دفتر جي مقرر وقت کان پوءِ به ڪنهن ڪم ڪار ڪانسواءِ مختلف ڪارڻن جي ڪري رات جو دير تائين دفتر ۾ ويٺا هوندا هئا. ڪجهه ان ڪري ويهندا هئا جو دفتر جي وقت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن تائين ويهڻ سان گهر وڃڻ لاءِ بينڪ جي گاڏي ملي ويندي هئي. پر گهڻا جڻ گهر ۽ ٻارن ٻچن کان بيزار هوندا هئا. هڪ آفيسر لاءِ ٻڌائيندا هئا ته، جنهن ڏينهن سندس زال جو آپريشن هو، ان ڏينهن به هو آفيس ۾ موجود هو. اهڙن ماڻهن لاءِ زال ۽ ٻارن کي پئسا ڏيڻ ۽ سندن مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ڪافي هوندو آهي. انهن لاءِ اهميت انهن کي مناسب وقت ڏيڻ جي نه، پر ان ڳالهه جي هوندي آهي ته دفتر ۾ ابتا سبتا ڪم ڪري ۽ دير تائين ويهي پنهنجي صاحب کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، کي فائدا حاصل ڪجن. اهڙا ماڻهو پنهنجي ان سڄي ورتاءَ جي جيڪا قيمت ادا ڪندا آهن، ان جو اندازو کين ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن اهي نوڪريءَ تان رٽائر ٿي پنهنجي گهر ويهندا آهن ۽ کين گهڻو وقت پنهنجي زال ۽ ٻارن سان مجبور ٿي گذارڻو پوندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جا ٻار جيئن ته سندس موجودگيءَ جا عادي نه هوندا آهن، ان ڪري هو جڻ سندن لاءِ هڪ غير ضروري ۽ اڻ وڻندڙ شئي ٿي پوندو آهي.

هڪ اهڙي همراهه لاءِ ٻڌائين ٿا ته، هو هڪ ڏينهن گهر وارن کي ٻڌائي نڪتو ته، هو ڪنهن ڪم ڪار سان وڃي ٿو ۽ دير سان گهر موٽندو، پر ڪنهن ڪارڻ هو رستي مان ئي جلدي موٽي آيو. جڏهن سندس ڌيءُ گهر جو در کوليو ته، ان جي وات مان فوري طور اهي اکر نڪتا ته، ’وري اچي وئين؟‘ اهڙي ريت هڪ ٻئي همراهه جو قصو ائين آهي ته، هو رات جو دير سان گهر اچي سمهندو هو ۽ صبح جو آفيس هليو ويندو هو. رٽائرمنٽ کان پوءِ جڏهن هو گهر جي پاڙيسرين جي پاڙي ۾ ويهي ڪچهري ۽ کل ڀوڳ ڪندي ڏسندو هو ته سندس دل به چوندي هئي ته، هو به ساڻن گڏ ويهي پاڙي کي وندرائي، پر جڏهن هو اتي انهن جي ڪچهريءَ ۾ وڃي ويهندو هو ته سڀ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ماٺ ٿي ويندا هئا. پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجو ڪو نه ڪو ڪم ياد اچڻ لڳندو هو - ۽ هو اتان اٿي ويندا هئا. ائين هي همراهه ساڳيو اتي اڪيلو ويٺو هوندو هو. اهڙا گهڻا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن ته، جن ماڻهن پنهنجي زندگيءَ ۾ توازن نه رکيو ۽ سندن ليکي رڳو گهر ۽ گهر وارن جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ڪافي آهي، جڏهن ته ساڻن سنو

وقت گذارڻ جي ڪا اهميت ناهي، پوءِ انهن ماڻهن کي خبر پئي ٿي ته انهن اهڙي ريت رڳو ڦلهار ۾ ڦوڪون ڏنيون ۽ هڪ سراب پويان ڊوڙندي گهڻو ڪجهه وڃائي ڇڏيو.

پنهنجي سڄي نوڪري دوران منهنجي اها عادت هوندي هئي ته وقت جي پوريءَ ريت پابندي ڪندو هئس. ليمارڪيٽ ۾ رهندي آئون گهڻو ڪري پنڌ ئي آفيس ايندو ويندو هئس. صبح جو نائين ڪان اڳ ۾ آفيس ۾ هوندو هئس ۽ شام جو، جيڪڏهن ڪو انتهائي ضروري ڪم نه هوندو هو، جنهن کي ٻئي ڏينهن تي نه پيو ٽاري سگهجي، ته آفيس ٽائيم ختم ٿيڻ سان ئي نڪري ويندو هئس. گهر جي مصروفيتن کان سواءِ شهر ۾ ٿيندڙ مختلف ادبي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ منهنجي شموليت هوندي هئي. ان سان گڏوگڏ لکڻ پڙهڻ جو ڪم هو، جنهن لاءِ به وقت گهربل هوندو هو. پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي نه ڪرڻ، پر ساڳئي وقت آفيس ٽائيم کان پوءِ ويهي پنهنجو وقت ضائع ڪرڻ منهنجي عادت نه هئي. منهنجو اهو روٽين اٽڪل پنجٽيهه سالن جي نوڪري دوران رهيو، پر ڪنهن به آفيسر کي اهو موقعو نه مليو ته، هو منهنجي ڪم متعلق ڪا شڪايت ڪري.

رٽائرمينٽ کان ڇهه مهينا اڳ ئي جنوري 2014 ۾ آئون رٽائرمنٽ کان اڳ واري ڇهه مهينن جي موڪل تي هليو ويو هئس. ان وقت مون بابر اياز جي انگريزي ۾ ڇپيل ڪتاب What is Wrong with Pakistan جو ترجمو پئي ڪيو. ان ترجمي ۽ ان جي پروف ريڊنگ وغيره جو ڪم مون فيبروري 2014 ۾ مڪمل ڪري ليکڪ جي حوالي ڪيو، پر اهو ڪتاب ليکڪ سان لاڳاپيل مختلف ڪارڻن جي ڪري ان وقت ڇپجي نه سگهيو. ان دوران مون صبح جو سويل اٿڻ، واڪ ڪرڻ، گهر اچي نيرن ڪري، ليپ ٽاپ کڻي ڏيڍ ٻه ڪلاڪ پنهنجو ڪم ڪري اٽڪل يارهين وڳي تائين فارغ ٿيڻ ۽ پوءِ جيڪڏهن گهر ۾ ڪنهن ڀاڄي وغيره جي ضرورت هئي ته، اها وٺي اچڻ جو معمول ناهي ڇڏيو هو. ان کان پوءِ به گهڻو وقت هوندو هو.

ان دوران مون اها ڪوشش ڪئي ته منهنجا سنڌي، اڙدو ۽ انگريزي ۾ جيڪي مضمون هئا، انهن کي ترتيب ڏيئي ڪتابن وغيره جي صورت ڏجي. ڪنهن حد تائين اهو ڪم ڪري سگهيس. پر هتي هڪ ته پبلشرن جا پنهنجا مسئلا آهن، جڏهن ته مون پنهنجي هڪ ڪتاب ڇپرائڻ جو تجربو ڪيو هو، جيڪو ايڏو وٽندڙ نه هو. ڪجهه دوستن ان حوالي سان سهڪار ڪرڻ جا واعدا به ڪيا هئا، پر مون اهو محسوس ڪيو ته رٽائرمينٽ کان پوءِ گهڻن دوستن جا رويا به تبديل ٿي ويندا آهن. جيتوڻيڪ هو پنهنجي واتان ائين چوندا ناهن، پر محسوس ضرور ڪرائيندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪن دوستن مسودا به ورتا، پر اهي يادگيري ڪرائڻ جي باوجود هاڻي انهن وٽ شايد ئي موجود هجن.

مون کان ڪجهه عرصو پوءِ رٽائر ٿيل هڪ دوست کان مون پڇيو ته، ”سنڌس وقت ڪيئن پيو گذري؟“ ته هن پنهنجي روٽين جو تفصيل ٻڌائيندي چيو ته، ”يار باقي ته سڀ ٺيڪ آهي، باقي انهن ڪم ڪرڻ وارين ماسين ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. گهر ۾

جتي به ڪو ڪتاب يا اخبار وغيره ڪڍي وجي ويهان ٿو ته، منهنجي زال، ڪم واري ماسيءَ سان اتي پهچي وڃي ٿي ۽ مون کي اتان اٿي ٻي جاءِ تي وڃڻو پوي ٿو. اهڙي ريت پاڻ کي مصروف رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود ڏينهن جو گهڻو وقت هوندو آهي، جنهن لاءِ باقاعدي مصروفيت درڪار هوندي آهي.“

ان طرح رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا به پنهنجا هوندا آهن، خاص طور انهن کي پنهنجي Dues ۽ پينشن وغيره جي حوالي سان جيترو تنگ ڪيو ويندو آهي، ۽ ان لاءِ هڪ وڏي رقم، رشوت طور گهري ويندي آهي، جنهن ڳالهه جي سڄي جڳ جهان کي خبر آهي. ان حوالي سان رشوت نه ڏيڻ وارن جي زندگي جنهن ڪسمپرسي واري حالت ۾ گذري آهي، ۽ گذرندي آهي، ان جون خبرون روز ميڊيا ۾ اچن ٿيون، پر عام ماڻهن سان ٿيندڙ ٻين گهڻين ناانصافين جيان ان جو به ڪو تدارڪ نه ٿو ڪيو وڃي ۽ اهو سلسلو جيئن جو تيئن جاري آهي. ساڳي ريت مختلف ادارن ۾ ملازمن کي زوريءَ رٽائرڪيو يا ڪڍيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو به لاڳيتو جاري آهي، جيڪا ڳالهه به ڪنهن کان لڪل ناهي.

ان حوالي سان اسٽيٽ بينڪ هڪ منفرد ادارو آهي. ملازمن کي پنهنجن آفيسرن وغيره کان ساليانو رپورٽن ۽ پروموشن وغيره جي حوالي سان شڪايتون ٿي سگهن ٿيون، پر هڪ اداري جي حيثيت ۾ ان جو پنهنجن ملازمن سان هڪ بهتر ۽ مهذب ورتاءُ رهيو آهي. هتي گولڊن هينڊ شيڪ ۽ وقت کان اڳ رٽائرمينٽ جون مختلف اسڪيمون وغيره اينديون رهيون آهن، پر انهن ۾ زوري ڪڍڻ ۽ هراس ڪرڻ وارو عنصر گهٽ ئي رهيو آهي. به اسڪيمون ته بينڪ جي پاليسيءَ جو مستقل حصو آهن، جن ۾ ملازم 55 ۽ 58 سالن جي عمر ۾ پنهنجي جمع ٿيل موڪلن وغيره کي ڪيش ڪرائي رضاڪاراڻي طور رٽائر ٿي سگهي ٿو. انهن اسڪيمن هيٺ گهڻا ملازم پنهنجي مرضيءَ سان رٽائرمينٽ وٺي ويندا آهن.

ڊاڪٽر عشرت حسين جڏهن اسٽيٽ بينڪ جو گورنر هو ته هو مختلف موقعن ۽ گڏجاڻين ۾ اها ڳالهه ڪندو هو ته، اسٽيٽ بينڪ جي رٽائرڊ ملازم کي ان جي بينڪ مان وڃڻ وقت ايترو ڪجهه ملڻ گهرجي جو هو آرام ۽ اطمينان سان پنهنجي باقي زندگي گذاري سگهي ۽ سندس ڪسمپرسي واري حالت کي ڏسي، ڪنهن کي اهو چوڻ جو موقعو نه ملي ته، هي اسٽيٽ بينڪ جو ملازم رهيو آهي. باقي جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجن پئسن کي ضائع ڪري ٿو ۽ پوءِ پريشانيءَ واري حالت ۾ اچي وڃي ٿو ته، اها هڪ ڌار ڳالهه آهي.

اسٽيٽ بينڪ جي ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن وغيره جو اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان سان ڪو واسطو ناهي. اها پنهنجي ليکي هڪ خودمختيار اداري طور پنهنجا سڀ مالي معاملا پاڻ طئي ڪندي آهي. منهنجو ذاتي تجربو اهو آهي ته، هتي رٽائرڊ ملازم سان ٻيا ملازم، جن سان هن هڪ ڊگهو وقت سڌي يا اڻ سڌي ريت گذاريو هوندو آهي، هڪ خاص ورتاءُ ڪندا آهن. سندن اها ڪوشش هوندي آهي ته، ان کي گهٽي

تڪليف نہ اچي ۽ گهٽي پيچ ڊڪ نہ ڪرڻي پوي. ڪاغذ وغيره هو اڳ ۾ ئي تيار ڪري ونندا آهن ۽ گهٽو ڪري رٽائر ٿيڻ واري ڏينهن يا وڌ ۾ وڌ هفتي جي اندر چيڪ ان جي هٿ ۾ ڏيندا آهن. جيڪڏهن اجا بہ ڪا ٿوري گهٽي رقم رهيل هوندي آهي تہ، اهي فون وسيلي رابطي ۾ هوندا آهن. ممڪن آهي تہ ڪي ٻيا ادارا بہ پنهنجن ملازمن سان اهڙو ورتاءُ ڪندا هجن، پر موجوده صورتحال ۾ ان جو تصور ڪرڻ ڏکيو آهي.

ادبي، سياسي ۽ ثقافتي ماحول ۾ گهٽي تبديلي اچڻ ۽ اڪيلي رهڻ واري عادت وغيره جي ڪري منهنجو گهٽو وقت گهر ۾ ائين ئي گذرندو هو. مختلف مالي ادارن کي اسٽيٽ بينڪ سان لهہ وچڙ جي ڪري خاص طور بينڪ جي رٽائرڊ ملازمن جي ضرورت هوندي آهي، جيڪي مختلف معاملن ۾ سندن مدد ڪري سگهن. منهنجي رٽائر ٿيڻ جي اٽڪل چئن ساڍن چئن مهينن کان پوءِ بينڪ ۾ منهنجي هڪ دوست، جنهن کي اها خبر هئي تہ، آئون في الحال واندو آهيان، مون کي فون ڪري چيو تہ، ”هڪ ايڪسچينج ڪمپنيءَ کي هڪ ماڻهوءَ جي ضرورت آهي. تنهنجي دلچسپي هجي تہ انهن سان رابطي ۾ اچ.“ اهڙي ريت مون اها ايڪسچينج ڪمپني جوائن ڪئي. جيتوڻيڪ انهن ڪمپنين کي اسٽيٽ بينڪ جو لائسنس مليل هوندو آهي ۽ ان جي قاعدن قانونن موجب ڪم ڪنديون آهن، پر انهن تي نہ رڳو اسٽيٽ بينڪ پر ايف آءِ اي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بہ مني لانڊرنگ وغيره جي حوالي سان ڪڙي نظر هوندي آهي. وقت بوقت انهن خلاف مختلف قدم کنيا ويندا آهن، جنهن جي ڄاڻ سڄي جهان کي پوندي آهي. انهن ڪمپنين جي ڪم جي تہ مون کي ڄاڻ هئي، پر اها مون کي اسٽيٽ بينڪ جي حوالي ۽ ان جي نقطہ نظر سان هئي. هاڻي ڳالهہ مختلف هئي ۽ شين کي ٻئي پاسي کان ڏسڻو هو. ان لحاظ کان اهو جڻ هڪ نئون تجربو هو. ان ڪانسواءِ ان اداري جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ، هتي اڳ ئي ڪم ڪندڙ هڪ اڌ ملازم کي شروع ڏينهن کان اهو شڪ اچي وينو تہ، هن نئين همراهہ جي اچڻ جي ڪري ڪٿي سندس نوڪري نہ خطري ۾ پئجي وڃي، ان ڪري هن شروع کان ئي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ مون کي تنگ ڪيو وڃي. منهنجي پنهنجي صلاح مصلحت ۽ نهي هلڻ واري عادت جي ڪري اهو معاملو هلندو رهيو.

اٽڪل هڪ سال اتي گذارڻ ڪانپوءِ هڪ دوست فون ڪيو تہ، ”هڪ نئين بينڪ کي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن تنهنجي دلچسپي آهي تہ فلاڻي ماڻهوءَ سان وڃي مل.“ ٻئي ڏينهن ان ماڻهوءَ سان منهنجي ملاقات ٿي. ڪم جي نوعيت جيڪا ان مون کي ٻڌائي، اها اسٽيٽ بينڪ جي حوالي سان مختلف معاملن ۾ بينڪ جي مدد ڪرڻ هو. دراصل ڪمپنيءَ جي ماحول مون کي ذهني طور ايتري ڇڪتاڻ ۾ وجهي ڇڏيو هو، جو مون کي بس اتان نڪرڻ جي ڪا واٽ گهربل هئي. پگهار وغيره متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪري مون ڪيس هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ ڪمپني ۾ استعفيٰ ڏيئي مهيني جو نوٽيس ڏيئي ڇڏيو. اهڙي ريت مهيني ڪانپوءِ مون بينڪ جوائن ڪئي. هتي اهي مسئلا موجود نہ هئا، جيڪي ايڪسچينج ڪمپني جي نوڪريءَ ۾ هئا، پر ساڳي وقت

ان ڳالهه جي باوجود ته اسٽيٽ بينڪ ۾ بينڪ جي ڪم جي حوالي سان جن شعبن سان منهنجو واسطو رهيو ٿي، اهي سڀ يا ته منهنجا دوست يا واقفڪار هئا ۽ ان ڪم جي حوالي سان ممڪن حد تائين سهڪار ڪندا هئا، پر اها ڳالهه پوءِ به پنهنجي جاءِ تي هئي ته آئون هتي به هاڻي ٻئي پاسي ئي هئس. بينڪن ۽ ٻين مالي ادارن تي حڪم جي بدران هتي منهنجي حيثيت بينڪ جي نمائندي ۽ ملازم جي هئي، جيڪو پنهنجن مختلف ڪمن لاءِ رڳو درخواست ئي ڪري سگهيو ٿي. اهو احساس ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ڏکوئيندڙ هوندو آهي، پر اها ئي زندگي آهي ۽ اهي سڀ ڳالهيون به زندگيءَ جو ئي حصو آهن، جن سان نهڪي هلڻو پئي ٿو.

## 24

# لياريءَ جون مختلف برادريون ۽ سماجي خدمت وارا سنڌن ڪم

ڪارادر ۽ نوآباد جي علائقي ۾ اسماعيلي خوجن ۽ ڪانياواڙي ميمڻن جو هڪ وڏو تعداد رهي ٿو. انهن خاص طور پنهنجي ڪميونٽيءَ جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ مختلف ادارا قائم ڪيا آهن، جن مان علاقي جا ٻيا ماڻهو به فائدو حاصل ڪندا آهن. ڪارادر ۾ پنج نمبر ٽانڪي جي ويجهو غلام حسين خالقڏنو جي نالي سان هڪ پراڻو اسڪول آهي، جيڪو لاڳيتو پنهنجو معيار برقرار رکندو اچي. ان اسڪول جي هڪ شاخ ماريپور جي علائقي ۾ به آهي. ٿورو اڳتي هلجي ٿو ته ڪکري گرائونڊ جي سامهون بانٽوا اسپتال آهي، جنهن جو انتظام بانٽوا ميمڻ جماعت وٽ آهي. عبدالستار ايڌي صاحب جو واسطو به بانٽوا جماعت سان ئي هو. ان ئي سڙڪ تي اڳتي هلجي ٿو ته ڪنڊ تي آغا خاني جماعت خاني جي سامهون فدو ٽاور جي ڪمپائونڊ ۾ ان ٽاور سان گڏ ئي ڪتيانه جنرل اسپتال آهي. سڙڪ جي ٻئي پاسي سيمينٽ اسپتال جي نالي سان هڪ پراڻي اسپتال هئي، جنهن جو هاڻي نالو بدلائي 'ڪارادر جنرل اسپتال' رکيو ويو آهي. اڳتي موسا لين ڏانهن وڃجي ٿو ته، آغا خاني خوجن جو قائم ڪيل جان پائي ميٽرنٽي هوم آهي، جنهن جو هاڻي نالو بدلائي 'آغا خان اسپتال' ڪيو ويو آهي. اڳتي معصومين اسپتال آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ئي ڇڪو آهي.

ساڳي ريت هتي ڪتيانا ميمڻ ايسوسيئيشن جا مختلف اسڪول ۽ ڪاليج ۽ آغا خان اسڪول آهي. انهن ادارن جي معيار ۽ مناسب فين جي ڪري علائقي جا گهڻا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي هتي پڙهائيندا آهن. علائقي ۾ سنڌين جو هڪ وڏو تعداد آباد آهي، جن مان گهڻا سڪيا ستابا آهن، پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اهي پنهنجي ۽ عام ماڻهن لاءِ اهڙا ڪي ادارا قائم نه ڪري سگهيا آهن.

بولٽن مارڪيٽ تي سنڌ اسلاميه هوٽل ڪراچي جو پراڻو ۽ مشهور هوٽل رهيو آهي. اهو هوٽل سنڌي مومن جماعت جي ئي قائم ڪرڻ وارن مان هڪ محمد رمضان قائم ڪيو هو. ان ڪانپوءِ ان جي پٽن حاجي عبدالرحمان ۽ ان جي پائرن ان کي سنڀاليو، جن جو به ان جماعت جي معاملن ۾ اهم ڪردار هو. پوءِ خانداني وراثت جي ڪري ان جي ملڪيت بدلجي ويئي، پر هوٽل جو نالو اڃا ان جي ساک جي نشاني آهي ۽ اهو ساڳيو نالو هلندو اچي. بولٽن مارڪيٽ ۾ اسٽيٽ بينڪ جي سامهون گهٽيءَ ۾ پلاسٽڪ مارڪيٽ ۾ هندو جو هوٽل آهي، جيڪو پنهنجي سادي گهر جهڙين ڀاڄين ۽ ماني جي ڪري مشهور آهي. بازار ۽ دفترن جا گهڻا ماڻهو اتي ٻنپهرن جي ماني کائڻ لاءِ ايندا آهن. ٿورو اڳتي هلجي ٿو ته ميمڻ مسجد جي پويان ڪپڙا مارڪيٽ واري گهٽيءَ جي ڪنڊ تي صديق حلوائي جو دوڪان آهي. ان جي مناين ۾ گجر جو حلوو ۽ رس ملائي، خاص طور حلوو پوري ۽ ان سان گڏ ترڪاري ماڻهو شوق سان کائين ٿا.

اها حلوه پوري رڳو نيرن ۾ صبح جو نه، پر سڄو ڏينهن پيئي هلندي آهي ۽ گهڻا منجهند جي ماني به اُتي اچي کائيندا آهن.

لياريءَ جي علائقي ۾ ان وقت ملبارين جا ريزڪي سامان يا ڪرياني جا گهڻا دوڪان هئا. اهي نرم ۽ ملباري لهجي ۾ اڙدو ڳالهائيندا هئا. انهن جي اصلوڪن نالن جي گهٽ ماڻهن کي ڄاڻ هوندي هئي ۽ گهڻو ڪري انهن کي ”مامون“ جي نالي سان ئي سڏيو ويندو هو. الطاف شيخ پنهنجي ملائيشيا جي هڪ سفرنامي ۾ لکيو آهي ته، ”اتي به جيڪي ملباري رهن ٿا، انهن کي ’مامون‘ سڏيو وڃي ٿو.“ ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ان لاءِ جيتوڻيڪ مون الطاف شيخ کان پڇا ڪئي هئي، پر ڪا ڄاڻ نه ملي سگهي.

بغدادي ۾ اسان جي پراڻي گهر سان لڳ ليمارڪيٽ جي ويجهو پراڻو ڪمهار (ڪنڀار) واڙو آهي. اهو ڪمهار واڙو اڳ ۾ اڳوڻي لائٽ هائوس سنيما ويجهو ڳاڏي ڪاتي ۽ ڪچي گهٽي وٽ هو، جنهن کي اتان ان ڪري منتقل ڪيو ويو جو اتي سرڪاري دفتر هئا، جن کي ڪنڀارن جي بڻين جي دونهين تنگ ڪيو ٿي. ساڳيءَ ريت ان کي ان ڪارڻ ئي ليمارڪيٽ جي ويجهي هٽڻ ڪري لياري جي اندرين علائقن؛ چاڪيواڙي کان اڳتي سنگولين وغيره پاسي منتقل ڪيو ويو، پر ڪنڀار ان علائقي کي پنهنجو نالو ڏيئي ويا ۽ نئون علائقو ”نئون ڪمهار واڙو“ سڏجڻ لڳو. هن وقت انهن مان گهڻن کي اتان به نيو ڪراچي وغيره واري پاسي منتقل ڪيو ويو آهي. اهي ڪنڀار گهڻو ڪري ڪڇي آهن، جيڪي گهڻو اڳ ڪڇ ۽ ڀڄ وغيره مان لڏي اچي ڪراچي ۾ آباد ٿيا هئا. انهن ڪنڀارن مان گهڻا ٿانون ناهڻ سان گڏ ماڻهن جي هڏين وغيره کي جوڙڻ جو ڪم به ڪندا آهن، ۽ اهڙا ڪنڀار شهر جي مختلف حصن ۾ به ملندا.

## ن.م.دانش

ن. م. دانش لياري ۾ رهندڙ هڪ بلوچ آهي، پر هن اڙدو ۾ ماسٽرس ڪئي هئي. اڙدو ڪاليج ۾ اڙدو جو ليڪچرار هو. گڏوگڏ اڙدو جو مشهور شاعر به هو. اسان اٽڪل روز شام جو ڪجهه دوست، اسان جي گهر کان ٿوري فاصلي تي پنهنجي هڪ ڪلاس فيلو ۽ دوست غلام نبي بصر جي ڌوٻي جي دوڪان تي گڏ ٿيندا هئاسين. دانش جو گهر به ان ئي گهٽيءَ ۾ هو. ساڻس اڪثر اتي ملاقات ٿيندي هئي. هو جيتوڻيڪ هڪ روشن خيال ماڻهو هو ۽ علائقي ۽ شهر جي ادبي ۽ سياسي ماڻهن سان سندس واسطا هوندا هئا، پر سندس ڪنهن سياسي جماعت سان واسطو نه هو. هو عوامي ادبي انجمن وغيره جي گڏجاڻين ۾ به شريڪ ٿيندو هو.

لياري ۾ جيئن ته گهرن ۽ گهٽين وغيره تي ٻين علائقن جيان نمبر لڳل نه هوندا آهن، پر ماڻهن کي هڪبئي جي ڄاڻ هوندي آهي، ان ڪري دانش جو لياريءَ کان ٻاهر جي دوستن کي پنهنجي گهر جو پتو ڏيڻ جو هڪ خاص انداز هوندو هو. هو ڪين چوندو هو ته، اوهان بغدادي پوليس ٿاڻي تي اچي ڪنهن به ماڻهوءَ کان پڇندو ته، دانش ڪٿي

ٿو رهي، تہ هو سڌو اچي اوهان کي منهنجي گهر پهچائيندو. هن وقت هو پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ آمريڪا ۾ آهي.

## صبا دشتياري

بلوچيءَ جو نالي وارو شاعر ۽ ليکڪ صبا دشتياري بہ اتي ئي رهندو هو. شلوار ڪرتو ۽ مٿان وڏي چادر سندس خاص لباس هو. ماڻهن سان سندس گهڻو ميل جول نہ هوندو هو ۽ پنهنجن ئي پُورن ۾ هوندو هو. هي بلوچيءَ جي استاد شاعر ظهور هاشمي جو پوئلڳ ۽ شاگرد هو. ان جي نالي سان ملير ۾ هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي هئائين. چوندا هئا تہ، هو پنهنجي پگهار جو اڌ کان وڌيڪ ان لائبريري تي خرچ ڪندو هو. بلوچستان يونيورسٽي ۾ نوڪري دوران ڪيس گولي هڻي قتل ڪيو ويو. هن شخص جي ان انت تي مون واقعي هڪ دلي ڏک محسوس ڪيو هو. هڪ اهڙو معصوم شخص، جيڪو بس ائين تاريڪ راهن ۾ مارجي ويو! ۽ اها خبر نہ پئجي سگهي تہ نيٺ ساڻس ائين ڇو ٿيو؟ سندس قائم ڪيل لائبريري اڄا بہ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي.

## لياريءَ وارا جيستائين پاڻ چنڊ نہ ڏسندا هئا، تيستائين نہ روزو رکندا ۽ نہ عيد ڪندا هئا:

چنڊ ڏسڻ ڪاميٽي ايوب دور ۾ ئي قائم ٿي هئي. مون کي ياد آهي تہ ان کان اڳ پاڙي جا گهڻا ماڻهو ڪليل جاين تي گڏ ٿيندا هئا. پوءِ اتي پاڻ چنڊ ڏسندا ۽ ٻين کي ڏيکاريندا هئا. جيڪڏهن اکين سان چنڊ نظر نہ ايندو هو تہ روزو يا عيد نہ ٿيندي هئي. پوءِ جڏهن سرڪار پاران چنڊ ڏسڻ ڪاميٽي قائم ڪئي ويئي تہ گهڻا ماڻهو ان ڪاميٽي جي فيصلي کي بہ ڪا اهميت نہ ڏيندا هئا، جيستائين پاڻ اکين سان چنڊ نہ ڏسن. گهڻي وقت ڪانپوءِ ئي ماڻهو پاڻ چنڊ ڏسڻ ڇڏي سرڪاري اعلان تي روزا رکڻ ۽ عيد ڪرڻ لڳا.

## 25
# گلشن حديد جو سفر ۽ ان جو آئيندو؟

آئون جڏهن گلشن حديد ۾ رهڻ آيس ته، منهنجو وڏو پٽ طاهر، گلستان شاهه عبد اللطيف اسڪول ۾ مئٽرڪ جو شاگرد هو، جڏهن ته ٻيو پٽ اجا ابتدائي ڪلاسن ۾ هو ۽ ڏيءُ اسڪول وڃڻ جيتري عمر جي نه ٿي هئي. ان وقت هتي اسڪول ۽ آفيسن وغيره وڃڻ لاءِ ڪنهن ڪنٽريڪٽ وغيره جي وين يا بس جو بندوبست نه هوندو هو. ان لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ جو ئي استعمال ڪرڻو پوندو هو. اهڙي ريت آئون ۽ منهنجو وڏو پٽ: ٻيئي آفيس ۽ اسڪول وڃڻ لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ جو استعمال ڪندا هئاسين. طاهر ته ڪجهه مهينن ڪانپوءِ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري اسڪول مان فارغ ٿي ويو، جڏهن ته منهنجو سفر جاري رهيو. ان وقت قائد آباد کان پوءِ گهٽي آبادي نه هوندي هئي ۽ نه روڊن تي گهٽي رش هوندي هئي.

ساڳي ريت سڙڪن جي حالت به بهتر هئي ۽ ٽرانسپورٽر به گهڻو تنگ نه ڪندا هئا. ان ڪري اچ وڃ ۾ گهڻي دير نه لڳندي هئي ۽ ماڻهو سوا ڏيڍ ڪلاڪ ۾ ٽاور کان گلشن حديد جو فاصلو طئي ڪري وٺندو هو، پر ڪجهه عرصي ۾ ئي اها صورتحال تبديل ٿي ويئي. قائد آباد ۽ گلشن حديد وارو سڄو علائقو ڪچين ۽ پڪين آبادين سان آباد ٿي ويو. سڙڪن تي رش وڌي ويئي. مختلف ٽرانسپورٽرن جي گروپن ۾ اختلافن ۽ جهيڙن جي ڪري ٽرانسپورٽ جي سهولت گهٽجي ويئي ۽ اچ وڃ جو وقت ٻيڻو ٿي ويو. ان سان گڏ، خاص طور تي ٽينڪرن، ٽرالن ۽ ٻين وڏين گاڏين جي هلڻ جي ڪري مين نيشنل هاءِ وي جڻ ختم ئي ٿي ويو. رڳو ان ڳالهه جي ڪري حادثا ٿيندا هئا، گاڏيون ڪلٽي ٿي وينديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ جام هوندي هئي.

هتي اسٽيٽ بينڪ، ٻين ڪمرشل بينڪن ۽ ٻين سرڪاري ۽ خانگي ادارن جي ملازمن جو چڱو خاصو تعداد رهندو آهي. انهن مان ڪجهه دوستن انهن ڏکيائين کي محسوس ڪندي ڪوشش ڪري ٽاور تائين ڪانٽريڪٽ بس جو بندوبست ڪيو، جيڪا اٽڪل پندرنهن سالن کان وڌيڪ عرصي گذرڻ ڪانپوءِ مختلف مرحلن مان گذرندي اجا هلي رهي آهي. ان صورتحال ۾ لاڳيتو هتان شهر جي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ لڏي وڃڻ جو خيال ايندو هو ۽ ان لحاظ کان مختلف علائقن ۾ گهرن جو جائزو به ورتو، پر هڪ ته هر علائقي جا پنهنجا مسئلا ۽ ٻيو ته جيڪڏهن ڪٿي ڪو گهر مناسب لڳي پيو ته، ان جي قيمت پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ هئي. اهڙي ريت هتي ئي رهندا آياسين. بهرحال ماڻهن انهن مسئلن جا پنهنجي ليکي حل ڪڍيا. هن وقت هڪ وڏي تعداد ۾ ڪانٽريڪٽ جون گاڏيون ماڻهن کي شهر جي تعليمي ادارن ۽ دفترن ۾ پهچائين ٿيون ۽ شام جو اتان واپس وٺي اچن ٿيون. ان سان گڏوگڏ تازو سي پيڪ تحت يا سنڌ

حڪومت پنهنجي ليکي هاڻ وي ڪي ايترو سنو ناهي ڇڏيو آهي، جنهن سان ماڻهن کي گهٽي سهولت ٿي پيئي آهي ۽ سفر جي تڪليف گهٽجي ويئي آهي.

نسلي ۽ لساني فسادن جي نتيجي ۾ ڪراچيءَ جي جيڪا ان بنياد تي ورهاست ٿي هئي، ان ۾ هر علائقي ۾ مختلف سياسي ۽ غير سياسي گروهن هٿيارن جي زور تي ماڻهن جي حفاظت جي نالي ۾ اتي جڻ پنهنجو راڄ قائم ڪري ورتو هو ۽ ماڻهن کان ڀتو جڻ پنهنجو حق سمجهي وصول ڪيو ويندو هو. هتي جيتوڻيڪ مختلف ٻولين سان واسطو رکندڙ اهڙن گروهن جنم ورتو ۽ انهن جو اثر رسوخ به هو، پر هتان جي هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته هيءُ ڪنهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ يا ڪنهن هڪ سياسي گروه سان واسطو رکندڙ ماڻهن جو علائقو نه هو ۽ نه ئي آهي، ان ڪري ڪڏهن ڪنهن هڙتال يا شٽرڊائون وغيره ڪانسواءِ ڪنهن وڏي پريشانيءَ ڪي منهن نه ڏيڻو پوندو هو، جڏهن ته هاڻي گهٽي عرصي کان اها ڳالهه به ناهي رهي.

هتي گهڻو وقت اڳ يونين ڪائونسل جي دفتر ۾ ملير جي صحافين پنهنجو ڪلب قائم ڪيو هو. هڪ لحاظ کان اهو ڪلب ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين وغيره جو مرڪز هوندو هو، جتي سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻيون تنظيمون ڪلب جي سهڪار سان پنهنجا پروگرام ڪنديون رهنديون هيون، جن ۾ سنڌ جي گهڻين ناميارين شخصيتن کي پڻ گهرايو ويندو هو. آئون پاڻ جڏهن اجا هتي مستقل رهڻ نه آيو هوس ته انهن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هتي ايندو هوس. يونين ڪائونسل جي سرگرمين جي وڌي وڃڻ ۽ ان عمارت ۾ نادرا وغيره جي دفتر قائم ٿيڻ جي ڪري پريس ڪلب هاڻ وي تي ٻيري موڙ وٽ منتقل ٿي ويو ۽ اهڙي ريت هتي سڀ سرگرميون ختم ٿي ويون. بهرحال ان نئين جاءِ تي به هن وقت مختلف ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون وغيره ٿينديون رهنديون آهن. هتي سنگت جي شاخ جيتوڻيڪ گهٽي سرگرم ته ناهي، پر اها مختلف پروگرام وغيره ڪندي رهندي آهي. ان شاخ جي دوستن جو چوڻ آهي ته اها سنڌ جي واحد شاخ آهي، جنهن وٽ پنهنجي آفيس آهي.

هن وقت اسٽيل مل جو معاملو وچ ۾ اٽڪيل آهي. حڪومت پاران ان جي نجڪاري جو عمل ممڪن آهي ته ڪجهه عرصي ۾ حل ٿي وڃي، پر اصل غير يقيني صورتحال مل سان لاڳاپيل علائقن جي آئندي جي انتظام ۽ ملڪيت وغيره متعلق آهي. سنڌ حڪومت جي پنهنجي دعويداري آهي، جڏهن ته وفاق جو پنهنجو موقف آهي. ڏسجي ته هاڻي اٺ ڪهڙي پاسي ٿو ويهي ۽ بجلي، پاڻي ۽ گئس وغيره جي سهولتن جي انتظام جو ڇا ٿو ٿئي.

## 26

# جهنگ ۾ چيو ويو، ’هير بابت سوچي سمجهي ڳالهائجو!“ شاپنگ مايون ڪري ڄاڻن!

بازار وڃڻ ۽ شاپنگ وغيره ڪرڻ هميشہ مون کي تنگ ڪندي آهي. منهنجي اها ڪوشش هوندي آهي تہ ان ڪم کان جيترو پري رهجي، اوترو چڱو. گهڻو ڪري منهنجي پنهنجي ضرورت جون شيون بہ ٻيا وٺي ايندا آهن. اسان جي بازارن ۾ اهو معمول آهي تہ فڪسڊ پرائس جو بورڊ لڳل هوندو آهي پر پوءِ بہ دڪاندار سان ڏي وٺ ڪانسواءِ ڪم نہ ٿيندو آهي. اها ڳالهہ مون کان نہ ٿيندي آهي ۽ ٿوري ڏي وٺ ڪانپوءِ شئي وٺڻ تي اندر اهو خيال پيو تنگ ڪندو آهي تہ دڪاندار ٺڳي ڪري ويو آهي.

ڪڏهن دوستن سان ڪراچي کان ٻاهر وڃڻ ٿيندو آهي تہ اهو مون ڏٺو آهي تہ انهن مان گهڻن جو شوق ڪنهن قسم جي خريداري کان وڌيڪ بازارون گهمڻ ۽ دڪاندارن کان مختلف شين جا اگهہ معلوم ڪرڻ هوندو آهي. مون کي اها ڳالهہ اڃا وڌيڪ تنگ ڪندي آهي. ساڳيءَ ريت عورتون جيڪڏهن ڪنهن نئين شهر ۾ وڃن ۽ اتان جي بازار نہ ڏسن تہ ڄڻ انهن ڪجهہ ڏٺو ئي نہ. ائين جڏهن پنهنجي زال سان ڪراچيءَ کان ٻاهر وڃڻ ٿيندو آهي تہ، اتان جي بازار جو چڪر ضرور لڳندو آهي. ان ۾ نہ چاهيندي بہ زال سان گڏ وڃڻو پوندو آهي. اهو واقعي هڪ بيزاريءَ جو وقت هوندو آهي. هن جو دڪاندارن سان قيمتن جي ڏي وٺ جو پنهنجو طريقو هوندو آهي. جيڪڏهين دڪاندار ڪنهن شئي جا سئو روپيا ٻڌايا تہ هوءَ فوري طور هُن کي ڏهہ روپيا چوندي. مون کي لڳندو تہ دڪاندار ڪاوڙ ۾ اچي وڙهندو، پر اهي دڪاندار بہ عورتن جي ان عادت کان واقف هوندا آهن ۽ گهڻي هڻ هڻان ۽ ڏي وٺ ڪانپوءِ معاملو ڏهہ رپين ۽ سئو جي وچ ۾ طئي ٿي ويندو آهي.

## ’هير‘ جي مزار تي

سرڪاري ڪم سانگي ڪجهہ عرصو پنجاب جي شهرن شورڪوٽ ۽ ان جي ويجهو جهنگ ۾ رهڻ ٿيو. شور ڪوٽ ننڍو ۽ ڳوٺاڻي نموني جو شهر آهي، جتي اسان جي رهائش هئي، ان جي چوڌاري بہ ٻنيون هيون، جتي عورتون ۽ مرد پيا ڪم ڪندا هئا ۽ جانور پيا گهمندا هئا. هتي نئون ماڻهو فوري طور نظر ۾ اچي وڃي ٿو. سڄي رونق ٿوري مفاصلي تي ڪينٽ جي علائقي ۾ آهي، جتي ريلوي اسٽيشن ۽ شاپنگ سينٽر وغيره آهن.

جهنگ وڏو شهر آهي ۽ ان جي هڪ خاص ڳالهہ اتي هير جي مزار جو هئڻ آهي. جهنگ ۾ سيال وڏي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ جيئن تہ هير بہ سيال هئي، ان ڪري اهو معاملو انهن جي لاءِ ڪافي حساس آهي. اسان کي شروع ۾ ئي مقامي دوستن اهو چيو هو تہ،

هتي هير متعلق ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪجو. بهرحال اسان ڪين چيو ته، اسان هير جي مزار ڏسڻ چاهيون ٿا.

مزار اوچي جاءِ تي هئي. ڏاڪڻين تان چڙهي مٿي وڃڻو پيو ٿي. هن جي لاءِ به ساڳي ڏندڪٿا ٻڌائي وڃي ٿي، جيڪا سسئي پنهون ۽ ٻين گهڻين لوڪ ڪهاڻين لاءِ آهي ته، 'ٻنهي جي ملڻ وقت ڌرتي ڦاٽي پيئي ۽ ٻيئي اندر هليا ويا.'

هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته اتي وڻ ۾ مختلف رنگن جون اڳڙيون ٻَڌل هيون. مجاور ٻڌايو ته، هتي محبت ڪندڙ نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا اچن ٿا، باس باسين ٿا ۽ پنهنجين مَن جي مرادن جي پوري ٿيڻ لاءِ ڪپڙن جون اڳڙيون ٻَڌي وڃن ٿا. پوءِ جڏهن سندن اهي تمنائون پوريون ٿين ٿيون ته اهي وري هت اچن ٿا. اهڙيءَ ريت هڪ لحاظ کان اها جڳهه پيار ڪندڙن جي پيرٽي آهي. مزار جي هيٺان مختلف ڪمرا ٺهيل هئا، جتي اسان کي اندر وڃڻ نه ڏنائون، پر درين مان اندر جو منظر نظر آيو ٿي. ٻڌائين پيا ته هتي مختلف وقتن تي ماڻهو چلي وغيره لاءِ به ايندا رهيا آهن.

**پشاور پاسي..**

ڪجهه عرصو اڳ پشاور ۾ صبوح جو آفيس ويندي دوستن صلاح ڪئي ته وات تي ميوزيم آهي، ان جو چڪر هڻجي. ان ڪان ٻي سني ڳالهه ڪهڙي پئي ٿي سگهي. ميوزيم ۾ داخلا وغيره جي ڪا ٽڪيٽ نه هئي. اهو سڄو علائقو، جنهن ۾ اتر پنجاب، ڪي پي ۽ افغانستان اچي وڃن ٿا، ٻڌمت جو مرڪز رهيو آهي، جتي جابجا ان جا آثار ملن ٿا. ظاهر ڳالهه آهي ته ميوزيم ۾ به انهن شين مان ڪجهه کي نمونن طور محفوظ ڪيو ويو آهي. ميوزيم ۾ گهڻي ڀاڱي ٻڌ مت جي حوالي سان ئي شيون موجود هيون.

ڪجهه وقت اتي گذارڻ ڪانپوءِ مون پاڻ سان گڏ آيل پناڻ دوست کي چيو ته، ”مون کي سوات جي حوالي سان به خبر آهي ته ان سڄي علائقي ۾ به ٻڌمت جو نهايت گهڻو اثر رهيو آهي. ڇا اسلام جي اچڻ سان اهي سڀ مسلمان ٿي ويا ۽ هاڻي ان ڌرم جو ڪو به پوئلڳ نه رهيو آهي؟“ سندس چوڻ هو ته، ”اسان جا وڏا ٻڌائيندا هئا ته اهڙا ماڻهو هتي رهندا هئا ۽ پوءِ خبر ناهي ته ڪيڏانهن هليا ويا. جڏهن ته جيڪي ماڻهو اڄ انهن علائقن ۾ آباد آهن، اهي شروع ڪان مسلمان آهن.“ مون کي سندس اها ڳالهه عجيب ته لڳي، پر ساڳئي وقت هڪ سنڌي هئڻ جي ناتي مانوس به لڳي ۽ حيراني نه ٿي. سنڌ ۾ سنڌي مسلمانن ۾ شايد ئي ڪو اهڙو هجي، جيڪو پنهنجو ناتو عرب، ايران ۽ توران سان نه ڳنڍيندو هجي. هڪ لحاظ کان سندن به اهو ساڳيو مطلب ٿيو، جيڪو منهنجي پناڻ دوست جو هو ته سندن وڏن جي هتي اچڻ سان، اڳ هتي جيڪي ماڻهو رهندا هئا ۽ جن جو مذهب ڪانئن مختلف هو، اهي بجائي مذهب بدلائي نئون مذهب اختيار ڪرڻ جي اتان لڏي ڌرتي خالي ڪري سندن حوالي ڪري ويا. هڪ لحاظ کان پنهنجي ماضيءَ کان انڪار ۽ پاڻ کي فاتحن جو وارث قرار ڏيڻ خاص طور ننڍي ڪنڊ جي مختلف علائقن جي ماڻهن ۾ هڪ عام ڳالهه آهي.

## ڪراچيءَ ۾ رهندڙن به ڪراچي ناهي گهمي!

ڪراچيءَ ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي شهر ته نهيو، پر پنهنجي پاڙي ڪان به ٻاهر نه نڪتا آهن. هڪ دوست ڳالهه ڪندو هو ته، ”سندس هڪ مائٽ لياري جي علائقي ميران ناڪي تي رهندو هو. هو پنهنجي پنجاهه سٺ سالن جي زندگي ۾ پنهنجي گهر ڪان ڪه ٽي ڪلوميٽر پري ليمارڪيٽ تائين به نه آيو هو.“ هاڻي اهي ته ويچارا سادا ۽ اڻپڙهيل ماڻهو هئا، جن کي روڊن رستن ۽ گاڏين بسن وغيره جي گهڻي ڄاڻ نه هئي، پر شهر جي گهڻن پوش علائقن ۾ رهندڙ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو حال به گهڻو مختلف ناهي.

ڪجهه عرصو اڳ مون ڊان ۾ ڊفينس ۾ رهندڙ هڪ همراهه جو ليک پڙهيو هو، جنهن ۾ سندس چوڻ هو ته، ”هو شهر ۾ بلوچ ڪالوني جي پل ڪان اڳتي ناهي ويو.“ ان تي هڪ ٻئي همراهه ڪائنس سوال پڇيو ته ”اوهان ايئرپورٽ ته ضرور ويندا هوندا؟ ۽ اهڙي ريت اوهان کي بلوچ ڪالوني ڪان اڳتي وارن علائقن مان به گذرڻو پوندو هوندو؟“ ان جو ظاهر آهي ته وٽس ڪو جواب نه هو.

مون کي حيرت ان وقت ٿي جڏهن مون سان راشد منهاس روڊ تي دفتر ۾ گڏ ڪم ڪندڙ هڪ دوست، جيڪو نيو ڪراچي ۾ رهندو آهي، چيو ته، ”کيس خبر ناهي ته ڪالا بورڊ ڪٿي آهي“، جيڪو سندس آفيس ڪان رڳو ٻه ٽي ڪلوميٽر پري آهي. انهن مان گهڻا ماڻهو ملڪ ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ گهمڻ ڦرڻ ته وڃن ٿا، پر پنهنجي شهر جي جاگرافي ۽ چوڌاري علائقن جي ڪين ڪا ڄاڻ ناهي ۽ ان جو اهي وڏي واڪ اظهار به ڪن ٿا. شايد ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ڪجهه عرصو اڳ ڪنهن اين جي او شهر جي پوش علائقن جي ماڻهن لاءِ ”اچو ته شهر کي ڏسون،“ جهڙو پروگرام شروع ڪيو هو، جيڪو شهر جي پراڻن علائقن تائين محدود هو ۽ ٻه ٽي پيرا هلڻ ڪانپوءِ بند ٿي ويو.

ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته شهر کي جيڪي ماڻهو پنهنجو سمجهن ٿا ۽ ان جي مالڪي جي دعويٰ ڪن ٿا، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ شهر جي علائقن، ان جي جاگرافي، ماڻهن ۽ مسئلن جي ڄاڻ هئڻ گهرجي.

27
# ڪي دوست ڪي ملاقاتون

آئون پنهنجن دوستن جي عزت ڪندو آهيان. ساڻن اختلاف بہ ڪندو آهيان، پر ساڳي وقت سندن راين جو احترام بہ ڪندو آهيان. اهڙي ريت آئون پاڻ بہ ان ڳالهہ کي پسند نہ ڪندو آهيان تہ ڪو دوست مون تي پنهنجي راءِ مڙهي ۽ زوري مون کي اها مڃڻ تي مجبور ڪري. اهو معاملو گهڻي عرصي تائين نہ ٿو هلي سگهي. هتي ڪجهہ دوستن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## شمس الدين خواجہ

پنهنجي ادبي ۽ سياسي سرگرمين جي حوالي سان گهڻن ماڻهن سان واسطو پئي ٿو. انهن مان ڪجهہ سان وڌيڪ ويجهڙائپ ۽ ذهني هم آهنگي هوندي آهي، جيڪا اڳتي هلي ذاتي دوستي ۾ بہ بدلجي وڃي ٿي ۽ گهڻي عرصي تائين هلي ٿي. منهنجي انهن دوستن مان شمس الدين خواجہ بہ هڪ آهي. شمس جو واسطو ٽنڊو باگو سان آهي. هڪ ڊگهو عرصو پاڪستان اسٽيل مل ۾ انجنيئر جي نوڪري ڪرڻ ڪان پوءِ هن ان ملازمت تان ان وقت استعفيٰ ڏيئي پنهنجو ذاتي ڪم شروع ڪيو، جڏهن مل پنهنجي عروج تي هئي. شمس سان منهنجو واسطو عوامي تحريڪ جي حوالي سان پيو. هو پارٽيءَ جي انهن ڪارڪنن مان هو، جيڪي پنهنجو موقف ڪنهن دٻاءَ ۽ ڊپ ڊاءَ کانسواءِ رکندا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ پارٽيءَ ۾ ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ جو اسان جي دوستيءَ تي ڪو اثر نہ پيو.

جيتوڻيڪ لکڻ سان سندس واسطو ناهي رهيو، پر سنڌ جي لکندڙن، اديبن ۽ شاعرن جي ڪيس چڱي ڄاڻ آهي. هو ساڳئي وقت سندن عزت بہ ڪندو آهي ۽ ساڻن مختلف معاملن تي بحث ۽ اختلاف بہ ڪندو آهي.

اسٽيل مل ۾ نوڪري هئڻ جي باوجود هن پنهنجي رهائش شهر ۾ ئي رکي هئي. ڪلفٽن ۾ دوست اڪثر سندس گهر ۾ گڏ ٿيندا هئا. ساڳي ريت لسٻيلي جي پل وٽ نهيل اسماعيلين جي فليٽن ۾ بہ وٽس وڃڻ ٿيندو هو. اتي جڏهن سندس ٻار گهر ۾ نہ هوندا هئا تہ هو اتي ڪمپائونڊ ۾ جماعت خاني مان دوستن لاءِ ماني وٺي ايندو هو. اسٽيل مل جي اسٽيل ناهڻ واري پلانٽ ۾ آئون ساڻس پهريون ۽ اجا تائين شايد آخري ڀيرو ويو هوس. سندس ڳوٺ بہ ڀيرا وڃڻ ٿيو هو. انهن مان هڪ ڀيرو اتان جي سنگت فقير محمد لاشاري جو ليڪچر رکيو هو، جنهن ۾ وڃڻ ٿيو هو.

شمس سان ملاقات هوندئن ئي گهٽ ٿيندي هئي، پر هاڻي هو پنهنجي ٻارن سميت آمريڪا ۾ وڃي رهيو آهي. فيس بڪ ساڻس رابطي جو اهم ذريعو آهي. پري هئڻ

باوجود سندس لاءِ اهو ٿي قرب ۽ محبت محسوس ٿيندي آهي. جتي به هجي، شال خوش هجي.

## ف.م لاشاريءَ سان آخري ملاقات

شايد 18 مئي 1993 جي ڳالهه آهي. بدر ابڙي مون کي فون ڪيو ته، فقير محمد لاشاري جي طبيعت ٺيڪ ناهي. ان سان ملاقات لاءِ هلڻو آهي. فقير ان وقت معمار ڪامپليڪس جي ويجهو رهندو هو. اسان پروگرام ناهي گڏجي فقير جي گهر پهتاسين. ساڻس بلڊ پريشر جو مسئلو هو. همراهه، جنهن کي گهر ۾ سڪ نه ايندو هو، اهو بيماريءَ جي ڪري گهر ۾ قابو ٿي ويو هو. ان وقت طبيعت بهتر هئس. اسان وٽس ڪافي دير ويٺاسين. ڪچهري به ڪئيسين ۽ ماني به کاڌيسين.

ساڳئي وقت کيس پنهنجو خيال رکڻ جي تاڪيد به ڪئيسين. اها اسان جي آخري ملاقات هئي. به مهينا پوءِ 18 جولاءِ 1993 تي آئون جيئن صبح جو آفيس وڃڻ لاءِ گهران نڪتس ٿي ته، بابا، جنهن جي هٿ ۾ هلال پاڪستان هئي، ٻڌايو ته، توهان جو دوست گجر خان وٽ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو آهي.

## نور محمد شيخ

نور محمد شيخ منهنجي دوستن ۾ هڪ منفرد ۽ رک رکاءَ وارو شخص آهي. هو جيتوڻيڪ هڪ سياسي شعور رکندڙ شخص ۽ ڊاڪٽر م. ر حسان جو پوئلڳ ۽ شاگرد رهيو آهي، پر بنيادي طور هو هڪ ادبي ڪارڪن آهي. هڪ ڊگهي عرصي تائين عبدالله هارون ڪاليج، لياريءَ ۾ اڙدو جو ليڪچرار ٿي رهيو ۽ هن وقت رٽائرڊ آهي. هو ساڳي وقت اڙدو ۽ سنڌي؛ ٻنهي ٻولين ۾ لکندو آهي. سنڌي ادبي سنگت ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين سان به سندس تعلق رهيو آهي، پر هن جو عوامي ادبي انجمن سان هڪ باقاعدي تعلق رهيو آهي.

ان جي گڏجاڻين لاءِ هو نه رڳو دوستن سان ذاتي طور رابطو ڪندو هو، پر انهن کي باقاعدي دعوت ناما به موڪليندو هو. ساڳئي وقت اها ڪوشش ڪندو هو ته گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙن جي چانهه بسڪٽ سان ضرور تواضع ڪجي. ايستائين جو جتي هوٽل تان چانهه جو انتظام نه ٿي سگهندو هو ته، گهران چانهه جو هڪ وڏو ٿرماس، ڪپ ۽ بسڪوٽ وغيره کڻي ايندو هو. هو شروع ۾ لياري ۾ علي محمد محلي ۾ رهندو هو. سندس گهر منهنجو اڪثر وڃڻ ٿيندو هو. سندس سڄو ڪمرو اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن سان پريو پيو هوندو هو. ترتيب سان رکيل انهن شين جي سلسلي ۾ سندس اها ڪوشش هوندي هئي ته، ڪا شئي ضائع نه ٿئي. ساڳئي وقت هو دوستن کي ڪتاب وغيره ڏيڻ جي معاملي ۾ ڪافي حساس آهي ۽ ڪتاب واپس نه ڪرڻ تي دوستن کان ناراض به ٿي ويندو آهي. هن وقت هو نوآباد ۾ رهي ٿو.

## پي آءِ اي جي پائلٽ جون ڳالهيون

هڪ ڀيري آئون اسلام آباد وڃي رهيو هوس. منهنجي پر ۾ پي آءِ اي جو هڪ آف ڊيوٽي پائلٽ اچي ويٺو، جيڪو صبح جو ڪراچيءَ ويو هو ۽ هاڻي واپس اسلام آباد وڃي رهيو هو. ڪلاڪ ڏيڍ جي سفر دوران حال احوال ٿيندا رهيا. سندس ڳالهين مان مون کي اندازو ٿيو ته هي ماڻهو پنهنجي ملڪ جي ماڻهن ۽ ماحول کان ڪيترو نه ڪٽيل آهن. مون کان پڇيائين ته، ”اوهان ڪٿي ڪم ڪندا آهيو؟“ مون ڪيس اسٽيٽ بينڪ جو ٻڌايو. منهنجو خيال هو ته اهو اهڙو ادارو آهي، جنهن جي پاڪستان جي ته سيني ماڻهن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي، پر مون کي حيرت ان وقت ٿي، جڏهن هن پنهنجي لاعلمي جو اظهار ڪيو. هن ٻڌايو ته، ”ڪين ڊالر ۾ پگهار ڏني ويندي آهي ۽ گهڻا پائلٽ جن کي آمريڪا وغيره ۾ سٺي آڇ ٿيندي آهي، اهي هتان نوڪري ڇڏي هليا ويندا آهن. پاڪستان سان ان جو واسطو ڄڻ نالي ماتر هوندو آهي.“ سندس چوڻ هو ته، ”اسلام آباد جي ڪا سماجي زندگي ناهي. هتي ماڻهو گهڻو ڪري گهر اندر ئي پنهنجي دلچسپي جون سرگرميون پيدا ڪندا آهن، جڏهن ته ڪراچي ۽ لاهور وغيره ۾ گهر کان ٻاهر جي زندگي آهي.

## ڊاڪٽر اشوڪ سان ملاقات

اتڪل ٽي ڏهاڪا اڳ جي ڳالهه آهي. هڪ ڀيري آئون ڪجهه دوستن سان گڏجي پنهنجي هڪ دوست جي عيادت لاءِ صدر ۾ سيونٿ ڊي ايڊوينٽسٽ اسپتال ويو هوس. اوچتو ڊاڪٽر جو گائون پاتل هڪ نوجوان ڊاڪٽر اچي آڏو بيٺو. مون کان پڇيائين ته، ”اوهان فلاڻا آهيو؟“ مون چيس، ”ها، پر اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو، جڏهن ته هيءَ پنهنجي پهرين ملاقات آهي.“ هن ٻڌايو ته، ”منهنجو نالو ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار آهي ۽ آئون اوهان کي سڃاڻان ٿو.“

بهرحال اها پهرين ملاقات هڪ پڪي دوستي ۾ بدلجي ويئي. ٿوري وقت کانپوءِ منهنجي زال ان اسپتال ۾ داخل ٿي. اسپتال جي قاعدن موجب مريض سان گڏ ڪنهن اٽينڊنٽ جي اجازت نه هئي، پر ڊاڪٽر اشوڪ مون کي اها گهڻتائي محسوس ٿيڻ نه ڏني ۽ منهنجي زال ۽ نئين ڄاول ڌيءَ جو پورو خيال رکيائين. ڪجهه وقت کانپوءِ هو اها نوڪري ڇڏي لاڙڪاڻي هليو ويو. ڪجهه عرصو ته اسان هڪبئي سان رابطي ۾ رهياسين، پر هاڻي گهڻو وقت ٿي ويو آهي جو اسان جو پاڻ ۾ رابطو نه ٿي سگهيو آهي.

28
# ڪراچي جو سنيما ڪلچر

سافٽ ڪلچر، جنهن ۾ شاعري، فڪشن، ٿئيٽر ۽ سينيما وغيره اچي وڃن ٿا، شهر ۽ ان جي ماڻهن جو مزاج ناهيندا ۽ ان جا عڪاس هوندا آهن. ان لحاظ کان ڪراچي ڪجهه عرصو اڳ تائين هڪ شاهوڪار شهر رهيو آهي، خاص طور رڳو سنيمائن جي حوالي سان ئي ڏسجي ته هتي وک وک تي سنيما هوندي هئي. ماڻهو انگريزي، اڙدو، سنڌي، گجراتي، پشتو ۽ پنجابي فلمن جون ڳالهيون ڪندا هئا. هتي ڪجهه فلم اسٽوڊيوز هئا، جتي ماڻهو فلمن جي شوٽنگ ۽ فلمي اداڪارن کي ڏسڻ لاءِ ويندا هئا. اسان پنهنجي گهر کان اجا نڪرندا هئاسين ته سنيمائن جو سلسلو شروع ٿي ويندو هو. ليمارڪيٽ ۽ نيپيئر روڊ جي علائقي ۾ شروع ۾ ڪمار سنيما ايندي هئي، جڏهن ته سامهون گهٽي ۾ راڪسي، سپر ۽ نورمحل سنيمائون هونديون هيون. اڳتي ايم اي جناح روڊ ۽ سٽي ڪورٽ ڏانهن ويندي ڪنڊ تي نگار سنيما هوندي هئي. اهو علائقو ڳائڻ وڄائڻ ۽ جسم فروشي جي بازار جي ڪري بہ ڄاتو ويندو هو. اتان لنگهندي، خاص طور اوسي پاسي جي گهٽين ۾ گهڻو احتياط ڪرڻو پوندو هو. دعوت ڏيڻ وارا مختلف جاين تي بيٺا هوندا هئا، جنهن ڪري ڏاڍي احتياط سان انهن کان لنوائي وڃڻو پوندو هو. اها بازار اڳتي هلي بند ٿي ويئي.

اڳتي رينچوڙ لائين ڏانهن وجبو هو ته ٽمبر مارڪيٽ واري گهٽيءَ ۾ اڙدو ڪاليج جي ويجهو قسمت سنيما هوندي هئي. رينچوڙ لائين کان ايم اي جناح روڊ ڏانهن ايندي جوبلي سنيما هوندي هئي. اها چئِ ان سڄي علائقي جي سڃاڻپ هئي. ان علائقي جون ڪپڙي ۽ ٻين شين جون بازارون وغيره ان نالي سان ئي سڃاتيون وينديون هيون. ان جي سامهون ڪوه نور سنيما هئي. ان گهٽي ۾ ئي اڳتي هلبو هو ته چوڪ تي ريوالي، نشيمن، قيصر ۽ گوڊين سنيمائون هيون.

ليڊي ڊفرن اسپتال ۽ لنڊا بازار کان ٿيندي ماڻهو ايم اي جناح روڊ تي پهچي ٿو ته چئِ پراڻي شهر کان نڪري هڪ نئين ماحول ۾ داخل ٿئي ٿو. ڪي ايم سي جي هيڊ آفيس سان گڏ لائٽ هائوس سنيما هئي. سول اسپتال کان اڳتي هڪ پاسي رٽز ۽ ٻئي پاسي ميجسٽڪ سنيمائون هونديون هيون. اجا ٿورو اڳتي هلبو هو ته ريڊيو پاڪستان جي سامهون ٿيوسوفيڪل هال سان گڏ تاج محل سنيما هئي، جتي سنڌي فلمون بہ هلنديون هيون. اڳتي رمپا پلازه جي سامهون پلازه سنيما هئي. ٿورو ئي اڳتي ناز ۽ ان جي سامهون نشاط سنيمائون هيون. نشاط سنيما جي ڪنڊ تي ڪانڊا والا بلڊنگ آهي، جنهن جي پر ۾ پي ايم اي هائوس ۽ آئي بي اي جو ڪيمپس آهي. ان جي سامهون سڙڪ جي ٻئي پاسي انڪلسريا اسپتال آهي، جنهن جي سامهون رينو سنيما هوندي

هئي. جڏهن تہ نشاط جي سامهون صدر ڏانهن ويندڙ سڙڪ جي شروع ۾ ئي ليرڪ، بمبينو ۽ اسٽار سنيمائون وغيره هونديون هيون.

ان گهٽي مان اڳتي اچبو هو تہ اوڊين سنيما هوندي هئي. ان کان ٿورو فاصلي تي ريگل سنيما هوندي هئي. اهو سڄو علائقو ريگل سنيما جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو، بلڪ اڃا بہ سڃاتو وڃي ٿو. اڳتي ڪيپيٽل سنيما هوندي هئي، جنهن جي ڪنڊ تي فٽ پاٿ تي ڪتابن ۽ اخبارن جو اسٽال هوندو هو، جيڪو خاص طور سنڌي ڪتابن ۽ رسالن جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو. ان کان ٿوري فاصلي تي پيراڊائيز سنيما هئي. اهو علائقو سنيمائن سان گڏوگڏ ليڪڪن وغيره لاءِ ڪيفي جارج ۽ ڪافي هائوس جي چانهہ، سموسن ۽ پيٽيز وغيره لاءِ پڻ سڃاتو ويندو هو.

صدر جي ان رونق کي ڇڏي اڳتي وڌبو هو تہ ريڪس سنيما ايندي هئي. ان جي پويان ريو سنيما هئي، جتي مون آخري ڀيرو ان جي آڊيٽوريم ۾ تبديل ٿيڻ کانپوءِ اسلم اظهر جي ٿئيٽر گروپ پاران اسٽيج ڪيل ”گليليو“ ڊرامو ڏٺو هو. هوٽل ميٽروپول جي پويان وليج هوٽل جي پر ۾ ۽ شاهراه فيصل شروع ٿيڻ واري پوائنٽ تي ئي پيلس سنيما هوندي هئي.

اهو سڄو علائقو ان وقت ڪراچي شهر هوندو هو. پسگردائي ۽ نون آباد ٿيل علائقن ۾ ڏار سنيمائون هيون، جيئن لسبيلي چوڪ ۽ تين هٽي وٽ فلمستان ۽ ناولٽي سنيمائون هيون. ماري پور روڊ تي ڪرائون سينيما آهي. اهڙي ريت اڳتي تين هٽي جي پل پار ڪرڻ کانپوءِ لالو کيت ۾ ڪجهہ سنيمائون هونديون هيون. نرسري ۽ طارق روڊ وغيره، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جا آباد ٿيل علائقا آهن. هتي نرسري تي مشهور خيام سنيما هوندي هئي، جڏهن تہ طارق روڊ تي جهيل پارڪ وٽ سوسائٽي سنيما هئي. اڳتي ملير، قائد آباد ۽ لانڍي وغيره جي علائقي ۾ بہ ڪجهہ سنيمائون هيون. ان پسگردائي ۾ ڊرائيو اِن سنيما ڪراچي جي هڪ منفرد سنيما هئي. نيشنل اسٽيڊيم ۽ ڊالميا سيمينٽ فيڪٽري کان اڳتي اچبو هو تہ، هن وقت جتي ملينيم مال آهي، ان جي پر ۾ ٽڪريءَ تي نهيل اها سنيما هئي، جتي ماڻهو پنهنجي ڪار ۾ ويهي فلم ڏسي سگهندو هو.

انهن سنيمائن جو هڪ خاص مزاج هو. هر قسم جي ماڻهو لاءِ ان جي کيسي موجب ٽڪيٽ جي گنجائش هوندي هئي. شروع ۾ ويندڙ تماشبينن لاءِ گهٽ پئسن واري ٽڪيٽ هوندي هئي ۽ ڪين اها چوٽ هئي تہ هو فلم جي ڪنهن بہ سين تي گوڙ ڪري سيٽيون ۽ تاڙيون وڃائي سگهن ٿا. جيڪڏهين ڪا نئين ۽ سني فلم وغيره هوندي هئي، تہ ماڻهن جي رش هوندي هئي - ۽ ڪنهن هنگامي ٿيڻ جو انديشو هوندو هو تہ پوءِ سنيما جا ملازم لاني چارج وغيره ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندا هئا. ظاهر آهي تہ ان ڪم لاءِ سخت قسم جي ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي ۽ ان ڪم لاءِ لياري جي ماڻهن کي مناسب سمجهيو ويندو هو. سنيما جي ملازمن ۾ هيٺ کان مٿي تائين لياري جي ماڻهن جي گهڻائي هئي. سنيما جي ملازمن جي باقاعدي يونين هوندي هئي. ان سلسلي

۾ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ اسانجو دوست رحيم بخش آزاد، جيڪو آزاد بلوچ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، اهو ان يونين جو عهديدار هو.

ماڻهن کي انگريزي فلمن جو خاص شوق هوندو هو. ان ۾ گهڻائي اهڙن ماڻهن جي هئي، جيڪي مزدور هوندا هئا ۽ گهڻو پڙهيل ڳڙهيل نہ هوندا هئا. بهرحال اهي ماڻهو انهن فلمن مان پنهنجو مطلب ڪڍي ويندا هئا ۽ مزي سان اهي پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کي ٻڌائيندا هئا. ڪين انهن فلمن جي اداڪارن ۽ اداڪارائن جي ايتري ڄاڻ هوندي هئي جڻ اهي سندن مائٽ هجن. ان جو وڏو ڪارڻ اهو هو جو انهن مان گهڻا ماڻهو بندرگاه تي ڪم ڪندا هئا، جتي سندن واسطو مختلف پرڏيهي ماڻهن سان پوندو هو، جيئن مشهور اداڪار عبداللطيف عرف ساقي، جنهن کي بندرگاه تي ڪم ڪرڻ ڪارڻ ڪيئي ٻوليون اينديون هيون.

منهنجو پنهنجو فلمن ڏسڻ جو هڪ معمول هوندو هو. هر پندرهين ڏينهن ڪا نہ ڪا فلم ڏسڻ ويندو هوس. پوءِ ڪڏهن اڪيلو، تہ ڪڏهن ڪنهن دوست سان گڏ. جيڪڏهن ڪنهن نئين فلم جي ڪنهن ويجهي سينما تي بڪنگ نہ ملندي هئي تہ، طارق روڊ جي سوسائٽي سينما تائين بہ سفر ڪري وڃبو هو. آهستي آهستي زندگي ۾ ٻيون مصروفيتون وڌنديون ويون ۽ اهو شوق پسمنظر ۾ هليو ويو.

آهستي آهستي اهو سڀڪجهہ بہ ختم ٿي ويو. ان جا گهڻا ئي ڪارڻ آهن. پهرين ڳالهہ تہ ڪراچي جي فلم انڊسٽري ختم ٿي ويئي. اسٽوڊيو گودامن ۾ تبديل ٿي ويا. سڄو ڪم لاهور منتقل ٿي ويو. هتي فلمون نهڻ بند ٿي ويون. ان جو وڏو نقصان خاص طور سنڌي فلمن کي ٿيو. ڪراچيءَ ۾ فلمي صنعت هئڻ ڪري ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي فلمون نهنديون هيون ۽ ماڻهو وڏي شوق سان اهي ڏسندا هئا، پر لاهور منتقل ٿيڻ ڪانپوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو. جڏهن تہ هاڻي لاهور ۾ بہ ڪجهہ نہ بچيو آهي. هونئن بہ سينمائن کي انڊين ۽ انگريزي فلمن جو وڏو آسرو هوندو هو. 1965 جي پاڪ ڀارت جنگ ڪانپوءِ انڊين فلمون اچڻ بند ٿي ويون. اهڙي ريت سينمائون پنهنجي هڪ اهم ذريعي کان محروم ٿي ويون.

گهڻا ماڻهو ان خيال جا آهن تہ وي سي آر ۽ ڪيبل وغيره جي ڪري سينمائن تي اثر پيو آهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ اهو مڪمل طور صحيح ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ شيون تہ ڀارت ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ آهن، پر اتي سينما تي ايڏو خراب اثر نہ پيو آهي، جيترو پاڪستان ۾ پيو آهي. ان جي اندروني ڪارڻن کي ڳولڻ گهرجي. سماج ۾ سرايت ڪيل شدت پسندي بہ سافٽ ڪلچر جي ان هڪ اهم پاسي کي وڏو نقصان پهچايو آهي. هن وقت اهو سڀڪجهہ جڻ ماضيءَ جي هڪ وٽندڙ ياد بڻجي چڪو آهي. گهڻيون سينمائون انهن ساڳين نالن سان رهائشي اپارٽمنٽس ۽ شاپنگ مالز ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. ان طرح ڪراچي شهر جي هڪ اهم سڃاڻپ، جيڪا سينمائن واري هئي، سا هاڻي ختم ٿي چڪي آهي.

29

# ڪراچي شهر ۾ ڳوٺاڻي زندگي

مليرڪي پنهنجن ڳوٺن، ٻنين ۽ مال جي ڪري شهري علائقن سان ڳنڍجي وڃڻ جي باوجود اجا ڳوٺاڻو علائقو ليکي سگهجي ٿو. پر اجا تائين بہ گلشن اقبال ۽ گلستان جوهر ۾ ڳوٺاڻي زندگي جا آثار ملن ٿا. ڪڏهن ائين سڙڪ تان ويندي مينهن، ڳئن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ اوچتو رستي تي اچي ويندا آهن ۽ سڙڪ ڪجهہ وقت لاءِ بلاڪ ٿي ويندي آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهو مال سنڀالڻ وارن جا ويجهو ئي گهر ۽ ڳوٺ هوندا. جيتوڻيڪ هتان جا صفوران ۽ حاجي ليمون گبول ڳوٺ وغيره شهري زندگي جو حصو ٿي ويا آهن، پر انهن جي سڃاڻپ ساڳي ڳوٺ واري آهي.

گهڻو عرصو اڳ جي ڳالهہ ناهي. لالو کيت جي وچ ۾ ڳوٺ هوندا هئا. اسان جو دوست ف. م لاشاري اهڙي ئي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ سندس گهر، ڊاکخاني يا تين هٽيءَ کان ٿورو اڳ فلمستان سنيما وٽان وڃبو هو. جيتوڻيڪ انهن ڳوٺن ۾ ٻني ٻارو نہ هوندو آهي، پر اهي ڳوٺن جي حيثيت ۾ قائم هئا، جن کي ڪي شهري سهولتون هيون ۽ ڪي نہ هيون.

ان کان اڳ ۾ جڏهن اسان جو خاندان نوآباد، لياريءَ ۾ اچي رهيو هو، جنهن کي هڪ شهري علائقو ڳڻيو ويندو هو، اُتي بہ جانور ۽ خاص طور ڳئون ۽ ٻڪريون وغيره پالڻ هڪ عام ڳالهہ هئي. ڪي گهر، جيڪي ڳئون رکندا هئا، اهي ساڳئي وقت کير جو ڪاروبار بہ ڪندا هئا ۽ ان حوالي سان سڃاتا ويندا هئا. فليٽ سسٽم نہ هئڻ ۽ زمين جي گهرن هئڻ ڪري انهن جانورن کي رکڻ سولو ڪم هوندو هو. صبح جو ڌنار مختلف گهرن جون، خاص طور تي ٻڪريون گڏ ڪري ڪٺي ويندو هو ۽ شام جو اهي موٽائي آڻيندو هو - ۽ مهيني جي ختم ٿيڻ تي مالڪن کان پنهنجو اجورو وٺندو هو.

ڳئون جيڪي ائين رستن تي پيون گهمنديون هيون، انهن کي سرڪاري عملدار، جن کي ڍڪ وارا چيو ويندو هو، وڃي بند ڪندا هئا ۽ پوءِ مالڪ ڏنڊ ڀري اهي ڇڏائي ايندا هئا. انهن علائقن مان تہ اهو سڀڪجهہ ختم ٿي ويو آهي، پر اجا شهر جي گهڻن علائقن ۾ ڪٿي گهٽا، تہ ڪٿي ٿورا ڳوٺاڻي زندگي جا آثار باقي آهن.

## ٻاراڻو ضد

اجا اها ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهہ لڳي ٿي، جڏهن منهنجو پٽ طاهر منهنجي آفيس مان اچڻ کانپوءِ شام جو مون کي چوندو هو تہ "بابا مون کي ڳئون ۽ اٺ ڏسڻا آهن." ان وقت آئون بغدادي، لياريءَ ۾ رهندو هوس ۽ ٿورو پرتي ليمارڪيٽ وٽ اهي جانور آرام سان وڻا هوندا آهن. ڪيس اتي وٺي وڃڻ لازمي هوندو هو ۽ پوءِ جڏهن گهر موٽندو هو تہ وري سندس ضد هوندو هو تہ "بابا مون انهن کي هٿ تہ لاتو ئي ڪونہ.

هاڻي مون کي وري ونئي هلو.“ ٻيو پيرو هٿ لاهي موٽندو هو ته، وري ضد ته، ”بابا آئون انهن تي ويهندس.“ پوءِ ڪيس سمجهائڻو پوندو هو ته، ”يار، اهو ڪم هاڻي تون سياڻي ڪجانءِ.“ ان تي ڪڏهن هو مُڙي ويندو هو ۽ ڪڏهن وري ٽيون پيرو ٻه ساڍس وڃڻو پوندو هو. سندس اصل مقصد گهر کان ٻاهر چڪر هڻڻ هوندو هو.

7 سيپٽمبر2007 تي سندس تي سندس شادي ٿي ۽ هن وقت هو چار ٻارن جو پيءُ آهي. آئون اجا به ڪڏهن ڪڏهن ڪيس اهي پراڻيون ڳالهيون ياد ڏياريندو آهيان. شل هو پنهنجي زندگي ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان سکيو ۽ آباد رهي.

## جهاز وارو سج ۽ زمين وارو سج

سج لهڻ جو نظارو هونئن زمين تي ۽ خاص طور تي سمنڊ جي ڪناري نهايت دلڪش ۽ وڻندڙ هوندو آهي، پر خاص طور تي جڏهن ماڻهو هوائي سفر ۾ زمين کان ڇٽيهه هزار فوٽن جي اوچائي تي هجي ته، ان نظاري جي نوعيت وري ٻي ٿي ويندي آهي. لهندڙ سج جڏهن هيٺ ڪڪرن سان لهه وچڙ ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن ائين لڳندو آهي ته پرتي پاڻيءَ جون ڊنڊيون آهن ۽ ڪڏهن چڻ آسمان ۾ جبل هجن، جن مان باهه نڪري رهي هجي. مٿي سج، زمين تي سج جي لهڻ کان اٽڪل ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ لهندو آهي. هڪ ڀيري ائين ٿيو ته رمضان شريف جو مهينو هجي. آئون اسلام آباد مان ڪراچي موٽي رهيو هجان. روزي کولڻ جو وقت جهاز جي لينڊ ڪرڻ کان اڳ ٿيڻو هو، ان ڪري جهاز جي عملي پاران وقت تي مسافرن کي روزي کولڻ جا باڪس ڏنا ويا. وقت ٿي ويو، پر پائلٽ اعلان ڪيو ته هيٺ زمين تي روزو کُلي ويو آهي، پر مٿي جيئن ته سج اجا نه لٿو آهي، ان ڪري روزو نه ٿو کولي سگهجي. مسافر دٻا هٿن ۾ کنيو بيچيني سان جهاز جي درين مان سج ۾ اکيون وجهيو وينا هئا ته، اهو ڪڏهن ٿو لهي- ڪڏهن سندن انتظار ٿو ختم ٿئي. پر زمين جي سج جي ابتڙ هتان جي سج جي لهڻ جو ڪو وقت ڏنل نه هو ۽ پائلٽ پاران ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ساڳيو اعلان ورجايو پئي ويو. نيٺ جڏهن جهاز هيٺ لهڻ شروع ڪيو ۽ ماڻهن کي اهو ٻڌايو ويو ته، اهي هاڻي ان حد مان نڪري آيا آهن ۽ هاڻي روزو کولي سگهن ٿا ته، انهن روزو کوليو. واقعي اها حقيقت آهي ته وقت ۽ مقام هر شئي جي حقيقت کي بدلائي ڇڏيندا آهن.

30

# آصف فرخي، سرور جاويد. ڊاڪٽر ڀوهيو ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل جي سائيڪل ريلي

پنهنجي ڪنهن ويجهي ۽ پياري ماڻهوءَ جي گذاري وڃڻ تي فوري طور لکڻ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. هڪ جذباتي صدمي کي لفظن جو روپ ڏيڻو پوندو آهي. آصف فرخي جي وفات جي خبر واقعي منهنجي لاءِ هڪ اوچتي ۽ ڇرڪائيندڙ خبر هئي. ساڻس آئون ڪنهن ويجهي تعلق جي دعويٰ ته نه ٿو ڪري سگهان، پر جيڪو ٿورو گهڻو تعلق رهيو، اهو سنين ۽ خوشگوار يادن تي ٻڌل آهي. گهڻو عرصو اڳ شاهه محمد پيرزادو سان گڏجي ڪنهن ادبي گڏجاڻيءَ ۾ آئون گلشن اقبال ۾ سندس گهر ويو هوس. منهنجي ساڻس اها پهرين ملاقات هئي، پر اها جڻ آئندي جي ويجهن ناتن جو ذريعو بڻجي ويئي هئي. هو پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ رهندو هو. سندس پيءُ ڊاڪٽر اسلم فرخي ڪراچي يونيورسٽي ۾ هوندو هو. هڪ خاموش طبيعت ۽ پنهنجي علمي ڪم ۾ مصروف شخص.

آصف سان پوءِ شيخ اياز تي مختلف ليکڪن جي مضمونن جي مجموعي ۽ ايتمي ڌماڪي جي سلسلي ۾ ضمير نيازي جي ترتيب ڏنل مضمونن جي سلسلي ۾ رابطو رهيو. ڪڏهن سندس ترتيب ڏنل رسالو دنيازاد ۽ پبليڪيشن هائوس؛ شهرزاد پاران شائع ڪيل ڪي ڪتاب ملي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪنهن مضمون تي فيڊ بيڪ جي حوالي سان ساڻس فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي ويندي هئي.

آئون گهڻي عرصي کان ادبي ميلن وغيره کان پري رهيو آهيان. ڪي ايل ايف، ادب فيسٽيول ۽ ٻئي ڪنهن به اهڙي پروگرام ۾ شامل نه رهيو آهيان. ان جا ڪارڻ ڪهڙا به ٿي سگهن ٿا. بهرحال ان ڪري به گهڻن دوستن ۽ خاص طور آصف، جيڪو انهن پروگرامن جو روح روان هوندو هو، سان ملاقاتون محدود رهيون آهن. اهڙي ريت آصف جو حال احوال شاهه محمد سان ٿيندڙ ملاقاتن ۾ ملي ويندو هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آصف سنڌي اديبن ۾ هڪ مقبول نالو هو. مون کي ياد ٿو پئي ته هڪ ڀيري ملاقات ۾ مذاق ڪندي چيو هئائين ته، ”يار آئون ته انهن سنڌي ليکڪن مان اڙجي ويو آهيان، جن جي، روز گهر تي مختلف ڪتابن ۽ مهاڳن ۽ تبصرن لکڻ وارين فرمائشن جو انبار هوندو آهي.“ بهرحال سندس سنڌي ادب ۽ ليکڪن سان هڪ محبت وارو ناتو هو. اياز ۽ امرجليل وغيره سان سندس خاص تعلق هوندو هو.

آصف هڪ روشن خيال انسان ۽ ليکڪ هو، پر ساڳئي وقت هو ڪنهن نظرئي سان لاڳاپيل نه هو. سندس پنهنجا ادبي حلقا ۽ دائرا هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري اتي ئي سندس ڪچهريون ٿينديون هيون. باقي سندس شهر جي مين اسٽريم ادبي تنظيمن جهڙوڪ؛ انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ عوامي ادبي انجمن وغيره ۾ اچڻ نه هوندو

هو. يقيناً مٿس پنهنجي پيءُ اسلم فرخي، جيڪو پاڻ هڪ وڏو عالم هو، جو وڏو اثر هوندو. ساڳئي وقت هو ادبي لحاظ کان حسن عسڪري ۽ انتظار حسين جو پوئلڳ ته هو، پر منهنجي خيال ۾ هو پنهنجي چاچي انور احسن صديقي جي پڻ گهڻو ويجهو هو ۽ ان جو به مٿس گهڻو اثر هو. انور احسن ترقي پسند خيالن جو شخص هو. هو ڪراچيءَ جي مزدور تحريڪ ۽ سياسي ۽ ادبي حلقن جي هڪ سرگرم شخصيت هو. صاف، کرو ۽ ساڳئي وقت محبت ۽ شفقت سان پيش ايندڙ شخص. ساڻس اڪثر مختلف ادبي پروگرامن ۾ ملاقات ٿيندي هئي. لالا لعل بخش رند ۽ فصيح سالار وغيره سان سندس ويجهڙائي هوندي هئي. سندس ڪجهه ڪتاب وغيره پڻ لکيل آهن.

آصف جو سنڌي ۽ اڙدو اديبن ۾ لاڳاپن جي حوالي سان يقيناً هڪ سرگرم ڪردار آهي، پر ساڳئي وقت ڪيس هڪ اڪيلي شخص طور نه وٺڻ گهرجي. هو ان سڄي عمل جو هڪ حصو هو، جيڪو مختلف لاهين چاڙهين سان لاڳيتو هلندو آيو آهي. ان ۾ ڪنهن جو گهٽ ۽ ڪنهن جو گهڻو ڪردار رهيو آهي، پر ان سلسلي ۾ ٿورو گهڻو ڪردار گهڻن ماڻهن جو ادا ڪيل آهي، جنهن کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. اهو عمل جاري رهڻو آهي ۽ آصف ان سلسلي ۾ هڪ اهم نالي طور ياد رکيو ويندو.

## سرور جاويد

سرور جاويد به گذاري ويو. هو اڙدوءَ جي انهن ڪجهه اديبن مان هڪ هو، جيڪي ڪنهن دور ۾ ترقي پسند سياست سان لاڳاپيل رهيا هئا ۽ خاص طور شاگرد سياست ۾ انهن جو ڪردار هو. هو پنهنجي ان تسلسل کي ترقي پسند ادبي تنظيمن ذريعي جاري رکندا ٿي آيا. سرور ڪنهن دور ۾ ڪاليج يونين جو پڻ عهديدار رهيو هو. هو پيشي جي لحاظ کان صحافي هو، پر ادبي حلقن ۾ هڪ سٺي شاعر طور سندس سڃاڻپ هئي، خاص طور عوامي ادبي انجمن ۾ سندس شرڪت باقاعدي هوندي هئي. سندس دوستن کي اها خبر هوندي هئي ته هو هڪ جذباتي ماڻهو آهي ۽ ڪاوڙ ۾ اچڻ کانپوءِ پرچي به جلدي ويندو آهي. ڪجهه سال اڳ سنڌي ادبي سنگت ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين پاران گڏيل طور لاڙڪاڻي ۾ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو هو. آئون اتي انجمن جي نمائندي طور ويو هوس، پر سنگت پاران جوڳي بندوبست نه هئڻ ۽ موضوع تي ڪنهن موزون ماڻهوءَ جي تياري ڪري نه اچي سگهڻ جي ڪري مون کي چيو ويو ته، اوهان سنگت پاران پنهنجو پيپر پيش ڪيو، جيڪو مون ڪيو.

ان پروگرام ۾ سرور جاويد پنهنجي ٻي زال سان ڪراچيءَ جي وفد سان گڏ آيو هو. اها شادي هن پنهنجي پهرين زال، جيڪا پاڻ شاعره هئي ۽ ادبي پروگرامن ۾ سرور جاويد سان گڏ شريڪ ٿيندي هئي، جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ڪئي هئي.

ڪراچيءَ مان آيل مهمانن جي لاءِ سمبارا اِن هوٽل ۾ رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو. موهن جو دڙو جا آثار ڏسڻ، ڳڙهي خدابخش ۾ شهيدن جي مزارن تي حاضري

پڙهڻ ۽ ڪيڊٽ ڪاليج ۾ مانجهاندي ڪرڻ سان گڏ پنهنجي دوست منٺار سولنگي جي گهر چانهه به پيتي هئي سين.

پهرين رات مشاعرو به ان پروگرام جو حصو هو، جنهن ۾ روايتي لحاظ کان شاعرن جي مرتبي وغيره جو گهٽو خيال رکيو ويندو آهي، خاص طور اڙدو جا شاعر ان معاملي ۾ گهڻا حساس آهن. ان سلسلي ۾ اتان جي منتظمين کي شايد ڪا گهٽي ڄاڻ نه هئي ۽ انهن پنهنجي ليکي پروگرام هلايو پئي. اوچتو سرور جاويد اٿي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته، ”اوهان کي ڪو احساس ناهي ته ڪراچيءَ مان اوهان جيڪي مهمان گهرايا آهن، انهن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ انهن کي ڪيئن عزت ڏني وڃي؟“ بهرحال دوستن منٿ ميڙ ڪري کيس راضي ڪيو ۽ پروگرام هلي پيو. سرور جاويد ائين ئي هوندو هو. بهرحال دوست به ساڻس نڀائيندا هئا ۽ هو به انهن ڪانسواءِ رهي نه سگهندو هو.

## ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

ڊاڪٽرالهداد ٻوهيو جي سڃاڻپ سندس علمي ڪم آهي. ان ماڻهوءَ سان واقفيت ۽ ڪجهه وقت گذارڻ منهنجي لاءِ واقعي هڪ خوش قسمتي ۽ منهنجي زندگيءَ جو هڪ اثاثو آهي. هو هڪ نفيس طبيعت جو ماڻهو هو، جيڪو ٻين جو ايترو خيال ڪندو هو جو ماڻهوءَ کي لڄ پيئي ايندي هئي. بينظير ڀٽو جي پهرين حڪومتي دور دوران لاهور ۾ ٿيل جمهوريت پسند ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ مون کي ذاتي طور اهو فائدو ٿيو ته ٻوهيو صاحب سان هوٽل جو روم شيئر ڪرڻ جو موقعو ميسر آيو. ان کان اڳ به ساڻس منهنجي ذاتي واقفيت هئي. ف. م لاشاري ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي عزيز آباد جي ماڊل اسڪول ۾ استاد هوندا هئا. لاشاريءَ سان سندن نهايت ويجهو ۽ قرب جو ناتو هو.

ان وقت ٻوهيو صاحب جي رهائش ناظم آباد ۾ گول مارڪيٽ جي ويجهو هوندي هئي، جتي منهنجو لاشاري سان گڏجي به ٽي ڀيرا وڃڻ ٿيو هو. هو پنهنجن مهمانن جي تواضع چانهه بسڪٽ سان نه پر پستن ۽ بادامن سان ڪندو هو. سندن حيدرآباد منتقل ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو سنڌي ادبي سنگت جي ڪنوينشن جي موقعي تي اتي وڃڻ ٿيو هو. ٻوهيو صاحب جي دعوت تي ۽ ٻيو ته لاشاريءَ سان سندس گهر ۾ اچڻ وڃڻ وارو تعلق هو، ان ڪري اها رات اسان سندس گهر مهمان هئاسين. لاشاري ته لٽ ڪوڙي سمهي پيو هو، پر آئون ساڻن رات جو دير تائين ڪچهري ڪندو رهيس.

لاهور ۾ ريل گاڏيءَ جي سفر ۾ هو اسان سان گڏ ئي هو. ان سڄي سفر ۾ اسان سيني سان سندس اهڙو ورتاءُ هو، ڄڻ هو اسان جي خاندان جو ئي هڪ فرد ۽ اسان جو وڏو هجي. سندس صلاحون ڏيڻ ۽ ڪنهن ڳالهه تي ٽوڪڻ، ڪڏهن ڪنهن کي خراب به لڳندو هو، پر ان سيڪجهه ۾ هڪ پنهنجائپ ۽ محبت شامل هوندي هئي. ان ڪانفرنس جو اهو فائدو ٿيو هو ته ملڪ جي ٻين ٻولين جي اديبن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ، خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ مختلف ٻولين جي مسئلن کي سمجهڻ جو موقعو مليو هو، پر

ساڳئي وقت نوجوان سنڌي اديبن کي سوپو ۽ ڊاڪٽر ٻوهيو سان گهڻو وقت گذارڻ ۽ کين سمجهڻ ۽ ڪائنن سکڻ جو موقعو به مليو ويو.

ٻوهيو صاحب ڪنهن ادبي لابيءَ سان لاڳاپيل نه هو. هو جيتوڻيڪ هڪ روشن خيال ماڻهو هو، پر ڪنهن سياسي نظرئي وغيره سان لاڳاپيل نه هو.

## ايمنسٽي انٽرنيشنل جي سائيڪل ريلي

شايد 1990ع جي ڊهاڪي جي ڳالهه آهي ته هڪ ڀيري اسلم خواجه مون کي ۽ ڊاڪٽر شمس سومرو کي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي ڪوئيٽا کان سبي تائين سائيڪل ريلي ۾ هلڻ جي دعوت ڏني هئي. هتي ايمنسٽي گهڻو ڪري ميڊيڪل ڊاڪٽرن تي مشتمل آهي. ڊاڪٽر شير شاهه ۽ ٻيا ڊاڪٽر ان ۾ سرگرم هئا. اسان ٻيئي گڏجي پي ايم اي هائوس پهتاسين، جتان اسان کي بسن ذريعي ڪوئيٽا لاءِ روانو ٿيڻو هو. ان ريلي ۾ شريڪ ٿيندڙن ڪانسواءِ گهڻن ڊاڪٽرن پنهنجين زالن ۽ ٻارن کي به آندو هو. ايستائين جو هڪ ڊاڪٽر پنهنجو ڪتو به گڏ ڪنيو هو.آر سي ڊي هاءِ وي ذريعي ڪوئيٽا پهتاسين، جتي اسان کي هوٽل ۾ رهايو ويو.

هڪ ٻه ڏينهن ڪوئيٽا جون بازارون، حنا ڍنڍ ۽ اڙڪ وغيره گهمياسين. سائيڪل ريلي واپسيءَ ۾ شروع ٿي، جنهن ۾ ايمنسٽي جا ڪي پرڏيهي نمائندا به شامل هئا. بسون سائيڪل وارن جي پويان، انهن جي رفتار سان هلنديون ٿي ويون. بولان لڪ مان گذري مختلف جاين تي خاص طور تي پاڻي جي چشمن وٽ فطرت جو مزو وٺڻ، آسيس وٺڻ ۽ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ بيهاسين ٿي. بس وارن لاءِ پوءِ به سائيڪل وارن تائين پهچڻ ڪو مسئلو نه هو. ان ريليءَ ۾ ايمنسٽي جو پرڏيهي نمائندو سڀ کان تيز هو ۽ سبي کان گهڻو اڳ سبي پهچي ويو هو. اتي ضلعي انتظاميا پاران ريلي ۾ شريڪ ٿيندڙن جي رهائش ۽ ماني ٽڪي وغيره جو بندوبست ڪيو ويو هو. رات سبي ۾ گذارڻ ڪانپوءِ اهو قافلو، جيڪو بلوچستان رستي ڪوئيٽا ويو هو، سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿيندو واپس ڪراچي پهتو

## 31
# ڪراچي ۽ پشاور شهر ۾ مينهنِ جا ڏينهنَ ۽ ماڻهن جا الڳ الڳ رويا

سنڌ ۾ مينهن گهٽ پوندا آهن ۽ ڪراچي ۾ ته اڃا به گهٽ پوندا آهن. اهڙو وقت به آيو هو جو شهر ۾ لاڳيتو ٻه ٽي سال مينهن نه پيو هو ۽ گهڻن ماڻهن ته ڪراچيءَ کي رڻ پٽ جو درجو ڏيئي ڇڏيو هو. ان سان اختياري وارن ۽ شهر جي ماڻهن اهو نتيجو ڪڍيو ته هن شهر ۾ مينهن نه پوندا، ان ڪري پاڻيءَ جي نيڪال جو ته ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. نتيجي ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جا جيڪي رستا، نالا ۽ نيون هيون، انهن تي ماڻهن قبضا ڪري ورتا. اتي نه رڳو ڪچا ۽ پڪا گهر ناهيا ويا، پر بينڪن ۽ ٻئي بزنس جون آفيسون پڻ قائم ٿيون. ڪنهن پڇا ڳاڇا نه ڪئي ته، بابا هي ڇا ٿا ڪيو؟ شهر جي سڄي نظام کي ائين برباد ڇو ٿا ڪيو؟

اهو ته ممڪن ئي نه هو ته، مينهن ماڳهين نه پون. پوءِ ائين ٿيندو هو ته ٿورو به وسڪارو ٿيندو هو ته، پاڻيءَ کي نيڪال جو رستو نه ملڻ ڪري ندين نالا اٿلي پوندا هئا ۽ پاڻي شهر جي رستن کي ٻوڙي ۽ هيٺانهين وارن علائقن جي گهرن ۾ داخل ٿي ويندو هو. نتيجي ۾ سڄي شهر جو ڪاروهنوار بيهي رهندو هو. آءِ آءِ چندريگر روڊ، نرسري، شاهراه فيصل، ڪورنگي ۽ شهر جي ٻين اهم رستن تي گوڏي جيڏو پاڻي بيٺو هوندو هو.

ڪلاڪن تائين ٽريفڪ جام هوندي هئي. اهڙي صورتحال ۾ ڦرن جا واقعا به ٿيندا هئا. ماڻهن کي گهر موٽڻ ۾ صبح به ٿي ويندو هو. ٻه ٽي ڀيرا آئون پاڻ ان صورتحال جو شڪار ٿيس ۽ پنجين وڳي جو اسٽيٽ بينڪ جي آفيس مان نڪتل رات جو ٻي اڍائي وڳي گلشن حديد ۾ پنهنجي گهر پهچندو هوس.

اهڙي ئي مينهن جي هڪ منڌ ۾ مون کي پنهنجو هڪ سفر ياد ٿو پئي. مون کي سرڪاري ڪم سان پشاور وڃڻو هو. ان وقت اٽڪل سڄي ملڪ ۾ مينهن پئجي رهيا هئا. جهاز ڪراچي کان ته اڏاڻو، پر خراب موسم جي ڪري ان کي لاهور ۾ ئي لينڊ ڪرڻو پيو. ان وقت اتي ايئر پورٽ تي شيخ رشيد، جيڪو ان وقت به ريلوي جو وزير هو، ۽ سيد خورشيد شاه به موجود هئا. شيخ رشيد کي پنڊي، جڏهن ته خورشيد شاه کي سکر وڃڻو هو.

خورشيد شاه کي ته ايئرپورٽ وارن چئي ڇڏيو ته، سکر ايئر پورٽ تي لائيٽ نه هئڻ ڪري رات جي ڪابه فلائيٽ ناهي. ايئرپورٽ جي عملي سان سندس وڙهڻ ۽ رڙيون ڪرڻ جو هُنن تي ڪو به اثر نه پيو، جڏهن ته شيخ رشيد ٿوري وقت کانپوءِ اتان هليو ويو.

اسان کي انهن ڪافي دير کانپوءِ اسلام آباد جي فلائيٽ ۾ ويهاريو، جتان پي آءِ اي جي بس رات جو اٽڪل ٻي وڳي پشاور ايئرپورٽ پهچايو. اتي به مينهن لڳاتار وسي رهيو هو.

اهڙي صورتحال ۾ منهنجي لاءِ پهريون مسئلو ڪا سواري ڳولڻ ۽ هوٽل تي پهچڻ هو. منهنجي ذهن ۾ ڪراچيءَ جي صورتحال هئي، جنهن ڪري ڪنهن به وارتا جي ٿيڻ جو ڊپ هو. ايئرپورٽ کان ٻاهر هڪ رڪشا ملي ويو. مون کيس ڪنهن به هوٽل تي هلڻ لاءِ چيو ته جيئن رات گذاري صبح جو پنهنجي ٽيم سان هوٽل ۾ وڃي رهان. ٻن ٽن هوٽلن تي پڇا ڪرڻ ڪانپوءِ هن نيٺ مون کي هڪ هوٽل تي اچي لاٿو. مون کان سئو روپيا ڪرايو ورتائين، جيڪو منهنجي اندازي موجب عام حالتن جي لحاظ کان به گهٽ هو. اُتي رات گذاري صبح جو نيرن ڪري جڏهن هوٽل واري کي نيرن جا پئسا ڏيڻ لڳس ته هو چئي ته، ”اوهان اسان جا مهمان آهيو. اوهان کان پئسا نه وٺنداسين.“ نيٺ مون ان کي پئسا ڏنا ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي پهتس.

اهو هونئن ته هڪ يادگار سفر هو، پر خاص طور رڪشا ۽ هوٽل واري همراهه جو جيڪو ورتاءُ هو، اهو ڪراچيءَ جي حوالي سان بلڪل ئي غير متوقع ۽ هميشه ياد رهندڙ هو.

## فطرت جي تباهيءَ سان انسان جي پوڄڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي!

ڪجهه وقت اڳ حيدرآباد وڃڻ ٿيو. سنڌو درياهه تي، ڄامشوري واري پل تان لنگهندي درياهه تي نظر وجهڻ ڄڻ عادت ۾ شامل ٿي ويو آهي. درياهه جي هن حصي ۾ پاڻيءَ جو گهٽ هئڻ ۽ واري جو اڏامڻ ته معمول جي ڳالهه آهي. ساڳئي وقت درياهه جي ان ويرانيءَ جو فائدو وٺندي مختلف ٽرڪون اتان مٽي ڪڍي رهيون هيون، جيڪا شهرن ۾ تعميراتي مقصدن لاء استعمال ڪئي ويندي. اهو سڀڪجهه سنڌو درياهه سميت دنيا جي سڀني وڏن ۽ ننڍن درياهن ۽ نئين سان ٿي رهيو آهي. وڏن شهرن، ڊيمن ۽ ٻين تعميراتي رٿائن درياهن کي وڏو نقصان پهچايو آهي. ان لاڙي کي ضابطي ۾ آڻڻ ڏکيو آهي. گهڻيون ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون آهن. هڪ لحاظ کان انساني تهذيب جي ترقيءَ جو مطلب فطرت جي تباهي آهي، جنهن جا نتيجا اڳتي هلي ٻي جيوت سان گڏ انسان کي به پوڳڻا پوندا ۽ شايد اهو عمل هاڻي شروع ٿي چڪو آهي.

## فطرت خلاف کنيل قدم: ساهه ٻوساٽجي ٿو!

ڪراچي جي آبادي جيئن وڌي رهي آهي ۽ نوان علائقا شهر ۾ شامل ٿي رهيا آهن، تيئن فطرت جا رنگ ختم ٿي رهيا آهن - ۽ ٻي جيوت لاءِ حياتي تنگ ٿي رهي آهي. هڪ اهڙو وقت هوندو هو جو ملير ته پري جي ڳالهه، جتي رڳو ڳوٺ ۽ قدرت جا رنگ هوندا هئا، لياري ۽ ٻين علائقن ۾ به مختلف پکين جي لات، چيڪو، بادام ۽ ٻيرين جا وڻ هوندا هئا. نوريئڙن کي ڊوڙون پائيندي ۽ وڻن تي لهندي چڙهندي ڏسبو هو. اهي منظر گهڻو اڳ غائب ٿي ويا.

گلشن اقبال ۽ گلستان جوهر ۾ مختلف ڳوٺن جا بس هاڻي رڳو آثار ئي ملن ٿا، باقي فطرت جو ڪو رنگ باقي ناهي رهيو. ايستائين جو ملير جو علائقو سڄو شهر

جو حصو بڻجي ويو آهي. اڳ ۾ ماڻهو اتي ڳوٺن ۽ باغن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڪنڪ ملهائڻ ۽ ٿوري آسيس وٺڻ لاءِ ويندو هو، پر هاڻي اهو آسرو بہ باقي ناهي رهيو.

گلشن حديد شهر کان اٽڪل چاليهہ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. شروع ۾ ڊاڪٽر خاص طور تي ساهہ جي مريضن کي اتي رهڻ جي صلاح ڏيندا هئا، پر اتان جو ماحول بہ بلڪل بدلجي ويوآهي. مون کي هتي رهندي اٽڪل ٽيويهہ سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي. ان وقت، جڏهن آئون هتي رهڻ آيو هوس تہ علائقي ۾ وڻڪاري ۽ ساوڪ گهڻي هوندي هئي. علائقو صاف سٿرو هوندو هو. صبح جو ماڻهن کي پکين جون لاتيون ٻڌڻ ۾ ايندئون هيون. هاڻي اهو سڄو ماحول بدلجي ويو آهي. علائقي جي آبادي وڌي ويئي آهي. وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ بس نالي ماتر وڃي رهي آهي. گندگي ۽ ڪچرو ايترو وڌي ويو آهي، جو ساهہ کڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ آئون پنهنجي گهر جي ٻاهران وينو هوس تہ مون کي وڻ تان هڪ نوريئڙو لهندي نظر آيو. گهڻي دير تائين اهو وڻ تان لهندو چڙهندو ۽ هڪ وڻ کان ٻئي وڻ ڏانهن ويندو رهيو. آئون لاڳيتو ان کي ڏسندو رهيس. گهڻي عرصي کانپوءِ مون اهو ڏٺو هو ۽ ان جڻ مون ۾ هڪ اتساهہ پيدا ڪري ڇڏيو هو. آئون تيستائين ان کي ڏسندو رهيو هيس، جيستائين اهو ڪنهن وڻ ۾ غائب نہ ٿي ويو هو.

فطرت ۽ جيوت جا رنگ ماڻهوءَ کي هڪ نئون اتساهہ ڏيڻ سان گڏ شهري زندگيءَ جي دٻاءَ کي گهٽ ڪرڻ ۾ پڻ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا، پر ڇا ڪجي، پنهنجي حرص ۽ لالچ جي ڪري ماڻهن پاڻ، پاڻ کي ان نعمت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجهہ عرصو اڳ ڪراچي شهر ۾ وقفي وقفي سان گهڻن علائقن ۾ اهڙي بدبوءِ ڦهلجي ويئي هئي، جنهن جو ڪو واضح ڪارڻ سامهون نہ آيو هو. ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ، اها سمنڊ ۾ گهڻي تعداد ۾ مڇين جي مرڻ جي ڪري ٿي آهي، پر اها ڪا حتمي ڳالهہ نہ هئي. ڪجهہ وقت اڳ بي بي سي جي ڏنل هڪ رپورٽ موجب ايران جو شهر تهران اهڙي بدبوِ جو شڪار ٿيل آهي. ان متعلق بہ گهڻا انومان ظاهر ڪيا پئي ويا. ڪِن جو چوڻ هو تہ اها مڇين جي مرڻ جي ڪري آهي، جڏهن تہ ڪي ان کي گٽر لائين جي ڦاٽڻ جو نتيجو قرار ڏين ٿا، پر ڪا ڳالهہ حتمي طور طئي نہ ٿي سگهي آهي. جڏهن تہ حڪمرانن چيو هو تہ، ان ۾ ڳڻتيءَ جي ڪا ڳالهہ ناهي، تنهن هوندي بہ شهري پريشان هئا. ڇا اهي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ پراسرار تبديليون ڪٿي ماحول ۾ ايندڙ تبديلي جو نتيجو تہ ناهن؟

## رڳو ريفريشمينٽ لاءِ ايندڙ ماڻهو! ۽ هڪ حل

ادبي تقريبن ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ ايندا آهن جن جو مقصد اصل تقريب کان وڌيڪ ريفريشمنٽ هوندو آهي. پوءِ ان جي انتظار ۾ ڪين پروگرام ۾ آخر تائين ويهڻو پوندو آهي. سڀ تقريرون وغيره بہ ڪين ٻڌڻيون پونديون آهن. اسان جي هڪ دوست نرگس هوديائي اهڙن ماڻهن جي تڪليف ۽ بيچينيءَ کي محسوس ڪيو ۽ ان جو هڪ

حل به ڪڍيو. هن پنهنجي تنظيم پاران گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪيو هو. پروگرام جي شروع ٿيڻ کان اڳ هن اعلان ڪيو ته، ريفريشمنٽ تيار آهي. پهرين اوهان اهو ڪري وٺو ته جيئن پوءِ اسان پنهنجو پروگرام انهن ماڻهن سان شروع ڪري سگهون، جيڪي خاص پروگرام جي حوالي سان آيا آهن. اهڙي ريت هن پنهنجي پروگرام جي ترتيب اهڙي ناهي، جنهن ۾ رڳو پروگرام ۾ دلچسپي رکندڙ سنجيده ماڻهو ئي شريڪ ٿي سگهن. ڇا ان مثال کي عام طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.؟

32

# نرگس هوديائي، سندس هڪڙي شڪايت

نرگس هوديائيءَ سان منهنجي واقفيت ڊاڪٽر فيروز احمد جي حوالي سان ٿي هئي. اُن وقت هوءَ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي باٽني ڊپارٽمينٽ ۾ هوندي هئي ۽ آئون ايڪنامڪس ۾ هئس. يونيورسٽيءَ کان پوءِ به اهو سلسلو هلندو آيو. انگريزي اخبارن ۾ ته هوءَ لکندي هئي، پر ڪجهه وقت کانپوءِ هن سنڌيءَ ۾ هلال پاڪستان ۾ به ڪالم لکڻ شروع ڪيا. هوءَ جيتوڻيڪ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (اين ايس ايف) ۾ رهي هئي، پر سندس ڪالمن جو موضوع سياست نه، پر صوفي خيال هوندا هئا. ان وقت منهنجو ياءُ شڪور به هلال پاڪستان ۾ ڪم ڪندو هو. ڪجهه عرصو ڪالم لکڻ کانپوءِ ڪيس انهن کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪرڻ جو خيال آيو. ان سلسلي ۾ هوءَ شڪور کان مدد وٺڻ لاءِ اسان جي بغداديءَ واري گهر ايندي هئي. اتي هوءَ، امان ۽ گهر جي ڀين ماين سان ائين ويهي ڪچهري ڪندي هئي، جيئن عام مايون ڪنديون آهن. لکڻ سان گڏ ڪيس صوفي راڳ جو به شوق هوندو هو. سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي جي گڏجاڻين ۾ به هڪ ٻه ڀيرا هن پنهنجي ان شوق جو مظاهرو ڪيو هو.

نرگس جيتوڻيڪ سياسي طور سرگرم نه هئي، پر سماجي ۽ ادبي حوالي سان سندس هڪ ڪردار هو. هن جا ڪم ٻين کان مختلف ئي هوندا هئا.

نرگس ڪجهه وقت کانپوءِ ”گل بهائو“ جي نالي سان هڪ اين جي او قائم ڪئي هئي. ان جي نهڻ جي شروعاتي مرحلي ۾ آئون به ساڻس گڏ هئس. ان جو ڪم ماڻهن جي گهرن مان سُڪو ڪچرو، پئسن تي خريد ڪرڻ هوندو هو. ان جو نعرو اهو هو ته، ”ڪچرو ڏيو ۽ سون ڪمايو.“ ان اين جي او کي هن گهڻو عرصو هلايو. آئون سمجهان ٿو ته هن ان تي هزان وڙان خرچ ڪيو ۽ گهڻي ڀاڱي اڪيلي سر ئي اهو ڪم پئي ڪندي هئي. ان مان ڪيس ڇا حاصل ٿيو، آئون نه ٿو سمجهان ته ٻين اين جي اوز وانگر هن ان مان ڪي فائدا حاصل ڪيا هوندا.

نرگس، لطيف چوڌري سان شادي ڪئي هئي. اهي ٻيئي ڪنهن وقت ۾ اين ايس ايف ۾ گڏ ڪم ڪندا هئا. لطيف سان به منهنجو محبت ۽ دوستيءَ وارو ناتو هو. اسان ٻيئي ’اداره امن و انصاف‘ جي رسالي ’جفاڪش‘ جي ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر هئاسين. ان جي وقت بوقت ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. لطيف، اسٽيٽ لائف انشورنس ۾ ڪم ڪندو هو ۽ سندس آفيس اسانجي آفيس جي ويجهو هئي، ان ڪري ساڻس رستي پنڌ به ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿي ويندي هئي. هڪ اڌ ڀيرو گارڊن ۾ جماعت خاني جي ويجهو سندن گهر به منهنجو وڃڻ ٿيو هو.

نرگس کي پنهنجن گهڻن سنڌي دوستن کان اها شڪايت هوندي هئي ته، ’اهي ڪراچيءَ جي اسماعيلي خوجن کي سنڌي نه ٿا سمجهن ۽ اسان سان بلڪل ڌارين وارو

ورتاءُ تا ڪن، جڏهن ته اسان سنڌي ڳالهايون تا ۽ سنڌيءَ ۾ لکون پڙهئون تا‘ پر اها ساڳي شڪايت مون سميت ڪراچي جي گهڻن ٻين سنڌين کي به رهي آهي.

**پراڻو ڌوٻي گهاٽُ**

بابا جڏهن لياريءَ جي نوآباد مان لڏي اچي ڊي ڊي چوڌري روڊ بغدادي ۾ پنهنجو گهر ناهيو ته اهو علائقو ان وقت پرسڪون سمجهيو ويندو هو. گهر جي سامهون ئي پراڻو ڌوٻي گهاٽ هوندو هو. جيتوڻيڪ نئون ڌوٻي گهاٽ، گارڊن واري پاسي قائم ٿيو هو، پر هتي اجا ڌوٻي رهندا هئا ۽ ڪي پنهنجو ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم به ڪندا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ انهن به پنهنجو ڪم بند ڪري ڇڏيو هو، پر اجا اتي انهن جا گهر هوندا هئا. اها زمين انهن ڌوٻين جي ملڪيت هئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ ڌوٻين علائقي جي مختلف ٺيڪيدارن سان ڳالهايو ۽ اتي ڏسندي ڏسندي گهڻيون، ڪيئي ماڙ عمارتون ٺهي ويون. جن ۾ ننڍا، ڪُڏين جيترا سوين فليٽ آهن. اهي هن وقت سڀ آباد آهن ۽ انهن جي هيٺان مختلف شين جا دڪان آهن.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ان روڊ تي ليمارڪيٽ ٽيليفون ايڪسچينج قائم ٿي، جنهن جي قائم ٿيڻ سان ماڻهن کي سهولت ته ملي، پر ساڳئي وقت هو ڏچي ۾ به اچي ويا. شايد لائنون وڇائيندي سيوريج جي لائينن کي ڪو نقصان پهتو هو، جنهن ڪري سڄو علائقو گندي پاڻي سان پرجي ويو. اها ڪا هڪ اڌ ڏينهن يا ڪجهه وقت جي ڳالهه نه هئي، پر لاڳيتو مهينن تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. ماڻهو نه رڳو پنڌ هلي نه سگهندو هو، پر ڪو رڪشا وغيره به اچڻ لاءِ تيار نه هوندو هو. گهڻي وقت ڪانپوءِ اهو مسئلو وڃي حل ٿيو. اهو علائقو هن وقت ساڳيءَ ريت تنگ ۽ شور سان ڀريل آهي، جيئن اوسي پاسي جا ٻيا علائقا آهن.

**پراڻي ڪراچي جو ’ڏيلو‘**

پراڻي ڪراچي شهر جي گهڻن علائقن ۾ اهڙا وڏا ڪمپائونڊ آهن، جن کي ’ڏيلو‘ چيو ويندو آهي. اهو سنڌ جي ڳوٺن ۾ ’ويڙهي،‘ جنهن ۾ مائٽن جا ئي گهر هوندا آهن، کان مختلف آهي. اهو پارت جي گجرات، ڪڇ ۽ يج وغيره جي علائقن سان گهڻي هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ هتي گهڻو ڪري انهن ماڻهن جي آبادي آهي، جيڪي ورهاڱي کان اڳ اُتان جي علائقن مان هتي اچي آباد ٿيا آهن.

هتي رڳو گهر نه، پر ننڍا گهڻ ماڙ فليٽ پڻ ٺهيل آهن، جيڪي سوَنِ جي تعداد ۾ آهن. اهي ماڻهو ضروري ناهي ته هڪٻئي جا مائٽ هجن، پر هرڪو هڪٻئي کان واقف ۽ هڪٻئي جو خيال رکڻ وارو هوندو آهي. ڪنهن اوپري ۽ ڌارئي ماڻهوءَ جو ’ڏيلي‘ ۾ اندر داخل ٿيڻ ڏکيو ڪم هوندو هو. ان کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ ڪانسواءِ ڪيترن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا هئا.

33

# ڪوئيٽا ۾ سَت ڏينهن

تڏهن بلوچستان جون حالتون ايتريون خراب نه هيون، خاص طور ڪوئيٽا وڃڻ ڪا ايڏي جوکم جي ڳالهه نه هئي. جنوريءَ جو مهينو هجي. ظاهر آهي ته ڪوئيٽا ۾ اها سيءَ جي مند هئي. سرڪاري ڪم سانگي اٽڪل هڪ هفتي لاءِ ڪوئيٽا ۾ رهڻو هو. اڳ ۾ ڪڏهن انهن ڏينهن ۾ ڪوئيٽا وڃڻ نه ٿيو هو، ان ڪري پوريءَ ريت سيءَ جو اندازو نه هو.

پنهنجي لحاظ کان ڪجهه اوڇڻ ڪنيا هئا. صبح جي فلائيٽ هئي. جهاز اٽڪل يارهين وڳي ڪوئيٽا ۾ لينڊ ڪيو. ٻاهر سج چمڪيو پئي، جنهن سان مون کي اها غلط فهمي ٿي ته موسم نارمل هوندي، پر ائين نه هو. ٻاهر نڪرندي ئي ٿڌ جو احساس ٿيو. خير ڏينهن جو وقت هو. هوٽل تي سامان رکي پنهنجي ڪم تي هليو ويس. ڪوئيٽا هڪ مختلف شهر آهي. ڪاروبار وغيره جي لحاظ کان بلوچن ۽ بروهين وغيره جو ڪو نالو نشان نه ٿو ملي. پناڻ ۽ خاص طور افغاني سڄي شهر تي حاوي آهن. اهي ڪم ائين ٿا ڪن، جيئن قبائلي علائقن ۾ ٿيندو آهي. جيڪو اسان جو ڪم هو، ان لحاظ کان اهو اجا وڌيڪ ڏکيو هو. اسٽيٽ بينڪ تازو مني ايڪسچينج ڊيلرز کي لائسنس جاري ڪيا هئا.

اسان جو ڪم اهو ڏسڻ هو ته، اهي قانون موجب ڪم ڪن پيا يا نه. جيتوڻيڪ ان وقت حالتون ايتريون خراب نه هيون، پر اسان کي پنهنجن مقامي واقفڪارن پاران چيو ويو هو ته، 'ڪوشش ڪري هتي پينٽ شرٽ پائڻ کان پرهيز ڪجو. ٻي ڳالهه ته، بازارن ۾ گهڻو گهمڻ ڦرڻ نه وڃجو.'

اهو سيڪجهه ته پنهنجي جاءِ تي پر ڪوئيٽا جو سُڪو سيءُ، جنهن تي سج جو ڪو اثر نه ٿي پيو، اهو چڻ ته اندر ۾ ٿي گهڙيو. بس رڳو پنهنجي آفيس ۽ هوٽل ۾ ئي هوندا هئاسين. هوٽل ۾ ٻن ڪمبلن ۽ هيٽر جي ٻه هوندي سيءُ نه جهلبو هو. رات جو يارهين وڳي ڪن هوٽل وارا هيٽر به بند ڪري ڇڏيندا هئا، ڇاڪاڻ جو اهڙا واقعا ٿي چڪا هئا، جنهن ۾ ڪمري ۾ گيس پرجي وڃڻ ڪري ڪجهه همراهه، جن ۾ اسٽيٽ بينڪ جو هڪ نوجوان آفيسر ۽ سندس ونيءَ شامل هئا، سي ڪوهه مريءَ ۾ هني مون ملهائيندي، ساهه ٻوساتجڻ ڪري مري ويا هئا.

مسئلو اهو هو ته هتي پورو هفتو گذارڻو هو، جيڪو هڪ پيڙا ۽ عذاب کان گهٽ نه پئي لڳو. ان جي باوجود ماڻهو ٻڌائين پيا ته، سيءُ گهٽجي ويو هو. منهنجو وڏو ڀاءُ، جيڪو نوڪريءَ سانگي ڪجهه عرصو ڪوئيٽا ۾ رهي آيو هو، اهو ٻڌائيندو هو ته، 'ٿڌ جي ڪري پاڻي برف ٿي ويندو هو ۽ پاڻيءَ جا نلڪا ڦاٽي پوندا هئا.' الائي اهو لطيفو آهي يا صحيح ڳالهه، ته ماڻهو چوندا آهن ته، 'هڪ ٽريفڪ ڪانسٽيبل، جيڪو

پنهنجي ڊيوٽي ڏيئي رهيو هو، ان جڏهن گاڏين کي اشاري ڪرڻ لاءِ هٿ مٿي ڪنيو ته سيءَ جي ڪري سندس ٻانهن اتي ئي ڄمي ويئي.

هن وقت جيڪي موسمياتي تبديليون آيون آهن، انهن ڪوئيٽا جي موسم کي به تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اڳ ۾ هتي گرمين ۾ به پکن جي ضرورت نه پوندي هئي ۽ سنڌ جا ماڻهو خاص طور گرمين جا ڏينهن گذارڻ لاءِ هتي ايندا هئا، پر هاڻي گهرن ۽ هوٽلن ۾ پکا لڳي ويا آهن. مينهن ۽ برفباري گهٽجي ويئي آهي. ڪو ڪو سال ته اهڙو به ايندو آهي جو مينهن ۽ برفباري ماڻهين نه ٿيندي آهي! جڏهن اسان ڪوئيٽا ۾ هئاسين ته، حنا ڍنڍ ۽ اڙڪ جا چشما سُڪا پيا هئا. انهن جي پاڻيءَ جو ذريعو مٿي جبلن تي پوندڙ مينهن ۽ برفباري هوندو آهي.

شهر جي چوڌاري صوفن ۽ ٻين مختلف ميون جا باغ آهن. اوهان جيڪڏهن چاهيو ته، باغ جي مالڪ کان صوف وغيره خريد ڪري سگهو ٿا. انهن کي چشمن وغيره مان پاڻي پهچائڻ لاء نالين جو هڪ وسيع نيٽ ورڪ ڦهيل آهي، جنهن کي ’ڪاريز‘ چيو ويندو آهي. انهن جو دارومدار به جبلن تي ٿيندڙ برفباري ۽ مينهن تي آهي. مون کي اهو محسوس ٿيو ته ڪوئيٽا ۾ پشاور کان به وڌيڪ حڪومتي ادارن ۾ خاص طور انهن لاءِ، جن جا اختيار محدود هجن، ڪم ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي. انهن ماڻهن جا، پوءِ ڀلي اهي مقامي هجن يا افغاني، سرحد پار افغانستان سان ناتا آهن ۽ اهي وقت بوقت، پوءِ ڀلي مذاق ۾، اهو احساس ڏياريندا رهندا ته، اوهان کي سرحد جي ٻئي پاسي پهچائي ڇڏينداسين. جناح روڊ، ڪوئيٽا جو اهم تجارتي مرڪز آهي. جن مني چينجرز وٽ قانوني طور ڪاروبار ڪرڻ جو لائسنس آهي، اهي هڪ يا ٻه مس آهن، پر جناح روڊ تي اهڙا ڪيئي دڪان ملندا، جيڪي اهو ڪاروبار ڪري رهيا آهن. ڪين ان ڳالهه جي پرواه نه هوندي آهي ته، سرڪاري عملدار ويجهو ئي موجود آهن. هڪ اڌ ڀيرو ته ائين ٿيو جو انهن عملدارن کي پنهنجي ڪل بچائي لکي اتان ڀڄڻو پيو.

بهرحال اهي سڀ ڳالهيون ته ڪم جو حصو هيون، باقي سيءُ اهڙو هو، جنهن جڻ هڪ ٿڌي دوزخ ۾ وجهي ڇڏيو هو. اسان لاءِ اتي ست ڏينهن گذارڻ وڏو مسئلو بڻجي ويو هو. اتان مون کي اسلام آباد ۽ پوءِ پشاور وڃڻو هو، پر هڪ ٻي غيريقيني صورتحال اها هئي ته، هتي اچڻ ۽ وڃڻ وارين اڏامن جي ڪا پڪ نه هوندي هئي، ۽ اهي اڪثر عين وقت تي ڪينسل ٿي وينديون هيون.

ڪوئيٽا جو ايئر پورٽ بس جي اڏي جيان هو. اتفاق سان جهاز پنهنجي وقت تي آيو ۽ وقت تي آئون اسلام آباد پهتس. ائين پئي لڳو ڄڻ هڪ ٿڌي دوزخ مان نڪري آئون هڪ نارمل دنيا ۾ پهچي ويو هوس. هتي رات گذاري صبح سوير ئي پشاور لاءِ روانو ٿي ويس.

## 34

# لالا، جيڪو لياريءَ کي بچائڻ وارن ۾ شامل هو!

زندگي رڳو نوس خيالن ۽ نظرين جو نالو ناهي، پر اهو ساڳئي وقت احساسن ۽ جذبن جو به نالو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي خيالن ۽ نظرين سان سهمت نه هوندي به ان سان رڳو ان ڪري تعلق رکڻ ضروري هوندو آهي جو ان ۾ پنهنجائپ، قرب، احساس ۽ عزت هوندي آهي ۽ هو ڪنهن کي رڳو ان ڪري رد نه ڪندو آهي ته، اهو سندس خيالن يا نظرين سان اختلاف ٿو ڪري يا انهن جو پوئلڳ ناهي. اها دراصل خاندان ۽ راڄن جي وڏن جي خاصيت هوندي آهي، جيڪا ان خاندان ۽ راڄ جي سڀني فردن کي سندن انفرادي خاصيتن، خوبين ۽ خامين کي مدنظر رکندي گڏ رکڻ ۽ گڏي هلائڻ لاءِ ضروري هوندي آهي. ڪجهه اهڙا ماڻهو جڏهن پنهنجي سرگرم سماجي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ داخل ٿيندا آهن ته، اهي خاصيتون، جيڪي چڻ ته سندن شخصيت جو فطري طور تي هڪ حصو هونديون آهن، اهي اتي به استعمال ڪندا آهن.

لعل بخش رند، جيڪو پنهنجن دوستن، يارن، ننڍن وڏن ۽ ملڪ جي ترقي پسند ۽ قوم پرست ماڻهن ۾ ”لالا“ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، اهو اهڙي ئي هڪ شخصيت هو. هڪ اهڙي قدآور شخصيت، جنهن جي لاءِ بجا طور چئي سگهجي ٿو ته، هن پنهنجي عمل ۽ ڪردار ذريعي عزت ڪمائي. اهڙو ماڻهو، جنهن جي لاءِ اهو نه ٿو چئي سگهجي ته، ڪيس سياست ۾ مال ميڙڻ جا موقعا ميسر نه آيا، پر هو پنهنجن اصولن تي قائم رهيو ۽ جيل ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ سختيون به سنائين. هڪ اڳواڻ هوندي به هو ڪارڪنن سان ئي گڏ هوندو هو، جيڪي هڪ لحاظ کان سندس دوست به هوندا هئا ۽ سندس عزت به ڪندا هئا. سندس خاندان گهڻو عرصو اڳ سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر مان لڏي اچي لياريءَ جي بغدادي واري علائقي ۾ آباد ٿيو هو. اهي مالوند ماڻهو هئا ۽ انهن مان ڪجهه اڃا به جانور پالڻ ۽ کير جو ڪاروبار ڪندا آهن.

لياري، جنهن کي ڪجهه وقت اڳ، جيئن ميڊيا پاران پيش ڪيو ويو هو، اهو رڳو گينگ وار، عزير بلوچ، سردار رحمان، ڪالا ناگ ۽ منشيات جي واپارين جو علائقو نه رهيو آهي، پر اهو هميشه کان ثقافتي، سياسي ۽ سماجي حوالن سان هڪ شاهوڪار علائقو رهيو آهي، جنهن جو ثبوت هاڻي به مختلف شعبن ۾ نوجوانن جي بيمثال ڪارڪردگيءَ مان ملي ٿو. ان جي گهٽي گهٽيءَ ۾ باڪسنگ ۽ فٽ بال جا ڪلب، مختلف ميوزيڪل گروپ ۽ قوم پرست ۽ ترقي پسند سياست جا مختلف رنگ اڃا به نظر ايندا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته بظاهر هڪبئي کان ڌار نظر ايندڙ انهن شعبن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان مضبوطي سان ڳنڍيل هوندا آهن. لالا، جيڪو لياريءَ جي سياسي ڪارڪنن لاءِ هڪ معتبر سياسي استاد جي حيثيت رکندو هو ۽ ڪين مختلف موضوعن تي ليڪچر وغيره ڏيندو هو، اهو ساڳئي وقت لياريءَ ۾ باڪسنگ ۽ فٽبال کي ترقي وٺائڻ لاءِ پڻ ڪوشان هوندو هو.

لياري سياسي، سماجي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ گلدستو رهيو آهي. هتي ڪنهن به ماڻهو لاءِ اهو ممڪن ناهي هوندو ته هو ٻين کان ڌار رهي رڳو پنهنجي ليکي ڪم ڪري يا پنهنجي خاص ادبي ۽ سياسي گروپ سان لاڳاپيل رهي. اهي ماڻهو هڪ ٻئي سان اختلاف به ڪندا، بحث به ڪندا، پر مختلف هوٽلن، پارڪن ۽ ٻين عوامي جاين تي هڪ ٻئي سان نه رڳو ملڻ پر مختلف پروگرامن ۾ هڪٻئي جي سهائتا ڪرڻ ۽ هٿ ونڊائڻ پڻ سندن لاءِ ضروري هوندو آهي. ان سڄي صورتحال ۾ ڪنهن شخص تي رڳو ڪميونسٽ ۽ قوم پرست جو ليبل هڻي ڪيس ڌار ڪري ڇڏڻ ڏکي ڳالهه هوندي آهي.

ممڪن آهي اهو لياري، جتي هڪ ڊگهي عرصي کان مختلف ٻولين ۽ نسلن سان واسطو رکندڙ پورهيت هڪٻئي سان سهڪار ڪندي گڏجي رهي رهيا آهن ۽ جتي اجا تائين انهن ۾ انهن بنيادن تي ڪا ڇڪتاڻ پيدا نه ٿي آهي، جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل نفسيات جي ڪري هجي.

لالا انهن سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مان نه هو، جيڪي پنهنجي ماحول ۽ ماڻهن کان ڪٽيل هوندا آهن ۽ رڳو وڏيون ڳالهيون ڪرڻ سندن ڪم هوندو آهي. پاڪستان ٺهڻ جي شروعاتي سالن ۾ جيڪڏهن لياريءَ جي ماڻهن کي لالا، اڪبر بارڪزئي، يوسف نسقندي، رحيم بخش آزاد ۽ ٻين سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن جي مدد ۽ پنيرائي حاصل نه هجي ها ته، اتي هن وقت يا ته بندرگاه جي سامان رکڻ جا گودام نظر اچن ها يا ڪا هائوسنگ سوسائٽي هجي ها ۽ هتان جا ماڻهو، ڪراچيءَ جي ٻين گهٽن ڳوٺن جي ماڻهن جيان ڇڙوڇڙ ٿي پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهن ها. ايوب خان جي دور ۾ لياري لاءِ، پهرين هتي گودامن ناهڻ جي رٿابندي ڪئي ويئي هئي ۽ پوءِ ڪي ڊي اي اسڪيم 17 جو اعلان ڪيو ويو هو ته، شهر جي ايليٽ جي لاءِ شهر جي ويجهو رهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ان اسڪيم تحت لياريءَ جي سيني ماڻهن کي شهر جي وچ ۽ بندرگاه جي پر مان ڪڍي شهر جي ڏورانهن نين آباد ٿيل وستين: نيو ڪراچي ۽ نارٿ ڪراچي وغيره ۾ ڦٽو ڪرڻ هو. ٻين علائقن جي ماڻهن جي ابتڙ هتان جي ماڻهن ان ڳالهه جي مزاحمت ڪئي ۽ پنهنجن اباڻن پٽن کي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. ان تحريڪ ۾ نوجوان ۽ شاگرد اڳتي هئا. جن ماڻهن ان جي اڳواڻي پئي ڪئي، انهن ۾ لالا ۽ سندس مٿي ذڪر ڪيل دوست مهڙ ۾ هئا. ان احتجاج جي ڪري ئي حڪومت کي ان اسڪيم کي واپس وٺڻو پيو ۽ هتان جي ماڻهن کي پنهنجن گهرن ۽ پنهنجي ماحول کان محروم ٿيڻو نه پيو.

جيتوڻيڪ لالا ۽ منهنجي گهر جي وچ ۾ ڪو گهڻو فاصلو نه هو ۽ آئون دوستن جي حوالي سان ڪانئس واقف به هوس، پر منهنجي ساڻس ذاتي ڏيٺ ويٺ ۽ واقفيت گهڻو پوءِ ٿي. ان واقفيت جو ڪارڻ نور محمد شيخ هو، جيڪو ان وقت عوامي ادبي انجمن هلائيندو هو ۽ اجا به ان ڪرت کي جاري رکندو اچي. انجمن ۽ نورمحمد شيخ: ٻيئي ان وقت ڊاڪٽر م.ر. حسان جي جماعت: ڪميونسٽ ليگ سان لاڳاپيل هئا. اها جماعت پوءِ عابد حسن منٽو جي جماعت سان گڏجي ويئي هئي.

انجمن جي گڏجاڻين ۾ ڪراچيءَ جي گهٽين ادبي ۽ سياسي شخصيتن سان گڏ لالا، جيڪو پاڻ بہ ان وقت ڪميونسٽ ليگ ۽ عابد حسن منٽو جي جماعت سان لاڳاپيل هو، باقاعدي شريڪ ٿيندو هو. رمپا پلازه ۾ اداره امن و انصاف جي هال ۾ ٿيندڙ انهن گڏجاڻين جي ختم ٿيڻ کان پوءِ لياري ۾ رهندڙ ڪجهہ دوست، جن ۾ لالا بہ شامل هو، پنڌ، ڪچهري ڪندا پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيندا هئاسين. سينيئر ۽ عمر ۾ وڏي هئڻ جي باوجود لالا دوستن کي ان ڳالهہ جو بلڪل احساس ٿيڻ نہ ڏيندو هو ۽ ان ڳالهہ ٻولهہ ۾ برابريءَ جي سطح تي شريڪ ٿيندو هو.

جيتوڻيڪ سياسي طور آئون لالا جي سياسي جماعت جو حصو نہ هئس، پر اسان ۾ ايتري هم آهنگي پيدا ٿي ويئي جو اڪثر هڪٻئي جي گهر ڪچهري ڪرڻ لاءِ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. رات جو اڪثر لالا جي اوطاق يا گهر جي ٻاهران نهيل ٿلهي تي دوست گڏ ٿيندا هئا ۽ پوءِ دير تائين ڪچهري ڪري پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندا هئا. ان شخص ۾ مون کي هڪ خاص ڳالهہ اها نظر آئي تہ ملڪ جي ٻين گهڻن دانشورن ۽ سياسي اڳواڻن جيان هو پنهنجي علميت ۽ ليڊري جو رعب نہ وجهندو هو ۽ نہ ئي ان مقصد لاءِ پنهنجي جدوجهد سان ڀرپور ماضيءَ جي نمائش ڪندو هو. هو پنهنجن گهڻن جونيئر دوستن سان ائين نوڙت سان پيش ايندو هو، جڻ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي ۽ سيکجهہ ڪائنس سکڻ ٿو چاهي. ان موقعي تي ڪڏهن ماڻهو ڦونڊ ۾ پرجي ويندو هو ۽ ڪڏهن سندس حيثيت کي ڏسندي ۽ محسوس ڪندي شرمندگي پڻ ٿيندي هئي.

لالا جو بلوچ قومپرست سياست سان شروع کان ئي لاڳاپو هو. غوث بخش بزنجو، مري ۽ عطاءُ الله مينگل جڻ تہ سندس ذاتي دوست هئا ۽ جن جو لالا جي گهر باقاعدي اچڻ وڃڻ هوندو هو. بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي حڪومت جي دور ۾ هو بلوچستان آرٽس ڪائونسل جو چيئرمين ۽ گورنر غوث بخش بزنجو جو صلاحڪار بہ رهيو.

نتيجي ۾ نعپ جي حڪومت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جيل ۽ سختيون بہ ڀوڳيائين. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽيءَ جي لياريءَ جي اڳواڻن مان گهڻن سان سندس دوستاڻا ناتا هئا، پر هو چوندو هو تہ، جڏهن پيپلز پارٽي سنڌ ۽ خاص طور تي لياريءَ جي ماڻهن لِ ڪجهہ ناهي ڪيو تہ پوءِ اهي ان جي پويان ڇو چريا ٿيا آهن ۽ هر ڀيري ان کي ووٽ ڏين ٿا. عجيب شخص هو! هڪ اهڙي دور جو نمائندو هو، جڏهن ماڻهن لاءِ اقتدار جو مقصد بہ پنهنجين نظرين ۽ آدرشن جو حصول هوندو هو ۽ نہ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي خاندان لاءِ ڪي فائدا حاصل ڪرڻ. پنهنجي زندگيءَ جي آخر وقت تائين اهو شخص پيادل ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ ئي سفر ڪندو رهيو ۽ لياري ۾ پنهنجي اباڻي گهر ۾ ئي رهيو.

35

# منهنجو دوست بدر قريشي

مون کي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي جن اهم ماڻهن سان متعارف ڪرايو، انهن ۾ بدر قريشي هڪ اهم نالو آهي. بدر پابند ۽ روايتي شاعريءَ جو هڪ سنو شاعر هو. ڪراچيءَ ۾ ان وقت روايتي شاعريءَ جون جيڪي مختلف تنظيمون جهڙوڪ: ”بزمِ طالب المولىٰ“ ۽ ”بزمِ جمن هالو“ وغيره هيون، بدر انهن ۾ سرگرم هوندو هو.

انهن تنظيمن جا مرڪز گهڻو ڪري لياري ۾ هوندا هئا، جتي ئي مشاعرا وغيره ٿيندا هئا، ۽ جن ۾ گجراتي، اڙدو، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جا شاعر به شريڪ ٿيندا هئا. ان وقت تائين اهو دائرو شهر جي ٻين علائقن تائين نه ڦهلجي سگهيو هو ۽ نه ئي انهن جو شهر جي ٻين علائقن جي خاص طور تي اڙدو اديبن سان ڪو سرگرم واسطو هو.

هتان جي گهڻن شاعرن کي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ پڻ مدعو ڪيو ويندو هو. ان لحاظ کان ان وقت لياري سنڌي، گجراتي، اڙدو ۽ بلوچي ادب ۽ شاعري جو جڻ مرڪز هو، ان ڪري شاعريءَ سان شوق رکندڙ بدر قريشي ۽ تاج بلوچ وغيره جهڙن نوجوان شاعرن لاءِ به هتي اچڻ ضروري هوندو هو، جتي سندن خاص طور پابند شاعريءَ جي سکيا ٿيندي هئي ۽ سينئر شاعرن سان ملڻ جو ڪين موقعو ملندو هو. هتان جي روايتي شاعري ۽ شاعرن تي فڪري حوالي سان ڪٽي ڪيتري به تنقيد ڪئي وڃي، پر ان ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته، پابند شاعريءَ جي قاعدن کي نوجوان شاعرن تائين پهچائڻ ۾ انهن جو وڏو ڪردار هو.

انهن پراڻن شاعرن ۾ اجا به غلام احمد نظامي، محمد جمن هالو ۽ ٻين شاعرن کي ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ سندن شاعري ڳائي وڃي ٿي. تاج بلوچ سان بدر جي واقفيت ان دور ۾ ٿي ۽ هو تاج بلوچ سان پنهنجي دوستي ۽ گڏيل شرارتن متعلق ٻڌائيندو هو. علائقي جون مختلف جايون جهڙوڪ، معصومين اسپتال ۽ ڪڪري گرائونڊ وغيره ڪيس ياد هوندا هئا ته، هُو ڪيئن اسپتال جي ننڍي پٽ تي وڃي ويهندا هئا ۽ اتي ڪچهري ڪندا هئا.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جو هڪ پنهنجو ۽ ڌار ڪلچر هو. سڀ دوست سنڌ جي مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند سياسي گروهن سان لاڳاپيل هوندا هئا ۽ چونڊن وقت هر ڪنهن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته سندن گروه جي متيرائپ رهي، پر اهو معاملو ايستائين رهندو هو ۽ چونڊن ڪانپوءِ اهي سڀ پاڻ ۾ دوست هوندا هئا، گڏجي سنگت جي لاءِ ڪم ڪندا هئا ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ انهن سيني جو گڏ هئڻ ان ڳالهه جو ثبوت هو.

بدر جو والد شايد سرڪاري آفيسر هو ۽ ساڳئي وقت شاعري وغيره سان به شغف رکندو هو. بدر جي ان پاسي ڏانهن لاڙي رکڻ ۾ سندس والد جو پڻ ڪردار هو.

هو ڪراچيءَ جي نرسريءَ واري علائقي ۾ مسواڙ جي گهر ۾ رهندو هو. گهڻي عرصي کان سنگت جي ورڪنگ ڪاميٽي جون گڏجاڻيون سندس گهر تي ٿينديون هيون.

سنگت وٽ پنهنجي دستوري گڏجاڻين وغيره لاءِ ته ڪا مستقل جاءِ نه هئي، پر ورڪنگ ڪاميٽي جي گڏجاڻين لاءِ بدر جو گهر جڻ هڪ مستقل جاءِ هئي. ان جو خاص ڪارڻ اهو هو ته اها سٺو سيڪڙو پڪ هوندي هئي ته، بدر گهر تي ئي هوندو. اهو ان ڪري ته ڪجهه سال اڳ رات جو هو موٽر سائيڪل تي گهر اچي رهيو هو ته نشي ۾ ڌت هڪ ڪار ڊرائيور ڪيس ٽڪر هنيو هو، جنهن ڪري سندس ڪرنگهو متاثر ٿيو هو ۽ پوءِ هو ڪٽ تائين محدود ٿي، هلڻ چلڻ کان ويهي رهيو هو. جوانيءَ ۾ اهو نه رڳو سندس ذات، پر سندس مائٽن ۽ دوستن لاءِ به هڪ وڏو صدمو هو. ان صورتحال ۾ پنهنجي همٿ ۽ دوستن ۽ مائٽن جو ساٿ هڪ وڏو سهارو هوندو آهي.

ستار پيرزدو ۽ قاضي منظر حيات سندس گهڻو ويجهو هوندا هئا ۽ سندس خيال رکندا هئا. هو ٻڌائيندو هو ته، حادثي کانپوءِ جڏهن سندس مڱ ڪيس ڏسڻ ايندي هئي ته، هو کيس چوندو هو ته، ”تون ڀلي ڪٿي شادي ڪري ڇڏ، پر هوءَ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪندي هئي.“

سنگت ڪراچي جي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجڻ جي ٻئي ڏينهن بدر جي گهر سنگت جي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي هئي، جنهن ۾ سيڪريٽري فقير محمد لاشاريءَ ڪانسواءِ هدايت منگي، انور پيرزادو، عبدالرحمان نقاش ۽ ٻيا دوست شامل هئا. سنگت ڪراچي ۾ اهي سڀ دوست ڪافي عرصي کان گڏ ڪم ڪري رهيا هئا، جڏهن ته منهنجو انهن مان گهڻن سان ذاتي دوستي وغيره جي لحاظ کان تعلق هو. آئون به ڪجهه عرصي کان سنگت جي دستوري گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو رهيو هوس، پر تنظيمي لحاظ کان آئون پهريون ڀيرو باقاعدي طور سنگت ڪراچي جي ان سٽ ۾ شامل ٿيو هوس.

سنڌي ادبي سنگت، سڄي سنڌ ۾ هڪ ڊگهي عرصي کان غير سرگرم هئي. ڪراچي سنگت جي سرگرمين جڻ سڄي سنڌ ۾ هڪ تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيو هو. دستوري گڏجاڻين ڪانسواءِ سنڌي ادبي سنگت، مختلف شخصيتن سان سندن شخصيت ۽ فن جي حوالي سان ماهوار پروگرام ڪرڻ شروع ڪيا هئا، جن ۾ ٻين اديبن ۽ ليکڪن سان گڏ سنگت جا پنهنجا ڪارڪن پڻ شامل هوندا هئا. ان سلسلي ۾ خاص طور عبدالرحمان نقاش ۽ بدر قريشيءَ جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا. بدرکي پروگرام واري جاءِ تي آڻڻ لاءِ سنگت خاص اهتمام ڪيو هو ۽ کيس مانُ ڏنو هو.

ان عرصي ۾ ملڪي سطح تي ڪجهه وڏا پروگرام جهڙوڪ 1986 ۾ ڪراچي ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس ۽ 1989 ۾ لاهور ۾ جمهوريت پسند مصنفين جي ڪانفرنس ٿيا هئا. سنڌي اديبن جي حوالي سان انهن پروگرامن جي ذميواري سنگت ڪراچيءَ وٽ هئي ته، اها نه رڳو انهن پروگرامن جي تياري ۽ ترتيب ۾ ٻين ادبي تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري، پر سنڌ جي ٻين اديبن کي به متحرڪ

ڪري. ان ڪانسواءِ سنگت ڪراچي ان دور ۾ هڪ خبرنامو پڻ شائع ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان سڄي ڪارگذاري ۾ هونئن ته سڄي ڪاروباري ڪاميٽي سرگرم هوندي هئي، پر ان ۾ نوجوان ڪارڪنن جو وڏو ڪردار هو. اها سڄي رٿابندي بدر جي گهر ٿي ٿيندي هئي، جنهن ۾ بدر جون ڪارائتون صلاحون شامل هونديون هيون.

بدر قريشي هڪ لحاظ کان ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي جونيئر ڪارڪنن جو پرجهلو هوندو هو. انهن کي خاص طور انور، فقير ۽ بدر ابڙي کان اها شڪايت هوندي هئي ته، اهي گڏجاڻين ۾ وقت جي پابندي نه ٿا ڪن، دير سان اچن ٿا ۽ پوءِ سنگت تي پنهنجا فيصلا مڙهين ٿا، پر ڪيرڪين منهن تي اها ڳالهه چئي نه سگهندو هو ۽ انهن سڀني جي ترجماني بدر قريشي ڪندو هو، جيڪو انهن سڀني سان بي تڪلف هوندو هو، جنهن ڪري ڪين ست سريون به ٻڌائيندو هو.

بدر قريشي پنهنجي دوستن سان ڪڏهن به پنهنجي تڪليف، بيماري ۽ ٻي ڪنهن ڏکيائيءَ جو ذڪر نه ڪندو هو. هر وقت سندس منهن تي مرڪ هوندي هئي ۽ دوستن سان ڳالهه ڳالهه تي وڏا وڏا ٽهڪ پيو ڏيندو هو. جنوري 1990 ۾ ڪيس بيماريءَ جي ڪري اسپتال داخل ڪيو ويو ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ سندس وفات ٿي ويئي. ڪيس سوسائٽي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

بدر قريشي ڪجهه اهڙن ماڻهن مان هو، جن کي جسماني طور گڏ نه هوندي به ماڻهو پاڻ کان پري محسوس نه ڪندو آهي. هو پنهنجي پيار، محبت ۽ هڪ شفيق دوست جي حيثيت ۾ هميشه ياد رهندو آهي.

## 36

# حاجران ماسي، ناني ڪنوار ، موسو مستري ۽ ڪي ٻيا ڪردار

منهنجي پرائمري اسڪول ۾ هئڻ وقت پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ پي ايل 480 سميت تعليم، صحت ۽ سماجي ڀلائي وغيره جي سلسلي ۾ مختلف پروگرام هلندڙ هئا، جن مان ڪنهن پروگرام تحت ٻارن کي اسڪول جي هاف ٽائم واري وقفي ۾ کير پياريو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن کي گيهه جا سيلِ ٽيل دٻا پڻ ڏنا ويندا هئا، جن تي پاڪ آمريڪا دوستي جو نشان ۽ آمريڪا جو جهنڊو هوندو هو. آئون سوچيان ٿو ته هن وقت جيڪڏهن اهڙو ڪو پروگرام هلندڙ هجي ها ته، ان کير ۽ گيهه مان شاگردن کي ڪيترو حصو ملي ها ۽ ڪيترو استادن ۽ تعليم کاتي جي ٻين عملدارن جي گهر وڃي ها؟ ڪيترو مارڪيٽ ۾ وڪامي ها؟

هن نئين پاڙي ۾ هر ڪنهن کي رڳو پنهنجي گهر جو نه، پر جڻ سڄي پاڙي جو اونو هوندو هو. پاڙو جڻ هڪ وڏي گهر مثل هو! حاجران ماسي، جيڪا پنهنجي گهر جي ٻاهران ويهي شيون کپائيندي هئي، پاڙي جي ٻارن سان گڏ هر ايندڙ ويندڙ تي پڻ نظر رکندي هئي. جيڪڏهن ڪيس پاڙي ۾ ڪو اوپرو ماڻهو هرو ڀرو چڪر هڻندو نظر ايندو هو ته، هڪ ٻه ڀيرا ڏسڻ کان پوءِ ان کي سڏ ڪري پڇندي هئي ته، ”هتي تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي ۽ ڪنهن سان ملڻو آهي؟“ جيڪڏهن هو ڪو تسليءَ جوڳو جواب نه ڏيئي سگهندو هو ته، ڪيس شرمندو ٿي پنهنجي واٽ وٺڻي پوندي هئي.

رات جو ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪتون وجهي سمهڻ جو عام رواج هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو ته پاڙي جون ڇوڪريون جڏهن ڪنهن شادي مرادي وغيره مان رات جو دير سان موٽنديون هيون ۽ ڪنهن کي سُتل ڏسنديون هيون ته ڪين شرارت سُجهندي هئي ۽ گهٽيءَ ۾ پيل ڪا سِر يا پٿر کڻي ان جي پيٽ تي رکنديون هيون ۽ جيسين همراهه جاڳي ۽ سامت ۾ اچي، تيسين اهي ڇوڪريون پنهنجي گهر هونديون هيون. پنهنجا ٻار سمجهي ان وقت انهن سيني شرارتن کي ماڻهو برداشت ڪري ويندا هئا.

حاجران ماسي جي گهر کان ٻه ٽي گهر پرتي ئي ناني ڪنوار جو گهر هوندو هو. خبر ناهي ته ڪيس ان نالي سان ڇو سڏيو ويندو هو، پر سڄي پاڙي ۾ هوءَ ان نالي سان ئي سڃاتي ويندي هئي ۽ شايد ئي ڪنهن کي سندس اصلي نالي جي خبر هوندي. ان گهر جي خاص ڳالهه اُتي موجود بدڪون هيون، جيڪي سڄي گهر ۽ پاڙي ۾ ڪنهن ڊپ ڊاءَ کانسواءِ پيون هلنديون هيون. ساڳئي ريت پاڙي جي ٻارن تي پڻ ان گهر ۾ اچڻ تي ڪا پابندي نه هوندي هئي.

هتي روهڙيءَ جي قاضين جو هڪ خاندان رهندو هو، جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته، اهي امر جليل جا مائٽ آهن ۽ امر جليل پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هتي انهن سان ملڻ به ايندو هو. هتي محمد قاسم ڪاپائي نالي هڪ شخص هوندو هو. مون کي

خبر ناهي تہ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ان ذات (ڪاپائي) جا ماڻهو موجود آهن يا نہ، پر هتي هڪ وڏو خاندان ان نالي سان سڃاتو ويندو آهي، جيڪو سڪيو ستابو آهي ۽ مڇيءَ جو ڪاروبار ڪندو آهي. ان خاندان جا وڏا شايد ٺٽي جي ڪنهن علائقي مان لڏي اچي هتي آباد ٿيا هئا. محمد قاسم هڪ خاموش طبيعت جو سنجيدو ماڻهو هو ۽ مقامي سطح جي سياست سان لاڳاپيل هو.

آئون ڪيس ان دور کان ڏسندو ٿي آيس، جڏهن ايوب خان ”بنيادي جمهوريت“ جو نظام متعارف ڪرايو هو ۽ ايوب خان ۽ مس فاطمہ جناح جي وچ ۾ صدارتي چونڊون ٿيڻيون هيون. هو ان وقت بہ مس فاطمہ جناح جي نشان ”لالٽين“ تي چونڊن ۾ بيٺو هو.

انهن چونڊن ۾ سندس مقابلي ۾ موٽر ميڪينڪ موسو مستري بيٺو هو. جيتوڻيڪ شخصيت جي لحاظ کان قاسم سان سندس ڪا پيٽ ئي نہ هئي، پر حسين سيٺ جي پٺڀرائي هئڻ ڪري هو اهي چونڊون کٽي ويو هو! ان کان پوءِ بہ مون ڪيس گهڻي ڀاڱي اپوزيشن جي پاسي ئي ڏٺو. جيتوڻيڪ ان دوران گهڻيون تبديليون آيون ۽ گهڻين مالي منافعن ۽ سياسي لالچن جا دور آيا، پر ان ماڻهوءَ پنهنجو طور طريقو ۽ سياءُ نہ بدلايو. پاڙي جي سماجي تقريبن ۽ مرڻي پرڻي ۾ باقاعدي شريڪ ٿيندو هو. سندس هڪ خاص ڳالهہ جنهن کي هرڪو محسوس ڪندو هو، اهو سندس لباس هو. هر وقت اڇن ڪپڙن ۾ نظر ايندو هو، جنهن ڪري پاڙي ۾ ڄاڻ سڃاڻ وارن سندس نالو ئي ”وائٽ هائوس“ رکي ڇڏيو هو. اهڙو ماڻهو جنهن مان نہ ”سڄڻ کي آسرو نہ دشمن کي ڀئو.“ تازو سندس وفات ٿي آهي.

شام جو مختلف جاين تي ماڻهن جو ڪچهريون لڳنديون هيون، جيڪي رات جو دير تائين هلنديون هيون. انهن مان هڪ حسين سيٺ جي گهر ٻاهران ٿيندڙ ڪچهري بہ هئي. هو مڇيءَ جي واپار سان لاڳاپيل هو ۽ ڪيس پنهنجون لانچون وغيره هيون، جيڪي شايد اڄا بہ سندس اولاد وٽ آهن. مقامي سطح جي سياست ۾ حصو وٺڻ ۽ پنهنجي گروپ جي اميدوارن جي پٺڀرائي ڪرڻ سندس ڪم هو. هو گهڻي ڀاڱي حڪومتي ڌر جي پاسي هوندو هو. سڄي پاڙي ۾ بلڪہ آئون سمجهان ٿو تہ سڄي علائقي ۾ سندس بنگلي نما نهيل اهو واحد گهر آهي، جيڪو اڄ بہ پنهنجي ساڳي شڪل ۾ موجود آهي. پنهنجي سانير ۾ سندس ڪچهرين ۾ هڪ اڌ ڀيرو مون علي احمد بروهيءَ کي بہ ايندي ڏٺو هو.

ٻي ڪچهري اسانجي گهر ٻاهران منهنجي ڏاڏي وٽ لڳندي هئي، جيڪو هونئن تہ پوڙهو ٿي ويو هو، پر پنهنجي ڪم وغيره جي حوالي کان اجان سرگرم هوندو هو ۽ پنهنجي ان اولاد کي، جيڪي ڪم سان لاڳاپيل هوندا هئا، ڪي صلاحون وغيره ڏيندو رهندو هو. انهن ڪچهرين ۾ پاڙي جي خبر چار بہ پوندي هئي ۽ هڪٻئي سان ملاقات بہ ٿي ويندي هئي. اهي ڪچهريون رات جو دير تائين هلنديون هيون، جن ۾ اسان بہ شريڪ ٿيندا هئاسين. وڏن جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسين ۽ ڪڏهن پاڻ بہ ڪو جملو چوڻ جي همت ڪندا هئاسين. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ سياري جي مند ۾ مچ ٻاريو

ويندو هو. ڪراچيءَ ۾ هن وقت ٽڏ جي حوالي سان جيڪا صورتحال آهي، جڻ اها مختلف ڪارٽن جي ڪري بلڪل ختم ٿي ويئي آهي، پر ان وقت ائين نہ هو ۽ ٻہ ٽي مهينا شهر ۾ باقاعدي طور ٽڏ هوندي هئي.

37

# ڪي ڪردار ڪي ڳالهيون

## بزنجي صاحب پليجي صاحب جي موڪليل بيان تي صحيح نہ ڪئي!

غوث بخش بزنجي پنهنجي نئين سياسي جماعت - پاڪستان نيشنل پارٽي ٺاهي هئي. ڪراچيءَ جي گوليمار جي علائقي ۾ ان جو ڪنونشن ٿي رهيو هو. ان وقت آئون عوامي تحريڪ سان گڏ هوندو هئس. رسول بخش پليجي ڪنهن مسئلي جي حوالي سان بيان تيار ڪري ان تي مختلف سياسي اڳواڻن جون صحيحون پئي ورتيون. مون کي هن چيو تہ، ”توهان ان ڪنونشن ۾ وڃو ۽ بزنجو صاحب سان ڳالهائي ڪيس ان بيان تي صحيح ڪرڻ لاءِ چئو.“

سندس چوڻ موجب آئون اتي پهتس. بزنجو صاحب جڏهن پنڊال ۾ آيو تہ وٽس هلي ويس ۽ چيم تہ، ”پليجي صاحب اوهان کي سلام ڏنا آهن ۽ هن بيان تي صحيح ڪرڻ لاءِ چيو آهي.“

هن منهنجي هٿ مان اهو بيان وٺي پڙهيو ۽ مون کي موٽائي ڏيندي چيائين، ”اسان ان مسئلي تي پاڻ پنهنجو موقف ڏينداسين، ڪنهن ٻئي جي تيار ڪيل بيان تي صحيح نہ ڪنداسين.“

## علي ياور جي ياد

علي ياور سان اٽڪل چاليهہ سال پراڻي واقفيت هئي. ان وقت آئون سنڌي عوامي تحريڪ سان گڏ هئس. پليجي صاحب جو ڪراچيءَ جي جن ’چين نواز گروپن ۽ فردن‘ سان واسطو هو، اسان بہ انهن سان رابطي ۾ هوندا هئاسين. علي ياور پاڪستان نوجوان محاذ جو اڳواڻ هو. ساڻس ان وقت جيڪي دوست گڏ هئا، انهن ۾ ڪليم دراني، احمد ڪامران ۽ ذوالفقار ڪاظمي بہ شامل هئا، جن سان اڪثر ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. پاپوش نگر ۾ انهن جو ٺڪاڻو هوندو هو، جتي اڪثر وڃڻ ٿيندو هو. ان ڪانسواءِ هڪ بہ پيرا ان وقت نيشنل اسٽيڊيم جي پرسان ياور جي گهر پڻ ڪجهہ گڏجاڻين ۾ وڃڻ ٿيو هو. پوءِ ياور ڪلفٽن منتقل ٿي ويو تہ ساڻس ملاقاتون ٿيڻ گهٽجي ويئون.

ٻين دوستن ۾ احمد ڪامران سان فيصل بينڪ جي انسپيڪشن دوران، جتي هو ڪنهن وڏي عهدي تي هو، ملاقات ٿيندي هئي. هو هاڻي دبئيءَ ۾ آهي ۽ ساڻس فيس بڪ وغيره وسيلي رابطو رهندو آهي. ذاولفقار ڪاظمي سي ايس ايس ڪري ڪسٽم ۾ هليو ويو هو. ساڻس آخري ڀيرو شيخ اياز جي پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ تي ملاقات ٿي هئي، جتي هو شيخ اياز جي ڪنهن ڪم لاءِ آيو هو. ڪليم دراني اهو واحد ماڻهو آهي، جنهن سان لاڳيتو رابطو رهندو آهي. هو جڏهن پنهنجي نوڪريءَ

جي سلسلي ۾ لاهور ۾ هو ته اتي به ساڻس ملاقات ٿيندي هئي ۽ هتي ڪراچيءَ ۾ به مختلف حوالن سان ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي آهي.

ياور پنهنجي بيماري وغيره جي ڪري گهڻي عرصي کان گهر تائين محدود هو، پر دوستن وغيره ذريعي سندس متعلق خبر چار ملندي رهندي هئي. نرم ڳالهائڻ وارو، پر پنهنجي موقف تي ڪمپرومائز نه ڪندو هو. اها هڪ مثبت ڳالهه آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ جي آخري وقت تائين جنهن نظرئي ۽ موقف سان، شروع کان لاڳاپيل هو، ان تي قائم رهيو.

## نيڪ ڊاڪٽر ڪلنڪ بند ڪري وڃي گهرِ وينو!

عوامي تحريڪ ۾ اسان سان گڏ ڊاڪٽر عمر جاگيراڻي هوندو هو. آئون ان وقت سنڌ ريجنل پلان آرگنائزيشن ۾ ڪم ڪندو هئس. ڊاڪٽر صاحب سنڌ حڪومت جو ميڊيڪل آفيسر هو، جيڪو اسان جي آفيس جي سامهون سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ ڊسپنسريءَ ۾ ويهندو هو. اتي وٽس ڪڏهن دوا وٺڻ ۽ ڪڏهن ائين ملاقات لاءِ ويندو رهندو هئس. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر صاحب شام جو لياري جي علائقي 'ميران ناڪي' تي پنهنجي ذاتي ڪلينڪ به هلائيندو هو، جتي اڪثر منهنجو وڃڻ ٿيندو هو. ڊاڪٽر جو مقصد علائقي جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ هوندو هو. هو ماڻهن کان نهايت نالي ماتر پيسا وٺندو هو. هو گارڊن ۾ سنڌ حڪومت جي سرڪاري فليٽن ۾ رهندو هو ۽ اتان شام جو پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ پنهنجي ڪلينڪ تي ايندو هو. هڪ ڀيري آئون سندس ڪلينڪ تي ويس ته مون کي چيائين، "ادا آئون هيءَ ڪلينڪ هاڻي بند ٿو ڪيان."

مون پڇيس، "سائين، خير ته آهي؟" چيائين، "ڳالهه اها آهي ته پاسي ۾ هڪ ڪمپائونڊر ڪلينڪ کولي آهي. هو روز سوٽ بوٽ ۾ پنهنجي ڪار ۾ ڪلينڪ اچي ٿو ۽ ماڻهن کان چڱي خاصي في وٺي ٿو. منهنجا گهڻا مريض هاڻي ان کان دوا وٺن ٿا ۽ منهنجي لاءِ هو چون ٿا ته، هي ڪهڙو ڊاڪٽر آهي، جيڪو شلوار قميص ۾، بس ۾ سوار ٿي ڪلينڪ تي اچي ٿو. اسان کان حال احوال به وٺي ٿو ۽ في به بلڪل معمولي ٿو وٺي. ان مان اسان کي ڪهڙو فائدو پوندو.؟"

سو غريب کي متاثر ڪرڻ، سندس جهڙو ٿيڻ نه، پر ڪانئس مختلف ٿيڻ ۽ نٺ ناٽگر ڪرڻ ضروري آهي. نيڪ ڊاڪٽر صاحب پنهنجن ماڻهن جي خدمت جي ان جذبي کي پاڻ وٽ رکي ڪلينڪ بند ڪري وڃي گهر وينو.

## اسان جو هڪ استاد

حاجي عبدالله هارون سيڪنڊري اسڪول ۾ عبدالرزاق پنڊ نالي هڪ استاد هوندو هو، جيڪو اسان کي سنڌيءَ جو مضمون پڙهائيندو هو. سائينءَ کي پنهنجن اکرن سان گهڻو پيار هوندو هو، تنهن ڪري چاهيندو هو ته، سندس شاگرد سندس اکرن جي تعريف ڪن.

ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ سان بليڪ بورڊ تي مختلف اکر لکي شاگردن ڏانهن ڏسندو هو، جنهن مان شاگرد سمجهي ويندا هئا ته، سائين ڇا ٿو ٻڌڻ چاهي. پوءِ هو وڏي واڪ چوندا هئا، ”سائين اوهان جا اکر ته هيرا آهن.... اهي موتي آهن.... سائين اهي اسان کي ڏيو ته گهر ۾ شوڪيس ۾ سجائي رکون....“ ڪي شاگرد ته پنهنجي ڊيسڪ تان اٿي بليڪ بورڊ تائين هليا ويندا هئا ۽ اکرن تي پيا هٿ هٽندا هئا.

هڪ ڀيري ائين ٿيو ته، سائين ڪلاس وٺي رهيو هو ۽ اسان جو هڪ ڪلاس فيلو دير سان آيو. هن ڪلاس روم جي در وٽ بيهي اجازت گهرندي چيو، May I come — in Sir

سائين اهو ٻڌي ماڳهين ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. رڙ ڪري ان کي چيائين، ”اڙي هڪ دير سان آيو آهين ۽ ٻيو وري انگريزي ٿو ڳالهائين؟“ اهو چئي سائين ڪلاس ڇڏي ان ڇوڪري پويان ڀڳو ۽ ان کي اسڪول کان ٻاهر ڇڏي پوءِ موٽيو.

## دوستن کان غلطيون ائين به ٿينديون آهن!

ڪجهه وقت اڳ ۾ آئون آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هئس ته موبائل فون تي امير ابڙي جو فون آيو. مون کي اها خبر هئي ته هو پاڪستان آيل آهي. مون فون اٽينڊ ڪيو. ٻئي پاسي کان امير جو مانوس آواز آيو ته، ”رئوف ڀائي مين امير ابڙو لندن والا بات ڪررها هون. آپ سي ايڪ ضروري بات ڪرني هي.“

مون کي امير جي مذاق ڪرڻ واري عادت جو اندازو هو، تنهن ڪري مون ساڳئي انداز ۾ کيس جواب ڏيندي چيو ته، ”يار اس وقت مين مصروف هون، آڌي گهنٽي مين تمهين فون ڪرتا هون.“ سندس اصرار هو ته نه، هينئر ئي ڳالهائجي، پر مون کيس اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ فون ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو. اتفاق سان آئون جلدي فارغ ٿي ويس ۽ فوراً ئي کيس فون ڪيم. چيائين ته، ”تو ۾ هڪ ڪم هو.“ مون چيس ته، ”چئه.“ چيائين، ”انٽرنيشنل مارڪيٽ ۾ منهنجو جيڪو دوڪان آهي، ان جي مسواڙ گهٽي ملندي؟“

منهنجي لاءِ سندس اهو سوال بلڪل ئي غير متوقع هو. مون کيس چيو، ”يار، منهنجو ان ڪم سان ڪڏهن به ڪو واسطو نه رهيو آهي ۽ مون کي ان جو ڪو اندازو به ناهي.“ تڏهن کيس اندازو ٿيو ته هو غلط ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو هو. مون کي چيائين ته ”يار، مون مارڪيٽ جي ڪنهن رئوف کي فون ڪرڻ پئي چاهي، اتفاق سان تنهنجو نمبر آڏو اچي ويو.“ مون چيس، ”ڪا ڳالهه ناهي، ان بهاني پاڻ هڪ ٻئي سان حال احوال ڪري سگهون ٿا، پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ايتري ويجهڙائي ۽ ايتري گهٽي دير تائين ڳالهائڻ جي باوجود تو منهنجو آواز نه سڃاتو.“

بهرحال ڪجهه رسمي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڪانپوءِ مون سندس پاران غلطيءَ جو اعتراف ڪرڻ تي ٿورو مڃيو. بهرحال سندس لاءِ نيڪ خواهشون آهن.

# 38
# ڊاڪٽر فيروز احمد

ڊاڪٽر فيروز سان وابستگيءَ منهنجي ذهني اوسر تي تمام گھڻو اثر وڌو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي ته عوامي تحريڪ سان منهنجي تعلق جو اهو هڪ نهايت اهم پاسو ۽ حاصل آهي ته بيجا نه ٿيندو. فيروز ۽ مون ۾ هڪ گڏيل ڳالهه اها به هئي ته اسان ٻيئي ڪراچيءَ جا پراڻا رهاڪو آهيون ۽ اسان جو تعلق ابن ڏاڏن کان ڪراچيءَ سان رهيو آهي. هو ٻڌائيندو هو ته، پراڻي دور ۾ ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ سندس ڏاڏي جي تصوير لڳل هوندي هئي. هو پنهنجي شاگرديءَ جي دور ۾ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (اين ايس ايف) سان لاڳاپيل هوندو هو.

ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڪيمسٽري ۾ ايم ايس سي ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا هليو ويو، جتي هن سوشيالوجي ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. ساڳئي وقت هو اتي ويٽنام جي جنگ خلاف ۽ ٻين سياسي تحريڪن ۾ شامل پڻ رهيو. هن اتان انگريزيءَ ۾ پاڪستان ۽ عالمي مسئلن متعلق هڪ رسالو ’پاڪستان فورم‘ پڻ ايڊٽ ڪيو هو. جڏهن هو پاڪستان موٽيو ته ان وقت هو آمريڪا ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور پڙهائي رهيو هو. هتي ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران کيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سوشيالوجي ڊپارٽمنٽ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي جي آڇ ڪئي ويئي، پر هن چيو ته هو جيئن ته آمريڪا ۾ به اسسٽنٽ پروفيسر هو، ان ڪري هتي به ساڳي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ پسند ڪندو ۽ کيس ڪا به وڌي حيثيت نه گھرجي.

سنڌ جي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن ۾ شايد اها صلاحيت ناهي ته اهي قابل، ذهين ۽ ايماندار ماڻهن کي هضم ڪري سگھن ۽ انهن جي صلاحيتن مان فائدو وٺي ڪو جوڳو ۽ ڪارائتو ڪم ڪري سگھن. فيروز ٿورو عرصو ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هلي سگھيو. نيٺ کيس نوڪري ڇڏڻي پئي. اهو شايد الياس ابڙو جي وائس چانسلر هئڻ وارو دور هو. هو ٻڌائيندو هو ته، اتي علمي ڪم کان وڌيڪ سازشن، خوشامد ۽ هڪ ٻئي جي ٽنگن ڪڍڻ تي گھڻو ڌيان ڏنو وڃي ٿو، جنهن ڪارڻ اهڙي ماحول ۾ اهڙي ماڻهوءَ جو رهڻ ڏکيو هو، جيڪو واقعي علمي ڪم ڪرڻ ۽ شاگردن جي ذهني تربيت ڪرڻ چاهيندو هجي.

پاڪستان موٽڻ کان پوءِ هن پنهنجي سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ سڌاري آڻڻ تي گھڻو ڌيان ڏنو هو. هو باقاعدي پنهنجي ڪڇهرين ۽ لکڻين ۾ دوستن جي صورتخطي ۽ گرامر وغيره جي غلطين جي نشاندهي ڪندو هو. عوامي تحريڪ جي ترجمان ’تحريڪ‘ رسالي ۾ محمد وريل شاه جي قلمي نالي سان سندس مضمون شائع ٿيندا هئا. ڪراچيءَ جي علائقي گارڊن ۾ سندس گھر، پارٽيءَ جي ننڍن وڏن؛ سڀني ڪارڪنن لاءِ کُليل هوندو هو. ڪراچيءَ کان ٻاهر کان آيل ڪي ڪارڪن ته اتي راتين

جو بہ ٽِڪي پوندا هئا. مهمان نوازي تہ هميشہ ٿيندي هئي. عيد ۽ ٻين ڏڻهن جي موقعي تي خاص اهتمام هوندو هو. گهر جي ڪم جو ذمو رڳو سندس گهر واري نادره بلي نہ هوندو هو، پر هو پاڻ بہ ڪم ۾ برابريءَ جي بنياد تي شامل هوندو هو. اهڙن دوستن لاءِ جيڪي ڊگهي عرصي تائين گهر ۾ قيام ڪندا هئا، اهو اصول هوندو هو تہ، اهي پنهنجو ڪم ڪن ۽ گهر جي رڌ پچاءَ ۾ ٻئي ڪم ۾ بہ هٿ ونڊائين.

هو دوستن کي نہ رڳو پڙهڻ لاءِ مختلف ڪتاب ٻڌائيندو هو، پر پنهنجي ذاتي لائبريري مان انهن کي پڙهڻ لاءِ بہ ڪتاب ڏيندو هو. ساڳئي وقت هو ان ڳالهہ جو بہ خاص خيال رکندو هو تہ ڪتاب پڙهيو وڃي، نہ کي ان تي ٻوڙ هاريو وڃي ۽ ان کي نقصان پهچايو وڃي.

پنهنجي راءِ ايمانداريءَ سان رکڻ ۽ ڪنهن سياسي مخالف جي اجائي ۽ ذاتي مخالفت کان پاسو ڪرڻ سندس خاصيت هئي. ان جو هڪ مثال مون کي مرحوم هدايت منگيءَ ٻڌايو هو. اهو ان دور جو واقعو آهي، جڏهن ڊاڪٽر فيروز احمد عوامي تحريڪ ڇڏي چڪو هو ۽ آئون اجا ان سان گڏ هوس. هدايت جو چوڻ هو تہ، دادوءَ ۾ جڏهن هڪ پروگرام دوران دوستن ڪانئس اهو پڇيو تہ، ”رئوف جي ليارِي سنگت مان رڪنيت ختم ڪرڻ کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟“ تہ سندس چوڻ هو تہ، اهو غلط ۽ سنگت جي آئين جي خلاف ٿيو آهي. ان وقت اهي دوست بہ ساڻس گڏ هئا، جن اهو ڪم ڪيو هو، پر هدايت سنڌ جي عام سياسي روايتن کي نظر ۾ رکندي اهو نتيجو ڪڍيو تہ رئوف، فيروز جو ماڻهو آهي، جنهن جو هن مون سان ذڪر پڻ ڪيو. هو جيستائين عوامي تحريڪ سان گڏ رهيو، تيستائين پنهنجو ڪم سرگرميءَ سان انجام ڏيندو رهيو. رسول بخش پليجي صاحب سان سندس اختلافن ۽ عوامي تحريڪ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ بہ مختلف موقعن تي هو اها ڳالهہ ڪندو هو تہ، سنڌ ۾ رسول بخش پليجو وڏين صلاحيتن وارو ماڻهو آهي، پر هو انهن کي صحيح مقصدن لاءِ استعمال نٿو ڪري.

مون کي ائين لڳي ٿو تہ، پاڪستان اچڻ جو سندس مقصد سنڌ جي سياست کي هڪ دانشوراڻي ۽ نظرياتي بنياد فراهم ڪرڻ هو، جنهن جي لاءِ هن سنڌ يونيورسٽي ۽ عوامي تحريڪ جي چونڊ ڪئي. پارٽي کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ نہ تہ هن پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ خلاف ڪا پروپيگنڊا ڪئي ۽ نہ ئي ڪنهن ٻي سياسي جماعت ۾ باقاعدي شامل ٿيو يا ڪو ٻيو گروپ يا پارٽي جوڙيائين، جيئن پاڪستان جي کاٻي ڌر ۾ عام لاڙو آهي ۽ جنهن لاءِ وٽس وڏي گنجائش پڻ هئي. ان جي بدران هن پنهنجو سڄو ڌيان لکڻ پڙهڻ ۽ ماڻهن جي ذهنن ناهڻ جي ڪم تي ڏنو. ان وقت بہ هو سنڌ ۾ مختلف علائقن جا دورا ڪندو رهندو هو، مختلف سياسي ڌرين جي ماڻهن سان واسطي ۾ هوندو هو ۽ انهن جي ليڪچر پروگرامن وغيره ۾ شريڪ ٿيندو هو.

’پاڪستان فورم‘ کي ڪراچيءَ مان اڙدو ۾ جاري ڪرڻ جو مطلب ان کي ڪنهن سياسي جماعت جي ترجمان يا نئين سياسي جماعت لاءِ زمين هموار ڪندڙ رسالي طور پيش ڪرڻ نہ هو، پر اهو پاڪستان ۾ کاٻي ڌر جو هڪ آزاداڻي نقطہ نظر پيش ڪندڙ

۽ ضياء الحق جي آمريت جي دور ۾ جمهوري قدرن جي ترجماني ڪندڙ هو. ان لاءِ هڪ فرد جي طور ڪيس گهڻين ڌڪيائين ڪي منهن به ڏيڻو پيو. رسالي ۽ ان جي ايڊيٽر جي خيالن جي نوعيت ڪي ڏسندي ان جي لاءِ ڪنهن به قسم جي اشتهارن يا ٻي ڪنهن مالي مدد جو ته سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو.

هونئن به ڪنهن قسم جي مالي منفعت ڪان وڌيڪ رسالي جو مقصد پنهنجي ڪاز کي اڳتي وڌائڻ هو. انهن مالي رڪاوٽن ڪانسواءِ سرڪار جو دٻاءُ ان ڪان ڌار هو، جنهن جو اندازو اهي ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا، جيڪي ڪابي ڌر سان لاڳاپيل هئا، خاص طور تي اهي جيڪي ظاهر يا لڪل نموني ڪنهن قسم جي پبلشنگ جو ڪم ڪندا هئا.

گهڻي عرصي تائين ان ڪم کي جاري رکڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر فيروز احمد نيٺ پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ آمريڪا موٽي ويو. ان ڪان پوءِ هو هتي مختلف وقتن تي ڪجهه ڏينهن لاءِ ته ايندو هيو، پر مستقل رهائش لاءِ نه آيو. جڏهن هو هتي ايندو هو ته، گارڊن تي پنهنجي پاءُ ۽ پيڻ سان گڏ رهندو هو، جڏهن ته سندس گهر واري پاپوش نگر، ناظم آباد ۾ پنهنجن مائٽن وٽ رهندي هئي. هو پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڪراچي ۽ ان ڪان ٻاهر سيني دوستن کي ڏيندو هو ۽ ڪوشش ڪندو هو ته انهن سان سندس ملاقات ٿئي.

هڪ ڀيري نٽي ۾ لڪانو ٻهراڻي ۽ مير پور ساڪرو ۾ ڪجهه دوستن سان ملاقات لاءِ آئون ۽ آزاد بلوچ به ساڻس گڏ هئاسين. اهي ملاقاتون گهڻي پاڳي ذاتي حوالي سان هونديون هيون. جڏهن گارڊن واري سندس پاءُ واري گهر تي ساڻس ملڻ وڃبو هو ته، هو پوڳ ڪندي پنهنجي پاءُ، جيڪو ڊان اخبار ۾ مختلف موضوعن تي ايڊيٽر ڏانهن خطن واري ڪالم ۾ خط لکندو رهندو هو، متعلق چوندو هو ته، ”منهنجو پاءُ سمجهي ٿو ته آئون آمريڪا مان هتي رڳو سندس اهي خط پڙهڻ اچان ٿو. اهڙي ريت هو منهنجي اچڻ سان ئي سيني خطن جو فائل ڪڍي اچي منهنجي اڳيان رکي ٿو.“

آمريڪا ۾ هوندي سندس اها ڪوشش هوندي هئي ته هو سنڌ جي حالتن ڪان آگاهه رهي ۽ دوستن سان لاڳاپي ۾ رهي. دوستن جي لکڻين تي پنهنجن خيالن جي اظهار ڪرڻ ڪانسواءِ مختلف دوستن هٿان پنهنجيون لکڻيون ان مقصد ڪان موڪليندو هو ته انهن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هتي ڇپرايو وڃي. انهن لکڻين کي ٻين دوستن سان گڏ خاص طور مرحوم رحمان خاصخيلي ڏاڍي شوق سان ترجمو ڪندو هو ۽ انهن کي هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز ۾ ڇپرائبو هو. مهاجر عليحدگي پسندي تي سندس هڪ اهم ۽ ڊگهي مضمون (جيڪو پوءِ اڙدو ۽ سنڌيءَ ۾ پڻ شائع ٿيو) ڪابي ڌر جي حلقن ۾ هڪ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو هو ۽ گهڻن غير سنڌي حلقن، جن ۾ سندس دوست پڻ شامل هئا، ڪيس هڪ سنڌي قومپرست ڪري پيش ڪرڻ شروع ڪيو هو.

ڊاڪٽر فيروز احمد سگريٽ گهڻا ڇڪيندو هو ۽ شايد ان ڪري ئي ڪيس ساهه جي ۽ ان جي نتيجي ۾ دل جي تڪليف تي پيئي هئي. آخري ڀيرو جڏهن ساڻس ملاقات

ٿي تہ ان وقت هن ٻڌايو تہ آمريڪا ۾ آپريشن ڪري سندس دل ۾ پيسر لڳايو ويو هو. ان وقت هن شايد سگريٽ بہ گهٽي ياڳي ڇڏي ڏنا هئا ۽ پنهنجي صحت جو بہ گهڻو خيال رکڻ لڳو هو. نومبر 1997 ۾ جڏهين آئون لياريءَ ۾ پنهنجي پراڻي گهر کان گلشن حديد اچڻ جي تيارين ۾ هوس تہ، هڪ دوست جو فون آيو تہ، فيروز جو آمريڪا ۾ انتقال ٿي ويو آهي. سندس تدفين بہ اتي ئي ٿي. اهڙي ريت آئون هڪ سٺي دوست ۽ استاد - ۽ سنڌ پنهنجي هڪ هونهار پٽ کان محروم ٿي ويئي.

## 39

# اسلم خواجہ جنھن پنھنجي رولاڪين ڪي تخليق جو ذريعو بڻايو!

ڪجھہ وقت اڳ مون ھن کان پڇيو تہ، ”پنھنجي پھرين ملاقات ڪڏھن ٿي ھئي؟“ تہ ھن مون کي جواب ڏنو تہ، ”شايد 1978 ۾ ھڪ گڏيل دوست جي گھر ۾.“ دوستن سان دوستيءَ جي عرصي ۽ سن کي ياد رکڻ گھڻ ۾ گھڻ منھنجي لاءِ ڏکيو ھوندو آھي، ڇاڪاڻ تہ اھو ناتو ئي اھڙو آھي، جو وقت جي حساب رکڻ جو موقعو ئي نہ ملندو آھي، پر ھن کي اھو سڀڪجھہ ياد ھو. مون کي حيرت ٿي تہ، اسلم خواجہ سان منھنجي دوستيءَ کي اٽڪل ٽيتاليھہ سال ٿيڻ وارا آھن ۽ اھا ڄڻ اجا ڪالھوڪي ڳالھہ لڳي ٿي.

ان وقت اسان ڪجھہ دوست عوامي تحريڪ کان ڌار ٿيا ھئاسين، جڏھن تہ اسلم ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ڊي ايس ايف) سان لاڳاپيل ھو. ان کان پوءِ مختلف موقعن تي اسلم سان ملاقاتون ٿينديون رھيون.

حقيقت اھا آھي تہ ان وقت ھو منھنجي لاءِ اھڙن نوجوان سياسي ڪارڪنن جيان ھو، جيڪي سياسي تنظيمن سان لاڳاپيل ھوندي بہ ھڪ ڇڙواڳ زندگي گذاريندا ھئا. ڪين پنھنجي سمھڻ، اٿڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ وغيرہ جي گھڻي پرواھہ نہ ھوندي ھئي، ان ڪري شروع ۾ آئون ڪيس گھڻي سنجيدگيءَ سان نہ وٺندو ھوس ۽ نہ ئي اسان ۾ ڪا گھڻي ويجھڙائپ ھوندي ھئي. ان جو ھڪ ڪارڻ اھو بہ ھوندو ھو تہ ھڪ اڌ موقعي تي مون کي اھو محسوس ٿيو تہ يا تہ ھي گھڻو حساس آھي، يا احساسِ ڪمتري جو شڪار آھي.

ھڪ ادبي تقريب ۾ آئون ڪنھن دوست سان ويٺو ھوس تہ اسلم بہ اتي آيو. آئون شايد ڪيس ان وقت غيرارادي طور پورو ڌيان نہ ڏيئي سگھيس ۽ ان دوست سان ئي ڳالھين ۾ لڳل رھيس. نہ رڳو ھن اھا ڳالھہ مون کي ان وقت ڇئي ڏني، پر گھڻو عرصو مون کان پري بہ رھيو.

مون تي سندس نئون روپ ان وقت ظاھر ٿيو، جڏھن مون ھلال پاڪستان ۾ سندس ڪالم پڙھڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ لکڻ جي حوالي سان اھا شايد اجا سندس شروعات ھئي، پر ھو منھنجي آڏو ھڪ پڪو پختو ۽ منفرد ليکڪ ھو، جنھن وٽ زندگيءَ جا تجربا، نيون ڳالھيون ۽ نئون اسلوب ھو. اھو سڀڪجھہ اسلم بابت منھنجي راءِ کي بدلائڻ لاءِ ڪافي ھو. ھو شايد اھڙن ٿورن سياسي ڪارڪنن مان ھو، جن پنھنجي رولاڪيءَ کي ھڪ مثبت نموني استعمال ڪندي، ان کي تخليق جو ذريعو بڻايو ھو. سندس انھن ڪالمن کي جيتوڻيڪ گھڻو پسند ڪيو ويو، پر ھو ان کي گھڻي عرصي تائين جاري نہ رکي سگھيو.

پنھنجي درويشاڻي ھلت چلت جي باوجود ھو وڏي ۾ وڏي ادبي ۽ سياسي حيثيت واري ماڻھوءَ سان بہ برابريءَ واري حيثيت ۾ پيش ايندو آھي. پنھنجي آزاد حيثيت تي

هو ڪنهن به مصلحت ڪان ڪم نه ونندو آهي، ان جو ڪارڻ شايد اهو آهي ته هو ڪنهن جي حيثيت مان به ڪو فائدو حاصل ڪرڻ ناهي چاهيندو. مون کي ياد ٿو پئي ته هڪ ڀيري هن مون کي ۽ ڊاڪٽر شمس سومرو کي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي ڪوئيٽا کان سبي تائين سائيڪل ريلي ۾ هلڻ جي دعوت ڏني هئي. ان ريليءَ ۾ ڊاڪٽر شير شاھ سيد ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل سان لاڳاپيل ڪراچيءَ جا ٻيا ڊاڪٽر ۽ سندن ٻار به شامل هئا. اسان ڪراچيءَ کان ڪوئيٽا پهتاسين، جتي ڪنهن هڪ اڌ ڳهمڻ جي پروگرام ۾ شمس کي ۽ مون کي نه ڇيو ويو. خير اسان جي لاءِ ته اها ڳالھ ڪا گھڻي اهميت جي حامل نه هئي، پر اسلم ان کي گھڻو محسوس ڪيو ۽ ان ريلي جي منتظمين کي پڻ اهو احساس ڏياريائين، جن نه رڳو ساڻس، پر اسان سان به معذرت ڪئي.اسلم منهنجي انهن ڪجھ دوستن مان آهي، جن کي خانداني دوست چئي سگھجي ٿو. اسان سيني پائرن سان سندس ڪنهن نه ڪنهن نموني جو تعلق رهيو آهي. حسن منصور سان ته سندس نهايت ئي ويجهي دوستي هئي، پر منهنجو وڏو ڀاءُ، جنهن جو ادب سان هڪ پڙهندڙ وارو تعلق هو، اهو به اسلم جي گھڻو ويجهو هوندو هو. جيتوڻيڪ سندس وفات کي اٽڪل تيرنهن سال ٿي ويا آهن، پر اسلم اڃا به مختلف موقعن تي کيس ياد ڪندو آهي. هو نه رڳو مختلف معاملن تي اسلم سان ڳالهائيندو هو، پر سندس ڪالم به پڙهندو هو ۽ انهن تي لکت ۾ تنقيد به ڪندو هو. ڪڏهن گھر ۾ جيڪڏهن حسن نه هوندو هو ته اسلم امان سان ڪلاڪن تائين پيو ڪچهري ڪندو هو ۽ پوءِ امان اهي احوال اسان سان ڪندي هئي.

رولاڪي اڃان تائين به اسلم جي شخصيت جو حصو آهي. وٽس ڪو باقاعدي روزگار يا نوڪري ڪونهي. لکڻ پڙهڻ ڄڻ سندس روزگار به آهي ته سندس زندگي گذارڻ جو طريقو به. ڪجھ عرصو اڳ هن حارث گذدر سان سندس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪن پروجيڪٽس تي ڪم ڪيو هيو. مختلف ڪتابن ۽ مضمونن وغيره جي ترجمي وارو ڪم هن لاءِ نه رڳو روزگار جو ذريعو آهي، پر اهو ساڳئي وقت هن جي ادبي ۽ سياسي مقصدن جو پورائو پڻ ڪري ٿو.

ڪجھ عرصو اڳ هڪ شاديءَ ۾ ٿيل ملاقات جي موقعي تي ڳالهيون ڪندي مون کيس چيو ته، "اسان جي پيٽ ۾ تنهنجي زندگي گھڻي بي ترتيب ۽ غير منظم آهي، جيڪا تنهنجي ڪم ۾ به رنڊڪ جو باعث بڻجي ٿي." ان تي سندس جواب ڏاڍو منفرد ۽ منطقي هو. سندس چوڻ هو ته، "ڳالھ ان جي ابتڙ آهي. توهان پنهنجو سڄو ڏينهن پنهنجي دفتر ۾ گذاري گھر اچو ٿا ۽ پوءِ گھر وارن کي وقت ڏيڻ ڪان پوءِ ڪلاڪ به مشڪل سان پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي ڪم کي ڏيئي سگھو ٿا، جڏهن ته مون تي اهڙي قسم جي ڪا به پابندي ناهي. آئون پنهنجي مرضيءَ موجب جيڏي مهل چاهيان، پنهنجو ليپ ٽاپ کڻي، ڪٿي به ويهي پنهنجو ڪم ڪري سگھان ٿو."

منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن سندس ڪيل ڪم تي نظر وجهجي ته سندس اها ڳالھ حقيقت لڳي ٿي. نه رڳو هن ڪيترن ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي، پر گھڻا ڪتاب

سندس پنهنجي تحقيق جو نتيجو به آهن. انهن مان گهڻا ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن ۾ اچي چڪا آهن. ڪجهه وقت اڳ انگريزي ۾ پاڪستان جي عوامي تحريڪن جي حوالي سان سندس اهم ڪتابPeople's Movements in Pakistan ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن کي سڄي ملڪ ۾ گهڻو ساراهيو ويو آهي. هن ڪتاب متعلق هن گهڻو اڳ مون سان ذڪر ڪيو هو. سندس چوڻ هو ته ان ڪتاب لکڻ جو محرڪ سندس اها ڪاوڙ آهي ته ملڪ ۾ ٻيو ڪو ان اهم موضوع تي قلم کڻڻ لاءِ تيار ناهي. مون کيس چيو هو ته، جيڪڏهن ڪاوڙ تخليق جو ڪارڻ بڻجي ٿي ته، اهڙي ڪاوڙ اسان گهڻن کي اچڻ گهرجي.

اسلم جيتوڻيڪ اهو ڏيکاءُ نه ڏيندو آهي، پر سندس دوستي ۽ واسطا پاڪستان جي گهڻن ناليوارن ترقي پسند شخصيتن سان رهيا آهن ۽ انهن مان گهڻا عزت سان سندس ذڪر ڪندا آهن. هو هڪ آزاد منش ۽ هر ڪنهن کي منهن تي چئي ڏيندڙ آهي، پوءِ ڪنهن کي سندس اها ڳالهه وڻي يا نه. سندس اها عادت گهڻن کي نه به وڻندي آهي ۽ گهڻا ان ڪري سندس ويجهو به نه ايندا آهن. شايد اهو به هڪ ڪارڻ آهي جو هو پنهنجي گهڻي تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جي باوجود جُوڳي مڃتا نه ماڻي سگهيو آهي. منهنجو خيال آهي ته کيس ان جي ڪا گهڻي پرواهه به ناهي. هو بس پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ آهي، جيڪو سندس لاءِ مڃتا ۽ اطمينان آهي.

## 40
# قبائلي علائقن جو چڪرُ

هڪ ڀيري جڏهن اسان پشاور ويا هئاسين ته خيبر ايجنسيءَ ۾ ان وقت منگل باغ ۽ ٻين هٿن تي طالبان جو گهڻو زور نه هو ۽ ماڻهو شهر ۾ ۽ اوسي پاسي آرام سان گهمي سگهندو هو. اسان جي ميزبانن اسان کي طورخم جي سرحد تي وٺي هلڻ جو پروگرام ناهيو. صبح جو سويل اسان پنهنجي هوٽل مان نڪتاسين. هن علائقي ۾ گهڻي ڀاڱي آفريدي قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. بابِ خيبر پار ڪرڻ کان پوءِ ڄڻ دنيا ئي ٻي ٿي ويئي.

پشاور جون شهري عمارتون ۽ سهولتون سرحد جي هن پار رهجي ويون هيون. ٻنهي پاسن کان وڏا جبل، ورن وڪڙن وارا رستا ۽ ڪاهيون هيون. انهن رستن تان هلڻ هڪ تجربي ڪار ۽ ڄاڻو ڊرائيور جو ئي ڪم هو. هتي ٿوري ئي فاصلي کان پوءِ علائقي جي مَلڪن جا مٽي جي وڏين ديوارن وارا، وسيع اڱڻن سان قلعي نما وڏا گهر هئا، جن جي مٿان چوڪيون ۽ مورچا ٺهيل هئا. روڊ تي پاڪستان کان افغانستان سامان کڻي ويندڙ ٽرڪن جو هڪ اٽڪڻ سلسلو هو. باڙا ۽ لنڊي ڪوتل وغيره کان ٿيندا اسان طورخم جي سرحد تي پهتاسين. اسان کي ٻڌايو ويو ته ڪجهه قدمن جي فاصلي تي جيڪا ٽڪري نظر اچي رهي آهي، اها ٻنهي ملڪن جي سرحد آهي.

جيتوڻيڪ اتي چوڪي ٺهيل هئي ۽ عملدار به موجود هئا، جيڪي ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي ڪاغذن وغيره جي جاچ پڙتال ڪري رهيا هئا، پر سرحد پار ڪندڙ ماڻهن جي تعداد مان ائين لڳو ٿي ته اها مڙيئي رسمي ڪارروائي هئي ۽ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي سرحد پار ڪرڻ تي ڪا خاص پابندي يا سختي نه هئي. هونئن به ٻنهي پاسن جي ماڻهن جي اچ وڃ جي حوالي سان اها هڪ نرم سرحد رهي آهي، ڇاڪاڻ ته مختلف قبيلن جا ماڻهو سرحد جي ٻنهي پاسن رهن ٿا.

پشاور ۾ رهندڙ ڪجهه پٺاڻ دوستن پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي ڳالهه ڪئي ته افغانستان وڃڻ لاءِ خاص طور تي پٺاڻن کي عام طور ڪنهن ڪاغذ پٽ جي ضرورت نه پوندي آهي ۽ هُو پاڻ به ان نموني سان ڪابل وغيره جو چڪر هڻي آيا هئا.

اتي ٿوري دير ترسي واپس ٿياسين. ٿورو اڳتي وياسين ته روڊ بلاڪ هو. خبر پيئي ته علائقي ۾ ڪجهه ڏينهن کان بجلي نه هئڻ ڪري ماڻهن روڊ بند ڪري ڇڏيو هو. مون سان مسئلو اهو هو ته شام جو منهنجي لاهور جي فلائيٽ هئي ۽ صورتحال مان ائين لڳو پئي ته ايئرپورٽ نه پهچي سگهبو. بهرحال ڪجهه دير ترسڻ کان پوءِ جڏهن روڊ کلڻ جو ڪو امڪان نظر نه آيو ته اسان به ڄڻا گاڏيءَ مان لهي پنڌ اڳتي وياسين ته مٿان اتان اڳتي وڃڻ لاءِ ڪا گاڏي ملي پئي. اڳتي هڪ گاڏيءَ واري ڪجهه پئسا وٺي اسان کي ويهاريو ۽ ڪنهن نموني سان پنهنجي گاڏيءَ کي اتان ڪڍڻ ۾ ۽ اسان کي وقت تي ايئرپورٽ ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ٻئي پيري ميزبانن اسان کي دره آدم خيل، جتي سندن پنهنجو گهر به هو، گهمائڻ جو پروگرام ناهيو. اهو پشاور جي بلڪل ويجهو آهي ۽ هتي به گهڻو ڪري آفريدي قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هتي بازار ۾ دڪاندار چرس ۽ هٿيار ائين وڪڻي رهيا هئا، جيئن هٽ تي ڪٿمنڙا وڪامندا آهن. اتي هڪ ته مختلف ملڪن جي هٿيارن جا نقل ۽ ٻيو مختلف دورن جا هٿيار موجود هئا، جن متعلق دڪاندارن اسان کي ٻڌايو. اتي ئي اسان کي هڪ روايتي هٿيارن ناهڻ جي ڪارخاني ۾ وٺي ويا، جتي ڪاريگرن مختلف هٿيارن جي نهڻ متعلق ٻڌايو ۽ ساڳئي وقت ڪلاشنڪوف سميت مختلف هٿيارن جو عملي مظاهرو به ڪري ڏيکاريو. هتان جا، خاص طور تي چپلي ڪباب به ڏاڍا مشهور آهن. ميزبانن اهي به اسان کي کارايا ۽ اهو به ٻڌايو ته اهي ڪباب هتان پرڏيهه ۽ خاص طور نار جي ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا آهن.

هتي قبائلي ايجنسين ۾ بجليءَ جو استعمال تمام گهڻو آهي. رڌ پچاءُ ۽ ٻيو گهڻو ڪم ڪار، جنهن ۾ توانائيءَ جي ضرورت هوندي آهي اهو بجلي تي ئي ڪيو ويندو آهي. ان جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته هتان جا ماڻهو سمجهن ٿا ته، بجلي مفت جي آهي، جنهن لاءِ ڪين ڪجهه به نه ڏيڻو پوندو. ان ڳالهه جو پس منظر اهو آهي ته هتان جي ماڻهن ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح هتي آيو هو ته هن هتان جي ماڻهن کي چيو هو ته سندن لاءِ بجلي مفت هوندي، ان ڪري ان معاملي تي انهن ماڻهن جو حڪومت ۽ بجليءَ جي اختيارين سان جهيڙو هلندو رهندو آهي - ۽ علائقي ۾ بجليءَ جا ميٽر وغيره لڳائڻ تي مزاحمت ڪئي ويندي آهي.

دره آدم خيل جي ويجهو ئي هڪ سرنگهه آهي، جيڪا ان کي ڪوهاٽ سان ڳنڍي ٿي. هتان واپس ايندي اسان ان سرنگهه جو به چڪر هنيو. اها سرنگهه جاپاني انجنيئرن جي مدد سان ناهي وئي آهي ۽ واقعي اسٽيٽ آف آرٽ آهي. اتان جي ماڻهن جو چوڻ هو ته اڳ ۾ ڪوهاٽ وڃڻ لاءِ جبلن مان هڪ ڊگهو رستو اختيار ڪرڻو پوندو هو، جڏهن ته ان سرنگهه جي ڪري اهو رستو ڪلاڪن مان گهٽجي منٽن جو وڃي رهيو آهي. سرنگهه جو چڪر هڻي موٽڻ ۾ اسان کي ٿورو ئي وقت لڳو.

قبائلي علائقن ۽ شهرن ۾ ماڻهن جي اچ وڃ تي ڪا پابندي ناهي، پر ٻنهي علائقن ۾ ڏار ڏار قانون هئڻ جو اثر اهو پيو آهي ته جڏهن انهن علائقن جا ماڻهو پشاور ۽ ٻين شهرن وغيره ۾ وڃن ٿا ته اتي به سندن نفسيات ساڳي هجي ٿي ۽ ساڳئي نموني سان اتي هلڻ چاهين ٿا. اها ڳالهه خاص طور تي پرڏيهي ڪرنسي جي ڪاروبار ۾ اوهان کي عام جام ملندي. هڪ پاسي ڪرنسي جو قانوني ڪاروبار ڪندڙ دوڪان آهن، جن تي ملڪ جا سڀ قانون لاڳو ٿين ٿا ۽ انهن تي باقاعدي ملڪ جي مختلف ادارن پاران نظر رکي وڃي ٿي ۽ ساڳئي وقت انهن دڪانن جي بلڪل ٻاهران خاص طور چوڪ يادگار ۾ هڪ ڊگهي لائين ۾ وينل غير قانوني طور ڪرنسي جو ڪاروبار ڪندڙن جا اسٽال آهن، جن جو ڪو نالو وٺڻ لاءِ تيار ناهي. قانوني ڪاروبار ڪندڙن کي اها ئي شڪايت هوندي آهي ته انهن کي ڪير ڪجهه به نٿو چئي، جڏهن ته سڀ

پابنديون سندن لاءِ آهن. ان غير قانوني ڪاروبار جي وسعت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ لاهور، ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين شهرن ۾ ڪرنسي جو ڪم ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ ملڪ ۾ ڊالر جو اگهہ پشاور جي مارڪيٽ ۾ طئي ٿيندو آهي.

هڪ دوست مون کي ٻڌايو تہ هتي پاڪستاني رپئي جو جعلي نوٽ بہ عام جام وڪامي ٿو ۽ ان جو اگهہ ان جي ڪوالٽي مطابق طئي ٿئي ٿو. ساڳئي وقت اها بہ ڳالهہ آهي تہ پشاور مان ڪرنسي اسمگل ٿي ڪابل ۽ اتان دبئي وڃي ٿي، جنهن جو اثر خاص طور ملڪي معيشت تي پوي ٿو.

## 41
# 1977 واريون چونڊون

پاڪستان قومي اتحاد 1977 ۾ قومي اسمبلي جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جي لڳايل الزامن ڪان پوءِ صوبائي اسمبلي جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو. پر عوامي تحريڪ، جيڪا سنڌ اسمبلي جي ڪجهه نشستن تي چونڊ وڙهي رهي هئي، ان انهن چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. اسماعيل سوهو ڪي پارٽي پاران ميرپور بٺورو مان صوبائي اسمبلي جي نشست تي بيهاريو ويو هو. ٺٽي ۽ پسگردائي جي علائقن ڪي پارٽي جو ڳڙه سمجهيو ويندو هو، جتي مختلف حوالن سان ۽ خاص طور تي هاري فرنٽ تي گهڻو ڪم ٿيل هو. پارٽي جو اهو خيال هو ته هتي پيپلز پارٽي ڪي اسان ٽف ٽائيم ڏينداسين ۽ ممڪن آهي ته سيٽ کٽي به وڃون.

سڄي سنڌ مان پارٽي جا گهڻا ڪارڪن اليڪشن جي ڊيوٽي ۽ ورڪ ڪرڻ لاءِ بٺوري پهچي ويا هئا. آئون به قمر جماڻي سان گڏجي اتي پهتو هوس. ڪارڪنن ۾ گهڻو جوش ۽ اميد هئي ۽ سيني ڪي اهو لڳو ٿي ته شايد اسماعيل اها چونڊ کٽي وڃي. پر اجا اڌ وقت ئي مس گذريو هو ته پيپلز پارٽي جي اميدوار تي ڌانڌلي ۽ بيقاعدگين جا الزام هڻي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت سڀ نراس ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا. هن وقت آئون سوچيان ٿو ته پيپلز پارٽي جي اميدوار پاران ڌانڌلي ۽ دبڙ دوئنس جا الزام صحيح ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهين ائين نه به هجي ها ۽ چونڊ صحيح نموني ٿئي ها ته به پيپلز پارٽي اها نشست کٽي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته عوامي تحريڪ وٽ ڪارڪن ۽ علائقي ۾ ڪيل سياسي ڪم ته هو پر ان وٽ ووٽ نه هئا، جيڪي چونڊ کٽڻ لا ضروري هوندا آهن.

## 42

# اداره امن و انصاف جيڪو هڪ الميءَ جو شڪار ٿي ويو

اداره امن و انصاف جيتوڻيڪ عيسائين جي هڪ اين جي او هئي جنهن ڪي گرجائن جي هڪ تنظيم هلائيندي هئي پر ان جي خاصيت اها هوندي هئي ته انهن پاڪستان جي مذهبي ٽوراين جي هڪ عام لاڙي جيان بجائي پاڻ کي مک ڌارا کان ڌار ڪري ڏيڍ سر جي ڌار مسجد ناهڻ جي شروع کان ئي پاڻ کي ملڪ جي ترقي پسند لڏي سان ڳنڍيو. سندن موقف هوندو هو ته پاڪستان هڪ جمهوري ملڪ آهي جنهن ۾ ڪنهن مذهب، فرقي، نسل ۽ ٻولي جي فرق کانسواءِ سڀني کي هڪ شهري جي طور تي هڪ جيترا حق حاصل آهن ۽ ساڳي وقت سڀني تي اهو فرض پڻ عائد ٿئي ٿو ته اهي ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ گڏجي ڪم ڪن. ساڳي وقت ٻين تبليغي ۽ مشنيري ادارن جيان اداري جو مقصد عيسائيت جي تبليغ يا ان جو ڦهلاءُ نه هو. ماڻهن سان سندن واسطو غيرمذهبي ۽ سيڪيولر بنيادن تي هوندو هو. ممڪن آهي ته لاطيني آمريڪا ۾ ڪيٿولڪ پادرين جي پاڻ کي آمريتن خلاف جدوجهد ۾ اتان جي ترقي پسند قوتن سان ڳنڍڻ واري تحريڪ، جنهن جو اداري جا اڳواڻ اڪثر تعريفي انداز ۾ ذڪر ڪندا رهندا هئا، جو مٿن اثر هجي. ان اداري جي پاليسي ان پاران نڪرندڙ ماهوار رسالي جفاڪش ۾ شائع ٿيندڙ مواد مان ئي واضح هئي. مجموعي طور تي ان جو مقصد پاڪستان ۾ جمهوري قدرن جو فروغ ۽ مزدورن، هارين، مذهبي ٽوراين ۽ سماج جي ٻين مظلوم طبقن جي مسئلن کي کڻڻ ۽ ساڻن مختلف حوالن سان ٿيندڙ زيادتين کي سامهون آڻڻ ۽ انهن تي احتجاج ڪرڻ هو. ان جي ڪجهه ايڊيٽرن جي نالن تي نظر وجهڻ سان ئي ان جي پاليسي جو اندازو ٿي وڃي ٿو. انهن ۾ احمد سليم، رحيم بخش آزاد ۽ توقير چغتائي جا نالا شامل آهن جن جي ڪنهن وڌيڪ تعارف جي ضرورت ناهي.

ان کانسواءِ اداري پاران سماجي ڪارڪنن جي اهڙي ٽيم پڻ تيار ڪئي ويئي هئي جن کي ڪراچي جي مختلف ڪچي وستين ۽ پنتي پيل علائقن ۾ سماجي ڪم ڪرڻ ۽ اتان جي مسئلن کي لاڳاپيل سرڪاري ادارن وغيره تائين پهچائڻ جي تربيت ڏني ويندي هئي. انهن ڪارڪنن کي باقاعدي اداري پاران ماهوار پگهار ڏني ويندي هئي ۽ اهي وقت بوقت پنهنجي ڪم ۽ ڪارڪردگي جي رپورٽ پڻ پيش ڪندا هئا.

بهرحال اهو نه ٿو چئي سگهجي ته ادارو مڪمل طور غير مذهبي بنيادن تي هلايو ٿي ويو. اداري پاران جيڪي ساليانا ڊنر ۽ ٻيا فنڪشن وغيره ڪرايا ويندا هئا انهن ۾ رڳو عيسائي هئڻ ڪري گهڻن ماڻهن جي شرڪت هوندي هئي. فادر آرنلڊ هيريڊيا، جيڪو اداري جو سربراه هوندو هو ۽ جنهن جو ان جي پاليسي کي ٺاهڻ ۽ ان کي هلائڻ ۾ بنيادي ڪردار هوندو هو، ترقي پسند لاڙن رکڻ باوجود پنهنجي مذهب تي ڪاربند هوندو هو ۽ عيسائي مذهبي ادارن ۾ مذهب جي تعليم ڏيندو هو.

مون کي اهو اعزاز حاصل آهي ته آئون هڪ ڊگهي عرصي تائين اداري سان لاڳاپيل رهيس. خاص طور تي آئون جفاڪش جي ايڊيٽوريل بورڊ جو رڪن، ان جي پاليسين کي ناهڻ ۽ مختلف ايڊيٽرن کي مقرر ڪرڻ جي عمل ۾ شامل رهيس. هڪ ڊگهي عرصي تائين ان ۾ مختلف موضوعن تي منهنجيون لکڻيون پڻ لاڳيتو شائع ٿينديون رهيون. پنهنجي پاليسي تحت اداري ملڪ جي ترقي پسند ڌرين سان پنهنجن ناتن کي استوار ڪيو هو جنهن ۾ سياسي ڌريون، اديبن، مزدورن ۽ هارين وغيره جون تنظيمون شامل هونديون هيون. حالتن ۽ حڪومتي ادارن جي دٻاءَ جي ڪري سنگت ڪراچي لاءِ شهر ۾ ڪنهن هڪ جاءِ تي ڊگهي عرصي تائين گڏجاڻيون ڪرڻ ممڪن نه رهيو هو. پر بندرروڊ تي رمپا پلازه ۾ ٽين ماڙ تي اداري جو جيڪو هال هو ان ۾ هڪ ڊگهي عرصي تائين سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون رهيون جنهن جي لاءِ اداري پاران هڪ نالي ماتر في ورتي ويندي هئي پر انهن گڏجاڻين جي متعلق سندن پاران ڪڏهين به ڪوبه اعتراض نه ڪيو ويو ۽ نه ئي سنگت کي جاءِ نه ڏيڻ جي لاءِ سرڪار جي دٻاءَ جو ذڪر ڪيو ويو يا ٻيا مختلف بهانا ڪيا ويا جيئن ٻين مختلف هنڌن تي ڪيو ويندو هو. سنگت ڪانسواءِ ٻيون ادبي، سياسي ۽ پورهيتن جون تنظيمون پڻ پنهنجن مختلف پروگرامن لاءِ ان هال جو استعمال ڪنديون هيون.

اداري پاران ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ورڪشاپ ۽ سيمينار وغيره ڪرايا ويندا هئا جنهن ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ملڪ جي ناميارن نالن کي مدعو ڪيو ويندو هو. مون کي اداري پاران ملتان ۾ ترقي پسند تحريڪ جي مختلف پاسن تي ڪرايل هڪ ورڪشاپ ياد آهي جنهن ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي اڳوڻي مينيجنگ ڊائريڪٽراسلم اظهر، اڙدو جي نامياري شاعر قمر هاشمي، جيڪو ريل ۾ ڪيل ان سڄي سفر ۾ ايندي ۽ ويندي پنهنجن لطيفن ۽ چٽڪلن سان سڀني کي محظوظ ڪندو ٿي آيو، فقيرمحمد لاشاريءَ رحيم بخش آزاد سميت اڙدو، پنجابي ۽ سنڌي جي مختلف ليکڪن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي..

اداري جي ڪارڪنن خاص طور تي جاني، مظفر ۽ مشتاق وغيره سان چڱ خاص ناتا قائم ٿي ويا هئا. منجهانئن ڪي ته رڳو اتي نوڪري ڪندا هئا جڏهين ته جاني جهڙا نوجوان واقعي سنجيده هوندا هئا ۽ مون سميت اداري ۾ ايندڙ مختلف دوستن سان مختلف نظرياتي ۽ سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. جاني جي شخصيت ۾ جيڪا معصوميت، تجسس ۽ پيار هوندو هو اهو اڄ به منهنجي ذهن تي نقش ٿيل آهي. منجهانئن ڪجهه مختلف ترقي پسند سياسي جماعتن سان پڻ لاڳاپيل هوندا هئا ۽ اداري تي ان لحاظ ڪان تنقيد ڪندا هئا ته اهو پنهنجي مقرر ڪيل دائري ڪان ٻاهر نه ٿو نڪري. جڏهين ته ٻاهر ويٺل اسان جهڙن ماڻهن کي اهو محسوس ٿيندو هو ته ادارو مختلف دٻائن جي باوجود پنهنجي وت ڪان وڌيڪ ڪم ڪري رهيو هو. اهو جيتوڻيڪ سياسي ڪم ڪان پاڻ کي هڪ فاصلي تي رکندو هو پر انساني حقن جي حوالي سان

جيڪي سرگرميون، مظاهرا ۽ سيمينار وغيره ٿيندا هئا انهن ۾ ان جي شرڪت هوندي هئي.

پاڪستان کي هڪ گهڻ مذهبي جمهوري رياست طور دنيا آڏو پيش ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته مذهبي ٿورايون نه رڳو هتان جي سياسي، سماجي ۽ معاشي زندگي جي مک ڌارا جو حصو هجن پراهي پاڻ کي ائين سمجهن. پر هن ملڪ جي مستقل مفاد رکندڙ ڌرين، جنهن ۾ مذهبي ٿوراين جو ايليٽ پڻ شامل آهي، جو اهو مقصد آهي ته هن ملڪ کي هڪ مذهب جي ماڻهن جو ملڪ ڪري پيش ڪيو وڃي ۽ مذهبي ٿوراين کي ڪٽي ڪنڊ پاسي ۾ ڌڪي الڳ ٿلڳ رهڻ لاءِ مجبور ڪجي. ساڳي ريت اداري پاران ٿيندڙ اهڙين ڪوششن کي به انهن ڌرين پاران چڱي نظر سان نه ٿي ڏٺو ويو. جيتوڻيڪ اهڙو ڪو ڏيکاءُ نه ٿي ڏنو ويو پر اداري ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙن تي ان سلسلي ۾ دٻاءُ هو. شايد ڪين اهو اندازو نه هو ته ان دٻاءُ جو نتيجو دهشت گردي جي هڪ ڀيانڪ ڪاروائي جي صورت ۾ به نڪري سگهي ٿو جنهن جي ڪري اهي معمول موجب پنهنجو ڪم جاري رکندا ٿي آيا. هڪ صبوح جو رمپا پلازه جي ٽين ماڙ تي اداري جي ڪارڪنن پاران معمول موجب دفتر کولي ڪم شروع ڪيو ويو، اداري جا گهڻي ڀاڱي ملازم اتي موجود هئا. ڪلاڪ اڌ ڪانپوءِ اها پڪ ڪرڻ کان پوءِ ته وڌ ۾ وڌ ملازم دفتر ۾ موجود هوندا جديد هٿيارن سان هٿياربند ڪجهه دهشت گرد دفتر ۾ داخل ٿين ٿا ۽ اتي موجود سيني ڄڻن کي گولين سان پچي ڌڪاءُ سان پريل شهر ۾ نامعلوم جي ڏنڌ ۾ گم ٿي وڃن ٿا. فادر آرنلڊ ان وقت ملڪ کان ٻاهر هو جڏهين ته رحيم بخش آزاد ان واقعي کان ڪجهه وقت پوءِ دفتر پهچي ٿو ۽ واقعي جي اطلاع ٻاهر جي دنيا تائين پهچائي ٿو.. مارجي ويلن جي مائٽن ۽ ٻين انساني حقن جي تنظيمن احتجاج ۽ مظاهرن وغيره وسيلي حڪومت کان ان واقعي جي جاچ ۽ ان ۾ ملوث ماڻهن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ جي گهر ڪئي. ان وقت جيئن ته شهر ۾ اهڙا واقعا روز جو معمول هئا ۽ ٻي ڳالهه ته اهو عيسائين جي هڪ اين جي او جي ماڻهن سان ٿيو هو ان ڪري ان تي وڌيڪ توجهه نه ڏنو ويو ۽ اهو به ڄڻ شهر ۾ ٿيندڙ ٻين واقعن جيان نامعلوم جي ڏنڌ ۾ گم ٿي ويو.

ان کان پوءِ اداري جون سرگرميون ختم ٿي ويون ۽ ان جو دفتر بند ٿي ويو. بهرحال پنهنجي زندگي ۾ اداري پاران جيڪي قدر ۽ نوان لاڙا متعارف ڪرايا ويا ۽ ان جي ڪارڪنن پاران جنهن همت ۽ جرات جو مظاهرو ڪيو ويو اهو خاص طور تي ملڪ جي مذهبي ٿوراين لاءِ پاڻ کي ملڪ جي مک ڌارا سان ڳنڍڻ لاءِ هڪ سونهين مثل آهي. اداري جو نالو گهٽ ۾ گهٽ ملڪ جي جمهوريت پسندن جي يادگيرين ۾ هميشه جيئرو رهندو.

## 43

# آزاد بہ هليو ويو

آزاد گذاري ويو. هڪ ڊگهو عرصو بيمار رهڻ ڪانپوءِ هو هن دنيا مان هليو ويو. هو انهن ماڻهن مان هو جيڪي اهڙن وشال دريائن وانگر هوندا آهن جيڪي هڪ ڊگهي عرصي تائين آبادين ڪرڻ ۽ زرخيزي ۽ آسودگي ڦهلائڻ ڪانپوءِ سرسوتي جيان آب گم ۾ تبديل ٿي هڪ ڏند ڪٿا بڻجي ويندا آهن ۽ ماڻهن وٽ رڳو سندن قصا ۽ ڪهاڻيون ئي رهجي وينديون آهن. اسان جو دوست رحيم بخش آزاد جنهن کي نہ رڳو ڪراچي پر پوري ملڪ جي خاص طور تي ڪابي ڌر جي حلقن ۾ آزاد بلوچ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو پنهنجي ان بيماري جي عرصي ۾ شايد اهڙي ئي هڪ ڏند ڪٿا ٿي ويو هو. هن دنيا سان پنهنجو ناتو گهٽائي ڇڏيو هو پر سندس دوستن ڪيس هر طريقي سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. آزاد سان منهنجو تعلق جيتوڻيڪ سنڌي عوامي تحريڪ جي حوالي سان ٿيو پرپوءِ اهو هڪ ذاتي تعلق ۾ بدلجي ويو ۽ عوامي تحريڪ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ بہ اهو هلندو ۽ مضبوط ٿيندو آيو ۽ اخري وقت تائين اهو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري هو.

هوهڪ اهڙو شخص هو جنهن جو گهر ۽ جنهن جي دل ٻولي، نسل ۽ نظرئي جي تفريق ڪانسواءِ ڪن خاص ماڻهن لاءِ نہ پر سڀني لاءِ کليل هوندا هئا ۽ اهو سندس زندگي جي آخر وقت تائين رهيو. گهڻن جي لاءِ هو استاد هو ۽ گهڻا ڪيس پنهنجي پيءُ جيان سمجهندا هئا. ڪيس گهڻن ماڻهن جيان زندگي جي ڪنهن هڪ خاني ۾ بند ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي ۽ سندس شخصيت بہ اهڙي نہ هئي جو رڳو هڪ خاني ۾ سمائجي سگهي. اهو چوڻ تہ سندس واسطو رڳو سياست سان رهيو اڌوري ڳالهہ ٿيندي. هڪ ئي وقت ۾ ساڻس ملڻ وارن ۾ مختلف موضوعن ۽ شعبن سان دلچسپي رکندڙ دوست موجود هوندا هئا ۽ هو انهن سڀني سان منهن ڏيندو هو ۽ ڪين مطمئن ڪندو هو. سندس دوستن ۾ سياست سان گڏ ادب، ميوزڪ ۽ ڊانس سان واسطو رکندڙ ماڻهو بہ شامل هئا جن کي انهن شعبن متعلق چڱي خاصي ڄاڻ هئي. آزاد وٽ پاڻ سنو ميوزڪ سسٽم ۽ گيتن ۽ ڪتابن جو چڱو ذخيرو موجود هوندو هو جيڪو سندس بينڪ ۾ هوندو هو، جتي دوستن سان ڪچهري ٿيندي هئي. انهن سڀني شين مان سڀ دوست فائدو حاصل ڪندا هئا ۽ هو پاڻ ان ڳالهہ جي همت افزائي ڪندو هو. ڪتابن سان گڏوگڏ آئون ڪانئس ڊرامن ۽ فلمن جون ڪيسٽون پڻ وٺي ويندو هوس. مون اهو ڏٺو تہ ڪيس دوستن کي اهي شيون ڏيندي خوشي ٿيندي هئي ۽ هو ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪندو هو تہ انهن مان گهڻيون شيون موٽن ٿيون. ڪانئس ورتل ڪجهہ ڪتاب شايد مون وٽ اڃا بہ موجود آهن. ان وقت جڏهين ضياءالحق جي دور ۾ پاڪستان متعلق گهڻن ڪتابن تي بندش هوندي هئي تہ اهي ڪتاب يا انهن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون آزاد وٽان ملي وينديون هيون جيڪي ڪيس پرڏيهہ ۾ رهندڙ سندس دوست ڪنهن ريت موڪليندا هئا.

آزاد لاءِ اهو چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ سندس واسطو ڪابي ڌر ۽ سنڌي ۽ بلوچ قوم پرست سياست سان هو. پر ڪيس ڪنهن هڪ خاص سياسي جماعت سان جوڙي نہ ٿو سگهجي. ان سلسلي ۾ مٿس تنقيد بہ ٿيندي هئي پر هو ان جي پرواهہ نہ ڪندو هو ۽ ڪلي ڳالهہ ٽاري ڇڏيندو هو. لالا لعل بخش رند ۽ يوسف نسڪندي سندس ويجها دوست هوندا هئا ۽ سندس ان روئي تي سندس سرزنش بہ ڪندا هئا پر اهي ساڳي وقت ساڻس هڪ ويجهڙائي ۽ قربت بہ رکندا هئا. هو انهن سيني کي ٻڌندو هو پرِ پنهنجي ورتاءَ لاءِ ڪنهن جواز ۽ دليل ڏيڻ جي بجائي بس هڪ زوردار ٺهڪ ان جو جواب هوندوهو. اهو نہ هو تہ سندس مقصد پنهنجي ان ورتاءَ مان ڪي ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ هو بس اها سندس طبيعت هئي ۽ شايد ان ڪري ئي ڪيس آزاد چيو ويندو هو. سندس پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۽ خاص طور تي لياري جي اسمبلي ميمبرن ۽ وزيرن ستار گبول، رحيم بلوچ ۽ ٻين اڳواڻن سان ذاتي ناتا هوندا هئا ۽ وٽس ڪانئن فائدا حاصل ڪرڻ جا گهڻا موقعا هئا، جنهن جي لاءِ ڪيس چيو بہ ويندو هو پر هن نہ پاڻ کي پابند ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ نہ ئي پنهنجي برابري واري حيثيت تي ڪو ڪمپرومائز ڪرڻ لاءِ تيار هو. هو آخر وقت تائين سنگولين جي ساڳئي گهر ۽ ساڳئي پاڙي ۾ رهيو ۽ ساڳئي طريقي سان پنهنجي زندگي گذاريندو رهيو. ساڳي وقت هو سنڌي عوامي تحريڪ سان بہ لاڳاپيل هو ۽ ڪراچي ۾ ان جي تنظيم ۾ هڙان ۽ وڙان نہ گهٽائيندو هو. بي ايس او عوامي ۽ بلوچ ادبي تنظيمن جا دوست بہ مختلف معاملن ۽ ڪراچي ۾ رابطن لاءِ ساڻس رابطي ۾ هوندا هئا. لياري ۾ سنڌي ادبي سنگت کي متحرڪ ڪرڻ ۾ سندس اهم ڪردار هو. هن ان جي لاءِ پهرين مولوي عثمان پارڪ جي لائبريري ۽ پوءِ چاڪيواڙي ۾ فٽ بال هائوس ۾ گڏجاڻين لاءِ جاءِ جو بندوبست ڪيو ۽ پاڻ بہ ۽ انهن گڏجاڻين ۾ باقاعدي شرڪت ڪندو هو. هر وقت متحرڪ شخص جيڪو ڪنهن بہ عوامي ۽ انساني حقن جي تحريڪ ۾ شامل هئڻ لاءِ تيار هوندو هو.

بلوچستان ۾ جڏهين ذڪري فرقي خلاف مذهبي جماعتن هڪ مهم شروع ڪري ڪين هراسان ڪرڻ شروع ڪيو تہ آزاد جڻ ان سڃي ناانصافي خلاف هڪ اڳواڻ جي طور تي سامهون آيو ۽ هن سڃي ڪراچي ۾ جلسن، جلوسن، پريس ڪانفرنسن ۽ مختلف سياسي، سماجي ۽ انساني حقن جي اڳواڻن سان ملاقاتن وسيلي ان مسئلي کي نروار ڪيو ۽ گهڻي حد تائين مذهبي جماعتن جي دٻاءَ کي گهٽائڻ ۾ ڪامياب ويو.

لياري جي حوالي سان آزاد کي هڪ حوالو سمجهيو ويندو هو. ان جو اندازو مون کي ساڻس تعلق جي شروع ۾ ئي ان وقت ٿيو جڏهين مون 1977 ۾ پي اين اي جي پٽو حڪومت خلاف تحريڪ وقت لياري جي سياسي صورتحال جي حوالي سان هڪ مضمون لکيو هو جيڪو عوامي تحريڪ جي ترجمان رسالي تحريڪ ۾ شائع ٿيو هو. ان مضمون جي سلسلي ۾ جيڪڏهين آئون ائين چوان تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ان ۾ جيڪڏهين آزاد جي مدد ۽ رايا شامل نہ هجن ها تہ اهو اڌورو رهجي وڃي ها. نہ رڳو ڪراچي پر پاڪستان ۽ پرڏيهہ جي صحافين کي بہ لياري جي مختلف سماجي ۽ سياسي

مسئلن جي حوالي سان ڪا اسٽوري ڪرڻي هوندي هئي ته ڪين آزاد سان رابطي ۾ اچڻ لاءِ چيو ويندو هو جيڪو ڪين مختلف ماڻهن سان ملائيندو ۽ مختلف علائقن ۾ وٺي ويندو هو. اهڙا حوالا ڪيترن انگريزي ۽ اڙدو رسالن ۽ اخبارن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. لياري جي حوالي سان خاص طور تي سندس ڄاڻ انسڪلوپيڊيائي هئي.

لڳندو ائين هو ته هو بس مڙد ميدان هو، جيڪو ڪتاب وغيره رکي ۽ دوستن کي ڏيئي بس پنهنجي علم دوستي ظاهر ڪندو هو. پر ائين نه هو. ساڻس مختلف موضوعن تي ڳالهائي سگهجي پيو. هو ساڳي وقت بلوچي، سنڌي ۽ اڙدو ۾ لکي سگهندو هو ۽ انهن جي شاعرن، ليکڪن ۽ ٻين اهم شخصيتن تي سير حاصل ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندو هو. منجهس مون هڪ خاص ڳالهه ڏٺي ته جڏهين ڪيس ڪنهن موضوع تي لکڻ لاءِ چيو ويندو هو ته اهو گهڻ ئي ٿيندو هو ته هو اڳواٽ ئي لکي اچي. پروگرام جي ڪاروائي شروع ٿيڻ کان ڪجهه وقت اڳ هو اتي پهچي هڪ پاسي تي ويهي رهندو هو۽ جيڪي ڪجهه ڪيس لکڻو هوندو هو اهو لکي وٺندو هو. اهو ساڳيو طريقو مون ڪنهن حد تائين فقير محمد لاشاري ۾ به ڏٺو هو.

آزاد جو اداره امن و انصاف، جنهن جو ملڪ جي ترقي پسندن سان ويجهو تعلق هو ۽ جنهن هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌي ادبي سنگت ڪراچي کي گڏجاڻين لاءِ پنهنجي جاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت به ڏني هئي، سان هڪ خاص تعلق هو. هو هڪ ڊگهي عرصي تائين اداري پاران اڙدو ۾ نڪرندڙ رسالي جفاڪش جو ايڊيٽر رهيو ۽ اداري جي مختلف سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺندو رهيو.

اها سندس خوش قسمتي هئي ته اداري تي جڏهين دهشت گردن جو حملو ٿيو جنهن ۾ اتي موجود سڀ ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا ان کان رڳو ڪجهه وقت پوءِ آزاد اتي پهتوهو جنهن ان سڄي ڪاروائي کان دنيا کي آگاه ڪيو. ان حملي کان پوءِ ادارو ۽ رسالو جفاڪش ٻيئي بند ٿي ويا ۽ حملو ڪندڙ ٻين گهڻن اهڙن حملن جيان نامعلوم جي ڏنڊ ۾ گم ٿي ويا.

لياري ۾ هئڻ وقت آزاد سان اڪثر ملاقات ٿيندي رهندي هئي. منهنجي گلشن حديد منتقل ٿيڻ کان پوءِ انهن ملاقاتن ۾ وقفو وڌي ويو. آزاد جو گهر پراڻي ڪنيار واڙي جي پاڙي سنگولين ۾ آهي جيڪو هڪ لحاظ کان ڄڻ گينگ وار جي مختلف گروهن جو ڳڙه رهيو آهي. ان ڪري لياري جي صورتحال جي خراب ٿيڻ کان پوءِ اهو رابطو ڄڻ ختم ئي ٿي ويو. بس شهر ۾ ٿيندڙ ڪنهن ادبي، سياسي ۽ ثقافتي پروگرام وغيره ۾ سرسري ملاقات ٿي ويندي هئي جيڪا وري ملڻ جي واعدي تي ختم ٿي ويندي هئي. پر پوءِ اهو سلسلو به ختم ٿي ويو. ڪجهه دوستن کان خبر پيئي ته آزاد پاڻ کي بلڪل گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. هو نه ته موبائل فون رکندوهو ۽ نه ئي گهڻن دوستن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ پسند ڪندو هو. ان جو هڪ ڪارڻ سندس صحت به ٿي سگهي پيئي. پرتازو هڪ گڏيل دوست کان اها خبر پيئي ته جڏهين سندس صحت نيڪ هئي تڏهين به هو پنهنجي گهر تائين ئي محدود ٿي ويو هو. هن دوست جو چوڻ

هو تہ آزاد جو ڏينهن شام چئين وڳي کان شروع ٿيندو هو ۽ پوءِ هو رات جو دير تائين جاڳندو رهندو هو جنهن دوران هو اڪثر سورنهن اخبار پڙهندو هو.

ان جي باوجود تہ پنهنجن آخري ڏينهن ۾ آزاد پاڻ کي پنهنجي صحت وغيره جي لحاظ کان پنهنجي گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو هو پرسندس دوست اجا بہ ٻاهرين دنيا سان رابطي لاءِ سندس ذريعو هئا. سني ڳالہ اها هئي تہ آزاد کي اڪيلو نہ ڇڏيو ويو هو. خاص طور تي سندس ٻار سندس جوڳي سار سنڀال لهندا هئا ۽ سندس ذاتي دوستن مان گهڻا آخر وقت تائين بہ ساڻس گڏ هئا.

## 44
# منهنجي امان

امان جي شخصيت جا گهڻا پاسا آهن. هو نانا جي پهرين زال جي پٽ محمد حسن کان ننڍي پر پنهنجي ماءُ جي انن ڏيئرن پٽن ۾ سڀ کان وڏي هئي. جيئن ان دور ۾ ٿيندو هو ته هو چوڏنهن پندرنهن سالن جي هئي ته سندس شادي ٿي ويئي. ساڳي ريت جيئن ته بابا پنهنجن پائرن پينرن ۾ سڀني کان وڏو هو، ان ڪري سندس حيثيت ان گهر جي وڏي ننهن جي پڻ هئي. هو گهر ۾ پنهنجن ننڍن ڏيرن ۽ نڻانئن سان پنهنجي ان وڏي هئڻ وارو ئي ورتاءُ ڪندي هئي.

جلد ئي، جيئن امان ٻڌائيندي هئي ته، آئون شايد اجا ٽن مهينن جو هوس ته نانا جي وفات ٿي ويئي. ننڍن پائرن پينرن جي ذميواري جيتوڻيڪ ناني پاڻ تي کنئين، پر ان ۾ جڻ امان به ساڻس شامل ٿي ويئي. مالي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ سڀني پائرن پينرن جي شادي وغيره ڪرائڻ ۾ هن هڪ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. هڪ لحاظ کان هو جڻ ته انهن سڀني جي ماء به هئي. سڀني کان ننڍي پيڻ کي هن پنهنجي گهر ۾ رهايو ۽ سندس پنهنجي ڌي وانگر پالنا ڪئي ۽ پنهنجي ننڍي ڏيرسان ان جي شادي ڪرايائين. هن وقت اسان پائرن پينرن لاء ان جي حيثيت ماسي کان وڌيڪ وڏي پيڻ جي آهي.

ڪراچي ۾ سو سالن کان وڌيڪ عرصي، جنهن دوران اسان جون اٽڪل چار پيڙهيون گذريون آهن، ۾ هتي رهڻ کان پوءِ به اسان ۾ گڏيل خاندان واري روايت اجا موجود آهي. منهنجي ڏاڏي جا سڀ پٽ بلڪ ان جون شادي واريون ڌيئرون به ان سان گڏ ئي رهنديون هيون. خاندان جي وڌڻ ۽ ٻارن جي وڏي ٿيڻ تائين اهو سلسلو هلندو رهيو ۽ پوء به اهي جڻ هڪ ٻئي جي ويجهو ئي هوندا هئا ۽ سڏ ۾ سڏ ڏيندا هئا. ان جو فائدو اهو ٿيندو هو ته جيڪي سوٽ وغيره هوندا هئا انهن جي پاڻ ۾ قربت هوندي هئي. اها ساڳي ڳالهه بابا جي خاندان ۾ به هئي. بابا جا سڀ پٽ شادي ۽ پنهنجن ٻارن جي وڏي ٿيڻ ڪانپوء ڪيترن سالن تائين گڏ رهيا ۽ هڪ ڪني ۾ ڪائيندا رهيا. جڏهين ڪنو ڌار ٿيو ۽ بابا ساڳي بلڊنگ ۾ سڀني کي پنهنجا ڌار فليٽ ناهي ڏنا ته به جڻ هڪ ٻئي سان گڏ ئي هوندا هئاسين.

آئون ننڍي هوندي کان جڻ امان سان گڏ هوندو هوس. ممڪن آهي ته اهو منهنجو ڪو عدم تحفظ جو مسئلو هجي جو آئون امان کان پري ٿيڻ نه چاهيندو هوس. جيڪڏهين هو گهر جو ڪم ڪندي هئي ته به آئون سندس پنن تي پيو هوندو هوس. منهنجي ڏاڏي پنهنجي سائيڪل ۾ اڳيان ننڍي سيٽ هڻائي ته جيئن ڪم جي وقت مون کي ٻاهر وجي گهمائي ڦيرائي. ساڳي ريت منهنجي چاچي مون کي اڪثر وٺي منا درڪان نوآباد پنهنجن مائٽن وٽ وٺي ويندي هئي ته جيئن امان ڪو سڪ جو ساه کڻي ۽ پنهنجو ڪم ڪار آرام سان ڪري سگهي. مون کي هلڪي يادگيري آهي ته امان جڏهين ويم لاء اسپتال ويندي هئي ته آئون ليبر روم جي ٻاهران وينو هوندو هوس.

امان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ ڏاڏي جي وڏيڪ ويجهو هوندي هئي. اسان جو اهو وڏو مامو ڪجهه عرصو گهر مان غائب رهيو هو. مون ڪيس ان وقت ڏٺو جڏهين آئون پنجين يا ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. هو خاص طور امان سان ملاقات لاءِ اسان جي نوآباد واري گهر ايندو هو جتي اسان پنهنجي ڏاڏي ۽ چاچن سان گڏ رهندا هئاسين. امان سندس خاص خيال رکندي هئي. ٿوري عرصي ڪانپوءِ ئي دل جي دوري پوڻ ڪري سندس وفات ٿي ويئي. اهو امان جي لاءِ وڏو صدمو هو. امان پنهنجي ڀاءُ جو نالو محمد حسن پنهنجي پٽ تي رکيو.

امان جي شخصيت جي اها خاص ڳالهه هوندي هئي ته هو سيني کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندي هئي. سندس اندر ساڙ، ڪينو ۽ حسد گهٽ هوندو هو. جيڪڏهين ڪيس ڪنهن کي ڪا ڳالهه چوڻي هوندي هئي ته ان کي منهن تي چئي ڇڏيندي هئي ۽ ڪو رک رکاءُ نه ڪندي هئي. ائين ٿيندو هو ته سندس ڀائر جيڪڏهين ڪنهن ڳالهه تان ساڻس جهيڙو ڪري ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي ويندا هئا ته اها ڳالهه اتي ئي ختم ٿي ويندي هئي ۽ وري جڏهين هو وٽس ايندا هئا ته انهن سان هو اها ساڳي سندن پراڻي وڏي ڀيڻ هوندي هئي. ڪڏهين پنهنجن پٽن مان جيڪڏهين ڪيس ڪا شڪايت هوندي هئي ته ان کي منهن تي چوندي هئي يا پنهنجي ڪنهن ٻئي پٽ سان اها ڳالهه ڪندي هئي پر اها ڳالهه اتي ئي ختم ٿي ويندي هئي. جيتوڻيڪ مون کي اندازو هو ته امان جو پنهنجين ننهن سان به ساڳيو ورتاءُ هوندو هو پر پوءِ به مون پڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي زال کان پڇيو ته امان توهان سيني سان ڪيئن هلندي هئي. هن ان ڳالهه جي پڪ ڪئي ته امان جو جيڪڏهين پنهنجي ڪنهن ننهن سان جهيڙو ٿيندو هو ته اهو بس وقتي هوندو هو ۽ ان کي گهڻي ديگهه نه ڏيي هئي. بلڪل جيئن ٻار پاڻ ۾ وڙهندا آهن ۽ وري ٿوري دير ڪانپوءِ پاڻ ۾ راند پيا ڪندا آهن اهو ساڳيو معاملو امان ۽ سندس ننهن جو هوندو هو. خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته نه امان پنهنجن پٽن ۽ مڙس سان پنهنجي ننهن جي شڪايت ڪندي هئي ۽ نه ئي ننهنون پنهنجن مڙسن سان امان جي شڪايت ڪنديون هيون. گهر جي مڙدن کي خاص طور اهو چيو ويندو هو ته اهي اسان عورتن جا معاملا آهن اوهان ان ۾ وچ ۾ نه پئو ۽ واقعي اسان ماٺ ڪيو وينا هوندا هئاسين.

امان وٽ هميشه محفل متل هوندي هئي. امان جون ڪجهه ڏيرياڻيون، جيڪي ساڳئي گهر ۾ رهنديون هيون، وٽس وينيون هونديون هيون. سندس ڀيڻون ۽ ڀاڄايون، جيڪي ويجهو ئي رهنديون هيون، اڪثر وٽس اينديون هيون. پاڙي جون عورتون، جن مان گهڻن سان ويجهي يا پري جي مائٽي هوندي هئي، اهي به اينديون هيون. انهن مان ڪي حقو پيون ڇڪينديون هيون، ڪي ان جو ٽانڊو ۽ تماڪ وغيره پيون ٺاهينديون هيون ۽ ڪي گهر جي ڪم ۾ هٿ پيون ونڊائينديون هيون. اهو سلسلو رات جو دير تائين پيو هلندو هو. ڪڏهين ڪڏهين حب جي ويجهو لڪين مان امان جي ناناڻن مان امان جون ماسيون، ماما ۽ انهن جا ٻار به ايندا هئا. امان انهن ماڻهن مان هئي جن جي شخصيت ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي پوءِ ڀلي انهن مان ڪين ڪو مالي فائدو

حاصل نہ ٿئي. پيار ۽ قرب سان گڏوگڏ هو پنهنجي حال سارو ضرورت مندن جي مدد پڻ ڪندي هئي جن مان ڪن جي اسان کي خبر پوندي هئي ۽ ڪن جي نہ پوندي هئي.

ڪنهن بہ ماءُ لاءِ اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ هن جي ڪنهن سان گهٽ ۽ ڪنهن سان وڌيڪ محبت هوندي آهي. ساڳي ڳالهہ امان لاءِ بہ ڪري سگهجي ٿي. منهنجي هميشہ اها ڪوشش هوندي هئي تہ اهڙو ڪجهہ ڪيان جو امان جي وڌيڪ ويجهو ٿي سگهان پر اهو لڳندو هو تہ مون کي اجا وڌيڪ ويجهي ٿيڻ جي ضرورت هئي. امان جي ٻن ٻارن جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ حميد ڄائو هو. ان ڪري امان جي ان سان وڌيڪ دل هوندي هئي. شايد ان ڪري آئون پاڻ کي ٿورو پري محسوس ڪندو هوس. حميد پنهنجي طبيعت ۽ عادتن ۾ اسان ڀائرن کان گهڻو مختلف هوندو هو. هو پنهنجن ڀائرن ڀينرن سان محبت ڪندو هو پر ساڳي وقت هڪ آزاد طبيعت ماڻهو هوندو هو. امان ڪڏهين ساڻس ناراض بہ ٿيندي هئي ۽ سندس شڪايت ڪندي هئي پر ان سان سندس ويجهڙائي ۽ محبت ۾ ڪو فرق نہ آيو هو. سندس اوچتي وفات امان لاءِ واقعي هڪ وڏو صدمو هو. هو هيٺ گهر۾ ئي ٿهيل منهنجي وڏي ڀاءُ جي وڪيل واري آفيس ۾ وِيٺو هو. گهر جي ٻارن سان ڪيس خاص انس هوندو هو. ان مهل ئي ڪجهہ ٻار ڪانئس شين وٺڻ لاءِ ڪجهہ پئسا وٺي ويا هئا. اتيڪ ٿيڻ مهل هو پنهنجي ڪرسي تي ويٺو هو ۽ سگريٽ سندس هٿ ۾ هو.

امان 25 دسمبر 2008 تي گذاري ويئي. اهڙي ريت سندس وفات کي ٻارنهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. هو اٽڪل ڏيڍ مهينو لياقت نيشنل هسپتال جي آئي سي يو ۾ بيهوشي جي حالت ۾ هئي. سندس ان بيهوشي جي حالت ۾ وڃڻ کان بہ ٽي ڪلاڪ اڳ آئون ساڻس ملي آيو هوس ۽ ان وقت هو بلڪل نارمل حالت ۾ هئي. ان متعلق آئون گهڻو ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان پر شايد ڪيس پنهنجي طبيعت جو اندازو هو. آئون هڪ ڏينهن اڳ لاهور کان موٽيو هوس ۽ منهنجو ارادو ان ڏينهن امان سان ملڻ لاءِ وڃڻ جو نہ هو پر هن اڳ ئي گهر فون ڪري منهنجي زال کي چيو هو تہ رئوف کي چئوتہ مون سان ملي وڃي. پوءِ مون کي لڳو تہ آئون ساڻس جيڪڏهين ان ڏينهن ملڻ نہ وڃان ها تہ اهو پڇتاءُ سڄي زندگي رهي ها. آئون سمجهان ٿو تہ ڪيس منهنجي وڏي ڀاءُ حميد، جيڪو سندس گهڻو ويجهو هوندو هو جي سال کن اڳ وفات جو وڏو صدمو رسيو هو ۽ هر وقت ان کي ياد ڪندي رهندي هئي. گهر وارا ٻڌائين ٿا تہ هو ان ڏينهن يا هڪ ڏينهن اڳ گهر جي ٻاهران دڪي جي وڃي ويٺي هئي تہ هاڻي حميد ايندو. شايد هو وڌيڪ ان حالت کي سهي نہ سگهي ۽ هڪ ڊگهي بيهوشي واري حالت ۾ هلي ويئي. وفات وقت سندس عمر اسي سال کن هئي.

بابا آڪٽوبر 1994 ۾ گذاري ويو هو پر امان جي گهٽتائي ان ڪري بہ وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي تہ اسان سڀ ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ هو هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ جو مرڪز هئي. ننڍي وڏي ڏينهن اسان گهڻو ڪري وٽس گڏ ٿيندا هئاسين. ان ڪانسواءِ جيڪڏهين

وٽس وڃڻ تي ڀين پائرن پينرن سان ملاقات نہ ٿيندي هئي تہ بہ هو انهن سڀني جو حال احوال ٻڌائيندي هئي. هڪ لحاظ کان هن جڻ سڀني کي ڳنڍي رکيو هو. سندس گذاري وڃڻ کانپوءِ جڻ هر ڪو پنهنجي ليکي ٿي ويو آهي. پائرن پينرن جي ملاقاتن ۽ حال احوال ۾ اها باقاعدگي ناهي رهي. بس ڪڏهين ڪنهن تقريب ۾ ملاقات ٿي ويئي يا فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي ويئي. باقي هرڪو پنهنجي زندگي جي خفن ۾ لڳو پيو آهي. اها رڳو چوڻ جي ڳالهہ نہ پر حقيقت آهي تہ ماءُ اولاد کي گڏ رکڻ جو هڪ ذريعو هوندي آهي. سندس پيار ۽ سندس ياد هميشہ اسان سان گڏ رهندي.

45

# منهنجو بابا

منهنجي بابا جو نالو محمد حسين هو. هو پنهنجي پيءُ مستري محمود ۽ ماءُ ساران جي ست ڏيئرن ۽ پٽن ۾ سڀ کان وڏو هو. بابا جيتوڻيڪ ڪنهن اسڪول ۾ باقاعدي تعليم حاصل نہ ڪئي هئي، پر هو پنهنجو گهربل حساب ڪتاب ڪري ويندو هو ۽ اخبار باقاعدي پڙهندو هو. اهڙي ريت منهنجو ڏاڏو بہ گورمکي ۾ پنهنجو ننڍو وڏو حساب ڪتاب ڪري ويندو هو. ان جو ڪارڻ شايد اهو هو تہ منهنجي ڏاڏا جو اجان پنهنجي ڳوٺ کهڙا سان سڌو سنئون رابطو هو. اتي سندس هڪ ڀاءُ ۽ ڀيا مائٽ رهندا هئا. ان ڪري هن پنهنجي وڏي پٽ کي اتي قرآن شريف حفظ ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. کهڙا جا مخدوم علم ۽ ادب سان پنهنجي تعلق لاءِ مشهور آهن ۽ ان سلسلي کي اجا تائين هلائيندا اچن. منهنجو پنهنجي شعوري عمر کي پهچڻ ڪانپوءِ کهڙا بس ائين هنگامي طور تي ئي وڃڻ ٿيندو آهي ۽ آئون ڪڏهين ساڻن لهہ وچڙہ ۾ نہ اچي سگهيو آهيان. تازو هڪ دوست سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ لائبريرين متعلق ڳالهہ ٻولهہ پئي ٿي تہ هن خاص طور ڪنديارو ۽ کهڙا جي مخدومن جي لائبريرين جو ذڪر ڪيو. بهرحال بابا قرآن مجيد پورو حفظ نہ ڪري سگهيو ۽ ڪراچي موٽي آيو. هتي هو ڏاڏا سان سندس رازڪي ڪم ۾ شامل ٿي ويو. بابا وٽ جنگ اخبار روز سندس دوڪان تي ايندي هئي. اسان انتظار ۾ هوندا هئاسين جيسين شام جو بابا اها اخبار گهرنہ کڻي اچي. منهنجي لاءِ ان اخبار ۾ خاص ڳالهہ ٽارزن جي قسطوار ڪهاڻي هوندي هئي. ساڳي ريت منهنجي هڪ چاچا وٽ حريت اخبار ايندي هئي، جنهن ۾ فينٽم جي قسطوار ڪهاڻي ايندي هئي. هلال پاڪستان جڏهين ڪراچي مان شائع ٿيڻ لڳي تہ بابا جنگ اخبار بند ڪري هلال شروع ڪئي ۽ اهڙي ريت اسان جو سنڌي صحافت، ادب ۽ سنڌي ليکڪن سان تعارف ٿيو ۽ اسان جڻ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿياسين.

ڏاڏا پنهنجن ٻن ننڍن پٽن جي پهرين شادي پنهنجي ڀيڻ جي ڌيئرن سان ڪرائي هئي پر بابا جي شادي ڪراچي جي سنڌي ميمڻن، جيڪي گهڻي عرصي کان ڪراچي ۾ رهيل هئا، مان ڪرائي. بابا گهڻو عرصو ڏاڏا سان گڏ ڪم ڪندو رهيو ۽ پوءِ هن پنهنجو ڌار ڪم شروع ڪيو. هو شهر جي مختلف علائقن ۾ گهرن ٺاهڻ جو ڪم ڪندو هو. اها واقعي بابا جي هوائي روزي هوندي هئي. جيڪڏهين ڪم هلندڙ هوندا هئا تہ هرڪو اطمينان ۽ سڪون سان هوندو هو پر ڪڏهين ائين بہ ٿيندو هو تہ ڪجهہ وقت لاءِ جيڪڏهين ڪم نہ هوندو هو تہ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو هو. پر بابا ۽ امان گڏجي ان صورتحال کي منهن ڏيندا هئا ۽ پنهنجن ٻارن کي اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏيندا هئا.

جيتوڻيڪ بابا ۽ ڏاڏا نمازروزي جي پابندي ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا. پر گهر جو ماحول سخت مذهبي نہ هوندو هو. بابا پاران ان سلسلي ۾ پنهنجن ٻارن تي

ڪا سختي ۽ پابندي نہ هوندي هئي. ٻي ڳالهہ تہ بابا کي پنهنجن ٻارن تي اعتماد هوندو هو ۽ هن ماڻهن جي چوڻ جي باوجود ڪڏهين پنهنجن ٻارن کي شڪ جي نگاهہ سان نہ ڏٺو. اهڙي ريت مون سميت اسان ڪجهہ ڀائر سياسي ۽ ادبي سرگرمين جو حصو ٿياسين، جنهن جي بابا ۽ سيني گهر وارن کي ڄاڻ هوندي هئي. بلڪ ائين بہ ٿيندو هو تہ شاگرد تنظيمن وغيره جون گڏجاڻيون بہ بہ ڏينهن لاڳيتو اسان جي گهر ۾ پيون هلنديون هيون. گهڻن دوستن جو گهر اچڻ وڃڻ هوندو هو ۽ ڪي دوست رات بہ رهي پوندا هئا. نہ رڳو اهو تہ ان ڳالهہ تي ڪو اعتراض نہ ڪيو ويندو هو، پرانهن جي کاڌي پيتي، چانهن ۽ آرام وغيره جو خيال رکيو ويندو هو. بابا کي اها خبر هوندي هئي تہ هي ڪو خراب ڪم نہ پيا ڪن.

اهڙو وقت گهٽ ئي ايندو هو تہ بابا پنهنجي ڪنهن ٻار تي هٿ کنيو هجي. جيتوڻيڪ هو اسان سان پنهنجي پيار ۽ شفقت جو اظهار گهٽ ئي ڪندو هو پر اها ڳالهہ سندس رويي مان ظاهر هوندي هئي. اڪثر اسان مان ڪنهن کي بہ جيڪڏهين پنهنجي ڪم تان موٽڻ ۾ معمول کان وڌيڪ دير ٿي ويندي هئي ۽ اسان اڳ ان جو اطلاع نہ ڏنو هوندو هو تہ هو جڻ انتظار ۾ وينو هوندو هو ۽ گهر پهچڻ تي رڳو ايترو چوندو هو تہ بابا گهٽ ۾ گهٽ هڪ فون تہ ڪري ڇڏيو تہ دير ٿي ويندي. ان وقت اها ڳالهہ اسان کي گهٽ سمجهہ ۾ ايندي هئي پر هاڻي جڏهين پاڻ ٻارن ٻچن وارا آهيون تہ اهو وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو. ڏاڏا جي وفات کانپوءِ سندس پٽن ۽ ڌيئرن ۾ ملڪيت جي ورهاست جي ڪري اسان کي نوآباد وارو گهر ڇڏڻو هو. منهنجي ٻن وڏن ڀائرن بابا کي شهر جي ڪنهن ٻري علائقي ۾ گهر وٺڻ جي صلاح ڏني پر بابا اهو چئي ان کي قبول نہ ڪيو تہ ان سان اوهان جي ننڍن ڀائرن، جن وٽ پنهنجي سواري ناهي، پنهنجن ڪمن ڪارين تي اچ وڃ ۾ تڪليف ٿيندي. اهو سوچي بابا ويجهو ئي بغدادي ۾ جاءِ ورتي جتي اسان 1980 ۾ وڃي رهياسين. ساڳي ريت جڏهين مون گلشن حديد ۾ گهر جي ڳولها پئي ڪئي تہ بابا مون کي چيو تہ اهو ٻري جو علائقو آهي ۽ توکي آفيس ۽ ٻارن کي اسڪول وغيره وڃڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. اهڙي ريت بابا جي حياتي ۾ مون گلشن حديد ۾ گهر نہ ورتو.

بابا جي هوندي تہ پنهنجي ليکي گهڻي واقفيت هوندي هئي پر سندس بہ ويجها دوست خميسو، جنهن کي سڀيئي ڪمون چوندا هئا، ۽ ٻيو ساهو، جنهن جي سچي نالي جي مون کي ڄاڻ ناهي هوندا هئا. خميسو بابا جو پارٽنر هو ۽ اهي ٻيئي گڏجي بنگلن وغيره جي ناهڻ جا ٺيڪا وٺندا هئا، جڏهين تہ ساهو درزڪو ڪم ڪندو هو. بابا ۽ چاچا ڪمون جو ڪارادر ۾ پنج نمبر ٽانڪي وٽ اثنا عشري جماعت خاني جي ويجهو دوڪان هوندو هو، جتي شام جو ڪم کان موٽڻ کانپوءِ بابا ۽ چاچا خميسو ويهندا هئا ۽ ڏينهن جي ڪم ڪار جو جائزو وٺندا هئا. ڏينهن ۾ هتي چاچا خميسي جا پٽ ۽ پاءُ ويهندا هئا جيڪي پلمبر جو ڪم ڪندا هئا. اسڪول جي موڪلن دوران آئون بہ ڪڏهين ڪڏهين ان دوڪان تي وڃي ويهندو هوس. ڪجهہ عرصي کانپوءِ پر ۾

امام بارگاه جي توسيع وغيره جو ڪم هلندڙ هو ۽ ان لاءِ شايد انهن کي ان دوڪان ۽ بين جاين وغيره جي ضرورت هئي. اهڙي ريت اهو دوڪان بابا وارن انهن کي ڏيئي ڇڏيو.

بابا جي ٻئي دوست ساهو جو ڪاغذي بازار جي وچ ۾ درزي جو دوڪان هو. بابا پنهنجا ۽ پنهنجن پٽن جا ڪپڙا ان کان ئي سبرائيندو هو. ڪپڙو به هو پاڻ ئي وٺندو هو. انهن مان اسان کنهن به ٻاءُ جي پسند شامل نه هوندي هئي. بس رڳو ائين ڪرڻو پوندو هو ته عيد وغيره جي موقعي تي اتي وڃي ڪپڙن جو ماپ ڏيڻو پوندو هو. ان سلسلي ۾ خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته چاچا سيني جو هڪجهڙو ئي ڪپڙو وٺندو هو. عيد نماز تي جڏهين اسان سڀ ڀائر ۽ بابا هڪجهڙا ڪپڙا پائي نڪرندا هئاسين ته اهو مائٽن ۽ پاڙي وارن لاءِ ڇڻ هڪ نظارو هوندو هو. بابا جي انهن ٻنهي دوستن جي بابا کان اڳ وفات تي ۽ اهڙي ريت اهو سلسلو به ختم ٿي ويو. ساڳي ريت اسان جي هڪ پري جي چاچا جو جهونا مارڪيٽ ۾ جوتن جو دوڪان هوندو هو. رڳو اتي وڃي بوٽ وغيره پسند ڪري وٺڻو پوندو هو جڏهين ته پئسن جو حساب ڪتاب بابا پاڻ ڪندو هو.

اسان جي ڏاڏا جي اها خاصيت هوندي هئي ته هڪ ته هو کنهن جي به قرض واپس ڪرڻ ۾ ڪا هير ڦير ۽ آنا ڪاني نه ڪندو هو ۽ ٻيو ته جيڪڏهين ڪنهن وٽ سندس پنهنجا پئسا هوندا هئا ته هو ان تي پئسن جي واپسي لاءِ ڪا زور زبردستي نه ڪندو هو. مون کي ياد ٿو پئي ته ڪنهن ماڻهو وٽ ڏاڏا جا پئسا هئا جنهن ڳالهه جي مون کي خبر هئي. مون ڏاڏا کي چيو ته اوهان ان کان پئسا ڇو نه ٿا وٺو ته ڏاڏا جو اهو جواب هو ته بابا پلي هو پنهنجو پيٽ گهاٽو ڪري، اسان کي پاڻيئي الله سائين ڏيندو. اهڙي ريت بابا تي ڪجهه ماڻهن جا پئسا رهيل هئا. پنهنجي وفات کان ٿورو اڳ بابا اسان کي ٻڌايو ته فلاڻن ماڻهن جو مون تي ايترو قرض آهي ۽ هاڻي اهي ماڻهو ته هن دنيا ۾ ناهن پر اوهان کي منهنجي جيئري يا وفات کانپوءِ انهن جي اولاد کي اهو قرض واپس ڪرڻو آهي. بابا جي وفات کانپوءِ جڏهين اسان انهن ماڻهن سان اهو ذڪر ڪيو ته انهن کي ان ڳالهه جي ڄاڻ ئي نه هئي ۽ اسان انهن کي بابا جي چوڻ موجب اها رقم واپس ڪئي. اهڙي ريت ڏاڏا ۽ بابا هڪ توڪل واري زندگي گذاري. آئون سمجهان ٿو ته بابا جون اهي ڳالهيون جيڪڏهين سيني نه ته سندس ڪجهه پٽن ۾ آهن.

اسان جي سنڌي مومن جماعت تمام گهڻو عرصو اڳ هڪ هائوسنگ سوسائٽي رجسٽرڊ ڪرائي. اسڪيم 33 ۾ پنهنجن ميمبرن جي لاءِ پلاٽ ورتو هو ۽ ان کي دلچسپي رکندڙ ميمبرن ۾ قيمتن ورهايو هو. ان وقت اسان ڪجهه ڀائر پنهنجين نوڪرين ۽ روزگار سان لڳل هئاسين. اهڙي ريت بابا پاڻ به پلاٽ ورتو ۽ سندس چوڻ تي اسان به ورتو. پر ڪجهه وقت کانپوءِ بابا کي ڪجهه پئسن جي ضرورت پيئي ۽ اسان کي اهي پلاٽ وڪڻڻ لاءِ چيائين. اسان ڪاغذ سندس حوالي ڪيا ۽ ائين اهي پلاٽ وڪجي ويا. بابا خاص طور پنهنجن پٽن کي چوندو هو ته مون اوهان لاءِ گهر وغيره ڪيو آهي، باقي پنهنجن ٻارن جو پاڻ بندوبست ڪيو. اها حقيقت آهي ته بابا جي وفات

تائين اسان وٽ هڪ ئي گهر هو، جنهن ۾ اسان سڀ گڏ رهندا هئاسين. جيستائين منهنجي علم ۾ آهي ته هن وقت به اسان ڀائرن وٽ هڪ هڪ ئي گهر آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجن ٻارن سان گڏ رهندا آهيون. منهنجو وڏو ڀاءُ جيڪو گهڻا سال سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايڊيشنل سيشن جج رهيو پر رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ هو اجا پنهنجي وڪالت ڪندو آهي ۽ وچولي طبقي جي علائقي ۾ هڪ عام گهر ۾ رهندو آهي ۽ معمول جي زندگي گذاريندو آهي. گهڻن ماڻهن لاء اها ڳالهه حيرت جوڳي آهي ته ڪراچي ۾ ايترو ڊگهو عرصو رهندي، اسان جو خاندان ڪا گهڻي ملڪيت نه ناهي سگهيو. پر اسان جي لاءِ اها ڪا حيرت جي ڳالهه ناهي. اسان پنهنجي ليکي هڪ مطمئن ۽ معمول جي زندگي گذاريون ٿا، جيڪا اسان لاءِ وڏي دولت آهي.

آڪٽوبر1994 ۾ ٿورو عرصو بيمار رهڻ ڪانپوء بابا گذاري ويو. سندس چڱايون ۽ نيڪي اسان لاء هڪ ورثو آهي.

# 46
# اياز ۽ سنگت ڪراچي

شيخ اياز هڪ شخص، هڪ شاعر ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ ڪٿي ڪيترو به متضاد ڇو نه رهيو هجي پر سندس سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌي شاعري ۾ هڪ منفرد حيثيت آهي جنهن کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. اياز لاءِ اهو به چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌ جي ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو نه پرمجموعي طور تي سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌ جي ماڻهن جو شاعر هو. ون يونٽ جي ٽٽڻ، بنگلاديش جي نهڻ ۽ ڀٽو فيڪٽر جي سنڌ جي سياست ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ اها تحريڪ پاڻ انتشار جو شڪار ٿي مختلف جماعتن ۾ ورهائجي ويئي. ان صورتحال ۾ اياز سميت گهڻن سنڌي اديبن لاءِ پاڻ کي ڪنهن هڪ سياسي جماعت ۽ ڏڙي تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ ساڳي وقت قومي تحريڪ جو حصو هئڻ جي دعوا ڪرڻ عبث هو.

سنڌ جي هن شاعر ساڳي وقت عزت، مان ۽ مشهوري به ماڻي هئي ته روپوشي ۽ جيل جون سختيون به سٺيون هيون. سندس قد ڪاٺ کي وڌائڻ ۾ ان ادبي پورهئي سان گڏوگڏ سندس ان سياسي ڪردار کي ڪنهن به صورت ۾ نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. جڏهين ڪيس تنقيد جو نشانو بڻايو ويو ته سندس شاعري گهٽ بحث هيٺ هئي پر سندس نقادن هڪ ته سندس ذات کي نشانو بڻايو ۽ ٻيو ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هن وائس چانسلر ٿي مصلحت کان ڪم ورتو هو. شاعري کان وڌيڪ سندس وائس چانسلر واري حيثيت ۽ سندس شخصيت جي مختلف پاسن جي ڪري ڪيس گهڻن دشمنن ۽ دوستن جي تنقيد جو نشانو بڻجڻو پيو هو.

اها حقيقت آهي ته وائس چانسلر ٿيڻ کان پوءِ اياز جو سرگرم سياسي ڪردار ختم ٿي ويو هو. پر منجهس جيڪو شاعر هو اهو جيئرو هو. نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ به هو جڻ هڪ گمنامي واري صورت ۾ هليو ويو هو. پنهنجن ماڻهن جي رويي کان مايوس اهو شاعر جنهن جي شاعري سنڌ جي قومي ترانن جي صورت ۾ ڳائي ويندي هئي هاڻي معتوب هو ۽ سنڌ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ڪيس گهٽي پاڳي جڻ نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.

ان سڄي صورتحال ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جا دوست ان ڳالهه تي ويچار ڪري رهيا هئا ته سنڌي جا پراڻا اديب ۽ ليکڪ جن جو ماضي ۾ هڪ سرگرم ڪردار هو ۽ جن سنڌي ادب ۾ هڪ نالو پيدا ڪيو هو پر هاڻي اهي بلڪل خاموش هئا ۽ منجهائن گهڻن ته لکڻ ئي ڇڏي ڏنو هو انهن کي ساڻن مختلف پروگرام ڪري پاڻ سان گڏجي ۽ ڪين سرگرم ٿيڻ لاءِ وري هڪ اتساهه ڏجي. ان سلسلي ۾ اياز جو معاملو بلڪل ئي مختلف هو. اياز ادبي طور ۽ پنهنجين لکڻين جي لحاظ کان سرگرم پر محفلن ۽

عام ماڻهن کان ڪٽيل هو. هڪ اهڙي اڪيلائي جيڪا سنڌس پنهنجي چونڊ گهڻ پر مٿس مڙهيل گهٽي هئي. ان ڪري خاص طور تي اياز ڪي اڪيلائي جي ڏنڊ مان ڪڍي وري مک ڌارا ۾ آڻڻ جي ضرورت ڪي سيني دوستن پاران محسوس ڪيو ويو. اها رڳو اياز جي نہ پر سنڌ جي نئين ٿهي جي گهڻن ليکڪن ۽ ادب دوستن جي خواهش ۽ ضرورت هئي تہ اياز سان رابطي ۾ اچجي ۽ ساڻس منهن سامهون ويهي ڳالهائجي. سنگت لاءِ اهو ڪم سولو ان ڪري هو تہ ان وقت اياز سکر کان ڪراچي منتقل ٿي چڪو هو ۽ ڪلفٽن ۾ پنهنجي فليٽ ۾ هڪ خاموش زندگي گذاري رهيو هو. سراج بہ ڪراچي ۾ هو جڏهين تہ بشير موريائي، قمر شهباز ۽ تاجل بيوس وغيره جهڙا گهڻا سنڌي اديب نوڪرين سانگي ڪراچي ۾ ئي رهيل هئا. جيتوڻيڪ ان رڻا موجب وقت بوقت انهن سيني اديبن ڪي سنگت جي مختلف پروگرامن ۾ گهرايو ويو پر هتي خاص طور انهن ٽن پروگرامن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جن ۾ اياز شريڪ ٿيو هو يا جيڪي اياز سان ڪيا ويا هئا. انهن پروگرامن جي سلسلي ۾ اياز سان رابطي ۾ اچڻ کان پوءِ سنگت جي دوستن ڪي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ اياز پاڻ پنهنجي اڪيلائي مان نڪرڻ پيو چاهي تہ جيئن هو جيڪي ڪجهہ سوچي رهيو هو ۽ تخليقي لحاظ کان منجهس جيڪي تبديليون واقع ٿيون هيون انهن ڪي ماڻهن سان ونڊي سگهي. ان لاءِ کيس ڪنهن اهڙي وسيلي جي ضرورت هئي جيڪو ان سلسلي ۾ سنڌس مدد ڪري. کيس ان ڳالهہ جو احساس هو تہ کيس نظر انداز ڪيو پئي ويو ۽ سنڌ ۾ گهڻا ماڻهو سياسي ۽ ذاتي ڪارڻن جي ڪري کيس ڪا اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئا. جڏهين تہ سنگت ڪراچي پاران پنهنجي ليکي اهو فيصلو ڪيو ويو هو. رڳو اياز جي ڪري انهن پروگرامن کي جيڪا اهميت ملي ۽ ماڻهو جنهن وڏي تعداد ۾ انهن ۾ شريڪ ٿيا ان مان اها ڳالهہ ظاهر ٿي پئي تہ اياز جي شخصي ۽ سياسي حوالي سان مخالفت ڪندڙن کان سنڌس چاهيندڙن ۽ ساڻس محبت ڪندڙن جو تعداد گهڻو وڌيڪ هو.

ان سلسلي ۾ پهريون پروگرام 1986 جي سال ۾، جڏهين ڪراچي ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس بہ ٿي هئي، ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪيو ويو. ان وقت فقير محمد لاشاري ڪراچي سنگت جو سيڪريٽري هو ۽ بيدل مسروران پروگرام ۾ پنهنجن گيتن ذريعي اياز سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو هو. سنگت پريس ڪلب جي هال ۾ پريس ڪلب جي سهڪار سان پنهنجا ماهوار پروگرام ڪندي رهندي هئي ۽ هن پروگرام کي بہ معمول جو هڪ پروگرام سمجهي ئي ڪيو ويو هو.

پر ائين نہ هو. ان پروگرام ۾ ماڻهن جو ايڏو وڏو تعداد هو جو هال کان ٻاهر تائين ماڻهو بيٺا هئا پر ڪنهن بہ قسم جي بدنظمي پيدا نہ ٿي ۽ ماڻهن نهايت صبر ۽ تحمل سان اياز ۽ سنڌس گيتن کي ٻڌو. سنگت پاران ٻيو پروگرام رمپا پلازه جي اداره امن و انصاف جي هال ۾ سراج جي ناول مرڻ مون سين آ تي ڪرايل ورڪشاپ هو. ان وقت سنگت جو سيڪريٽري آئون هوس. ان جي صدارت اياز کان ڪرائي وئي

هئي جڏهين ته خاص مهمانن ۾ سراج ڪانسواء ان وقت سنڌ سنگت جو سيڪريٽري جنرل غلام حسين رنگريز هو.

سنگت جي روايتن موجب سراج جي ناول تي سير حاصل بحث ٿيو ۽ گهڻن مضمونن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو هو ته ناول ۾ جيڪي ڪردار آهن اهي حقيقي زندگي کان وڏيڪ ماورائي ٿا لڳن. پر اياز ان خيال جو هو ته غير معمولي حالتون غيرمعمولي ڪردارن کي جنم ڏينديون آهن ۽ ان ناول ۾ جيڪي ڪردار آهن اهي سنڌ جي تاريخ جي انهن غير معمولي حالتن جي ئي پيداوار آهن.

سنگت ان ڳالهه تي ويچارڻ شروع ڪيو هو ته اياز جي حوالي سان اهڙو پروگرام ترتيب ڏجي جيڪو اياز جي شايان شان هجي ۽ پنهنجي ليکي هڪ مثال بڻجي وڃي. ان وقت سنگت جو سيڪريٽري شاهه محمد پيرزادو هو پر پنهنجين پيشه ورانا مصروفيتن جي ڪري اسلام آباد ۾ هئڻ ڪري سنگت جا معاملا جان خاصخيلي، جيڪو ان وقت جوائنٽ سيڪريٽري هو، هلائيندو هو. ان سلسلي ۾ سنگت جي ڪاروباري ڪاميٽي جون گڏجاڻيون خدا بخش ابڙو ۽ عطيه دائود جي رفيق سينٽر صدر جي فليٽ ۾ ٿينديون هيون. ائين چئجي ته وڌاء نه ٿيندو ته پروگرام جي انتظام ڪرڻ ۾ خدا بخش جو هڪ اهم ڪردار هو جنهن جي ڪري سنگت ان پروگرام لاء مالي وسيلن وغيره جو بندوبست ڪري سگهي. اهو پروگرام ايف ٽي سي جي آڊيٽوريم ۾ ڪيو ويو هو. اها شايد اياز جي چڪ هئي جنهن جي ڪري هرماڻهو انهي پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ تي چاهيو. هونئن ادبي پروگرامن ۾ شرڪت لاء ماڻهن کي دعوتون ڏنيون وينديون آهن ۽ انهن کي باقاعدي ان لاء قائل ڪرڻو پوندو آهي. پر منهنجي ادبي زندگي جو اهو واحد پروگرام هو جنهن ۾ شرڪت لاء ڪارڊ ڏيکارڻ ضروري هو ۽ ماڻهن باقاعدي ان ڪارڊ حاصل ڪرڻ جي لاء سفارشون تي ڪرايون. ان وقت ڪراچي ۾ ادبي ۽ سياسي حوالي سان جيڪي نالي وارا ماڻهو موجود هئا انهن مان گهڻن پنهنجي ليکي ان پروگرام ۾ شرڪت ڪئي هئي. اياز تي مضمون پڙهندڙن ۾ فهميده رياض ۽ آئون شامل هئاسين.

اهڙي ريت اها ڳالهه ڪري سگهجي ٿي ته اياز سان ادبي ۽ نظرياتي حوالن سان پنهنجن اختلافن کي سامهون رکندي سنگت جي دوستن پاران سندس ادبي حيثيت کي تسليم ڪندي ڪيس اهو مان ۽ عزت ڏني تي ويئي جنهن جو هو حقدار هو. ڪراچي، جتي هن پنهنجن دوستن ۽ مخالفن جي جلهن ۽ تنقيد کان بچڻ لاء اچي پناه ورتي هئي سندس لاء نئين تخليقي جياپي ۽ اتساه جو سبب بڻجي ويئي جنهن ۾ ڪراچي سنگت ۽ ان جي دوستن جو هڪ اهم ڪردار هو.

## 47

# رسول بخش پليجو: جيئن مون ڏٺو

رسول بخش پليجو تازو اناسي سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. هن سياسي ۽ ادبي حوالي سان هڪ ڀرپور زندگي گذاري. پنهنجي تقرير ۽ تحرير جي حوالي سان سندس هڪ ڌار سڃاڻپ آهي. خاص طور تي سندس سياسي زندگي گهڻن لاهن چاڙهن جو شڪار رهي. اهڙن ماڻهن جي زندگي رڳو سندن انفرادي زندگي ناهي هوندي جنهن جو سندن ذات ۽ وڌ ۾ وڌ سندن خاندان سان واسطو هجي. انهن جو ڪم سماج جي هڪ وڏي حصي کي سندن زندگي ۾ ۽ ان ڪانپوءِ به گهڻي عرصي تائين متاثر ڪندو رهندو آهي. ان ڪري اهو ضروري هوندو آهي ته انهن جي شخصيت ۽ ڪم جو ممڪن حد تائين جائزو ونجي.

پليجو جي ادبي ڪم ڪهاڻين، شاعري ۽ تنقيد وغيره جي لحاظ کان سنڌ جي ترقي پسند ۽ قوم پرست حلقن ۾ گهڻو اختلاف ناهي. سندس زندگي جو اهم موضوع سندس سياست آهي، جيڪا سندس زندگي جي پڇاڙي تائين متنازعہ ۽ بحث جو موضوع رهي آهي. بنگلاديش جي ڌار ٿيڻ ۽ ون يونٽ ٽٽڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ ملڪي سطح جي سياست رڳو پاڪستان پيپلز پارٽي جي حد تائين موجود هئي جڏهين ته قوم پرستن پاڪستان سطح جي سياست کان ڌار ٿي رڳو سنڌ سطح تي سياست ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

جي ايم سيد جي جيئي سنڌ محاذ، پليجو جي سنڌي عوامي تحريڪ ۽ ٻين قوم پرست تنظيمن سان ان سلسلي جي شروعات ٿي. پليجي پنهنجي زندگي ۾ گهڻيون سياسي تنظيمون ۽ اتحاد ناهيا ۽ ٽوڙيا. سنڌي عوامي تحريڪ، جيڪا سندس ناهيل پهرين سياسي جماعت هئي، هڪ لحاظ کان مون جهڙن ان وقت جي نوجوانن کي ان ڪري متاثر ڪيو ته ان ۾ طبقاتي ۽ قوم پرست سياست کي گڏي هلائڻ جي ڳالھ ڪئي ويئي هئي. پارٽي جو رسالو تحريڪ ان سوچ جو ترجمان هو. ان رسالي ۾ ڇپجندڙ ايڊيٽوريل ۽ مضمونن کي پوءِ ترتيب ڏيئي مختلف ڪتابن جهڙوڪ صبوح ٿيندو، دراڙن جا ڏک ۽ واٽون ويھ ٿيون وغيره جي صورت ۾ ڇاپيو ويو. انهن ڪتابن ۾ نظرياتي مواد جي پيٽ ۾ ٻين جماعتن ۽ اڳواڻن تي تنقيد اهم موضوع آهن. ان تنقيد جا اهم موضوع جي ايم سيد، سندس سياست ۽ سندس جماعت جيئي سنڌ محاذ ۽ سويت يونين ڏانهن لاڙو رکندڙ ڪميونسٽ پارٽي هوندا هئا جنهن تي خاص طور تي مهاجرن جي قبضي جي حوالي سان تنقيد ٿيل هوندي هئي.

ان وقت ڪراچي ۾ عوامي تحريڪ جا ڪجھ دوست ڪم ڪندا هئا، جن ۾ اهم ڊاڪٽر فيروز احمد، رحيم بخش آزاد، قمر جماڻي، عيسيٰ بلوچ، امام بخش، سوز سمون ۽ عزيز بلوچ وغيره هئا. آئون سمجهان ٿو ته شايد منهنجو پارٽي سان پهريون

رابطو قمر جماڻي جي حوالي سان ٿيو جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ جو دوست هو ۽ سندس اسان جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ به هو. ان ڪانپوءِ ٻين دوستن سان رابطو ٿيو جنهن ۾ آزاد بلوچ سان وڏيڪ ويجهڙائپ ٿي ۽ هو ئي منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو ذريعو ٿيو. منهنجي سياسي مضمونن جي تحريڪ ۾ چپجڻ جي شروعات ٿي ۽ 1977 ۾ ڀٽو حڪومت خلاف پي اين اي جي تحريڪ جي پسمنظر ۾ لياري جي سياسي صورتحال جي حوالي سان پهريون مضمون شائع ٿيو.

هڪ نوجوان ۽ نئين سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ مون وٽ رڳو آدرش هئا. سياست جي ورن وڪڙن، پيچيدگين ۽ اهو ته پارٽي اندر مختلف اڳواڻن جي وچ ۾ ڇا ٿي رهيو هو ۽ ڪهڙا بحث هلي رهيا هئا ان جي مون کي گهٽي ڄاڻ نه هئي ۽ نه ئي پارٽي جي سينيئر اڳواڻن اهو مناسب ڄاتو ٿي ته هڪ جونيئر ڪارڪن جي حيثيت ۾ مون کي ان سڀڪجهه ۾ شامل ڪيو وڃي. منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ به پارٽي ۾ ٽوڙ ڦوڙ جو عمل جاري هو. پارٽي جنهن شاگرد تنظيم کي ناهڻ جي عمل ۾ هئي ان جو مجوزه اڳواڻ مولا بخش ڪوسو پنهنجي ساٿين ۽ ان نئين تنظيمي ڍانچي سان گڏ پارٽي کان ڌار ٿي ويو هو ۽ پارٽي کي نئين سر سنڌي شاگرد تحريڪ جي نالي سان نئين تنظيم جي جوڙجڪ ڪرڻي پيئي هئي. منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي ڪجهه ئي عرصي ڪانپوءِ ڊاڪٽر فيروز، آزاد بلوچ ۽ ڪراچي جي ٻين گهڻن ساٿين جي پارٽي کان ڌار ٿيڻ جي خبر منهنجي لاءِ ڪنهن جذباتي صدمي کان گهٽ نه هئي. ڌار ٿيندڙ دوستن ان سلسلي ۾ جيئن ته مون سان ڪو رابطو نه ڪيو هو ۽ نه مون کي پنهنجو موقف ٻڌايو هو ان ڪري آئون نه رڳو اجا تائين پارٽي ۾ هوس پر منهنجي اهميت رات وچ ۾ وڌي ويئي هئي. حمزو پليجو، جيڪو پوءِ ٺيڪيدار ۽ سينيٽر به ٿيو، ان وقت پي اين ايس سي ۾ ڪم ڪندو هو ۽ شاهراه فيصل تي چوٿا گيٽ وٽ ٽيليگراف جي ڪالوني ۾ رهندو هو. اٽڪل روزانو آئون آفيس مان سڌو حمزي جي آفيس ويندو هوس ۽ پوءِ اتان ٻيئي پارٽي جي مخلتف ڪمن جي حوالي سان شهر جي مختلف علائقن ڏانهن نڪري ويندا هئاسين. هڪ ڏينهن شام جو حمزو منهنجي نوآباد واري گهر اهو نياپو ڪٺي آيو ته ساٽي پليجو صاحب سپاٽي اوهان سان طارق روڊ تي ڪيفي لبرٽي ۾ ملڻ چاهي ٿو. مون پنهنجي لاءِ ان کي هڪ اعزاز سمجهيو ته پارٽي جو اڳواڻ جيڪو منهنجي لاءِ هڪ آدرش جي حيثيت رکندو هو ان مون کي ملاقات جو شرف بخشيو هو.

خير آئون مقرر وقت تي ڪيفي لبرٽي پهچي ويس. اتي پليجو ۽ مزدور اڳواڻ اڪرم ڌاريجو موجود هئا. مون کي اتندي پليجي اهو اطلاع ڏنو ته ساٿي اوهان کي پارٽي پاران مرڪزي ڪاميٽي جو رڪن مقرر ڪيو ويو آهي ۽ اوهان جي لاءِ اهو خط ڏنو ويو آهي. پر اهو خط هجي ها ته ملي ها. هيڏانهن هوڏانهن کيسن وغيره ۾ هٿ هڻڻ ڪانپوءِ مون کي چيائين ته ساٿي اهو خط ڪٿي رهجي ويو آهي، بهرحال ڪا ڳالهه ناهي آئون اوهان کي اهو هينئر لکي ٿو ڏيان. هوٽل جي ڪائونٽر تان هن هڪ پنو ورتو

۽ پوءِ ان ۾ ڪراچي ۾ پارٽي مان ڌار ٿيندڙن ڪي مخاطب ٿيندي لکيائين ته رئوف کي پارٽي پاران اها ذميواري ڏني ويئي آهي ته اوهان سان ملي اهو معلوم ڪري ته اوهان جو پارٽي سان ڪهڙو تعلق هوندو. ان جي رپورٽ مون کي ڪجهه وقت ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ ٿيندڙ مرڪزي ڪاميٽي جي اجلاس ۾ پيش ڪرڻي هئي. بهرحال آئون ان سلسلي ۾ آزاد بلوچ ۽ ٻين لاڳاپيل دوستن سان مليس. پر انهن پارٽي يا ان جي اڳواڻ سان اختلافن متعلق مون سان ڪابه ڳالهه نه ڪئي. آزاد مون کي ايترو چيو ته هوئن منهنجي گهر جا در تنهنجي لاءِ کليل آهن پر هاڻي پارٽي سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي ۽ نه ئي ان سلسلي ۾ آئون توسان ڪجهه ڳالهائڻ چاهيان ٿو. ان سڄي معاملي جي رپورٽ تيار ڪري آئون حيدرآباد ۾ ٿيندڙ مرڪزي ڪاميٽي جي اجلاس ۾ ڪٺي ويس. ان وقت پارٽي جا اجلاس پليجي جي لطيف آباد واري گهر ۾ ٿيندا هئا. اهو گهر اڌ ٺهيل هوندو هو ۽ ان جي در بند هئڻ سان به پارٽي ڪارڪنن تي ڪو فرق نه پوندو هو.

چاڪاڻ ته انهن کي اها اجازت هوندي هئي ته اهي ديوار ٽپي گهر ۾ داخل ٿي سگهندا هئا. هتي مون کي هڪ ٻي حيرت کي منهن ڏيڻو پيو. مون اهو سمجهيو هو ته جيئن ته آئون ان سڄي معاملي ۾ شامل رهيو هوس ۽ رپورٽ به منهنجي ئي تيار ڪيل هئي ان ڪري مون کي اهو موقعو ڏنو ويندو ته آئون ان رپورٽ کي پيش ڪيان. پر ان جي اڳ ۾ ئي پيش بندي ڪئي ويئي هئي. گڏجاڻي شروع ٿيڻ کان اڳ پليجي مون کان حال احوال ورتا ۽ رپورٽ مون کان وٺي ڇڏيائين. مون اهو سمجهيو ته هو پاڻ اها رپورٽ پيش ڪندو. پر ائين به نه ٿيو. هن ان مان رڳو هڪ يا ٻه جملا پڙهي اتي موجود همراهن کي آگاهه ڪيو ته ڪراچي جا اهي دوست هاڻي پارٽي ۾ رهڻ نه ٿا چاهين. ان سڄي معاملي کي جنهن نموني ورتو ويو هو ۽ جنهن غير سنجيدگي سان ورتاءُ ڪيو ويو هو، منهنجي لاءِ ڏاڍو عجيب هو. بلڪل ائين پئي لڳو ته پارٽي جو اڳواڻ ڪنهن به ريت انهن ماڻهن مان پنهنجي جان آجي ڪرائڻ پئي چاهي.

لطيف آباد واري گهر ۾ مختلف گڏجاڻين ۾ وڃڻ ٿيندو هو. گڏجاڻين جو طريقه ڪار اهو هوندو هو ته گڏجاڻي شروع ٿيڻ جي ٿوري دير ڪانپوءِ پليجو پاڻ اتي آرام ڪرڻ لاءِ هليو ويندو هو ۽ پوءِ ٻيا سڄي رات پيا بحث ڪندا هئا پر ان کي انجام تي پهچائڻ ۽ فيصلي ٻڌائڻ جو اختيار پوءِ به پليجي وٽ هوندو هو جيڪو آخري لمحن ۾ اچي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيندو هو. اهڙي ئي هڪ گڏجاڻي ڪانپوءِ صبوح جو ساجهر مهل پليجو کي ڪراچي لاءِ اسهڻو هو. مون کي به جيئن ته ڪراچي وڃڻو هو ان ڪري آئون به ساڻس گڏ اتان روانو ٿيس. واٽ تي پليجي مون کان پڇيو ته ڊاڪٽر فيروز سان ته ملاقات ٿيندي هوندي، هو ڇا پيو سوچي. منهنجي لاءِ اها حيران ڪندڙ ڳالهه هئي. منهنجي ڊاڪٽر فيروز سان سندس پارٽي ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪابه ملاقات نه ٿي هئي. خير مون ڪيس اهو ٻڌايو ته منهنجو فيروز سان ڪو به رابطو ناهي، پر ساڳي وقت مون کي اهو احساس پڻ ٿيو ته پارٽي ۾ هئڻ جي باوجود مون تي شڪ ڪيو پيو وڃي.

بهرحال اهو سلسلو هلندو رهيو. پر ٿوري عرصي کان پوءِ پارٽي ۾ وري ٽوڙ ڦوڙ شروع ٿي ويئي ۽ هاري اڳواڻ شير خان لنڊ ۽ سندس ساٿي پارٽي کان ڌار ٿي ويا. ان موقعي تي پارٽي پاران انقلابي نظرئي سان هٿيار بند ٿيو جي عنوان سان هڪ ڪتابڙو ڇاپيو ويو ۽ حيدرآباد ۾ پارٽي ڪانفرنس گهرائي ويئي جنهن ۾ شير خان وغيره به شريڪ ٿيا. ان ڪتابچي ۾ لينن، مارڪس ۽ ٻين انقلابي اڳواڻن جي حوالي سان اختلاف ڪندڙن کي ننديو ويو هو. شيرخان ان جي حوالي سان ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي پليجي جي حوالي سان چيو ته ساٿي اسان کي لينن ۽ مارڪس جي واتان گاريون ڏنيون آهن ۽ اسان کي اهو گند سڏيو آهي جيڪو سياسي جماعتن سميت هر جيئري جيو مان خارج ٿيندو رهندو آهي. ان ڪتابچي ۾ مارڪس ۽ لينن جي حوالن متعلق ڊاڪٽر فيروز جو چوڻ هو ته اهي ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ موجود ئي ناهن.

اهڙي ريت هڪ ٻيو گروپ پارٽي کان ڌار ٿي ويو. ان جو مک ڪارڻ مون کي اهو سمجهه ۾ آيو ته پارٽي اڳواڻ پنهنجي مرضي تحت پارٽي کي هلائڻ چاهي ٿو ۽ ڪنهن اختلاف رائي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. روز نوان اتحاد ۽ نيون جماعتون جيڪي گهٽي پاڳي هڪٻئي کان ابتڙ ۽ پارٽي جي بنيادي نظرين ۽ اصولن سان به ٽڪراءَ ۾ هونديون هيون. ڪڏهين پاڪستان عوامي تحريڪ ته ڪڏهين سنڌي عوامي تحريڪ ته ڪڏهين رڳو عوامي تحريڪ. ڪارڪن هڪ مونجهاري جو شڪار هئا. هڪ ڳالهه اها سامهون آئي ته پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ۾ ڪميونسٽن کي جيڪو گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو هو اهو بنيادي طور ڪميونسٽ پارٽي ۾ چين روس اختلافن جي ڪري ٿيل ٽوڙ ڦوڙ جي ڪري هو. ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي نقوي، نازشي، سازشي سنڌ دشمن ٽولي کي ننديو ٿي ويو ته ٻئي پاسي ڪراچي ۽ پنجاب جي چين نواز گروهن ۽ فردن جهڙوڪ علي ياور جي نوجوان محاذ، پنجاب جي امتياز عالم ۽ پختون خواهه جي شير علي باچا وغيره سان روز پاڪستان سطح تي نوان اتحاد ۽ نيون جماعتون جوڙيون ٿي ويون.

آئون ڪراچي ۾ پارٽي جي سرگرمين ۽ ٻين جماعتن سان رابطي جي سلسلي ۾ اهم ذريعو هئس. نوجوان محاذ جي دوستن ۽ مختلف ٻين سياسي ڪارڪنن ۽ پورهيت تنظيمن سان پارٽي جي نمائندي جي حيثيت ۾ رابطي ۾ هوندو هوس. مختلف موقعن تي پمفليٽ وغيره ڇاپڻ ۽ ورهائڻ ڪانسواءِ صحافين جي تحريڪ ۾ پارٽي پاران جيڪي ڪارڪن گرفتارين لاءِ ڪراچي ايندا هئا انهن کي لياري ۾ رهائڻ ۽ گرفتاري واري جاءِ تائين وٺي وڃڻ جي ذميواري اسان جي هوندي هئي. بهرحال پارٽي ۾ تنظيمي طور جيڪو مونجهارو ۽ پيچ ڊاهه جو عمل هو ان هڪ لحاظ کان ذهني طور ٿڪائي ۽ بيزار ڪري ڇڏيو هو ۽ ساڳي وقت اڳواڻن جي حوالي سان اهو اتساهه ۽ اعتماد به نه رهيو هو جيڪو پارٽي ۾ شامل ٿيڻ وقت هو. ان دوران عزيز ڪنجهرائي ۽ ڪجهه ٻين دوستن جو گروپ پارٽي کان ڌار ٿيو ۽ آئون به انهن ۾ شامل هوس.

اهڙي ريت تنظيمي طور تي ته آئون عوامي تحريڪ کان ڌار ٿي ويس، پر مختلف ادبي ۽ سياسي پروگرامن وغيره ۾ پليجي سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي. گلشن حديد جي هڪ بنگلي ۾ عوامي تحريڪ پنهنجي لائبريري ۽ دفتر قائم ڪيوهو جتي پليجو به ڪڏهين ڪڏهين اچي رهندو هو. هڪ ڀيري مظهر اچڻ، جيڪو هڪ ڊگهو عرصو عوامي تحريڪ سان رهڻ ڪانپوءِ ان کان ڌار ٿي ويو، گلشن حديد ۾ رهندو هو مون کي پليجي سان ملاقات لاءِ وٺي ويو. اتي سني ۽ خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ٿي. مون ڪانئس هڪ سوال پڇيو هو ته اوهان ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت تا ڪيو پر اوهان ساڳي وقت باشا ڊيم جي نهڻ جي حمائت تا ڪيو ته سندس چوڻ هو ته ان ڪري ته باشا ڊيم پاڻي ذخيري ڪرڻ جو نه پر بجلي پيدا ڪرڻ جي رٿا آهي. پوءِ اهو موقف پاڻ مونجهارن جو شڪار ٿي ويو. ان دوران ئي عوامي تحريڪ پاران مختلف موضوعن تي ليڪچر پروگرام رکيا ويا. مون کي چيو ويو ته اوهان پاڪستان جي معيشت تي ليڪچر ڏيو. اهو پروگرام قاسم آباد جي ڪنهن گهر ۾ ٿيو هو. ان ليڪچر ۾ به پليجو موجود هو ۽ خوشگوار انداز ۾ ڳاله ٻوله ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي.

رسول بخش پليجو جي شخصيت جي ٻين گهڻين ڳالهين سان گڏ هڪ سياسي جماعت جي اڳواڻ واري حيثيت به نهايت اهم آهي جنهن اٽڪل اڌ صدي کان وڌيڪ جي عرصي ۾ سنڌ جي سياسي منظرنامي ۽ هزارين سياسي ڪارڪنن کي متاثر ڪيو آهي. اهو ضروري آهي ته رومانوي ۽ جذباتي پاسي کان پاسيرو ٿي سندس ان پاسي جو پنهنجي ليکي جائزو وٺجي.

ٿورو عرصو ساڻس رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ دوران مون اهو نتيجو ڪڍيو ته تنظيم سازي اوستائين ئي پليجي جي مزاج مطابق هوندي هئي جيستائين اها سندس شخصيت ۽ اختيار کي چئلنج نه ڪري. پارٽي ۾ مختلف اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف مهم جو مقصد ئي اهو هوندو هو ته ڪنهن جو به قد پارٽي اڳواڻ کان اوچو نه ٿئي ۽ هو سندس لاءِ مسئلا پيدا نه ڪري. ساڳي وقت ان ڳالهه جو جائزو وٺڻ جي به ضرورت آهي ته هن پاڻ ۽ سندس جماعت سنڌ ۾ نسلي نفرتن ۽ تضاد کي وڌائڻ ۾ ڪيترو ڪردار ادا ڪيو آهي.

48

# سفر اڳتي هلي ٿو

آئون پنهنجي لاءِ اهو چوڻ وڌيڪ مناسب سمجهان ٿو ته آئون پنهنجي ادبي ۽ سياسي سفر ۾ هڪ مختصر عرصي کي ڇڏي ڪنهن هڪ سياسي جماعت يا تنظيم جي بجائي مجموعي طور تي ترقي پسند تحريڪ جو حصو رهيو آهيان. ان سلسلي ۾ منهنجي لاء ادب ۽ سياست ڪي ڌار ۽ متضاد واٽون نه پر ساڳي منزل ڏانهن ويندڙ هڪٻئي کي اڳتي وڌائيندڙ رستا رهيا آهن. ان سڀ جو مقصد پنهنجي يا ٻئي ڪنهن جي شخصي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جي بجائي اهو رهيو آهي ته کهڙي به ريت سفر جاري رهي، سماج ۾ جيڪي به ترقي پسند قوتون آهن انهن سان ناتو جوڙجي ۽ جمهوري قدرن کي ممڪن حد تائين فروغ ڏجي. ڇاڪاڻ ته رڳو سفرجو جاري رهڻ ئي گهڻين مثبت تبديلين جو باعث بڻجي ٿو ۽ ڪڏهين اهو ئي ماڻهو جي لاء منزل بڻجي وڃي ٿو.

سنگت جي حوالي سان هڪ ڌار تفصيلي مضمون ۾ آئون اڳ ۾ ئي پنهنجا ويچار ونڊي چڪو آهيان. هتي رڳو هڪ لاڙي جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو. سنگت ڪراچي جو آئون ٻه سال سڪريٽري ۽ ڪيترائي سال ڪاروباري ڪاميٽي جو رڪن رهيو آهيان. سنگت جي سرڪرده دوستن پاران خاص طور تي وجودي فلسفي سان واسطو رکندڙ دوستن جي سنگت ۾ اچڻ جي حوصلي شڪني ڪئي ويندي هئي. مون پنهنجي ليکي ان لاڙي کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنگت جي دوستن کي ان ڳالھ تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنگت هڪ جمهوري ادارو آهي جنهن جو مقصد رائي جي آزادي کي اڳتي وڌائڻ آهي ۽ نه ان کي دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ. ان سلسلي ۾ دوستن جو خاص طور تي ممتاز مهر جي گڏجاڻين ۾ اچڻ تي اعتراض هوندو هو. پر مون شروع کان ئي ممتاز کي گڏجاڻين ۾ اچڻ لاء اتساهيو جيڪا ڳالھ گهڻن دوستن کي نه آئڙي ۽ انهن ان جو گڏجاڻين ۾ اظهار به ڪيو. پر سماج ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻين مٿان تاڃڻ ۽ سيني کي پنهنجي رائي مطابق هلائڻ جو جيڪو لاڙو موجود آهي، اهو اتڪل سيني دوستن ۾ موجود هوندو هو ۽ ممتاز جو ردعمل به ان حوالي سان ساڳي نوعيت جو هوندو هو ۽ سندس خواهش هوندي هئي ته هر ڪو سندس رائي جي پوئواري ڪري. ان سان گڏوگڏ انهن ڪجھ سالن ۾ سنگت ڪراچي ادبي ۽ سماجي مسئلن جي حوالي سان جيڪو ڪم ڪيو، جنهن جو حوالو اڄا تائين ڏنو ويندو آهي، ان ۾ دوستن سان گڏ شامل رهيس.

سنگت سان گڏوگڏ منهنجين سرگرمين جو دائرو شهر جي ٻين ادبي تنظيمن تائين به ڦهليل هوندو هو. انهن تنظيمن سان تعلق جو هڪ پاسو اهو به هو ته غير سنڌين ۽ سنڌن تنظيمن متعلق پنهنجي ليکي جيڪي تصور ۽ خيال قائم ڪيل هوندا هئا ۽ ساڻن ويجهڙائي جي باري ۾ جيڪو هڪ وسوسو ۽ ڊپ هوندو هو ان کي درست ڪري

سگهبو هو ۽ اها خبر پوندي هئي تہ پنهنجي ٻولي ۽ اٿ ويہ جي لحاظ کان مختلف هوندي بہ اهي اسان جهڙا ئي ماڻهو آهن جن سان بلڪل ساڳي نموني اتفاق ۽ اختلاف ڪري سگهجي ٿو جيئن سنگت يا ٻي ڪنهن سنڌين جي تنظيم ۾ ٿئي ٿو.

انهن مان هڪ انجمن ترقي پسند مصنفين تي بندش پوڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر م ر حسان، شيخ اياز، گل خان نصير ۽ ملڪ جي ٻين ترقي پسند ليکڪن پاران قائم ڪيل عوامي ادبي انجمن هئي. ان سلسلي ۾ ان تنظيم جو پاڪستان ۾ ٻولين جي حوالي سان هڪ واضح موقف هو. ڊاڪٽر حسان پنهنجي هڪ مضمون ۾، جنهن جو شايد سنڌي ۾ بہ ترجمو ٿيل آهي، ملڪ جي سڀني ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جي حق ۾ واضح دليل ڏنا آهن. پوءِ ترقي پسند تحريڪ ۾ جيڪي اختلاف ٿيا ۽ هر ڪنهن پنهنجي ڏار ڪني چاڙهي ان جي نتيجي ۾ اها تنظيم ڊاڪٽر حسان جي جماعت ڪميونسٽ ليگ جو جڻ هڪ ڪليل ادبي پليٽ فارم بڻجي ويئي. جنهن وقت آئون ان جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس ان وقت ان جو سيڪريٽري نور محمد شيخ هو جيڪو پهرين حاجي عبدالله هارون اسڪول ۽ پوءِ هارون ڪاليج ۾ اڙدو جو استاد ۽ سنڌي ۽ اڙدو جو سٺو ليکڪ ۽ شاعر آهي. ڊاڪٽر حسان جيڪو پاڻ هارون ڪاليج جو پهريون وائس پرنسپل هو، سان نورمحمد شيخ جو ناتو هڪ استاد ۽ شاگرد وارو هو ۽ هو ان تعلق کي ڊاڪٽر حسان جي وفات تائين نڀائيندو رهيو بلڪ ائين چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ عوامي ادبي انجمن کي جيئرو رکي اجا تائين جڻ ان کي نڀائيندو ٿو اچي.

سنگت جي گڏجاڻين جيان انهن گڏجاڻين جي خاصيت اها هوندي هئي تہ انهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ شامل ٿيندا هئا جن جو واسطو پلي شعر شاعري يا افساني جي دنيا سان نہ هجي پر اهي ڪنهن نہ ڪنهن ريت سياست، صحافت، ثقافت ۽ مزدور ۽ هاري تحريڪن وسيلي ترقي پسند تحريڪ جو حصو هوندا هئا ۽ ان ۾ پنهنجو حصو وجهندا هئا. انهن ماڻهن ۾ فصيح الدين سالار، لالا لعل بخش رند، رحيم بخش آزاد، بابر اياز، نجما بابر، بصير نويد، بابا غياث الدين ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ مختلف ٻولين جا اديب ۽ شاعر شامل هوندا هئا.

مختلف ڪميونسٽ گروپن جا جيڪي اتحاد ٿيندا رهندا هئا ان سلسلي جي هڪ ڪڙي طور ڪميونسٽ ليگ جو عابد حسن منٽو جي پارٽي سان اتحاد ٿيو. ان پارٽي پاران جيڪي ليڪچر، سيمينار ۽ ٻيا مختلف پروگرام ٿيندا هئا انهن ۾ آئون شريڪ ٿيندو هوس. انجمن جي گڏجاڻين ڪانسواءِ خاص طور تي لالا لعل بخش رند، نورمحمد شيخ ۽ فصيح الدين سالار سان ويجهڙائي وڌي ويئي ۽ سندن گهرن يا ٻين مختلف هنڌن تي ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ بہ شريڪ ٿيڻ لڳس. ان جو مطلب نہ تہ سندن پارٽي جو حصو ٿيڻ هو ۽ نہ ئي انهن مان ڪنهن مون کي اهڙي آڇ ڪئي.

ڪراچي جي مختلف ٻولين سان واسطو رکندڙ ترقي پسندن ۾ ان وقت اهو لاڙو مضبوط ٿي رهيو هو تہ جيئن تہ ترقي پسند سياست پنهنجي تنظيم ۽ نظرئي جي حوالي سان خاص طور تي پڙهيل لکيل ماڻهن کي گڏ رکڻ ۾ ڪامياب نہ ويئي آهي

ان ڪري دانشورانہ سطح تي اهڙا غير سياسي پليٽ فارم ناهجن جيڪي ماڻهن کي گڏ رکي سگهن ۽ کين هڪ اتساه بہ مهيا ڪن. ساڳي وقت انهن کي پراڻي ۽ نئين ٽهي جي گڏجڻ جو ذريعو بہ ناهجي. ان سلسلي ۾ سنڌي ۽ اڙدو جي ڪجھ ليکڪن جن ۾ واحد بشير، ڊاڪٽر محمد علي صديقي، فقير محمد لاشاري، رئوف نظاماڻي، حسن عابد ۽ راحت سعيد وغيره شامل هئا اڙدو ۾ ارتقاء جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلي جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان جي لاءِ فنڊز وغيره ذاتي ڪوشش وسيلي گڏ ڪيا هئا. اهو تہ هڪ عام مشاهدو آهي تہ مثبت نتيجن کي ماڻهو موٽ ڏيندا آهن ۽ ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندا آهن. ساڳي ريت اهو معاملو جيئن اڳتي هليو تيئن ٻين گهڻن ان جي افاديت کي ڏسندي ان ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ گهڻن پاسن کان ان کي مالي ۽ اخلاقي مدد ملڻ ڪانسواءِ مختلف حلقن ۽ شخصيتن پاران مڃتا پڻ ملڻ لڳي. ان کي سنڌ سميت ملڪ جي اهم ليکڪن ۽ دانشورن جي اخلاقي ۽ لکڻين جي حوالي سان مدد حاصل هئي. شروع ۾ ان جون گڏجاڻيون شهر ۾ مختلف جاين تي ٿينديون هيون پر پوءِ باقاعدي احمد سينٽر گلشن اقبال ۾ ان جي لاءِ دفتر حاصل ڪيو ويو. انهن گڏجاڻين جي خاص ڳالہ اها هوندي هئي تہ اهي ٺيڪ مقرر وقت تي شروع ٿي وينديون هيون پوءِ پلي ان مهل بہ جٽا چو نہ وينل هجن. مقصد اهو هو تہ دير سان ايندڙن جي سزا وقت سر پهچڻ وارن کي نہ ملڻ گهرجي بلڪ دير سان ايندڙ ئي ان کي ڀوڳين. ان جو اثر اهو ٿيو تہ ماڻهن ان ڳالہ کي سمجهڻ شروع ڪيو تہ دير سان اچڻ ۾ سندن پنهنجو نقصان آهي. چاڪاڻ تہ اهڙي ريت اهي ڪاروائي جي گهڻي حصي کان محروم رهجي ٿي ويا ۽ گڏجاڻي مان جوڳو لاڀ حاصل نہ پئي ڪري سگهيا. نتيجي ۾ انهن وقت سر اچڻ شروع ڪيو. ٻين تنظيمن پاران بہ جيڪڏهين ان ساڳئي اصول تي عمل ڪيو وڃي ها تہ اڄ گهڻن ماڻهن جو گهڻو وقت رڳو ڪجھ ماڻهن جي انتظار ڪرڻ ۾ زيان نہ ٿئي ها. اهو سفر اڳتي هلندو رهيو ۽ هن وقت ان نالي سان ارتقاء انسٽيٽيوٽ آف سوشل سائنسز قائم ڪيو ويو آهي جيڪو باقاعدي طور تي ننڍي ۽ وڏي پئماني تي ليڪچر ۽ سيمينار وغيره ڪرائيندو رهي ٿو. اهو رضاڪارانہ بنيادن تي هلندڙ ادارو آهي جنهن کي هلائيندڙن ۾ گهڻائي انهن ماڻهن جي آهي جن جو ترقي پسند سياست جو هڪ پسمنظر رهيو آهي.

# 49
# اياز جاني

اياز جاني سان منهنجي واقفيت جو حوالو سنڌي ادبي سنگت آهي. سندس سنگت سان پراڻو واسطو رهيو. ڪراچي سنگت جڏهين رمپا پلازه ۾ گڏجاڻيون ڪندي هئي ته هو اتي به باقاعدي شريڪ ٿيندو هو. ساڳي وقت هو گلشن حديد جي سنگت ۾ پڻ سرگرم هو ۽ منهنجو جڏهين هتي ڪنهن پروگرام وغيره جي سلسلي ۾ اچڻ ٿيندو هو ته ملاقات ٿيندي هئي. ساڻس منهنجي گهڻي ويجهڙائي منهنجي گلشن حديد اچي رهڻ کان پوءِ ٿي.

جيستائين مون کي خبر آهي ته جاني جو ڪنهن به سياسي جماعت سان ڪو واسطو نه هو پرسندس سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان خاص لڳاءُ هوندو هو. هو خاص طور سنڌ جي معاملن تي پنهنجو هڪ موقف رکندو هو. اهو ضروري نه هوته سندس دوست ان سان متفق به هجن. هو ان سلسلي ۾ جذباتي نه ٿيندو هو ۽ دليلن سان پنهنجي موقف جي وضاحت ۽ بچاءُ ڪندو هو.

جاني پي ٽي سي ايل ۾ ملازم هو. هو ڪراچي ۾ ئي گڏاپ، رزاق آباد ۽ پوءِ گلشن حديد ايڪسچينج ۾ رهيو. ان اداري جي نجڪاري ٿيڻ ڪانپوءِ ٻين گهڻن ملازمن وانگر هو به بيروزگار ٿي ويو هو. ان دوران هن ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ۾ ماسٽرس وغيره به ڪئي. ڪجھ عرصو شاهه لطيف چيئر ۾ ملازمت پڻ ڪيائين. پر ڪوشش جي باوجود ڪيس اتي ليڪچرر جي پوسٽ نه ملي سگهي. هو پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ ليڪچرر چونڊجي ويو. سندس پوسٽنگ جيتوڻيڪ ڪراچي کان ٻاهر ٿي، پر سندس گهر ۽ ٻار گلشن حديد ۾ هوندا هئا ۽ هو اڪثر ڪري هتي ايندو رهندو هو.

هڪ ڀيري اسان ڪچهري پئي ڪئي ته ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو ذڪر نڪتو ته مون کيس ٻڌايو ته اتان جو استاد سائين عبدالرحمان چنا منهنجي ڏاڏي جي ناناڻن مان هو ۽ اڪثر اسان جي گهر ايندو رهندو هو. هو يونيورسٽي ۾ شڪور ۽ مون سان پنهنجن ٻارن جهڙو سلوڪ ڪندو هو. ان تي جاني ٻڌايو ته سائين گهٽ ڳالهائڻ ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو ماڻهو هو. هن اهو به ٻڌايو ته هو پاڻ به چنا آهن، جنهن ڳالھ جي مون کي اڳ ڄاڻ نه هئي. چاڪاڻ ته منهنجي دلچسپي دوستن جي شخصيت ۾ هوندي آهي ۽ آئون ڪنهن کان اهو نه پڇندو آهيان ته اوهان ڪير آهيو جيئن عام طوراسان وٽ رواج آهي.

بس ماڻهو هليا ويندا آهن درد اندر ۾ رهجي ويندو آهي. جاني به اهڙو ئي ماڻهو هو جنهن کي جڏهين ياد ڪندو آهيان ته اندر ۾ هڪ ڏک محسوس ٿيندو آهي.

# 50
# جاويد پنو

جاويد پنو جو قتل سندس سيني ويجهن دوستن ۽ مائٽن لاءِ هڪ صدمي جو باعث هو ۽ آئون پاڻ کي بہ انهن ماڻهن ۾ شامل سمجهان ٿو. آئون فوري طور ان تي ڪو ردعمل نہ ڏيئي سگهيس. ڇاڪاڻ تہ مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اهو ڇا ٿي ويو هو ۽ ٻيو تہ مون پنهنجي ذهن کي ڦلوريو پئي تہ جاويد سان منهنجيون ڪهڙيون يادگيريون ۽ ذاتي تعلق رهيا آهن جن جي بنياد تي آئون سندس متعلق ڪجهہ لکان.

گهڻو ڪجهہ منهنجي ذهن ۾ نہ پئي آيو. شايد ٻہ ٽي ڏهاڪا اڳ ڪجهہ دوستن جي حوالي سان ساڻس ڪجهہ ملاقاتون ٿيون هيون. ان جو ڪارڻ مون کي سمجهہ ۾ اهو ٿو اچي تہ اسان جي گهٽي ويجهي نہ هئڻ جو ڪارڻ وقت هو. ڪراچي يونيورسٽي ۾ 1978 منهنجو آخري سال هو جڏهين تہ آئون سمجهان ٿو تہ جاويد، انعام، الطاف بيدار ۽ شوڪت کيهر وغيره جو گروپ ان ڪانپوءِ يونيورسٽي ۾ آيو هو.

ساڳي ريت عوامي تحريڪ سان تعلق جي حوالي سان سعود آباد ملير ۾ سندن گهر وڃڻ ٿيندو هو، جتي جاويد جي ڀاءُ شاهد پنو سان ملاقات ٿيندي هئي ۽ اسان دوست ويهي سندس راڳ ٻڌندا هئاسين. جاويد اتي گهٽ ئي هوندو هو. شاهد ڪجهہ عرصو گلشن حديد ۾ بہ رهيو ۽ پوءِ هڪ ٻہ ڀيرا ڪنهن ڪم سانگي منهنجي آفيس بہ آيو. ساڳي ريت جيستائين ڪميونسٽ پارٽي سان واسطي جو سوال آهي تہ منهنجو پارٽي اڳواڻن ۽ گهڻن ڪارڪنن سان ويجهو تعلق رهيو جنهن جي ڪري گهڻن ماڻهن جو اهو خيال هو تہ آئون پارٽي سان لاڳاپيل آهيان پر حقيقت ۾ تنظيمي طور منهنجو پارٽي سان ڪو تعلق نہ هو ۽ اهڙي ريت ان حوالي سان جاويد سان تعلق ۽ ملاقاتن جو جيڪو بهانو ٿي سگهيو ٿي اهو بہ نہ هو. ان جو هڪ خاص ڪارڻ اهو بہ هو تہ هو هتان ڪراچي مان گهڻو عرصو اڳ هليو ويو هو. ڪافي عرصو سنڌ يونيورسٽي ۾ پوءِ آمريڪا هليو وڃڻ جي ڪري ساڻس ملاقاتن جا امڪان اجا گهٽجي ويا هئا ۽ جڏهين هو پاڪستان ايندو هو تہ دوستن وسيلي سندس حال احوال ملندو رهندو هو. رڳو ڪجهہ عرصو اڳ ئي فيس بڪ تي ساڻس تعلق قائم ٿيو پر سندس قتل ان تعلق کي وڌيڪ هلڻ نہ ڏنو.

مون کي سندس زندگي متعلق گهڻي ڄاڻ ناهي ۽ نہ مون ساڻس کي علمي، سياسي ۽ فلسفي وغيره متعلق بحث ڪيا هئا. مون اهو پئي سوچيو تہ انعام، جامي ۽ امر سنڌو جهڙا جيڪي دوست سندس ويجهو رهيا آهن انهن جي سندس متعلق لکڻين سان آئون پنهنجي رهجي ويل خال کي پري سگهندس. پر ائين نہ ٿي سگهيو آهي ۽ آئون اجا گهڻو ڪجهہ ڄاڻڻ جي ضرورت محسوس ڪيان ٿو. ساڳي وقت سندس کي ڇپيل لکڻيون بہ ناهن جنهن مان سندس علمي ۽ فلسفي متعلق ڄاڻ جي خبر پئجي

سگهي. جيستائين سندس ڪچهرين ۽ ليڪچرن وغيره جو سوال آهي ته آيا انهن جو ريڪارڊ موجود آهي ۽ جيڪڏهين موجود آهي ته انهن کي سهيڙيندو ڪير. سقراط وٽ ته افلاطون جهڙو شاگرد موجود هو جنهن پنهنجي استاد جي ڏاهپ ۽ همت کي جڳ سان متعارف ڪرايو. جيڪڏهين جاويد جو ڪو اهڙو شاگرد موجود آهي ته پوءِ هو يقينن گمنامي جو شڪار نه ٿيندو.

## 51

# هو عجيب شخص هو

مون کي ياد ٿو پئي ته ان وقت آئون شايد ٻارنهن يا تيرنهن سالن جو هوندس ۽ پنجين يا ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. اسان هڪ گڏيل خاندان جي طور پنهنجي ڏاڏي ۽ چاچن وغيره سان گڏ هڪ گهر ۾ رهندا هئاسين. ان وقت اوچتو مون ڏٺو ته هڪ مناسب قد ڪاٺ ۽ سنو لباس پهريل هڪ شخص، جنهن کي مون اڳ نه ڏٺو هو ۽ نه ئي آئون ڪيس سڃاڻندو هوس، اسان جي گهر ۾ امان سان ملڻ لاءِ اچڻ لڳو هو. امان ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريندي هئي ۽ ساڻس هڪ خاص ورتاءَ ڪندي هئي. ڪلاڪن تائين اهي ٻيئي هڪٻئي سان ڳالهين ۾ مصروف هوندا هئا. ان ماڻهو جي اچڻ تي نه منهنجي بابا کي ۽ نه ئي گهر جي ڪنهن ٻئي ڀاتي کي ڪو اعتراض هوندو هو. مون کي اهو تجسس هوندو هو ته اهو شخص نيٺ ڪير آهي جنهن کي سڀ گهر وارا عزت ڏين ٿا ۽ جنهن جي اچڻ تي امان جي خوشي سندس منهن مان پيئي بڪندي آهي. هڪ ڏينهن نيٺ مون امان کان ان شخص متعلق معلوم ڪيو. امان ٻڌايو ته هي سندس وڏو ڀاءُ هو جيڪو گهڻو عرصو اڳ گهر جي ماحول جي ڪري گهر ڇڏي هليو ويو هو ۽ پوءِ گهڻي ڳولا ڪانپوءِ به سندس ڪو ڏس پتو نه پيو هو. امان ان ڀاءُ ڪانپوءِ پنهنجن ٻين سيني ڀائر ڀينرن کان وڏي هئي پر سندس ان ڀاءُ سان خاص لڳاءُ ۽ انس هوندو هو ۽ هو به اهڙي ريت سندس خيال رکندو هو. امان جي ۽ سندس عمر ۾ اٽڪل سترنهن ارڙنهن سالن جو فرق هو. منهنجي ان ماما جو نالو محمد حسن هو.

منهنجي ناني جو واسطو حب بلوچستان ڏانهن ويندي لڪي جي علائقي ۾ رهندڙ بروهين سان هو. هو منهنجي نانا جي ٽين زال هئي جڏهين ته مٿي ذڪر ڪيل ماما پهرين زال جو پٽ هو. ٻن زالن جي وفات کان پوءِ نانا اها ٽين شادي ڪئي هئي. جيتوڻيڪ سندس توجهه منهنجن ٻن وڏن ڀائرن ڏانهن گهڻو هوندو هو پرمون کي الاهي ڇو اهو شخص پنهنجي منفرد شخصيت ۽ هڪ پروقار سپاءِ جي ڪري وڻڻ لڳو هو. مون امان کان ان متعلق وڌيڪ تفصيل وٺڻ شروع ڪيا پر ائين چئجي ته وڌيڪ مناسب ٿيندو ته امان پاڻ اسان کي ان متعلق ٻڌائڻ ۾ دلچسپي وٺندي هئي. سندس چوڻ هو ته منهنجي ماءُ حسن سان نه نهندي هئي. نانا جي ان ٽين شادي وقت هو جوان هو ۽ شايد پوليس ياِ ڪنهن ٻئي ڊپارٽمنٽ ۾ نوڪري به ڪندو هو. سندس ڪوشش هوندي هئي ته پنهنجي پيءُ، ڏاڏي ۽ ٻين گهر وارن جي خدمت ڪندو رهي. هو خاص طور پنهنجين ڀينرن جو خيال رکندو هو ۽ ڪوشش ڪندو هو ته ڪين ڪو اهنج نه پهچي ۽ مٿن ڪي غير ضروري پابنديون نه مڙهجن. پر گهر جي ماحول جي ڪري هو وقت بوقت گهر مان غائب ٿي ويندو هو ۽ ڪجهه عرصي ڪانپوءِ موٽي ايندو هو. اهو سلسلو سندس ڏاڏي ۽ پيءُ جي جيئري هئڻ تائين هلندو رهيو ۽ پوءِ هو جيئن ويو ته اٽڪل ارڙنهن سالن

ڪانپوء ان وقت نظر آيو جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مختلف ماڻهو اهو ذڪر ڪندا هئا ته اسان ڪيس فلاڻي هنڌ يا فلاڻي ماڻهو سان گڏ ڏٺو پر گهر جي ڪنهن فرد سان سندس ملاقات نه ٿي. ان جو ڪارڻ شايد اهو هجي ته پيءُ ۽ ڏاڏي جي وفات ڪانپوء گهر جي ڪنهن ماڻهو جي سندس هئڻ ۽ نه هئڻ ۾ دلچسپي نه هئي. جڏهين ته امان ان وقت پنهنجن ڀين ڀائرن ۽ ٻچن جي ذميواري ته ڪنئي هئي پر هڪ عورت هئڻ جي ناتي سندس لاءِ پنهنجي ڀاءُ جي ڳولا ڪرڻ شايد ممڪن نه هو.

گهر مان وڃڻ ڪانپوء هن شخص نه شادي ڪئي ۽ نه ئي ڪنهن هڪ جاءِ تي سانتنيڪو ٿي رهيو. مختلف جاين تي گهمندو رهيوءِ بمبئي ۾ هڪ ڊگهو عرصو رهيو. مختلف قسم جي ماڻهن سان وقت گذاريائين. پنهنجن پوين ڏينهن ۾ هو ڪلاڪوٽ لياري ۾ ستار گبول جي چاچي گلو گبولؒ جيڪو سندس پراڻو دوست هوءَ جي گهر ۾ رهندو هو. سندس وفات به اوچتو ٿي. ٻنپهرن جي ماني ڪائي هو آرام ڪرڻ لاءِ ليٽيو ۽ پوءِ نه تو ڏٺو نه مون ڏٺو. اهو آچر جو ڏينهن هو ۽ ان ڏينهن هن شايد دال گوشت جو ٻوڙ کاڌو هو. ان ڪري گهڻي عرصي تائين امان خاص طور تي آچر تي اهو ٻوڙ نه رڌيندي هئي. امان ٻڌائيندي هئي ته ان گهر ۾ هڪ طوطو هوندو هو جيڪو ساڻس گهڻو هريل هوندو هو. ان ڳالهه جي سچائي جي تصديق ته نه ٿي ڪري سگهجي پر زندگي ۾ گهڻيون ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جن کي عقل نه ٿو مڃي پر اهي واقع ٿينديون آهن. اتي گهر وارا اهو ٻڌائيندا هئا ته سندس وفات ڪانپوء طوطي ٻولڻ شروع ڪيو هو ته حسن هليو ويو ۽ آئون به جلدي هليو ويندس ۽ واقعي ڪجهه عرصي ڪانپوء اهو طوطو به مري ويو. سندس وفات تي آئون به امان سان گڏ اتي ويو هوس. اٽڪل پنجاه سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ به مون کي اجا اهو ياد آهي ته مون کي ماما جي گذاري وڃڻ جو انوقت ڪو ڏ ک محسوس نه پئي ٿيو بلڪ هڪ ٻار جي حيثيت ۾ هڪ لحاظ کان خوشي پئي محسوس ڪيم ته ان ڪري سڀاڻي اسڪول نه وڃڻو پوندو.

جيئن سندس زندگي هڪ تنازعو هئي تيئن سندس موت پڻ هڪ مسئلو بڻجي ويئي هئي. ڪراچي جي ٻين پراڻن سنڌين جيان اسان جي وڏن پڻ پنهنجن سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ هڪ تعلق رکڻ لاءِ سنڌي مومن جماعت جي نالي سان هڪ جماعت قائم ڪئي هئي. ان جماعت وٽ هڪ هال ۽ ميوه شاه ۾ قبرستان جي لاءِ هڪ ڪمپائونڊ آهي جتي اٽڪل سو سال اڳ ۾ ان وقت جون قبرون به آهن جڏهين ڪراچي ۾ پليگ جي وبا جي ڪري سوين ماڻهو مري ويا هئا. جماعت جي وڏن جو چوڻ هو ته جيئن ته هو جماعت جو رڪن نه هو ۽ سندس جماعت سان ڪو واسطو نه رهيو هو ان ڪري ان جي مڙه کي جماعت جي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏيئي سگهجي. جڏهين ته سندس ڀائرن ۽ ٻين خاندان وارن جو چوڻ هو ته هو جيئري ته پنهنجن سان گڏ نه رهيو گهٽ ۾ گهٽ مرڻ ڪانپوء ته پنهنجن جي ويجهو هجي. سندس ڀائرن جو اصرار هو ته جيڪڏهين اجازت نه ٿي ملي ته اسان قبرستان جو دروازو ٽپي جنازو اندر ڪٽي ويندياسين. پر باباءِ جنهن کي اهي سڀيئي پنهنجو وڏو مڃيندا هئا ۽

سندس ڳالھ رکندا هئا، ڪين ائين ڪرڻ ۽ ڪنهن جهيڙي ۾ پوڻ کان روڪيو. اهڙي ريت هو جماعت جي قبرستان کان ٻاهر ميوه شاه روڊ تي ئي دفن ٿيو. هو جيئري به پنهنجن کان ڌار هو ۽ مرڻ کان پوءِ به ڌار ئي رهيو.

اسان جڏهين ڪنهن ننڍي وڏي ڏينهن قبرستان ويندا هئاسين ته امان جي اسان کي خاص تاڪيد هوندي هئي ته ماما جي قبر تي گل رکڻ ۽ فاتحه پڙهڻ لاءِ ضرور وڃجو ۽ اهو اسان جو گهڻي عرصي تائين معمول هوندو هو. اها قبر جيڪا اڳ سڙڪ سان لڳ هوندي هئي آهستي آهستي قبرستان جي ڦهلجڻ جي ڪري پوئتي ڏڪبي ويئي ۽ هاڻي ان کي ڳولهڻ به ڏکيو آهي. هڪ ماڻهو جيڪو پنهنجي زندگي ۾ اڪيلو ۽ گمنام رهيو ۽ شايد اهو ئي سندس نصيب جو لکيو هو جو آخري عمر ۾ پنهنجي ڪوشش جي باوجود به زندگي کيس ايتري مهلت ئي نه ڏني جو هو پنهنجن سان گڏجي سگهي، ساڳي ريت پنهنجي مرڻ کان پوءِ به هو جڻ پنهنجن کان پري اڪيلو ۽ گمنام ئي رهيو. هو عجيب شخص هو.

52

# هڪ دوست جي ياد

رحمان سان منهنجي واقفيت جا گهڻا حوالا آهن. اسان ٻيئي لياري جا ئي رهندڙ آهيون. جيتوڻيڪ هو مون کان جونيئر ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ جو ڪلاس فيلو هو پر اسان ساڳئي حاجي عبدالله هارون سيڪنڊري اسڪول جا شاگرد رهيا آهيون. سندس هڪ مامو محمد موسا منهنجو ڪلاس فيلو جڏهين ته ٻيو مامو ابراهيم لاسي، جيڪو پوءِ پوليس انسپيڪٽر ٿي اسڪول مان هليو ويو، منهنجو استاد هو. موسا هڪ خاموش طبيعت ماڻهو هوندو هو ۽ سندس وات مان گهٽ ئي ڪو اکر نڪرندو هو جڏهين ته سائين ابراهيم لاسي لڳ ڀڳ هٽ ۾ ڪنيو رعب داب سان اسڪول ۾ به پوليس انسپيڪٽر ٿيو پيو هلندو هو. پر اها لٺ شاگردن تي گهٽ ئي هلندي هئي. رحمان ننڍي هوندي ماءُ پيءُ جي گذاري وڃڻ جي ڪري پنهنجي ڀيڻ سان گڏ پنهنجن مامن جي گهر ۾ ئي رهندو هو. سندس هڪ ٻه ٻيا ماما به ماستري جي پيشي سان لاڳاپيل هوندا هئا ۽ سندن ٻارن کي قابو ۾ رکڻ واري ان نفسيات کي گهر جي ننڍن ٻارن کي به سهڻو پوندو هو جيڪا ڳالهه محمد موسا ۽ رحمان جي خاموش ۽ دٻيل شخصيت کي ڏسندي چٽي سگهجي پئي.

پر ان سڀ جي باوجود رحمان سان ان وقت منهنجي واقفيت نه هئي. جيتوڻيڪ هو شروع کان ئي سياسي لحاظ کان سرگرم هو پر اسان ٻنهي جا رستا الڳ الڳ هئا. هو ان وقت جيئي سنڌ جي ڪارڪنن سان واسطي ۾ هوندو هو جڏهين ته آئون عوامي تحريڪ جي دوستن سان هوندو هوس. هڪ پاسي محمد راهمون هوندو هو ته ٻئي پاسي قمر جماڻي. ٻنهي جو هدف خاص طور تي لياري جا سنڌي شاگرد هوندا هئا پر ساڳي وقت ٻنهي جي ڪوشش پنهنجي ڪم کي وڌائڻ جي بجائي ٻئي جي ڪم کي ڦٽائڻ ۽ باقي سنڌ جيان پنهنجي سورهيائي کي ثابت ڪرڻ هوندو هو. ان صورتحال ۾ ٻنهي پاسن جي ڪارڪنن جي ويجهي اچڻ جو ته سوال پيدا نه ٿي ٿيو پر ماڳيئي ذاتي دشمنيون، هڪٻئي تي الزام ۽ هڪ ٻئي جي پروگرامن کي ڦٽائڻ وغيره معمول بڻجي ويا هئا.

ان سڄي عرصي ۾ اسان پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ئي ڪم ڪري رهيا هئاسين ۽ رحمان سان منهنجي ڪا به واقفيت نه هئي. ساڻس واقفيت جا منهنجا ٻه ٽي حوالا آهن. انهن مان هڪ حوالو حيدرآباد مان ڪميونسٽ پارٽي جي امداد قاضي ۽ ٻين دوستن پاران نڪرندڙ سنڌي رسالو شعور هو جنهن ۾ آئون باقاعدگي سان لکندو هوس. ان حوالي سان رحمان اڪثر امداد قاضي سان گڏجي اسان جي ليمارڪيٽ واري گهر ايندو هو. ٻيو حوالو سنڌي ادبي سنگت ڪراچي هو جتي هفتيوار گڏجاڻين ۾ اسان جي اڪثر ملاقات ٿيندي هئي. ٽيون اهم حوالو جان خاصخيلي هو.

جان سان سندس ڪيئن واقفيت ٿي ان متعلق مون کي گهڻي ڄاڻ ناهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ ماضي ۾ شايد ٻنهي ساڳي تنظيم ۾ ڪم ڪيو هو. جان سان سندس تعلق ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويو ۽ آئون سمجهان ٿو تہ سندس آخري وقت ۾ جڏهين ٻيئي ماريپور جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا دوستن مان جان ئي سندس گهڻو ويجهو هوندو هو. منهنجو سنگت جي حوالي سان جان سان واسطو هوندو هو ۽ ٻيو تہ هو ان وقت لياري ۾ ئي رهندو هو. انهن ٻنهي ڄڻن جو هفتي ۾ گهڻو ڪري اڱاري يا اربع تي اسان جي گهر اچڻ جو معمول هوندو هو. گهر وارا ان روٽين کان ايترو مانوس ٿي ويا هئا جو انهن ڏينهن ۾ ڪين انهن جو انتظار رهندو هو ۽ جيڪڏهين ڪڏهين نہ ايندا هئا تہ بابا ۽ امان پڇندا هئا تہ اڱارو اربع پلا هن هفتي چو نہ آيا آهن. اسان جي ڪچهري عام سياسي ۽ ادبي موضوعن جي حوالي سان هوندي هئي. ان وقت رحمان شايد سياسي لحاظ کان ڪميونسٽ پارٽي سان گڏ هو. اهو شايد جو لفظ آئون ان ڪري استعمال ڪري رهيو آهيان تہ جيئن ان وقت سياسي ڪارڪنن جو اهو طريقو هوندو هو تہ اهي پنهنجن دوستن ۽ هم خيالن کي پنهنجي پارٽي جي موقف تي قائل ڪرڻ ۽ پنهنجي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا پر رحمان اهڙي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ ئي اهڙو ڪو ڏيک ڏنو تہ سندس ڪنهن سياسي جماعت سان ڪو واسطو هو. پنهنجي مرضي سان آئون ساڻس گڏجي ڪن ماڻهن سان ملڻ يا ڪنهن گڏجاڻي ۾ هليو ويندو هوس.

پروفيسر جمال نقوي جي گهر اهڙي ئي هڪ گڏجاڻي ۾ ڄام ساقي مون کي پاسيرو وٺي وڃي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني پر ان وقت منهنجي لاءِ گهڻو وقت گذري چڪو هو ۽ اهڙي ريت مون ڪيس انڪار ڪري ڇڏيو. اسان جي ڪچهري جو مقصد خيالن جي ڏي وٺ ۽ هڪٻئي کان سکڻ هوندو هو. جيڪڏهين ڪيس ڪنهن ڳالهہ سان اختلاف هوندو هو تہ هو بجائي ڪاوڙ ڪرڻ يا رڙين ڪرڻ جي نهايت ڌيمي انداز ۾ دليلن سان پنهنجي ڳالهہ رکندو هو ۽ ان کي مڃڻ تي وڌيڪ زور نہ ڏيندو هو.

منهنجا ڪجهہ اهڙا دوست رهيا آهن جن جي حيثيت منهنجي گهر جي ڀاتي جي رهي آهي. انهن دوستن سان ماڻهو جو هڪ احساس جو ناتو ٿي ويندو آهي جيڪو ماڻهو جي شخصيت جو حصو بڻجي ويندو آهي. انهن دوستن ۾ رحمان بہ شامل هو. ساڻس هڪ محبت ۽ احترام جو رشتو هو. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هو هڪ لحاظ کان منهنجي لکڻ جي ڪم ۾ پڻ مددگار هوندو هو. اڪثر مون کي ڪجهہ مضمونن کي سنڌي مان اڙدو ۽ اڙدو مان سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت پوندي هئي. هو پاڻ منهنجي اڌ چوڻ تي اهو ڪم ڪندو هو جڏهين تہ ڪجهہ مضمونن کي هو پنهنجي ليکي ئي ترجمو ڪري ڇڏيندو هو. جيتوڻيڪ دوستن کان سکڻ ۽ ڪتابن وغيره پڙهڻ جو ڪيس گهڻو شوق هوندو هو ۽ ساڳي وقت دوستن جي شين تي ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪندو هو پر سندس ڪا پنهنجي لکڻي منهنجي نظر مان نہ گذري.

منهنجي گلشن حديد اچڻ کان پوءِ ساڻس رابطو گهٽجي ويو هو. ان جو هڪ ڪارڻ رحمان جي صحت جا مسئلا بہ هئا جنهن جي ڪري هو گهڻي عرصي تائين گهر تائين ئي محدود رهيو ۽ سندس دوستن سان ملڻ ۽ ٻيون سرگرميون گهٽجي ويون هيون. صحت ۾ ڪجهہ سڌاري اچڻ کان پوءِ هن پنهنجو معمول شروع ڪيو هو پر هڪ ڏينهن اسڪول مان موٽندي ويگن مان ڪرڻ جي ڪري ڪيس ڄنگهہ ۾ ڌڪ لڳو يا پراڻا سور بہ جاڳي پياءِ جن مان هو آخر تائين جانبر نہ ٿي سگهيو.

53

# سوڀو گيانچنداڻي: ڪجهه يادگيريون

وڏي ماڻهو ٿيڻ لاءِ ضروري ناهي ته ان وٽ مال دولت هجي يا هو عالم اڪابر هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو پاڻ پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهندو هجي. بس هو ماڻهن جهڙو ماڻهو هجي ۽ ساڻس ملڻ جلڻ وارا ماڻهو ڪيس پاڻ کان ڏار نه پر پاڻ مان ئي سمجهندا هجن.

منهنجو پنهنجي ادبي ۽ سياسي زندگي جي سفر ۾ گهڻن ماڻهن سان واسطو پيو ۽ ملاقاتون ٿيون. ماڻهو جو اندازو هونئن ته پهرين ملاقات ۾ ئي ٿي ويندو آهي پر جيڪڏهين پهرين نه ته ٻين يا ٽين ملاقات ۾ ضرور ٿي ويندو آهي. هر ماڻهو جو پنهنجو رنگ ۽ خوشبو هوندي آهي. انهن مان جنهن سان مزاج ٺهڪي ٿي آيو ان جي اجا ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ جنهن سان نه ٿي ٺهڪيو ان سان پاسو ٿي ڪيو.

مون سوڀو گيانچنداڻي متعلق هڪ ڪميونسٽ ۽ ٽريڊ يونين سان ڪم ڪندڙ سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن طور گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. هڪ لحاظ کان سندس حيثيت منهنجي لاءِ ڏندڪٿائي هئي. اڳتي هلي اهڙا موقعا آيا جو ان ماڻهو کي مون کي ويجهڙائي کان ڏسڻ ۽ ايستائين ته ڪچهرين ڪرڻ جو پڻ موقعو مليو. آئون اهو سوچيندو آهيان ته هو ماڻهو ائين ڇو هو ٻين وانگر ڇو نه هو جن پنهنجي نٽ نانگر، مال دولت ۽ سماجي حيثيت کي ناهڻ لاءِ سيڪجهه ڪيو ٿي. اهو ٽيگور جي تربيت، شانتي نڪيتن ۾ ورتل تعليم ۽ تربيت ۽ ان سان گڏ ڪميونسٽ پارٽي ۽ خاص طور تي پورهيتن سان لاڳاپيل هئڻ جي ڪري ٻه هو.

آئون سندس شخصيت کي ان لحاظ کان ٻه ڏسندو آهيان ته ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت هن سنڌ ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. اهو ان ڳالهه جي باوجود هو ته سندس گهڻا دوست ۽ پارٽي جا ڪامريڊ هڪ اشاري تي ۽ ٿوري دٻاءَ تي ئي پنهنجا ٽپڙ ويڙهي پارت لڏي ويا هئا. ان لاءِ مٿس هڪ پاسي حڪومت جو دٻاءَ هو ته ٻئي پاسي انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽي ٻه اهو فيصلو ڪري چڪي هئي ته پارٽي جا مسلم ميمبر ڀارت مان پاڪستان لڏي ويندا جڏهين ته پاڪستان مان هندو ميمبر ڀارت ايندا. سجاد ظهير ان حوالي سان ئي نئين ملڪ جي پارٽي جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ پاڪستان آيو هو. سندس ڏي نور ظهير چواڻي ته هن هتي پارٽي جي ميمبرن هنگل ۽ سوڀو گيانچنداڻي کي ڀارت لڏي وڃڻ لاءِ چيو هو. انهن مان هنگل ته سندس ڳالهه مڃي لڏي ويو پر سوڀي هتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. سندس ان فيصلي جي ڪري ڪيس جيل جون صعوبتون ٻه سهڻيون پيون ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ نظربند ٻه رهيو پر هو آخر تائين پنهنجي فيصلي تي قائم رهيو. جيتوڻيڪ هو عملي سياست

۾ گهڻو سرگرم نہ هو پر ملڪ ۾ چونڊن وسيلي هن هڪ ڀيرا ملڪ جي سياسي مک ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي. پر سندس لاءِ اهڙيون سڀ واٽون بند ڪيون ويون هيون. جيڪڏهين هو چاهي ها تہ سندس لاءِ ملڪ جي هن ماحول ۾ مال ملڪيت ناهڻ ڪا وڏي ڳالہ نہ هئي. سندس وڏو سرمايو اهو هو تہ هو سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن لاءِ پنهنجي حياتي جي آخر دم تائين هڪ اتساه ڀڻيل رهيو.

آئون سمجهان ٿو تہ منهنجي شايد ساڻس پهرين ملاقات حيدرآباد ۾ ڊي ايس ايف پاران ڪرايل ڪنهن پروگرام ۾ ٿي هئي. اهڙو ماڻهو جيڪو ايڏو قدآور هوندي بہ نہ رڳو مون جهڙي ڪانئس گهڻي جونيئر پر ان پروگرام ۾ موجود نوجوانن کي بہ اهو احساس نہ پيو ڏياري تہ سندس حيثيت ڪا ڪانئن مٿيري هئي. پروگرام ڪانپوءِ جيئن ٿيندو آهي اتي موجود سڀني ڄڻن سان غير رسمي ڪچهري ۾ شامل ٿي وڃڻ ۽ فوٽو ڪيائڻ وغيره بہ سندس هڪ يادگيري آهي.

ٻيو ڀيرو ساڻس عوامي آواز جي آفيس ۾ ملاقات ٿي هئي. اها آفيس اڃا نيو چالي وٽ نامڪو سينٽر ۾ هئي. انور پيرزادو ۽ سهيل سانگي وغيره بہ اتي ئي هوندا هئا. ان وقت اخبار پاران موجوده حالتن جي حوالي سان پينل بحث مباحثي جا پروگرام شروع ڪيا ويا.

ان جي پهرئين پروگرام ۾ سوڀو سان گڏ مون کي بہ شامل ڪيو ويو هو جڏهين تہ اخبار پاران انور، سهيل ۽ امداد اوڍو وغيره هئا. ان پروگرام ۾ تفصيل سان ان موئن جي دڙي جي ماڻهو کي ان دور متعلق ٻڌڻ جو موقعو مليو جڏهين هو اڃا سرگرم هو. اها رپورٽ پوءِ تفصيلي طور تي اخبار ۾ پڻ شائع ٿي.

بينظير جي پهرين حڪومت جي اچڻ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ پنجابي ٻولي جي ليکڪ فخر زمان لاهور ۾ جمهوريت پسند ليکڪن جي ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو هو. ان ڪانفرنس جي اهميت ان ڪري هئي تہ ضياء جي مارشل لاءِ جي هڪ ڊگهي عرصي جي خاتمي ڪانپوءِ، جنهن ۾ اديبن ۽ ليکڪن سميت سماج جي انهن سڀني ماڻهن سختيون سٺيون هيون جن ان ظلم ۽ ڏاڍ جي دور جي مخالفت ڪئي ٿي. هڪ جمهوري دور شروع ٿيو هو جنهن مان ماڻهن کي گهڻيون اميدون هيون. ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سنڌي ادبي سنگت کي پڻ دعوت ڏني ويئي هئي. ان جو سڄو انتظام ڪراچي سنگت، جنهن جو ان وقت سيڪريٽري فقير محمد لاشاري هو، جي ذمي هو. ان ڪانفرنس ۾ شرڪت سان گڏوگڏ سنڌي اديبن کي ڪجهہ موضوعن تي پيپرز پڻ پڙهڻا هئا. ان حوالي سان سنگت جي ان وقت جي مرڪزي قيادت سميت مختلف سنڌي اديبن سان رابطا ڪيا ويا. گهڻن جي آڌو پيپلز پارٽي جي ان ڪانفرنس جي ميزباني سندن لاءِ ان ۾ شرڪت لاءِ رڪاوٽ ٻڻجي ويئي. گهڻن صاف انڪار ڪيو ۽ گهڻن واعدو ڪري آخري وقت ۾ معذرت ڪري ڇڏي. سنڌ جي هڪ وڏي ليکڪ کي

جمهوريت ۽ ثقافت جي عنوان تي پيپر پڙهڻو هو پر هن واعدو ڪري پوءِ جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ سنگت پاران اها ذميواري مون کي ڏني ويئي.

سنڌي اديبن جي ان وفد ۾ سنگت ڪراچي جا نوجوان ليکڪ ۽ ڪارڪن شامل هئا، ڊاڪٽر آڪاش انصاري بدين مان آيو هو. پر ٻه سينيئر سنڌي اديب، ڊاڪٽر الله داد ٻوهيو ۽ سوڀو گيانچنداڻي ان وفد ۾ شامل هئا جيڪي ڄڻ ان سڄي وفد جي ساک ٻڻجي ويا هئا. انهن پاڻ ۾ ۽ نوجوان اديبن ۾ ڪنهن به نموني جو فرق نه رکيو، انهن سان گڏ ساڳين هوٽلن جي ڪمرن ۾ رهيا ۽ انهن سان گڏ ئي پروگرامن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيا.

سوڀي جي خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته هو ٻولي وغيره جي بنياد تي سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪو فرق نه رکندو هو ۽ سندس اها ڪوشش هوندي هئي ته خاص طور تي سنڌي ۽ اڙدو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ جيتري ويجهڙائي هجي اوترو چڱو. آئون پاڻ ارتقا، انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ عوامي ادبي انجمن وغيره ۾ گهڻي عرصي تائين سرگرم رهيو آهيان. انهن تنظيمن جو ڪم ترقي پسند سوچ کي اڳتي وڌائڻ ۽ خاص طور سنڌ جي ماڻهن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ رهيو آهي. ان ڪم لاءِ انهن کي سينيئر سنڌي اديبن ۾ سوڀو سڀ کان مناسب لڳو. ان ڪري اهو ڄڻ سندن مهمان نه پر هڪ لحاظ کان سندن ميمبر ٻڻجي ويو هو. انهن تنظيمن جي گهڻن پروگرامن ۾ سوڀي جي شرڪت هوندي هئي. سندس سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو رهيو ته هو جيسين به جيئرو رهيو خاص طور تي سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ اتساهه ٻڻيل رهيو.

54

# ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڄام ساقي سان ڪجهه ملاقاتون

ان ڳالهه جي باوجود ته منهنجين لکڻيون، تجزيا، واسطا ۽ ڳالهه ٻولهه وغيره جو واسطو عام طور تي کاٻي ڌر جي حوالي سان هوندو هو ۽ منهنجا واسطا ۽ دوستيون نه رڳو کاٻي ڌر جي اتڪل سيني تنظيمن جي ڪارڪنن سان هونديون هيون پر آئون انهن جي مختلف پروگرامن وغيره ۾ شريڪ پڻ ٿيندو هوس. پر منهنجي لاءِ عام طور تي اهو تاثر ورتو ويندو آهي ته منهنجو تنظيمي طور ڪميونسٽ پارٽي سان تعلق رهيوآهي. ڪن موقعن تي جڏهين مون تي اهو انڪشاف ٿيندو آهي ته اها ڳالهه پاڻ مون کي حيران ڪري ڇڏيندي آهي پر ان سلسلي ۾ منهنجي وضاحت ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي هوندي. ان جا مختلف ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. هڪ ته سنگت ڪراچي ۾ منهنجي ويجهڙائي گهڻو ڪري انهن ماڻهن سان هوندي هئي جيڪي ڪميونسٽ پارٽي سان ڪنهن ريت لاڳاپيل هوندا هئا. پر انهن سان تنظيمي لحاظ کان منهنجو ڪو رابطو نه هوندو هو. ٻي ڳالهه ته ان ذهني هم آهنگي جي ڪري پارٽي جي اڳواڻن پاران پنهنجن ڪارڪنن کي جن ليکڪن کي پنهنجو همدرد ۽ پنهنجي ويجهو سمجهيو ويندو هو ۽ انهن جي لکڻين کي پڙهڻ لاءِ چيو ويندو هو انهن ۾ منهنجو نالو به شامل هوندو هو. ساڳي ريت پارٽي ۽ پارٽي ڪارڪنن ڏانهن منهنجي همدردانه روئي جي ڪري اهي مون سان ڳالهائيندي ۽ مختلف معاملن تي بحث ڪندي ڪا ڏکيائي ۽ معاندانا رويو محسوس نه ڪندا هئا. ان حوالي سان ئي پارٽي جي ڪليل پليٽ فارمن جهڙوڪ ساٿي ٻارڙا سنگت ۽ ڊي ايس ايف وغيره پاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ پنهنجن پروگرامن ۾ مون کي مدعو ڪيو ويندو هو.

ڏوڪري ۾ ٿيل ساٿي ٻارڙا سنگت جو اهڙو هڪ ڪنونشن مون کي ياد آهي جنهن ۾ استاد بخاري سان پهرين ۽ آخري ملاقات ٿي هئي. پروگرام جيتوڻيڪ شام جو هو پر استاد اسان ڪجهه دوستن جيان جيڪي ڪراچي مان صبوح ساڻ ئي اتي پهچي ويا هئا ڏينهن ۾ ئي اتي پهچي ويو هو. عام ڪارڪنن سان گڏ فرش تي ويهي ڪچهري ڪرڻ وارو اهو شخص اهو ڏيکاءُ نه پيو ڏئي ته هو سنڌ جو هڪ وڏو شاعر آهي ۽ سندس ڪا وڏي مڃتا آهي. شاعري کان وڌيڪ سندس شخصيت جو اهو تاثر منهنجي لاءِ وڌيڪ ديرپا آهي.

انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ خاص طور تي دادو ۽ لاڙڪاڻي جي علائقن ۾ ڌاڙيلن جو زور هوندو هو ۽ رات ته نهيو ماڻهو ڏينهن جو شهر ۾ به نڪرڻ ۾ ڪيٻائيندا هئا. ان صورتحال ۾ دوستن اهو پروگرام ناهيو ته پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ سائين علي اڪبر ڍڪڻ، جنهن سان اسٽيٽ بينڪ ۾ هئڻ جي ناتي هڪ تعلق هو، جي ڳوٺ جو چڪر هڻجي ۽ سندس گهر ڏسجي. سچ لڳي جو ٽاڻو هو ۽ اهو رستو ڪچي مان ٿي

گذريو ٿي. اسان جي پويان پروگرام جا منتظم پڻ پريشان هئا ته مهمان جيڪي سندن ذميواري هئا سي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا ۽ جيڪڏهين ساڻن ڪجهه ٿيو ته پڇاڻو ڪائڻ ٿيندو. بهرحال اسان کي به صورتحال جي سنگيني جو اندازو ان وقت ٿيو جڏهين ڪچي ۾ داخل ٿياسين. بهرحال جڏهين خير سان ڏوڪري ۾ جلسي گاهه ۾ پهتاسين ته اسان ۽ جلسي جي منتظمين ٻنهي شڪر جو ڪلمو پڙهيو.ان کان سواءِ خيرپور ۾ شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ ٿيل ڊي ايس ايف جي هڪ پروگرام ۾ شريڪ ٿيس. ساڳي ريت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پارٽي سان همدردي رکندڙ سنگت جي مختلف شاخن پاران پڻ مختلف ادبي پروگرامن ۾ مدعو ڪيو ويندو هو.

پارٽي پاران سندن مختلف سنڌي ۽ اڙدو ۾ نڪرندڙ رسالن جهڙوڪ شعور ۽ روشن خيال وغيره لاءِ مختلف موضوعن تي مون کي مضمونن وغيره لکڻ لاءِ به چيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ اهو ضروري نه هوندو هو ته هر معاملي تي پارٽي ۽ منهنجو موقف ساڳيو هجي. اختلاف تي ڳالهايو ويندو هو ۽ ڪڏهين ان تي سهمت ٿبو هو ۽ ڪڏهين نه ٿبو هو. پر اهو گهٽ ئي ٿيندو هو ته انهن مضمونن کي شائع نه ڪيو وڃي. اهو ان ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو هو ته ان وقت پارٽي پاڻ هڪ تبديلي جي مرحلي مان گذري رهي هئي. سوويت يونين گورباچيف جي گلاسنوسٽ ۽ پريسترائيڪا تحت ٿيندڙ تبديلين مان گذري رهيو هو جنهن ۾ ان ڳالهه کي مڃيو ويو هو ته سماج ۾ سچ جي رڳو هڪ ۽ قطعي صورت ناهي. اهو مختلف ماڻهن ۽ مختلف وقتن تي مختلف ٿي سگهي ٿو. انهن تبديلين تي بحث ڪرڻ سان گڏوگڏ پارٽي تي اهو به دٻاءُ هو ته اها سماج جي مختلف پرتن، جيڪي ساڻس مڪمل طور تي متفق ناهن پر سندس ويجهو آهن، سان اوپرائپ ختم ڪري پنهنجي تعلق کي مضبوط ڪري.

پارٽي جي اڳواڻن ڄام ساقي، نازش امروهي ۽ جمال نقوي وغيره سان گهڻو پوءِ منهنجي ملاقات ٿي. ڏنو وڃي ته جنهن ماحول ۾ منهنجي سياسي تربيت ٿي هئي ۽ جيڪي تاثر مون پنهنجي ليکي سندن متعلق قائم ڪيا هئا اهي ٻن قسمن جا هئا. هڪ ته اهي ماڻهو سوشلزم ۽ طبقاتي سياست جي نالي ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا دشمن ۽ سنڌ جو استحصال ڪرڻ چاهين ٿا جڏهين ته ٻيو تاثر سندن پراسرار شخصيت متعلق هو. اهڙا شخص جيڪي پنهنجن آدرشن جي ڪري روپوشي جي حالت ۾ رهن ٿا، سرڪار وٽ خطرناڪ سمجهيا وڃن ٿا، تارچر ڪئمپن ۾ بدترين ايذاءَ سهي به ٻڙڪ ٻاهر نه ٿا ڪڍن. جيڪڏهين ماڻهو ڪنهن ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي نه ٿو ويهي ۽ پنهنجي ذهن کي کليل رکي ٿو ته لاڳيتو عمل ماڻهو جي خيالن ۽ نظرين ۾ پختگي يا تبديلي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ساڻس هزار سياسي ۽ ذاتي اختلافن هوندي به ملڪ ۽ خاص طور تي سنڌ جي هر سياسي ڪارڪن وٽ ڄام ساقي جي لاءِ سندس جدوجهد ۽ قربانين جي ڪري عزت ۽ احترام هوندو هو ۽ ساڻس ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جي خواهش هوندي هئي. آئون سمجهان ٿو ته منهنجي جڏهين ساڻس پهرين ملاقات فيض سومرو جي پاڪستان ڪوارٽر واري گهر تي ٿي هئي تڏهين شايد هو روپوش نه هو ۽ ملڪ کان

ٻاهر ٻه هڪ اڌ چڪر هڻي چڪو هو. ساڻس جڏهين ان پرڏيهه ياترا جو ذڪر نڪتو ته سندس چوڻ هو ته ڪامريڊ سهڻن گلن جي چوڏاري ڪندا ٻه گهڻا هوندا آهن ۽ تڪليفن سان گڏ اهي آرام ۽ آسيس ٻه ميسر ٿي وڃن ٿا. ان ملاقات ۾ ساڻس سياسي موضوعن تي ڪا خاص ڳالهه ٻولهه نه ٿي.

جام سان ٻي ملاقات حيدرآباد ۾ ڪنهن هوٽل ۾ جتي شايد ڊي ايس ايف جو ڪو پروگرام هو ۽ جنهن ۾ سوڀو گيان چنداڻي ٻه شريڪ ٿيو هو اتي ٿي. شام جو دير تي وڃڻ ڪري ڪراچي موٽڻ ڏکيو هو ان ڪري اها رات جام جي گهر ۾ سندس خاندان سان گڏ هڪ گهر ڀاتي وانگر رهيس. جام ملڪي سياست جو هڪ وڏو نالو هو ۽ آهي. پر سندس رويو عام ماڻهن ۽ سياسي ڪارڪنن سان روايتي سياسي اڳواڻن بجائي بلڪل هڪ عام ڪارڪن ۽ عام ماڻهو وارو هوندو هو. ان ۾ ڪا اهڙي وڏائي يا معتبرائپ نظر نه ايندي هئي جيڪا ڪابي ڌر ۽ قوم پرست تنظيمن جي گهڻن سياسي اڳواڻن ۾ پڻ نظر ايندي آهي. گهڻ ۾ گهڻ مون سندس ورتاء مان ائين ئي محسوس ڪيو. ممڪن آهي ته سندس پارٽي جي ڪارڪنن جو ان متعلق رايو مختلف هجي.

ان کان پوء جام سان مختلف موقعن تي ملاقاتون ٿينديون رهيون. ان سلسلي ۾ خاص طور تي ٻن ملاقاتن جو ذڪر ڪرڻ آئون ضروري سمجهان ٿو. هڪ ڀيري ڪجهه دوستن سان گڏجي ناظم آباد ۾ پروفيسر جمال نقوي جي گهر، جتي آئون ٻه ٿي ڀيرا اڳ ٻه وڃي چڪو هوس، ڪچهري جي خيال سان وڃڻ ٿيو. اتي جام اڳ ئي موجود هو. ساڻس عليڪ سليڪ ۽ ڪچهري ٿي. ڪجهه دير ڪانپوء هڪ پاسي وني وڃي مون کي چيائين ته ڪامريڊ پارٽي پاران مون کي چيو ويو آهي ته اوهان کي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيان. مون سندس ڳالهه ڌيرج سان ٻڌي ۽ ڪنهن رد ڪد ۽ بحث مباحثي ڪانسواء نهايت آرام سان سڌي نموني ڪيس جواب ڏنو ته ڪامريڊ آئون پارٽي ۾ شامل ٿي نه ٿو سگهان. آئون سمجهان ٿو ته ان سان مون ڏانهن جام جي روئي ۾ ڪو فرق نه آيو. هو پوءِ ٻه مون سان ساڳي نموني سان ملندو رهيو.

هڪ ٻيو موقعو جڏهين سنگت ڪراچي پاران فنانس ۽ ٽريڊ سينٽر جي آڊيٽوريم ۾ شيخ اياز سان وڏي پئماني تي هڪ پروگرام ڪيو ويو هو، جنهن جي سنگت جي حوالي سان خاص ڳالهه اها هئي ته ان ۾ داخلا لاء ٻه ڪارڊ ڏيکارڻ جو شرط هو. هن پروگرام ۾ جام ٻه شريڪ هو. ان وقت ٿورائي ۽ گهڻائي جي حوالي سان پارٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪو هئي، جنهن ۾ جام ۽ پروفيسر جمال نقوي وارا هڪ پاسي هئا ۽ مير ٿيبو، امداد قاضي ۽ ٻيا گهڻا ٻئي پاسي هئا. جام شايد ان وقت پارٽي جو سيڪريٽري جنرل هو. سوال اهو هو ته سوشلزم جي واٽ صحيح آهي يا آمريڪا جي تجويز ڪيل آزاد معيشت ۽ سرمايا دارانا جمهوريت جي واٽ ونجي. جام جمال نقوي سان ان سلسلي ۾ گڏ هو ته آزاد معيشت ۽ سرمايادارانا جمهوريت واري واٽ صحيح آهي، جڏهين ته هو سڄي عمر جنهن سوشلزم جي وڪالت ڪندا رهيا، اها سندن زندگي جي وڏي غلطي هئي.

بهرحال ان پروگرام جو جڏهين تقريرن وارو سيشن پورو ٿيو ته وقفي ۾ ڄام سان ملاقات ٿي. مون کي چيائين ته ڪامريڊ اوهان سان ڳالهائڻو آهي. جيئن ته ان پروگرام جي انتظام ڪندڙن ۾ آئون شامل هوس ان ڪري مون کي اهو مناسب نه پئي لڳو ته رڳو اسٽيج تي ويهي ۽ تقرير ڪري آئون ٻيو سڄو ڪم ٻين دوستن جي حوالي ڪري هليو وڃان. ان ڪري مون ڪيس چيو ته ڪامريڊ هن وقت ته ٿوري مصروفيت آهي پاڻ پوءِ ويهي فرصت ۾ ڳالهائي سگهون ٿا. ممڪن آهي ته ڄام ان کي ٻئي طريقي سان سمجهيو هجي، بهرحال پوءِ وري ڳالهه ٻولهه جو اهڙو موقعو نه آيو.

آئون اڪثر اهو سوچيندو آهيان ته مون کي ان وقت ڄام سان ڳالهائڻ لاءِ وڃڻ گهرجي ها پر وري اهو به خيال ايندو آهي ته ڳالهه سڄي موقعي جي هوندي آهي ۽ مون ان وقت سنگت جي پروگرام کي اڌ ۾ ڇڏي وڃڻ نه ٿي چاهيو. ان کان پوءِ ڄام سان هڪ اڌ ڀيرو ڪنهن پروگرام ۾ ملاقات ٿي آهي پر هاڻي سوشلزم ۽ ڪميونسٽ پارٽي ته سندس لاءِ عهد رفته جي داستان ٿي چڪي هئي.

55
# ڊاڪٽر شمس سومرو: ڪجھ يادگيريون

ڊاڪٽر شمس سومرو جي وفات کي سترنهن سال ٿي ويا. ڪي ماڻهو ائين سيِ ناتا ڇني هليا ويندا آهن جو ماڻهو حيران ۽ هٽ مهٽيندو رهجي ويندو آهي. شمس سان بہ بلڪل ائين ئي ٿيو. ان ڏينهن آئون آفيس ۾ ئي هوس تہ ڪنهن دوست جو فون آيو تہ شمس گذاري ويو آهي. اها بلڪل اوچتي خبر هئي. اسان ڪجھ دوست فوري طور لياري ۾ سندس ڪلينڪ تي پهتاسين جتي سندس رهائش بہ هئي پر ان وقت تائين کيس پنهنجي اباڻي شهر دادو کڻي ويا هئا. اتي همراهن ٻڌايو تہ ڇاتي ۾ سور جي شڪايت ۽ ساه کڻڻ ۾ تڪليف جي ڪري کيس اسپتال کڻائي ويا هئا پر هو زندگي جي جنگ هارائي ويو.

شمس سان ادبي لحاظ کان تہ واقفيت هئي ۽ هڪ ليکڪ طور سندس نالو بہ ٻڌل ۽ ڄاتل سڃاتل هو پر مون کي ياد ٿو پئي تہ ساڻس پهرين ملاقات فقير محمد لاشاري وسيلي ٿي هئي. فقير ان وقت هلال پاڪستان ۾ هلال مئگزين جو انچارج هو ۽ شمس جو هڪ ليکڪ جي طور ساڻس رابطو هوندو هو. ان وقت آئون بہ بغدادي ۾ رهندو هوس. هڪ ڏينهن شايد فقير جي طبيعت نيڪ نہ هئي. هو مون وٽ گهر آيو ۽ چيائين تہ يار شمس جي ڪلينڪ تي هلڻو آهي تہ جيئن دوا بہ وٺون ۽ ساڻس ڪچهري بہ ڪيون. شمس اڳ شايد نل ۾ ڪلينڪ هلائيندو هو. پر هو هڪ ڊگهو عرصو لياري ۾ رهيو ۽ هتان جي مختلف علائقن ۾ پنهنجي ڪلينڪ هلايائين. ان وقت شايد سندس ڪلينڪ ڇاڪيواڙا ٻہ نمبر ۾ هئي. اهڙي ريت شمس سان پهرين ملاقات ٿي جيڪا هڪ گهري هم آهنگي ۽ دوستي ۾ بدلجي ويئي.

سنڌي ليکڪ لاءِ خاص طور لکڻ ڪڏهين بہ پيٽ گذر جو ذريعو ناهي رهيو. جن اهڙي ڪوشش ڪئي آهي اهي معاشي لحاظ کان هميشہ ڏکيائين جو شڪار رهيا آهن. ان ڪري پنهنجي پيٽ گذر لاءِ اسان مان هر ڪنهن کي ڪو نہ ڪو ٻيو ڪم ۽ نوڪري وغيره ڪرڻي پوندي آهي. ساڳي ريت شمس پنهنجي پيشي جي لحاظ کان هڪ ميڊيڪل ڊاڪٽر هو. پر ائين لڳندو هو تہ ڄڻ سندس اصل ڪم لکڻ پڙهڻ ئي آهي. منهنجو جڏهين بہ سندس ڪلينڪ تي وڃڻ ٿيو تہ مون ڏٺو تہ ڪتاب، قلم ۽ ڪاغذ سندس ميز تي پيا هوندا هئا. مريضن کان کيس جيڪو فارغ وقت ملندو هو اهو لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذاريندو هو. سندس دوست بہ گهڻي ڀاڱي اهي ماڻهو هوندا هئا جيڪي ان ڪم سان لاڳاپيل هوندا هئا. اهڙا گهڻا نالا آهن جيڪي لياري ۽ شهر جي ٻين علائقن ۾ رهندا هئا ۽ خاص طور ڊاڪٽر سان ملڻ لاءِ لياري ۾ سندس ڪلينڪ تي ايندا هئا. ادبي اڃ پوري ڪرڻ سان گڏوگڏ ڊاڪٽر انهن کي مفت طبي مشورا ۽ دوائون پڻ ڏيندو هو. آئون پاڻ بہ ڪنهن ننڍي وڏي مسئلي لاءِ ساڻس صلاح ڪندو هوس. ان وقت سندس هڪ ويجهو دوست ڊاڪٽر ثناءالله ڪوکر بہ لياري ۾ شايد ڪلري جي علائقي ۾ ڪلينڪ

هلائيندو هو. ڊاڪٽر ثناءالله جو جيتوڻيڪ ادب سان ڪو سڌو واسطو نہ هو پر هو طب جي حوالي سان هڪ رسالو شائع ڪندو هو جنهن ۾ شمس سندس مدد گار هو.

شمس اڪثر منهنجي گهر ايندو هو. سندس زال ۽ ٻار هوندئن تہ دادو ۾ رهندا هئا پر هڪ ڀيري سندس ڏيئرون وٽس ڪراچي آيل هيون. هو انهن کي منهنجي گهر بہ وٺي آيو هو. آئون جڏهين لياري کان گلشن حديد منتقل ٿيو هوس تہ هڪ اڌ ڀيرو هو هتي بہ آيو هو. هڪ ڀيرو اسان ٻئي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي وفد سان گڏجي ڪوئيٽا ويا هئاسين جتان انهن جي سائيڪل ريلي سان گڏ سبي ۽ پوءِ اتان ڪراچي آيا هئاسين.

هڪ مهذب ، نرم، شائستا ۽ دوستن جي عزت ڪرڻ وارو شخص پرهو پنهنجي لکڻين جي حوالي سان گهڻو حساس هو. ڪجھ عرصو آئون عوامي آواز جي ادبي صفحي جو انچارج رهيو هوس. سندس هڪ مضمون ۾ شايد ڪي پروف جون غلطيون رهجي ويون هيون. هن انهن جي نشاندهي بہ ڪئي ۽ ان تي پنهنجي ناراضگي جو اظهار بہ ڪيو. سنگت جي اها روايت رهي آهي تہ ادبي تنقيد ۾ دوستي يا وڏ نندائي جي حوالي سان ڪا رو رعايت نہ ڪبي هئي. اسان سڀني دوستن جيان شمس بہ ان روايت جو قائل هو. سنگت ڪراچي جي ڪجھ پروگرامن ۾ سندس مضمونن ڪن وڏن اديبن کي بہ ناراض ڪري ڇڏيو هو پرهو ان جي گهڻي پرواہ نہ ڪندو هو.

شمس ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي جنرل سيڪريٽري ٿيڻ لاءِ سوچيو هو.اهو دور اهڙو هو جڏهين سنگت واضح طور ٻن گروپن ۾ ورهايل هئي. اهي اختلاف ۽ گروه بندي وغيره ڪنهن نظرياتي،يا سياسي بنياد تي نہ پر گهڻي ڀاڱي شخصي بنيادن تي هئا. بظاهر تہ هڪ پاسي تاج جويو ۽ ٻئي پاسي يوسف سنڌي جو گروپ تي نظرآيا پر اها ورهاست نهايت گهري هئي ۽ ان ۾ گهڻا ننڍا ننڍا گروپ موجود هئا. منهنجي نظر ۾ ان صورتحال ۾ سنگت جي ڪنهن عهدي لاءِ چونڊ وڙهڻ هرو ڀرو پنهنجين توانائين کي ضائع ڪرڻ هو. ڊاڪٽر کي جيتوڻيڪ اسان ڪجھ دوستن چونڊن جي ان خفي ۾ نہ پوڻ جي صلاح ڏني. پر هن ٻئي طريقي سان سوچيو ٿي. ڊاڪٽر کي يوسف سنڌي جي گروپ جي پٺڀرائي حاصل هئي. سيڪريٽري جنرل جي عهدي لاءِ سندس سامهون مختيار ملڪ هو. انهن چونڊن لاءِ ڊاڪٽر گهڻي ڊڪ ڊوڙ ڪئي ۽ سڄي سنڌ ۾ سنگت جي مختلف دوستن سان مليو. چونڊن واري ڏينهن اسان ڪجھ دوست پٽ شاہ ۾ ساڻس گڏ هئاسين. سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي تہ شمس چونڊجي ويو پر ٻين عهدن تي مخالف گروپ جا اميدوار ڪامياب ٿيا. ان کانپوءِ سنگت ۾ جيڪو سلسلو شروع ٿيو اهو مختلف طريقن سان اجا تائين هلندو اچي. شروع ۾ سيڪريٽري جنرل جي چونڊ کي متضاد ٻڌايو ويو ۽ پوءِ جڏهين ان ۾ ڪاميابي نہ ٿي تہ باقي عهديدارن ساڻس ڪنهن بہ قسم جي سهڪار ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي. هڪ اهڙو شخص جنهن پنهنجي خلوص سان سنگت لاءِ ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ جنهن کي گروہ بندي ۽ لابنگ جي عادت نہ هئي ان صورتحال ۾ ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي ويو ۽ هن پنهنجي

عهدي جو پورو عرصو اهڙي ريت ئي گذاريو.سندس مخالفن جو مقصد ڪيس غير موثر ڪرڻ هو ۽ ان ڳالهه ۾ اهي گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويا.

جيتوڻيڪ هو ادب جي مختلف صنفن جهڙوڪ ڪهاڻي، شاعري ۽ تنقيد وغيره تي طبع آزمائي ڪندو هو پرتنقيد جي شعبي سان سندس خاص لڳاءُ هو. هو هڪ ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ڪتاب تخليقي ادب جا ترڪيبي جزا تي ڪم ڪندو رهيو هو ۽ پنهنجي وفات کان اڳ اهو ڪتاب هن مڪمل ڪري ڇڏيو هو پر ڇپائي نہ سگهيو هو. سندس وفات کانپوءِ 2006 ۾ سندس دوستن اهو ڪتاب شائع ڪيو. تنقيد جي حوالي سان سنڌي ۾ اهو هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن کي ان ڪري جوڳي موٽ نہ ملي سگهي آهي جو هڪ تہ اهو ڪتاب پڙهندڙن تائين چڱي ريت پهچي نہ سگهيو آهي ۽ ٻيو تہ شمس جي سنڌي ادب ۾ ايڏي ڪا مضبوط لابي نہ رهي آهي جيڪا ليکڪ ۽ ڪتاب کي اڳتي ڪڍي وڃي ها. ممڪن آهي تہ انهن دوستن وٽ شمس جو ٻيو مواد ۽ لکڻيون بہ هجن ۽ انهن جي ان سلسلي ۾ ڪا رٿا بندي بہ هجي.

اها ڳالهہ تہ يقيني آهي تہ هو وسريو ناهي. پنهنجي شخصيت، ادبي ڪم ۽ لکڻين وسيلي هو هميشہ ياد رهندو.

## 56
# سنڌي عوامي تحريڪ سان وابستگي

اهو سوال پڇي سگهجي ٿو تہ گهڻين ٻين سياسي جماعتن سان ويجهڙائي ۽ ساڻن همدردي جي باوجود مون نيٺ سنڌي عوامي تحريڪ جي چونڊ ڇو ڪئي. ان جو جواب منهنجي ذهن ۾ اهو آهي تہ ان وقت مون اهو سمجهيو ٿي تہ سنڌ جي طبقاتي ۽ قومي سوال کي گڏي کڻڻ ئي هڪ صحيح سياسي اپروچ آهي. ان لحاظ کان قوم پرست جماعتون طبقاتي حوالي سان ۽ ڪميونسٽ جماعتون قومي سوال جي حوالي سان کٽل محسوس ٿي ٿيون جڏهين تہ سنڌي عوامي تحريڪ انهن ٻنهي لاڙن تي تنقيد ڪندي قومي ۽ طبقاتي سوال کي گڏي کڻڻ جي ڳالھ ٿي ڪئي.

پارٽي سان منهنجي وابستگي منهنجي دائري ڪار کي وڌيڪ وسيع ڪري ڇڏيو. سنڌ جي گهڻن سياستدانن ۽ اديبن، جن سان اڳ رڳو اخبارن ۽ ڪتابن ذريعي واسطو هو، سان وڌيڪ ويجهڙائي ٿي ۽ مختلف سياسي ڌرين ۽ جماعتن ۾ جيڪي اختلاف هئا ۽ سنڌن وچ ۾ جيڪي بحث هلي رهيا هئا انهن جي ڄاڻ ملي. ان ۾ خاص طور ٻہ ماڻهو، رسول بخش پليجو ۽ ڊاڪٽر فيروز احمد سان ويجهڙائي منهنجي سياسي تربيت ۾ خاص طور تي ذهني اوسر ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. پارٽي ۾ داخل ٿيڻ سان تنظيمي لحاظ کان مون مختلف ڏاڪا طئي ڪرڻ شروع ڪيا. شايد ان جو ڪارڻ اهو هو تہ مون ان کي واقعي هڪ ڪاز ۽ مقصد طور ورتو هو، پارٽي جي ڏنل ذميوارين کي فرض سمجهي پورو ڪيو ٿي ۽ مقامي طور تي پارٽي ڪارڪنن جي مختلف گروهن جي وچ ۾ جيڪا ڇڪتاڻ هلي رهي هئي ان جو حصو ٿيڻ قبول نہ ڪيو هو. پارٽي منهنجي لاءِ هڪ اهڙو پوترادارو هئي جيڪا ان منزل ڏانهن وٺي هلندي جنهن جو عظيم انقلابي اڳواڻن واعدو ڪيو هو.

ستر جو ڏهاڪو سنڌ ۽ ملڪ جي حوالي سان هڪ وڏي سياسي ڇڪتاڻ جو دور هو جنهن ۾ هڪ پاسي سنڌ ۾ ٻولي جا فساد ٿيا جنهن ترقي پسند ڌرين سميت سڄي سماج کي نسلي ۽ ٻولي جي بنيادن تي ورهائي ڇڏيو. قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون، پي اين اي جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جي معاملي تي پٿو خلاف تحريڪ ۽ ضياء الحق جو مارشل لاءِ سڀ ان ڏهاڪي جون خاصيتون آهن.

پارٽي پاران اهو فيصلو ڪيو ويو هو تہ 1977 جي چونڊن ۾ ڪجھ نشستن تي چونڊ وڙهجي جنهن ۾ کٽڻ هارائڻ کان وڌيڪ مقصد اهو هو تہ ماڻهن سان هڪ رابطو قائم ڪجي ۽ سنڌن آڏو موجوده نظام جي ڪوتاهين ۽ منافقتن کي وائکو ڪجي. اسماعيل سوهو کي ميرپوربٺورو مان سنڌ اسيمبلي جي نشست لاءِ بيهاريو ويو هو. ڪراچي مان مون سميت پارٽي جا گهڻا دوست اليڪشن ورڪ لاءِ اتي پهتاسين. اسماعيل پاڻ ان وقت جيل ۾ هو. مختلف ڪارڻن جي ڪري چونڊ پيپلز پارٽي کٽي ويئي پر ان ڳالھ جو تجربو ٿيو تہ چونڊن ۾ ڇا ڇا ٿيندو آهي. آئون ان وقت ڊاڪٽر

فيروز ۽ آزاد بلوچ سان گڏ پارٽي جي ڪراچي ڪاميٽي جو حصو هوس. ڪاميٽي جون گڏجاڻيون لياري جي علائقي مولا مدد ۾ ڪنهن دوست جي گهر ٿينديون هيون. انهن گڏجاڻين ۾ ڪرفيو ۽ هڙتالن وغيره جي باوجود دوست شهر جي مختلف علائقن مان مختلف طريقن سان پهچندا هئا. انهن گڏجاڻين جو مقصد سياسي صورتحال جي جائزي وٺڻ سان گڏوگڏ مقامي سنڌي ۽ بلوچن جي تحفظ لاءِ مختلف قدم تجويز ڪرڻ ۽ سنڌ جي ٻين علائقن مان نوڪري ۽ ٻين ڪمن سانگي ڪراچي ۾ رهيل سنڌين کي ان ڳالھ لاءِ قائل ڪرڻ هو تہ ڪراچي اوهان جو پنهنجو شهر آهي ۽ ان کي دٻئي سمجهي، جتي اوهان رڳو ڪمائڻ لاءِ آيا هجو، لڏڻ جو نہ سوچيو. انهي موضوع تي ڪاميٽي پاران هڪ پمفليٽ پڻ جاري ڪيو ويو هو.

ڪراچي ۾ ان وقت اجا ايم ڪيو ايم جو ڌڪاءُ نہ هو ۽ اڙدو ڳالهائيندڙن جي گهٽائي وارن علائقن جهڙوڪ فيڊرل بي ۽ سي ايريا، لالو کيت، ناظم آباد، پاپوش نگر، اورنگي ۽ ڪورنگي ۾ چوويهہ ڪلاڪ اچ وڃ ڪرڻ يا اتي سنڌي ماڻهن جو رهڻ ڪا گهٽي ڊپ ڊاءَ جي ڳالھ نہ هوندي هئي. پارٽي جي دوستن وٽ گڏجڻ لاءِ فيڊرل سي ايريا جو هڪ فليٽ ۽ لياري ۾ ميران ناڪي جو هڪ گهر هو جتي چڙا دوست رهندا هئا. هتي پارٽي جي ڪم سان ٻين شهرن کان آيل دوست بہ اچي رهندا هئا جن جو سڄو خرچ بہ اتي رهندڙ دوست ئي ڪٽندا هئا.

پارٽي آڏو هڪ اهم هدف اهو هو تہ ڪراچي ۾ سياسي سرگرمي وسيلي پاڻ کي هتان جي صحافتي، ادبي ۽ سياسي حلقن سان ڳنڍڻ سان گڏوگڏ پاڻ کي غير سنڌي حلقن ۽ پرڏيهہ ۾ بہ متعارف ڪرائجي. ان حوالي سان پارٽي ڪراچي ۾ چين نواز مختلف ڪميونسٽ ڌرين ۽ فردن سان لاڳاپي ۾ هوندي هئي. ان ۾ خاص طور تي مزدور اڳواڻ اڪرم ڌاريجو ۽ علي ياور جو نوجوان محاذ ذڪر جوڳا آهن. انهن سان مختلف موضوعن تي بحث ٿيندا هئا ۽ شهر ۾ سياسي سرگرمين جي حوالي سان مختلف پروگرامن جي رٿا بندي ڪبي هئي. ضياء الحق جي دور ۾ صحافين جي جيڪا تحريڪ هلي ان ۾ پارٽي جي سرگرم شرڪت پڻ ان سلسلي جي ئي هڪ ڪڙي هئي. ان سلسلي ۾ وڏي پئماني تي پارٽي ۽ ان جي ڪليل شاگرد ۽ هاري محاذن جي ڪارڪنن جي هڪ وڏي کيپ تيار ڪئي ويئي هئي جن کي پارٽي جي هدايتن موجب مختلف وقتن تي سنڌ جي مختلف شهرن مان گرفتاريون ڏيڻيون هيون. ڪراچي جيئن تہ ان تحريڪ جو مرڪز هو ان ڪري ڪراچي جي دوستن جي ذميواري بہ گهڻي وڏي ٿي ويئي. سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان جيڪي ڪارڪن ان مقصد لاءِ ڪراچي ايندا هئا انهن جي رهڻ، ڪائڻ پيئڻ ۽ کين گرفتاري ڏيڻ واري جاءِ تائين پهچائڻ مقامي ڪارڪنن جي ذميواري هوندي هئي. ان سلسلي ۾ ڪڏهين ڪڏهين ائين بہ ٿيندو هو تہ اهي ڪارڪن پاڻ ان جاءِ ۽ پوليس جي ايترو ويجهو پهچي ويندا هئا جو پاڻ انهن جي گرفتار ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي پوندا هئا. ان تحريڪ پارٽي جي شهرت ۽ سياسي ساک ۾ وڏو واڌارو ڪيو ۽ ان کي ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ هڪ خاص مقام ڏنو.

ان سان گڏوگڏ پارٽي اندر ۾ مٿين سطح تي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڇڪتاڻ جو عمل پڻ جاري هو. ان وقت پارٽي عام ماڻهن، شاگردن ۽ هارين تائين پنهنجي دائري کي وسيع ڪرڻ لاءِ ڪليل محاذ ناهڻ ۽ انهن کي منظم ڪرڻ جي مرحلي مان گذري رهي هئي. ان سلسلي ۾ مولا بخش ڪوسو جي اڳواڻي ۾ سنڌي اسٽوڊينٽس آرگنائزيشن جي نالي سان شاگرد تنظيم ناهڻ جو عمل شايد منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ ۾ جاري هو. ان سلسلي ۾ رڳو ايتري خبر پئجي سگهي ته ڪوسو پارٽي کان ڌار ٿي ويو هو ۽ پاڻ سان گڏ ان سلسلي ۾ جيڪو بنيادي ڪم ڪيو ويو هو اهو به ڪٽي ويو هو. ممڪن آهي ته ڪوسو جو سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پارٽي جي ڪارڪنن سان ڪي لاڳاپا هجن پر ڪراچي ۾ سوائي سندس نالي جي سندس متعلق ٻي ڪابه ڄاڻ نه هئي ۽ نه ئي پارٽي يا ٻئي ڪنهن ذريعي وٽان سندس موقف متعلق ڪا خبر پئجي سگهي هئي. اهڙي ريت نئين سر ان ڪم کي شروع ڪيو ويو ۽ نئين تنظيم کي سنڌي شاگرد تحريڪ جو نالو ڏنو ويو.

پارٽي ڪارڪنن کي اها ته ڄاڻ هوندي هئي ته پارٽي جا جيئي سنڌ تحريڪ ۽ جي ايم سيد ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۽ بقول پليجو جي ته نقوي نازشي سازشي ٽولي سان کهڙا اختلاف هئا پر ڪين اها ڄاڻ نه ملي سگهندي هئي ته پارٽي اندر مٿين سطح تي کهڙا نظرياتي ۽ سياسي بحث هلي رهيا آهن ۽ تنظيمي طور تي کهڙا اختلاف آهن. ان ڪري ڪنهن به گروه يا اهم اڳواڻ جو پارٽي ڇڏڻ ڪارڪنن لاءِ هڪ صدمي مثل هوندو هو ۽ جيئن ته ڪين اختلافن جي نوعيت جي خبر نه هوندي هئي ان ڪري سندن ڪوشش اها هوندي هئي ته ان کي راڄوڻي طريقي سان صلح صفائي ڪري حل ڪيو وڃي. منهنجي لاءِ اها ڳالهه ڪنهن صدمي ۽ وڏي خساري جي احساس کان گهٽ نه هئي جڏهين مون کي اها خبر پيئي ته ڊاڪٽر فيروز، آزاد بلوچ ۽ ڪراچي جا ٻيا گهڻا دوست پارٽي کان ڌار ٿي ويا آهن. پنهنجي اڪيلائپ جي باوجود آئون پنهنجو پاڻ کي پارٽي ڇڏڻ لاءِ تيار نه ڪري سگهيس ۽ پارٽي ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيم. سوز سمون جهڙن ڪجهه دوستن جن شروع ۾ پارٽي ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو اهي به ٿوري وقت کان پوءِ ڌار ٿي ويا. اهڙي ريت تنظيمي لحاظ کان پارٽي جي معاملن ۾ منهنجي اهميت وڌي ويئي.

# 57
# هنجن جهڙا ڪي شخص

ڪا شيءِ ۽ ڪو شخص اوستائين اسرار جي پردي ۾ لڪل هوندو آهي جيستائين ان سان منهن مقابل ٿي ان جي حقيقت کان واقف نہ ٿجي. پنجاه جي ڏهاڪي ۾ پابندي، رياستي ڏاڍ ۽ تشدد کان پوءِ خاص طور تي ڪميونسٽ پارٽي جو عهديدار تہ نهيو ڪارڪن ٿيڻ بہ هڪ وڏي جوکم جو ڪم هوندو هو. اهي ماڻهو جڻ تہ پنهنجو پاڻ کان بہ پيا لڪي هلندا هئا. ماڻهن ۾ خاص طور تي ٻين سياسي ڪارڪنن لاءِ سندن شخصيت پراسرار هوندي هئي ۽ منجهن انهن سان ملڻ ۽ انهن کي ڄاڻڻ جي خواهش هوندي هئي. جڏهين واقعي ساڻن ملبو هو ۽ ساڻن واقفيت حاصل ڪبي هئي تہ خبر پوندي هئي تہ اهي تہ عام ماڻهن جهڙا ئي ماڻهو هئا. انهن وانگر ئي اٿن ويهن، ڪائين پيئن ۽ زندگي گذارين ٿا ۽ منجهن ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪا کين سماج لاءِ هاجيڪار ۽ ماڻهن لاءِ پراسرار بڻائي. بس سندن سوچڻ جو انداز مختلف هوندو هو ۽ سماج کي بهتر بنائڻ جا وٽن پنهنجا آدرش هوندا هئا. دراصل سندن سماج کي بدلائڻ جا اهي آدرش ئي هئا جن کين حڪمران طبقن جي نظرن ۾ خطرناڪ بڻائي ڇڏيو هو.

نازش امروهي سان ملڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ فورن اهو سوال اٿيو تہ ڇا هو ماڻهو واقعي پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري جنرل هو. هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو هڪ ڊگهي عرصي کان روپوش هو. رياست کيس خطرناڪ فردن ۾ شامل ڪري چڪي هئي ۽ رياستي ادارا سندس ڳولها ۾ هوندا هئا. سندس پراسراريت جون ڪهاڻيون مشهور هونديون هيون. جيڪڏهين اهو سڀڪجهہ ذهن ۾ رکي سندس آڏو وڃجي تہ ڪجهہ وقت تائين تہ اهو يقين نہ ايندو هو تہ هو واقعي اهو ساڳيو شخص هو. سندس چهري مهري ۽ حلئي مان فوري طور تي ماڻهو جي ذهن ۾ ڪنهن شاعر جو تصور اڀرندوهو. ڪمزور جسم، وڪريل وار، ڪرتي پاجامي ۾ اکين تي عينڪ رکي ڪنهن بہ ريت هڪ سياسي پارٽي جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي ملاقاتي کي متاثر نہ ڪري سگهندو هو ۽ ئي پاڻ اهڙي ڪا ڪوشش بہ ڪندو هو.

مون سندس متعلق ڪيئي وڻندڙ ۽ اڻوڻندڙ ڳالهيون ٻڌيون هيون. سندس شخصيت جو هڪ تصور منهنجي ذهن ۾ هو. جڏهين ڪجهہ دوستن پاران ساڻس ملاقات جي تجويز رکي ويئي تہ مون کي ان تي ڪو اعتراض نہ هو. اهو اهو وقت هو جڏهين ڪميونسٽ پارٽي عتاب مان نڪري چڪي هئي ۽ ملڪ جي مک سياسي ڌارا ۾ شامل ٿي چڪي هئي. ان جا اڳواڻ پنهنجي روپوشي ختم ڪري عام خلق آڏو اچي چڪا هئا. ڪامريڊ امام علي نازش امروهي متعلق منهنجو خيال اهو هو تہ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ هئڻ جي ناتي هو پنهنجي شخصيت جو تاثر ويهارڻ لاءِ فلسفي ۽ سياست تي ڪي ڊگها ۽ خشڪ ليڪچر ڏيندو ۽ ٻين گهڻن اهڙن اڳواڻن جيان پنهنجي شخصيت،

علميت ۽ دانشوري جو رعب ويهاريندو. پر هن مون کي هر لحاظ کان غلط ثابت ڪري ڇڏيو. انقلاب ۽ پنهنجن آدرشن لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪندڙ اهو شخص، جنهن جي خانداني زندگي ۽ شادي وغيره متعلق مون کي ڪا ڄاڻ ناهي ۽ نه ئي مون ڪڏهين اهڙي ڄاڻ ونڻ جي ڪائنس يا ساڻس ويجهي ٿيئي ڪنهن شخص کان ڪا ڪوشش ڪئي پر منهنجو ساڻس جيڪو مختصر واسطو رهيو ۽ جيڪي ڪجھ ملاقاتون ٿيون ان ۾ مون ان شخص کي هڪ ننڍڙي گهر ۾ اڪيلي رهندي ڏٺو جتي هو پاڻ ئي پنهنجو سڄو ذاتي ڪم ڪار ڪندو هو ۽ ساڳي وقت مهمانن جي خاطر داري به ڪندو هو. نهٺائي ۽ نماڻائي سندس شخصيت جو حصو هوندي هئي.

ورهاڱي جي نتيجي ۾ جيڪي ماڻهو هتي آيا انهن مان اهي ماڻهو جيڪي هڪ مشن ۽ هڪ آدرش کڻي هتي آيا هئا، پنهنجي تهذيب جا بهترين نمائندا هئا. انهن ماڻهن ان ملڪ کان جيڪي ورتو ان کان وڌيڪ ان کي ڏنو به جنهن جي مڃتا هر صورت ۾ ضروري آهي.

اها ساڳي نوڙت ۽ مروت مون ان قبيل جي ٻين گهڻن ماڻهن ۾ به ڏٺي پر هتي ان سلسلي ۾ آئون خاص طور تي مشهور صحافي ضمير نيازي جي شخصيت جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس جنهن ۾ پڻ مون کي اهي خوبيون نظرآيون هيون. ضمير نيازي سان منهنجي ڪا گهڻي ڏيٺ ويٺ يا واقفيت نه هوندي هئي. سندس ڪتاب Press in Chains جي حوالي سان منهنجي ساڻس واقفيت هئي. هو هڪ ڊگهي عرصي تائين بيماري جي ڪري پنهنجي بستر تائين محدود هو. ڪنهن دوست مون کي سندس نياپو پهچايو ته هو مون سان ملڻ چاهي ٿو. منهنجي لاءِ اها ڳالهه ڪنهن حيرت ۽ ساڳي وقت اعزاز کان گهٽ نه هئي. هڪ اهڙي موڙي جنهن کي مون ڪنهن به صورت ۾ وڃائڻ نه ٿي چاهيو. ڪجھ دوستن سان گڏجي گلشن اقبال ۾ سندس صحافي ڪالوني واري گهر پهتاسين. هو پنهنجي صاف سٿري ڪمري ۾ صاف سٿري بستر تي ليٽيل هو جتي سندس گهر وارا سندس ۽ سندس مهمانن جي پر گهور لهندا هئا.

جسماني طور نٻل ۽ ڪمزور پر ذهني طور ڦڙت ۽ الرٽ ۽ پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ شين کان باخبر. اسان ساڻس ڪلاڪ ڏيڍ ويناسين، ان سڄي وقت ۾ هو مختلف موضوعن تي ڳالهائيندو رهيو. اهو ٻڌايائين ته سندس جڏهين پنجاب وڃڻ ٿيو ته اتي انهن ڪيس پنجاب جو نيازي پئي سمجهيو ۽ ان حوالي سان ساڻس ورتاءُ پئي ڪيو. پر ان مٿن ان ڳالهه کي واضح ڪيو ته سندس واسطو بمبئي سان آهي ۽ اهي پنهنجي خاندان جي هڪ بزرگ جي نالي جي حوالي سان نيازي سڏائيندا آهن. جسٽس فخرالدين جي ابراهيم جو ذڪر ڪندي ٻڌايائين ته هو سندس نهايت گهاٽو دوست رهيو هو ۽ هو ڪيس بي تڪلفي ۾ فخرو ڪري سڏيندو هو. پر جڏهين هو سنڌ جو گورنر ٿيو ۽ ڪيس گورنر هائوس اچڻ لاءِ چيائين ته هن ڪيس ڪتو جواب ڏيندي چيو هو ته سندن دوستي ۽ ناتا گورنر هائوس جي ٻاهر ئي چڱا آهن. پنهنجي بيماري جي باوجود هو گهر جي ٻاهران اسان کان موڪلائڻ آيو ۽ سنڌي طريقي سان هٿ ٻڌي موڪلائيندي چيائين ته

پنجاب ۾ ڪيس چيو ويندو هو ته اوهان هندن جي ان طريقي سان ماڻهن کي چو ڪيڪاريو ۽ پليڪار چئو ٿا ته سندس ڪين اهو جواب هوندو هو ته اهو هندن جو نه پر اسان سنڌين جو طريقو آهي. هو آخر تائين مختلف حوالن سان مون سان رابطي ۾ هوندو هو ۽ ڪڏهين سندس پٽ حارث جيڪو ان وقت بزنس ريڪارڊر ۾ هوندو هو ڪنهن ڪم ڪار جي حوالي سان مون وٽ آفيس ۾ به ايندو هو. ان ساڳي حوالي سان سائين جي ايم مهڪري جو ذڪر پڻ ڪري سگهجي ٿو جنهن کي سنگت ڪراچي پاران پنهنجن پروگرامن وغيره ۾ گهرائيندا هئاسين. بزرگانا شفقت رکندڙ، نرم انداز ۾ ڳالهائيندڙ پر پنهنجي موقف تي سختي سان قائم رهڻ وارو اهو شخص سنگت جي دوستن لاءِ هڪ اتساهه هوندو هو ۽ ڪين سندن لکڻين وغيره جي حوالي سان مختلف صلاحن سان نوازيندو رهندو هو.

نازش امروهي جي حوالي سان مون انهن ٻن شخصن جو ذڪر ڪرڻ ان ڪري ضروري ٿي سمجهيو ته جيئن اها ڳالهه واضح ٿئي ته ورهاڱي جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن رڳو وڃايو نه پر اهڙن ماڻهن جي صورت ۾ گهڻو ڪجهه حاصل به ڪيو آهي. ان ڪري اهو ضروري آهي ته معاملن کي انتها تائين وٺي وڃڻ ۽ نفرتن کي وڌائڻ بجائي هڪ ڏکي صورتحال ۾ مثبت پاسن جي پڻ ڳولها ڪجي ۽ ان ۾ هڪ توازن پيدا ڪجي. نازش سان جيڪي منهنجيون ملاقاتون رهيون ان ۾ هو پنهنجي علميت ۽ معتبرائپ جي رعب ويهارڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪندو هو بلڪ ساڻس هڪ پدرانا شفقت محسوس ٿيندي هئي. مون کي ياد ناهي ته هن ڪنهن به ملاقات ۾ مون سان ڪميونسٽ پارٽي ۽ ملڪي سياست تي ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي هجي يا ڪنهن موضوع تي مون کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. هو ان وقت ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي گڏجاڻين ۾ پڻ شريڪ ٿيندو هو. مون کي ان ماڻهو لاءِ ائين لڳندو هو ته هو بنيادي طور هڪ شاعر ۽ ادب سان لاڳاپيل ماڻهو هو جنهن کي هن سماج جي ٻين گهڻن ماڻهن وانگر سياست جبرن قبول ڪرڻي پئي هئي.

ان جي باوجود ته ساڻس خاندان جو ساٿ نه هو پر ساڻس پيار ڪرڻ وارن جو هڪ وڏو حلقو هو. هو جڏهين پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ اوجها ٽي بي سينيٽوريم ڪراچي ۾ داخل هو ته سندس پرگهور لهڻ وارا اهي ئي ماڻهو هئا جن جو ساڻس پارٽي يا شخصي حوالي سان ڪڏهين ڪو تعلق ۽ واسطو رهيو هو.

58

# ڪجھ نقاش جي باري ۾

نقاش عجيب شخص هو، بلڪ ائين چئجي ته اهڙو غير معمولي شخص هوندو هو، جيڪو ساڳي وقت پنهنجي ذات کي ٻين ۾ گم ڪرڻ لاءِ به تيارهوندو هو، پر جڏهين معاملو سندس انا، عزت ۽ اصولن جو هوندو هو ته هو بلڪل ٻيو ماڻهو بڻجي ويندو هو. مون اهو ڏٺو ته ڪيس صبحاڻي جو الڪو نه هوندو هو. سندس آفيس ۾ هر وقت ادبي ۽ سياسي دوستن جو ميڙو متل هوندو هو ۽ آئون سمجهان ٿو ته هو پنهنجي پگهار جو هڪ وڏو حصو انهن دوستن جي چانهه ۽ ماني جي بل جي طور تي مهيني ۾ ڪينٽين جي مالڪ امير علي کي ادا ڪندو هو. هو عمر ۾ مون کان وڏو هو پر ساڻس ورتاءُ هميشه دوستن جيان ئي رهيو. آفيس ۾ لاڳيتو گڏ هوندي هڪٻئي سان ذاتي احوال به ڪندا هئاسين ۽ پنهنجي اندر جو حال به اوريندا هئاسين. سندس زندگي جا جيتوڻيڪ گهڻا ئي پاسا آهن، پر هتي ڪجھ ڳالهيون رڳو سندس آفيس ۾ مون سان گذاريل ڪجھ وقت متعلق آهن.

هو جنهن وقت مون سان آفيس ۾ هو ته سندس لاءِ چيو ويندو هو ته هو سائين محمد زمان لنواري واري جي درگاه سان لاڳاپيل هو ۽ پوءِ ڪجھ اختلافن جي ڪري انهن کان ڌار ٿي ويو هو. پر مون اهو ڏٺو ته سندس عقيدت لنواري واري درگاه سان آخر تائين ساڳي ريت هئي جنهن جو اندازو سائين محمد زمان ۽ لنواري جي پيرن متعلق سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل انيڪ ڪتابن مان لڳائي سگهجي ٿو. سندس جيڪڏهين ڪي اختلاف هئا ته اهي انهن ماڻهن سان هئا، جن درگاه تي قبضو ڪري ان جي نالي ۾ ناجائز فائدا حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي، جيئن هن وقت سنڌ ۾ پيٽائي جي درگاه سميت مختلف درگاهن جي سلسلي ۾ ٿي رهيو آهي. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته هو لنواري ته ڇڏي آيو هو پر اها جڳھ سندس من ۾ سمائجي ويئي هئي ۽ سندس احساسن جو حصو بڻجي ويئي هئي. جيتوڻيڪ هو گهڻي تفصيل ۾ نه ويندو هو پر درگاه سان عقيدت جي اظهار ڪانسواءِ ڪڏهين ڪڏهين ذڪر ڪندو هو ته جيڪڏهين هو لنواري سان واسطي ۾ هجي ها ته سندس شايد ان سان شادي ٿي وڃي ها. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته اهو پڻ هڪ اهڙو عنصر هو جنهن ڪيس احساساتي طور لنواري سان ڳنڍي رکيو هو.

اسان جي سماج ۾ جنس هڪ فطري شي هئڻ جي باوجود به هڪ Taboo آهي ۽ ان متعلق ويجهن دوستن سان به نهايت ئي احتياط سان ڳالهائڻو پوندو آهي. ڪنهن ماڻهو جي اعلا روحاني ۽ سماجي مرتبن تي پهچڻ جو مطلب اهو ناهي ته هو کو ان شي کان مبرا آهي ۽ ان کان وانجهيل آهي بلڪ هڪ انسان هئڻ جي ناتي اها شي سندس وجود جو هڪ لازمي حصو آهي. نقاش هڪ تارڪ الدنيا شخص ۽ راهب نه هو.

هو هن ئي دنيا جو ماڻهو هو ۽ سندس خواهشون ۽ امنگون به ٻين ماڻهن جهڙيون ئي هيون. اهڙي ريت پنهنجين محرومين کي هو مختلف طريقن سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. نقاش جنهن ڪمري ۾ ويهندو هو ان کي ٻه دروازا هوندا هئا ۽ اهو بيرڪ نمبر 90 ۾ جڻ هڪ ڪان ٻئي پاسي وڃڻ جو لنگهه هوندو هو جنهن کي آفيس جا اڪثر سڀ ماڻهو استعمال ڪندا هئا. اسان جي سيڪشن ۾ سسيلا نالي هڪ ڊيٽا انٽري آپريٽر هوندي هئي جيڪا ان ڪمري مان ڏينهن ۾ گهڻا ڦيرا اچ وڃ ڪندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن نقاش مون کي چيو ته رئوف توکي سسيلا ڪيئن ٿي لڳي. مون کيس چيو ته ٺيڪ آهي، پر تنهنجو مطلب ڇا آهي. مون کي چيائين ته يار مون کي اها وڻي ٿي ۽ آئون ساڻس شادي ڪرڻ چاهيان ٿو، تنهنجو ان متعلق ڪهڙو خيال آهي. مون کيس چيو ته ٺيڪ آهي، تون ساڻس ڳالهائي ڏسينس. مون کي اهو خيال هو ته پهرين ڳالهه ته هو ساڻس ڳالهائڻ جي همت نه ڪندو ۽ جيڪڏهين ڪري به ٿو ته شايد سسيلا گهڻن ڪارڻن جي ڪري ان ڳالهه لاءِ راضي نه ٿيندي. پر آئون سمجهان ٿو ته اهو معاملو ان ڪان وڏيڪ شايد اڳتي وڌي نه سگهيو.

آئون ان آفيس ۾ پوڻا ٻه سال رهيس ۽ سيپٽمبر 1979 ۾ هتان استعفا ڏيئي اسٽيٽ بينڪ هليو ويس. نقاش ان ڪان پوءِ به هتي ئي نوڪري ڪندو هو. ساڻس آفيس کان ٻاهر مختلف ادبي ۽ سياسي گڏجاڻين ۾ رابطو ساڳي ريت برقرار هو ۽ مختلف معاملن تي حال احوال ٿيندا رهندا هئا.

مختلف اختلافن جي ڪري لنواري ڪان جيڪي دوست ڌار ٿيا هئا انهن ۾ نقاش جي حيثيت منفرد هوندي هئي. اتان جو عام ماڻهو کيس عزت ۽ احترام سان ڏسندو هو ۽ پنهنجن مختلف مسئلن جي حوالي سان ساڻس لاڳاپي ۾ رهندو هو. ان ڪري درگاه جي نالي ۾ فائدا حاصل ڪندڙ ماڻهو کيس پنهنجي لاءِ هڪ خطرو سمجهندا هئا. مختلف موقعن تي اهڙيون پڻ خبرون هونديون هيون ته کيس رستي تان هٽائڻ لاءِ رٿابندي ڪئي ويئي هئي ۽ ان مقصد لاءِ مختلف ماڻهن کي ڪراچي اماڻيو ويو هو. هڪ ڏينهن مون کي اوچتو اها خبر پيئي ته نقاش ڪنهن اطلاع ڪانسواءِ آفيس مان غائب هو جيڪا سندس طبيعت جي حوالي سان هڪ غيرمعمولي ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ ته ان آفيس ۾ نوڪري ڪندي کيس گهڻو عرصو ٿيو هو ۽ ڪڏهين به ان قسم جي صورتحال پيدا نه ٿي هئي. مختلف دوستن ڪان معلوم ڪرڻ تي اها خبر پيئي ته لنواري ۾ درگاه جي گادي نشيني جي معاملي تي لنواري جي عام ماڻهن ۽ درگاه تي قابض ماڻهن جي وچ ۾ هڪ تنازعو ڪڙو ٿي ويو هو ۽ نقاش ان ۾ عام ماڻهن ۽ هارين جي مدد جي حوالي سان اتي پهتل هو. کيس ان سلسلي ۾ پوئتي جو ڪو اونو نه هو. هن آفيس کي ڪو اطلاع ڏيڻ ضروري نه سمجهيوهو. آفيس پاران سرڪاري ڪاروائي پوري ڪرڻ لاءِ کيس سندس سرڪاري پتي تي خط لکيا ويا، اخباري نوٽيسن ذريعي کيس حاضر ٿيڻ لاءِ چيو ويو. ڪنهن جواب نه ملڻ تي شوڪاز جاري ڪيا ويا ۽ نيٺ اها سڄي ڪاروائي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ ڪنهن ڪڙتيل نه

نڪرڻ جي صورت ۾ سندس نوڪري ختم ڪئي ويئي. پر نقاش لنواري ۾ جنهن سرگرمي ۾ رڌل هو ان جي پيٽ ۾ جڻ ته ان ڳالهه جي ڪا اهميت ئي نه هئي ۽ نه ئي هن ان ڳالهه جو ڪو نوٽيس ئي ورتو ۽ آفيس سان ڪو رابطو ڪري پنهنجي غيرحاضري جو ڪو جواز پيش ڪيو. ظاهر ڳالهه آهي ته اهو ڪو عام ماڻهو جو وهنوار نه هو بلڪ هڪ اهڙي ماڻهو جو ڪم هو جيڪو هڪ مقصد لاءِ پنهنجو سڀڪجهه داءَ تي لڳائي ڇڏي. ڪيس شايد ان ڳالهه جو به احساس هوندو ته سڄي سنڌ ۾ درگاهن جي حوالي سان جيڪي مستقل مفاد آهن انهن جي هوندي هو جيڪي ڪجهه ڪري رهيو هو ان جا نتيجا سندس مرضي موجب نه نڪرندا. پر دنيا ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي ممڪن ۽ ناممڪن جي معاملي ۾ پوڻ ڪانسواءِ ئي بس پنهنجي دل ۽ اندر جي آواز تي ڪنهن به اوڙاهه ۾ ٽپي پوڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ نتيجن جي پرواهه نه ڪندا آهن ۽ هو اهڙن ماڻهن مان ئي هو.

آئون اڪثر اهو سوچيندو آهيان ته ڇا نقاش واقعي پنهنجي نوڪري جي قرباني عام ماڻهو جي حقن لاءِ درگاهه جي اسٽيبلشمنٽ سان وڙهڻ جي ڪري ڏني. بظاهر ته ائين ئي لڳي ٿو ۽ هو پاڻ ان ويڙهه جو حصو به هو. پر ساڳي وقت جيڪڏهين سندس شخصيت جو جائزو ونجي ته اهو هڪ لحاظ کان سندس لاءِ جڻ اهڙو موقعو هو جنهن ۾ سندس لاءِ پنهنجي ان پيار کي حاصل ڪرڻ جو هڪ امڪان پيدا ٿي پيو هو جنهن کي هو گهڻو عرصو اڳ لنواري ۾ ڇڏي ڪراچي اچي ويو هو ۽ پوءِ ان کي مختلف صورتن ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو.

اها ڳالهه انهي ڪري به چئي سگهجي ٿي ته لنواري جو معاملو ته اتي ئي رهيو ۽ نقاش جي خواهشن موجب حل نه ٿي سگهيو جيڪو ائين ٿيڻو به نه هو پر هو اتي نيٺ شادي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جيڪا شايد اها ئي عورت هئي جنهن کي هو هر وقت ساريندو رهندو هو. ان کان پوءِ هو مختلف جاين تي نوڪري ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ ٿر ۾ هڪ اين جي او سان گڏ هو جڏهين هڪ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ سندس وفات ٿي ويئي.

## 59

# سائين بخش رند

سائين بخش رند گذاري ويو. SIUT، ڪراچي ۾ ڪجهه عرصو داخل رهڻ ڪانپوءِ هو ٺيڪ ٿي جوهي هليو ويو هو، پر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ وري سندس طبيعت خراب ٿي ۽ ڪيس وري ساڳي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هو 23 فيبروري تي گذاري ويو.

سائين بخش رڳو هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ ئي نہ هو، پر هڪ باشعور ماڻهو هو جيڪا ڳالهہ گهڻن ليکڪن لاءِ بہ نہ ٿي ڪري سگهجي. هوِ جوهي جي ان سٽ جو حصو هو، جنهن اتان جي ماڻهن ۾ سياسي، سماجي، ماحولياتي ۽ ادبي شعور وڌائڻ لاءِ لاڳيتي جاکوڙ ڪئي هئي، جنهن جي جوهي جا ماڻهو وڏي واڪ هام هڻن ٿا.

آئون ڀهريون ڀيرو سندس ڪهاڻين جي ڪتاب جي مهورت جي سلسلي ۾ جوهي ويو هوس، جتي ساڻس ملاقات ٿي هئي. پروگرام ڪانپوءِ اسان شهر جو چڪر هنيو هو، جتي خاص طور تي هن مون کي اتي قائم ڪيل لائبريري ڏيکاري، جنهن کي اتان جا دوست پنهنجن وسيلن تحت هلائيندا هئا. ان لائبريري کي باقاعدي لائبريري طور قائم رکيو ويو هو. روزاني اخبارن جو اچڻ ۽ ڪتابن جي ڪئٽلاگنگ وغيره جيڪو ڪم هڪ پگهار تي رکيل لائبريرين ڪندو هو. اهو سڀو خرچ جوهي جا دوست گڏيل طور ڪندا هئا. شهر جي ڪراچي ۽ حيدرآباد وغيره ۾ رهندڙ دوستن تي اها ذميواري بہ هوندي هئي تہ اهي جيڪي نوان ڪتاب اچن ٿا اهي خريد ڪري لائبريري لاءِ موڪلين.

ان سان گڏوگڏ سائين بخش لاءِ خاص طور گورک ۽ ڪاڇو تہ جڻ سندس گهر هوندو هو. وقت بوقت اتان جا احوال ۽ تصويرون فيس بوڪ وغيره ذريعي ملنديون رهنديون هيون. هتان جي ماحوليات جي مسئلن تي سندس خاص نظر هوندي هئي. هڪ اتساه ڏيندڙ ماڻهو ۽ ائين لڳندو هو تہ جيڪڏهين ساڻس روبرو ملاقات نہ ٿي بہ ٿئي پوءِ بہ جڻ هو اسان سان گڏ هو. سندس لاءِ ڪي رسمي لفظ چوڻ جي گنجائش ئي ناهي. جسماني طور هليو وڃڻ جي باوجود بہ سندس موجودگي محسوس ٿيندي رهندي.

## 60

# نول مل

اسلام آباد ۾ لاڳيتو مندر جي تعمير جي تنازعي متعلق پڙهندي مون کي حاجي عبدالله هارون اسڪول ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ منهنجو دوست نول مل ياد اچي ويو. ان خاندان ورهاڱي وقت لڏڻ بجائي سنڌ ۾ رهڻ کي ئي ترجيح ڏني هئي. اهي ڪارادر ۾ هڪ فليٽ ۾ رهندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين آئون نول سان گڏجي سندن گهر به ويندو هوس. اتي هڪ پوڙهو وينو هوندو هو جيڪو شايد نول جو پي يا ڏاڏو هو جڏهين ته گهر ۾ ٻيو ڪو ماڻهو نظر نه ايندو هو. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته هن کي اسان جي اچڻ مان ڪا خوشي نه ٿي ٿئي. جيتوڻيڪ هو چوندو ڪجهه نه هو پر چاهيندو هو ته اهي ماڻهو گهر ۾ نه اچن ته چڱو. اها سٺ جي ڏهاڪي جي شروع جي ڳالهه آهي ۽ ماڻهن ۾ ورهاڱي وقت ٿيل وڳوڙن جي ڪري پيدا ٿيل ڊپ ۽ هراس اجا باقي هو ۽ ڪنهن تي اعتبار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ان وقت ويجهڙائي ۾ ڪاغذي بازار جي وچ ۾ هڪ مندر هو جنهن جي ٻاهران شينهن جي مورتي لڳل هئي. پر ان مندر تي مختلف ماڻهن قبضو ڪري دوڪان ۽ گهر قائم ڪري ڇڏيا هئا. ساڳي ريت ٿوري فاصلي تي موسالين هنگورا پاڙي ۾ هڪ مندر هو جيڪو پڻ ويران پيو هو. نول سان جيتوڻيڪ پوءِ رابطو نه رهيو پر اها خبر پيئي ته هو ڊي ايم سي مان ايم بي بي ايس ڪري ڊاڪٽر ٿي ويو آهي.

اهڙو ئي هڪ واقعو منهنجي هڪ اڳوڻي نوجوان ڪليگ مون کي ٻڌايو هو. سندس چوڻ هو ته پارٽ مان لڏي اچڻ ڪانپوءِ سندس خاندان کي جيڪو گهر الاٽ ٿيو ۽ هو ان ۾ جڏهين داخل ٿيا ته اتي هڪ پوڙهي عورت ويٺي هئي جيڪا انهن کي ڏسي ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳي ته اهي ڪيس ماري ڇڏيندا. پر انهن ڪيس تسلي ڏني ۽ ڪيس آرام سان پارٽ وڃڻ لاءِ اسٽيشن تي ڇڏي آيا.

اها ڪيفيت شايد اجا به باقي آهي.

61
# لکڻ جي شروعات

مون لکڻ جي شروعات ڪهاڻي، شاعري ۽ ڊرامن سان ڪئي. پنهنجي ڪاليج ۾ پڙهائي دوران مون اها مشق شروع ڪئي. هئي. ان وقت انهن مان ڪجھ شيون مون سنڌي ادبي سنگت لياري ۽ هڪ اڌ شي سنگت ڪراچي جي گڏجاڻين ۾ به پيش ڪيون هيون. انهن مان ڇپجڻ لاءِ مون ڪا به شي نه موڪلي. اهو ابتدائي مرحلو هو. مون کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته اها شايد منهنجي فيلڊ نه هئي. اهو ان جي باوجود هو ته آئون سنڌي، اردو ۽ ڪوشش ڪري انگريزي فڪشن جا مختلف ڪتاب شوق سان پڙهندو هوس. پر منهنجو لکڻ مختلف سياسي، سماجي، معاشي ۽ ادبي موضوعن تي مضمونن ڏانهن منتقل ٿي ويو ۽ اها هڪ ليکڪ طور منهنجي سڃاڻپ ٿي ويئي. گهڻو عرصو پوءِ خيرپور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ڪرايل ڪهاڻي ڪانفرنس ۾ عبدالقادر جوڻيجي جڏهين اسٽيج تان بيهي اهو اعلان ڪيو ته جيئن منٽو جي وفات سان اردو ڪهاڻي مري ويئي ساڳي ريت نسيم ڪرل جي وفات سان سنڌي ڪهاڻي جو انت ٿي ويو. ان پسمنظر ۾ مون هڪ طنزيه مضمون لکيو هو جيڪو ان وقت هلال پاڪستان جي ادبي صفحي ۾ ڇپيو هو.

هاڻي ائين ٿيندو آهي ته ڪڏهين ڪا سٽ من تي تري ايندي آهي جنهن جو ڪڏهين ڪٿي اظهار ڪبو آهي ۽ ڪڏهين اها پنهنجي ليکي ختم ٿي ويندي آهي. هڪ لحاظ کان مون اهو سمجهي ورتو آهي ته شاعري ۽ فڪشن لکڻ منهنجي وس جي ڳالھ ناهي. ممڪن آهي ته ڪوشش ڪجي ته اهو ممڪن ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته لطيف احساس ته هر ماڻهو ۾ موجود آهن ۽ ماڻهو جو لاشعور ڪڏهين به ڪي ڪرشما ڏيکاري سگهي ٿو. بهرحال شاعري ۽ فڪشن پڙهڻ اڃا به منهنجو Passion آهي ۽ ان مان مون کي پنهنجي ٻئي ڪم لاءِ اتساهه ملندو آهي.

## 62
# شمشير الحيدري

شمشيرالحيدري ادب ۽ صحافت جي لحاظ کان هڪ وڏو نالو آهي. پر هن ڪڏهين اهو ڏيکاءُ نہ ڏنو تہ هو واقعي وڏو ماڻهو هو. شمشير، انور پيرزادو ۽ علي بابا کي انهن سنڌي ليکڪن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو جن ٿوري گهڻي فرق سان پنهنجي مالي حيثيت گهڻي مستحڪم نہ هئڻ جي باوجود پنهنجي مرضي سان زندگي گذاري ۽ ڏيکاريئين کي منهن ڏنو.

شمشير سان هوندئن تہ عام ڪچهرين ۽ سنگت جي گڏجاڻين ۾ گهڻيون ملاقاتون ٿيون پر ساڍس ٽيل ٻہ ملاقاتون منهنجي ذهن تي نقش ٿيل آهن. شمشير ڪجهہ عرصو شايد پنهنجي پٽ جي ڪري گلشن حديد ۾ بہ رهيو. ان وقت هو شايد ڪلچر ڊپارٽمنٽ جو ڪو اسائنمنٽ ڪري رهيو هو ۽ حديد کان سنڌ سيڪريٽريٽ تائين بس ۾ سفر ڪندو هو. هڪ ڀيري آئون شام جو گهر وڃڻ لاءِ بس ۾ اچي رهيو هوس تہ ايم پي اي هاسٽل جي اسٽاپ تان هو بس ۾ سوار ٿيو. بس ۾ ڪابہ سيٽ خالي نہ هئي. هو سڌو اچي منهنجي سيٽ وٽ بيٺو. مون کيس سلام ڪيو ۽ اهو مناسب نہ سمجهيو تہ آئون ويٺو رهان ۽ شمشير ائين بيٺي تڪليف ۾ سفر ڪري. مون اٿي کيس پنهنجي سيٽ ڏني ۽ مون کي بہ ٿوري دير ڪانپوءِ سيٽ ملي ويئي. حديد تائين اسان گڏ سفر ڪيو. حديد جهڙي محدود سماجي زندگي شمشير جي طبيعت وٽان نہ هئي. ان ڪري ٿوري وقت ڪانپوءِ هو وري شهر هليو ويو.

ٻئي ڀيري سنگت ٽنڊو باگو فقير محمد لاشاري جو ليڪچر رکيو هو ۽ اسان ٻيئي بدين مان ڊاڪٽر آڪاش انصاري سان گڏجي اتي ويا هئاسين. اتي شمشير بہ موجود هو ۽ اهو ممڪن ئي هو تہ جت شمشير هجي ۽ ات محفل نہ هجي. اهڙي ريت سڄي رات محفل هلندي رهي ۽ ڪچهري بہ ٿيندي رهي.

شمشير جهڙا اهڙا ٿورا ليکڪ آهن جن پنهنجي وڏي ادبي مرتبي هئڻ جي باوجود عام ماڻهن ۽ ليکڪن سان هڪ ٿي پنهنجي حياتي گذاري.

## 63
# سفر جيڪو جاري رهيو

وطن دوست ڪان جيڪي دوست ڌار ٿيا انهن جي گهڻائي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي جنهن ان وقت رڪنيت متعلق اڳ جي ڀيٽ ۾ پنهنجي طريقہ ڪار ڪي گهڻو نرم ۽ سولو ڪري ڇڏيو هو. انهن شامل ٿيندڙن ۾ آئون شامل نہ هوس. انهن مان گهڻائي اهڙن ڪارڪنن جي هئي جن ساڳي وقت ڪميونزم ۽ قومپرستي جي ٻن ٻيڙين ۾ سواري ڪرڻ چاهي ٿي. ڏنو وڃي تہ اهي پنهنجي اندر ۾ قومپرست ئي هئا جن ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ نظرئي جي عياشي ماڻيندي ان ڪي پنهنجن قوم پرست خيالن ۽ جذبن ڪي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪميونسٽ پارٽي جيڪا سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي قومي سوال جي معاملي تي پنهنجي بچاءُ ڪرڻ ۾ پوري هئي انهن ڪارڪنن جي اچڻ ڪري ان معاملي تي وڌيڪ دٻاءَ ۾ اچي ويئي ۽ ان مختلف معاملن تي طبقاتي نڪتہ نظر ڪي پاسيرو رکندي پاڻ ڪي قومپرستن کان وڌيڪ قومپرست ثابت ڪرڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي پارٽي ۾ جيڪي اختلاف ٿيا ۽ جنهن نموني اها ٽورائي ۽ گهڻائي جي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي ان ۾ عالمي پئماني تي ۽ خاص طور تي سويت يونين ۾ گورباچيف جي آندل تبديلين سان گڏ ان عنصر جوبہ وڏو ڪردار هو.

عوامي تحريڪ ۽ وطن دوست کان ڌار ٿيڻ ۽ ڪنهن ٻي سياسي تنظيم ۾ شامل نہ ٿيڻ جو مطلب انفرادي لحاظ کان منهنجي سياسي ۽ ادبي سرگرمين جو ختم ٿيڻ نہ هو. وطن دوست کان ڌار ٿيل دوستن ۾ جيڪي ڪنهن سياسي تنظيم جو حصو نہ ٿيا هئا انهن ۾ فقير محمد لاشاري جو اهم نالو پڻ شامل هو جيڪو ڊاڪٽر ارباب جي ويجهن ذاتي دوستن مان هئڻ سان گڏوگڏ هڪ لحاظ کان پارٽي جي نظرئي دانن مان هڪ سنجهيو ويندو هو. مون ڪي تازو ڪنهن دوست ٻڌايو تہ فقير پنهنجن آخري ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو هو پر منهنجو ساڻس گهٽي ڀاڳي آخر تائين ويجهو لاڳاپو هو ۽ هن ڪابي ڌر ڏانهن جهڪاءَ رکڻ ۽ ڪميونسٽن ڏانهن همدردي واري روئي رکڻ جي باوجود ڪڏهين بہ اهڙو ذڪر نہ ڪيو هو ۽ نہ ئي اهڙي ڪنهن خواهش جو اظهار ڪيو هو. سندس سڄي توجهہ پنهنجي صحافتي ۽ ادبي ڪم تي هوندي هئي. باقي پيپلز پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن سان سندس ويجهڙائي ڪنهن کان لڪل نہ هئي.

ان وقت سنڌي ادبي سنگت ڪانسواءِ آئون ڪنهن سياسي تنظيم سان لاڳاپيل نہ هوس. پر ان وقت جي ماحول ۾ ماڻهن لاءِ پنهنجي ليکي ئي سرگرم رهڻ جي گهٽي گنجائش هئي. سنگت ۾ ئي سنڌ جي اٽڪل سيني ترقي پسند ۽ قوم پرست جماعتن

جي شموليت ۽ حصيداري هوندي هئي. سياسي اختلافن جي باوجود ڪنهن جي اچڻ ۽ ڳالهائڻ تي ڪا روڪ ٽوڪ نہ هوندي هئي. انهن دوستن جي خيالن کي ٻڌڻ ۽ ساڻن ڳالهائڻ کان پوءِ سنڌ جي وسيع سياسي منظر نامي جي ڄاڻ حاصل ٿيندي هئي. ساڳي وقت انهن دوستن جي وسيلي سنڌن جماعتن جي اڳواڻن سان پڻ لهہ وچڙ ۾ اچبو هو. ان سلسلي ۾ ذهني طور مون پاڻ تي ڪي بہ پابنديون لاڳو نہ ڪيون هيون تہ فلاڻي سان ملڻو آهي ۽ فلاڻي سان ناهي ملڻو. ان ڳالہ جي باوجود تہ آئون عوامي تحريڪ ۽ وطن دوست ڪان سياسي اختلافن ۽ روين جي ڪري ڏار ٿيو هوس پر منهنجو رويو سنڌن ڪارڪنن ۽ اڳواڻن ڏانهن معاندانا هئڻ جي بجائي دوستاڻو هوندو هو ۽ آهي. ان مان ڪجھ دوستن کي اها غلط فهمي ٿيندي هئي تہ هن کي وري پارٽي ۾ واپس آڻي سگهجي ٿو پر هاڻي سنڌو مان گهڻو پاڻي گذري چڪو هو ۽ اهو ممڪن نہ رهيو هو. رسول بخش پليجو سان هونئن تہ مختلف ادبي ۽ سياسي پروگرامن ۾ ملاقات ٿيندي هئي. پر ساڻس باقاعدي ملاقات جو هڪ موقعو ان وقت آيو جڏهين هو گلشن حديد ۾ پارٽي جي آفيس ۾ آيو هو ۽ آئون عوامي تحريڪ جي ڪجھ دوستن سان گڏجي اتي ساڻس ملڻ ويو هوس. اتي ڪچهري ڪندي مختلف ٻين ڳالهين سان گڏ ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي تي بہ ڳالہ ٻولہ ٿي. مون ڪانئس پڇيو تہ اوهان هڪ پاسي تہ ڪالاباغ جي مخالفت ٿا ڪيو پر ساڳي وقت ڀاشا ڊيم جي نهڻ جي حمايت ٿا ڪيو تہ سندس جواب هو تہ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڀاشا ڊيم کي پاڻي کي ذخيري ڪرڻ لاءِ نہ پر بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. پر رڳو ڪجھ عرصي کان پوءِ ئي ان موقف جي نفي ٿي ويئي جڏهين عوامي تحريڪ ۽ ٻين سنڌي قوم پرست جماعتن ساڳي نموني ڀاشا ڊيم جي نهڻ جي بہ مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. ٻيون ڀيرو عوامي تحريڪ پاران پنهنجن ڪارڪنن جي تربيت جي سلسلي ۾ قاسم آباد حيدرآباد ۾ مختلف موضوعن تي ليڪچر پروگرام ترتيب ڏنو ويو هو. مون کي چيو ويو هو تہ اوهان پاڪستان جي معيشت جي مختلف لاڙن تي ليڪچر ڏيو. مون اهو ليڪچر ڏنو جنهن ۾ پليجي پاڻ بہ شرڪت ڪئي. اهو سيڪجھ هڪ ٻاهر جي ماڻهو طور هوندو هو جنهن جو پارٽي جي اندرين معاملن سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو هو جنهن ڳالھ کي ٻنهي پاسن پاران سمجهيو ٿي ويو.

پنهنجين خاص طور مختلف ادبي سرگرمين جي ڪري ڪراچي جي مختلف ادبي شخصيتن ۽ تنظيمن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جو موقعو بہ مليو. پنهنجي گهر جي ويجهو بغدادي ۾ آئون پنهنجي هڪ اسڪول جي دوست غلام نبيءَ جنهن کي سندس گهر وارا ۽ دوست بصر جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ جيڪو ئي جڻ سندس اصلي نالو بڻجي ويو هوءَ سان اڪثر سندس ڌوٻي جي دوڪان تي ملڻ ويندو هوس جتي ٻيا دوست بہ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ دير تائين چانهن جا دور ۽ ڪچهري پئي هلندي هئي. اتي ئي پاڙي ۾ اڙدو جو استاد ۽ پلوڙ شاعر ن م دانش بہ رهندو هو جنهن سان اڪثر ملاقات ٿيندي رهندي هئي. دانش جيتوڻيڪ پاڙي ۽ اوسي پاسي ۾ سماجي لحاظ کان گهڻو سرگرم

۽ ڇاتل سڃاتل هوندو هو ۽ پنهنجي هڪ سياسي رائي ۽ موقف به رکندو هو پر سندس ڪنهن سياسي تنظيم سان تعلق نہ هو ۽ نہ ئي هن اهڙو ڪو تعلق رکڻ چاهيو ٿي. پنهنجي شادي جي ڪجھ عرصي ڪان پوءِ هو پنهنجي خاندان سان گڏ آمريڪا لڏي ويو ۽ هن وقت اتي ئي رهي رهيو آهي. ڪڏهين ڪڏهين سندس شاعري دوستن وسيلي نظرن مان گذرندي آهي. اتي ئي مون ناملياري بلوچ دانشور صبا دشتياري کي ڏٺو جيڪو روايتي لباس اوڍيو چادر ڪلهي تي رکي پنهنجي ليکي پيو هلندو هو. ساڻس منهنجي گهڻي ڏيٺ ويٺ نہ هئي پر سندس متعلق عام طور تي اهو مشهور هوندو هو تہ هو بلوچي ادب جي ظهور احمد شاه جي مڪتبہ فڪر جي روايتي نڪتہ نظر، جنهن کي ان وقت رجعت پسند بہ سمجهيو ويندو هو، سان واسطو رکي ٿو ۽ سندس ترقي پسند اديبن سان گهڻو واسطو ناهي. پر صبا جي شخصيت جا مختلف پاسا جيئن پوءِ ظاهر ٿيا ان مان مون کي ائين لڳو تہ ماڻهو جي اندر ۾ جيڪي ڪجھ وهي واپرجي ٿو ان جو اندازو ٻين ماڻهن لاءِ سندس ظاهر مان ڪرڻ گهڻو ڏکيو آهي. هن شادي نہ ڪئي هئي ۽ ملير ۾ پنهنجي ادبي استاد ظهور احمد شاه جي نالي سان هڪ لائبريري قائم ڪئي هئي. جيڪي دوست سندس ويجهو هئا اهي ٻڌائين ٿا تہ هو پنهنجي پگهار جو وڏو حصو ان لائبريري جي سار سنڀال ۽ ڪتابن وغيره خريد ڪرڻ تي خرچ ڪندو هو. آخري وقت ۾ جڏهين هو ڪوئيٽا ۾ گولي جو نشانو بڻيو ان وقت هو بلوچستان يونيورسٽي ۾ استاد هو. ساڻس ڪنهن ويجهي تعلق نہ هئڻ جي باوجود جڏهين آئون سندس ان ريت تاريڪ راهن ۾ قتل کي ڏسندو آهيان تہ منهنجين نظرن آڏو اهو صبا اچي ويندو آهي جيڪو لياري ۾ پنهنجي روايتي لباس ۾ چادر ڪلهي تي رکيو پيو گهمندو هو ۽ منهنجو اندر هڪ ڏک ۽ تڪليف ۾ ونجي ويندو آهي.

روايتي شاعرن غلام احمد نظامي، رشيد احمد لاشاري ۽ محمد جمن هالو جي حوالي سان ڪراچي ۽ خاص طور تي لياري جو سڄي سنڌ ۾ هڪ مقام رهيو آهي. ترقي پسند ۽ رجعت پسند اديبن ۾ ٽڪراءُ ۽ تضاد جي حوالي سان خاص طور تي رشيد احمد لاشاري گهڻو متنازعہ پڻ رهيو آهي. انهن مان منهنجي ملاقات رڳو محمد جمن هالو سان ئي ٿي سگهي جيڪو اسان جي پاڙي ۾ ئي رهندو هو. سنڌ جي ٻين شهرن متعلق مون کي گهڻي ڄاڻ ناهي پر ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مختلف شاخن کي پنهنجين گڏجاڻين لاءِ هميشہ جاءِ جو مسئلو رهيو آهي. اهو ساڳيو مسئلو لياري سنگت کي پڻ درپيش هو. سنگت جون گڏجاڻيون ڪڏهين فٽبال هائوس، ڪڏهين مولوي عثمان پارڪ جي لائبريري تہ ڪڏهين ڪنهن دوست جي گهر ڪندا هئاسين. اهڙي ئي پيچ ڊڪ ۾ محمد جمن هالي پاران پنهنجي گهر ۾ سنگت کي گڏجاڻين ڪرڻ جي آڇ ڪئي ويئي جنهن کي قبول نہ ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ نہ هو. هالو صاحب پاڻ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ مختلف اسمن تي تنقيد ۾ حصو پڻ وٺندو هو پر اهو سلسلو بہ گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. ٿيندو ائين هو تہ هالو صاحب گڏجاڻين ۾ پاڻ ڪرسي تي ويهندو هو ۽ باقي ڄڻا فرش تي ويهندا هئا. هڪ گڏجاڻي ۾ ڪنهن دوست

اها نشاندهي ڪندي چيو ته سائين جن جي ڳڌجاڻين لاءِ جاءِ ڏيڻ لاءِ مهرباني پر اهو مناسب نہ ٿو لڳي تہ پاڻ مٿي ڪرسي تي ويهن ۽ ٻيا سڀ هيٺ ويهن.

اها ڳالهہ ڪين نہ آئڙي ۽ هن بہ ڪنهن رک رکاءَ جي سنگت کي چئي ڇڏيو تہ هاڻي آئنده هتي سنگت جي ڳڌجاڻين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. اهڙي ريت اهو سلسلو هتي ختم ٿيو.

# 64
# بندر روڊ کان ڪيماڙي

گهڻي وقت کانپوءِ بندر روڊ وڃڻ جو اتفاق ٿيو. شروع کان اها ڪراچي جي هڪ اهم سڙڪ رهي آهي، جيڪا شهر کي بندرگاهه سان ڳنڍي ٿي ۽ ان نسبت سان ئي ان جو نالو آهي. ڪراچي جون گهڻيون پراڻيون جايون ۽ سڙڪون اهڙيون آهن جن جي نالن بدلائڻ سان ماڻهن تي ڪو فرق نه پيو آهي ۽ اهي انهن کي ساڳين پراڻن نالن سان ياد ڪن ٿا. بندر روڊ به انهن ۾ شامل آهي. مون کي ياد آهي ته سٺ جي ڏهاڪي ۾ جڏهين ايوب خلاف تحريڪ هلي رهي هئي ته هن ئي روڊ تي خاص طور شاگردن جا جلوس نڪرندا هئا. هڪ ڀيري پنهنجي ليکي ائين گهمندي ڦرندي آئون به هڪ اهڙي جلوس ۾ شامل ٿي ويو هوس.

اها سڙڪ باقاعدي هڪ رٿا بندي تحت ناهي ويئي هئي جنهن جي پاسن کان پنڌ هلندڙ ماڻهن لاءِ فٽ پاٿ ۽ سروس روڊ هوندا هئا. ان دور جو هڪ مشهور فلمي گانو هوندو هو بندر روڊ سي ڪيماڙي، ميري چلي هي گهوڙا گاڙي، بابو هوجانا فٽ پاٿ پي. ان سڙڪ تان ئي ٽرام چاڪيواڙي ۽ صدر ڏانهن ويندي هئي.

هاڻي بندر روڊ ۾ گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. هن وقت انهن فٽ پاٿن وغيره تي دوڪاندارن وغيره جو قبضو آهي ۽ پنڌ هلندڙ ماڻهن لاءِ ڪا سهولت ناهي جڏهين ته ٽرام گهڻو عرصو اڳ بند ٿي چڪي آهي.

شهر جون گهڻيون اهم عمارتون اڃا ان سڙڪ تي ئي موجود آهن. سڙڪ جي مهڙ ۾ نيٽي جيٽي جي پل جي هيٺان ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي تاريخي عمارت آهي. ٿورو اڳتي ميري ويدر ٽاور آهي جنهن جي هڪ پاسي بندرروڊ ۽ ٻئي پاسي ميڪلوڊ روڊ آهي. هونئن به ورهاڱي کان اڳ ئي هتي مختلف سياسي جماعتن ۽ ٽريڊ يونين وغيره جا دفتر رهيا آهن. ساڳي وقت اهو هڪ تجارتي مرڪز پڻ رهيو آهي. بولٽن مارڪيٽ انگريزن جي ان سلسلي جو ئي هڪ حصو آهي جنهن تحت لي مارڪيٽ ۽ ايمپريس مارڪِيٽ وغيره جي تعمير ٿي هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته مذهبي جهيڙن ۾ مارڪيٽ کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو ۽ هاڻي اها پنهنجي اصل حالت ۾ موجود ناهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جامع ڪلاٿ ۽ ٻيون گهڻيون مارڪيٽون وغيره ان سڙڪ تي قائم ٿيون. اهڙي ريت ڪي ايم سي هيڊ آفيس جي شاندار عمارت جنهن جي پوري ريت سار سنڀال نه ڪئي ويئي آهي. ڊينسو هال، مشهور خالقڏنو هال، ٿيوسافيڪل هال، ريڊيو پاڪستان ۽ ان جي پر ۾ جانورن جي پراڻي رڇمنڊ هاسپيٽل جتي ننڍي هوندي هڪ ڀيرو آئون به پنهنجي چاچي سان گڏ ويو هوس ان ئي سڙڪ تي آهن. ٿورو اڳتي اين جي وي هائي اسڪول، پارسين جي ڇوڪرين جي لاءِ ماما پارسي اسڪول وغيره ان سڙڪ جون اهم نشانيون آهن. ڏنو وڃي ته سول هاسپيٽل ۽ ڊو ميڊيڪل

ڪاليج، جيتوڻيڪ ٿورو پاسيرا آهن پر هڪ لحاظ کان بندر روڊ سان لڳ هئڻ ڪري انهن کي ان جو حصو ئي ڳڻي سگهجي ٿو.

بندر روڊ جڻ هڪ لحاظ کان ڪراچي جو مرڪز رهيو آهي. هڪ پاسي کان اهو پراڻي شهر ۽ ٻڌي واپار وارين بازارن سان ڳنڍيل آهي ته ان جي ٻئي پاسي صدر ۽ ڪنٽونمنٽ جا علائقا آهن.

هينئر تازو اسان فريئر روڊ کان ريگل چوڪ جي رستي بندرروڊ تي داخل ٿياسين. هتي هاڻي هڪ ته ريگل سينيما نه رهي آهي پر علائقو اڃا به ان ئي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سينيما جي پويان ڪنهن وقت اسٽيٽ بينڪ جا آفيسرز فليٽ هوندا هئا. اهي فليٽ جيتوڻيڪ اڃا به موجود آهن پر اهي بينڪ جي هڪ اڳوڻي گورنر عشرت حسين رينجرز کي ڏيئي ڇڏيا هئا ۽ اهڙي ريت اهي هاڻي اسٽيٽ بينڪ جي ملڪيت نه رهيا آهن. هتان بندر روڊ تي داخل ٿيڻ سان ڪجھ نيون ۽ ڪجھ پراڻيون شيون نظر اچن ٿيون. شروع ۾ ئي گاڏين جي اسپيئر پارٽس جي دوڪانن وٽ پنجابي جو ناميارو شاعر ۽ اسان جو دوست بابا نجمي ڪم ڪندي نظر ايندو هو. هاڻي شايد هو هتان هليو ويو آهي ۽ اتي نظر نه آيو. ٿورو اڳتي پلازه سينيما ڪي گهڻو عرصو اڳ ڍاهي اتي نئين عمارت جي تعمير جي پيڙه رکي ويئي هئي. پر اهو ڪم اڳتي نه وڌي سگهيو آهي ۽ جتي آهي اتي ئي آهي. شايد ان ۾ ڪو قانوني مسئلو آهي. ان جي سامهون ئي رمپا پلازه آهي جيڪا ڪنهن وقت بندر روڊ جي هڪ اهم عمارت ليکي ويندي هئي. ان جي ڪجھ فلورن تي مشهور چرنيا هسپتال هوندي هئي. سڄي عمارت ۾ گهڻن ڊاڪٽرن جون آفيسون هونديون هيون. ٽين ماڙ تي اداره امن و انصاف ۽ نائين ماڙ تي سگا جا دفتر هوندا هئا. سنڌي ادبي سنگت ڪراچي مختلف وقتن تي انهن ٻنهي جاين تي پنهنجيون گڏجاڻيون ڪندي هئي ۽ گڏجاڻين کانپوءِ دوست مٿي ڇت تي اسپتال جي ڪينٽين ۾ وڃي چانهه پيئندا ۽ غيررسمي ڪچهريون ڪندا هئا.

ان عمارت جي مناسب سار سنڀال نه هئڻ ڪري، جنهن جو ڪارڻ اهو ٻڌايو ويندو هو ته گهڻين آفيسن وغيره وارا مينٽيننس جا ماهوار پئسا نه ڏيندا هئا، لفٽون اڪثر خراب هونديون هيون جنهن جي ڪري خاص طور اسپتال جي مريضن کي گهڻي تڪليف سهڻي پوندي هئي. صفائي جو مناسب انتظام نه هوندو هو. ان جي نتيجي ۾ گهڻن ڊاڪٽرن پنهنجيون آفيسون ان سڙڪ تي اڳتي نئين ٺهيل تاج ميڊيڪل ڪامپليڪس ۾ منتقل ڪري ڇڏيون. پر ڏنو وڃي ته بندر روڊ جي رش وغيره جي ڪري ڊاڪٽر هتي به مطمئن نه هئا ۽ انهن مان گهڻا ڪلفٽن ۽ شهر جي ٻين علائقن ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن. چارانيا اسپتال جا پهرين مالڪ ۽ نالو بدليو ۽ پوءِ ماڳيئي اسپتال ئي بند ٿي ويئي. ٽئين فلور تي اداره امن وانصاف جي دفتر تي دهشت گردن جي حملي ۾ ڪيترا ئي دوست مارجي ويا ۽ دفتر به بند ٿي ويو. هن وقت رمپا پلازه ۾ ڪجھ آفيسون ئي وڃي رهيون آهن جن ۾ سگا جي آفيس به شامل آهي. پر ان پلازه جي اها پراڻي شان باقي نه رهي آهي. ان جي پرسان ئي شاپنگ سينٽر گل پلازه آهي جنهن سان

لڳ محمدي ٽرام وي ڪمپني جو ڊيپو هو جتي ڪراچي جي مختلف علائقن ڏانهن ويندڙ ٽرامون بيهنديون هيون. ٽرامن جي بند ٿيڻ ڪانپوءِ اها جاءِ سرڪاري بسن وغيره جي بيهڻ لاءِ به استعمال ٿيندي هئي. پرپوءِ هتي ڪجهه تعمير جو ڪم هليو هو جيڪو ائين ئي رهجي ويو هو ۽ گهڻي عرصي کان پلاٽ ائين ئي پيو هو. هن وقت اتي ڪنهن عمارت جي تعمير ٿي آهي.

تاج ميڊيڪل ڪامپليڪس جي پرسان سي بريز جي نالي سان هڪ وڏي عمارت ناهي ويئي هئي پر اها عمارت پنهنجي تعميراتي خرابين وغيره جي ڪري ڪامياب نه وڃي سگهي ۽ ڪجهه دوڪانن ۽ آفيسن وغيره کي ڇڏي ائين ويران پيئي هوندي هئي. تازو سپريم ڪورٽ پاران ان کي مخدوش قرار ڏيئي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ساڳي ريت پراڻي نمائش وٽ عرصي کان جنهن انڊرپاس جي تعمير جاري هئي ان کي به اڃا کوليو نه ويو هو.

بندر روڊ نه رڳو شهر جي هڪ اهم شاهراه آهي پر ان جي تاريخي حيثيت پڻ آهي اهو اهڙو ورثو آهي جنهن جي سارسنڀال ۽ سينگارڻ جي ضرورت آهي.

65

# ڪراچي جو ميڪلوڊ روڊ

ميري ويدر ٽاور جي هڪ پاسي تہ بندر روڊ آهي جيڪو اڳتي گرو مندر تائين هليو وڃي ٿو جڏهين تہ ٻئي پاسي ميڪلوڊ روڊ آهي، جنهن کي هاڻي آئي آئي چندريگر روڊ چئجي ٿو. پر گهڻا ان کي اڃا تائين پراڻي نالي سان ئي سڏين ٿا جيئن ڪوئنز روڊ جو نالو پلي مولوي تميزالدين روڊ رکيو ويو هجي پر ماڻهو ان کي پراڻي نالي سان ئي سڏيندا آهن. الاهي ڇو ان ڳالہ کي نظرانداز ڪيو ٿو وڃي تہ نالا رکڻو نالا ناهن هوندا پر انهن جي پويان پوري تاريخ هوندي آهي.

ان سڙڪ جي نالي جي حوالي سان ٻہ رايا آهن. هڪ اهو آهي تہ اهو 1850 جي ڏهاڪي ۾ ڪسٽم جي ڊپٽي ڪليڪٽر جان ميڪلوڊ جي اعزاز ۾ رکيو ويو هو جڏهين تہ ٻيو رايو اهو آهي تہ اهو جيمس جان ميڪلوڊ انس، جنهن کي سنڌس 1857 جي آزادي جي جنگ ۾ تاج برطانيا لاءِ خدمتن جي عيوض وڪٽوريا ڪراس مليو هو، جي نالي پويان رکيو ويو هو. 9 نومبر 1969 تي اوسي پاسي جي ٻين اهم شاهراهن جيان ان جو بہ نالو بدلائي ملڪ جي هڪ اڳوڻي وزيراعظم ابراهيم اسماعيل چندريگر، جنهن جي عهدي جي ميعاد ڇہ هفتا مس رهي هئي، جي نالي پويان آئي آئي چندريگر روڊ رکيو ويو.

ڏنو وڃي تہ بندرروڊ کي بندرگاهہ ۽ بازارن جي سهولت لاءِ ناهيو ويو هو تيئن ان روڊ کي بہ شروع کان ئي هڪ تجارتي مرڪز جي طور ناهيو ويو آهي. آمريڪا جي گهرو ويڙهہ ڪانپوءِ ڪپہ جي واپار ۾ آيل تيزي جي ڪري ريلوي لائين جي سامهون ان سڙڪ جي پويان ڪپہ جا گودام ناهيا ويا جڏهين تہ انهن واپارين جا دفتر ان سڙڪ تي ئي هئا. 1870 جي ڏهاڪي ۾ مختلف بينڪن ۽ ڪمپنين ان سڙڪ تي پنهنجا دفتر قائم ڪيا ۽ ان ئي ڏهاڪي ۾ روڊ جي ڏاکڻي ڪنڊ تي هڪ ننڍي ريلوي اسٽيشن ناهي وئي جنهن کي 1880 جي ڏهاڪي ۾ ترقي ڏني وئي ۽ وري 1935 ۾ ميڪلوڊ اسٽيشن ناهي وئي جيڪا هاڻي ڪراچي سٽي ريلوي اسٽيشن آهي. جڏهين ڊاڪٽر عشرت حسين اسٽيٽ بينڪ جو گورنر هو تہ هن ان سڙڪ تي وڌندڙ رش جي دٻاءَ کي گهٽ ڪرڻ ۽ سنڌس چواڻي تہ ان سڙڪ کي هڪ اسٽيٽ آف آرٽ جي صورت ڏيڻ لاءِ هڪ رٿا ناهي ۽ ان جي لاءِ مختلف بينڪن ۽ مالياتي ادارن کان پئسا ورتا ويا. رٿا اها هئي تہ ان سڙڪ تي پبلڪ ٽرانسپورٽ وغيره کي بند ڪيو ويندو ۽ شاهين ڪامپليڪس کانپوءِ هڪ شٽل سروس شروع ڪئي ويندي جيڪا مختلف ادارن جي ملازمن کي پنهنجن دفترن تائين پهچائيندي. ان مقصد لاءِ سڙڪ جي نئين سر تعمير، جنهن جو هڪ مقصد نيون سيوريج لائنون وغيره وجهڻ هو تہ جيئن مينهن جي موسم ۾ سڙڪ تي پاڻي نہ بيهي ۽ ماڻهن کي پريشاني نہ ٿئي، لاءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين سڙڪ عام ٽريفڪ

وغيره لاءِ بند رهي ۽ ڊاڪٽر عشرت جي وجھڻ ڪانپوءِ نئين گورنر ان جو افتتاح ڪيو ۽ پنهنجي نالي جي تختي هٽايائين. پر سڙڪ جي صورتحال ساڳي رهي. شٽل سروس وارو خواب به پورو نه ٿيو ۽ مينهن جو پاڻي به ساڳي ريت پريشاني جو باعث بڻجي ٿو. مينهن جي مند ۾ خاص طور ان پاڻي جي ڪري ائين ٿيندو هو جو خاص طور شام جو آفيسن جي موڪل ڪانپوءِ ٽريفڪ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جام هوندي هئي ۽ حادثا ڏار ٿيندا هئا. مون سان به گهڻا ڀيرا ائين ٿيو جو پنجين وڳي جو آفيس مان نڪتل رات ٻين اڍائي وڳي مس وڃي گهر پهچندو هوس.

شروع ۾ ان روڊ تي بندر روڊ جيان گهڻي رش نه هوندي هئي. سٺ جي ڏهاڪي جي آخر تائين ته هتان اڌ مني ڪلاڪ ڪانپوءِ هڪ بس ڪا مشڪل سان لنگهندي هئي. موٽر ڪارون گهٽ ماڻهن وٽ هيون. ان وقت اسٽيٽ بينڪ ۽ ٻين آفيسن جا گهڻا ماڻهو ناظم آباد ۽ فيڊرل بي ايريا وغيره کان سائيڪلن تي ايندا هئا جنهن جو هاڻي تصور به نه ٿو ڪري سگهجي.

سڙڪ تي پٿر جون ٺهيل پراڻيون عمارتون آهن جن مان ڪي ته اڃا صحيح حالت ۾ آهن ۽ ڪي بلڪل زبون حالت ۾ آهن. انهن ۾ وڏيون گهڻ ماڙ عمارتون ۽ آفيسون وغيره گهٽو پوءِ قائم ٿيون. سڙڪ جي شروع ۾ ئي ريلوي جو هڪ وڏو ڪمپائونڊ ۽ گودام آهي جڏهين ته ان سان گڏ گهٽي ۾ ئي ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج جي عمارت آهي جنهن جو هاڻي نالو بدلجي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج تي ويو آهي. ان سان گڏئي اسٽيٽ بينڪ جي نئين عمارت آهي جيڪا 1960 جي ڏهاڪي ۾ ٺهي مڪمل ٿي هئي ۽ جنهن جو افتتاح ايوب خان ڪيو هو. اسٽيٽ بينڪ جي ان ڪمپائونڊ ۾ ٻه پراڻيون عمارتون موجود آهن. هڪ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان اڳ جي بينڪ آف انڊيا جي پٿر واري عمارت آهي جنهن ۾ شروع ۾ بينڪ جا ڪجھ ڊپارٽمنٽ هوندا هئا، پوءِ هتي لائبريري کي منتقل ڪيو ويو هو ۽ هاڻي هتي ميوزيم آهي. ٻي عمارت هڪ خانگي دفتر جي هئي هڪ ڊگهي عرصي تائين اها اتي رهي ۽ گهڻي لڪپڙه ۽ ڪورٽ ڪچهرين کان پوءِ اها بينڪ کي ملي سگهي ۽ هاڻي اها بينڪ جي استعمال ۾ آهي. بينڪ جي سامهون خالي پلاٽ پيل هوندا هئا جتي چانهه جا کوکا وغيره هوندا هئا ۽ اتي بينڪ ۽ آسپاس جي آفيسن جا ماڻهو چانهه پيئڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا. هاڻي اتي گهڻ ماڙ عمارت ٺهي ويئي آهي جنهن ۾ بينڪن جون برانچون ۽ ٻيون آفيسون وغيره آهن. آدمجي هائوس ۽ ان جي سامهون شيشي جي عمارت هئي جنهن ۾ ڪنهن دور ۾ بي سي سي آئي هوندي هئي ۽ هاڻي الفلاح بينڪ آهي. ان جي پاسي ۾ پوليس هيڊ آفيس آهي ۽ سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان ڪجھ نيون ۽ ڪجھ پراڻيون عمارتون آهن. ڪنڊ تي جتي گهٽي ان سڙڪ کي بندر روڊ ۽ بولٽن مارڪيٽ سان ملائي ٿي پاڪستان کان اڳ جي پراڻي پٿر جي عمارت آهي جنهن ۾ اسٽينڊرڊ چارٽرڊ بينڪ آهي. ان جي سامهون ئي نيشنل بينڪ جي هيڊ آفيس آهي جنهن جي پر ۾ جوبلي انشورنس ڪمپني ۽ اسٽيٽ لائيف جي بلڊنگ نمبر هڪ آهي. يونائيٽيڊ بينڪ جي هيڊ آفيس ان ئي عمارت

۾ هوندي هئي پر هاڻي ان جي بلڪل سامهون بينڪ هڪ گهڻ ماڙ جديد طرز جي عمارت ناهي آهي. ان سان گڏ محمدي هائوس آهي. پيپلز پارٽي جي پهرئين دور ۾ بينڪن جيان مختلف شپنگ ڪمپنين وغيره کي بہ قومي ملڪيت ۾ وٺي انهن سڀني کي گڏي پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن جو نالو ڏنو ويو هو. محمدي هائوس ان وقت محمدي شپنگ ڪمپني جي ملڪيت هو ۽ اجا ان جو اهو پراڻو نالو هلندو اچي. هن وقت ان عمارت ۾ مختلف ادارن جون آفيسون وغيره آهن. حبيب بينڪ جي انسپيڪشن دوران هتي ڪجهہ وقت مون گذاريو هو. پر عمارت جي مناسب سارسنڀال نہ ٿيڻ جي ڪري جڻ هتي هڪ بدنظمي آهي.

ٿورو اڳتي حبيب بينڪ پلازه جي گهڻ ماڙ عمارت آهي جيڪا 1963 ۾ ٺهي ۽ ڪنهن وقت سڀ کان اوچي عمارت ليکي ويندي هئي جڏهين تہ هاڻي ايم سي بي ٽاورز ۽ ٻيون عمارتون ٺهي ويون آهن. ان جي پرسان گهٽي جي ٻئي پاسي ڪاٽن ايڪسچينج جي پراڻي پٿر جي ٺهيل عمارت آهي. ان جي سامهون پل آهي جيڪا ان سڙڪ کي گودامن وغيره سان ڳنڍي ٿي ۽ ان جي پير ۾ سٽي اسٽيشن آهي جتي هاڻي گهٽو ڪري ريلوي جا دفتر آهن ۽ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ٽرينون هتي اچن ٿيون جڏهين تہ گهٽيون ڪينٽ اسٽيشن کان ئي شروع ۽ اتي ئي ختم ٿين ٿيون.

ان کان ٿورو اڳتي ايم سي بي ٽاورز آهي. ان عمارت کي جديد طريقي سان ناهيو ويو آهي ۽ ان جو مقصد بينڪ جي وڌندڙ ڪم ۽ اسٽاف جي ڪري هيڊ آفيس کي آدمجي هائوس مان هتي آڻڻ هو. پر ٿيو ائين تہ جيئن تہ بينڪ جي نجي ملڪيت ۾ وڃڻ ڪانپوءِ نون مالڪن جو تعلق پنجاب سان آهي ۽ سندن ڪاروباري مفاد فيصل آباد ۽ لاهور ۾ آهن ان ڪري هن عمارت کي ٺهرائڻ جي باوجود هيڊ آفيس کي لاهور منتقل ڪيو ويو. مون رٽائرمنٽ ڪانپوءِ ڪجهہ عرصو ايم سي بي اسلامڪ بينڪ ۾ نوڪري جي حوالي سان ان عمارت ۾ گذاريو هو. عمارت ۾ جڻ هڪ ويراني آهي. هر فلور تي ڪجهہ ماڻهو وينا آهن. ان جي ڪري بينڪ پاران هڪ اڌ برانچ کي بہ هت منتقل ڪيو ويو آهي. ان کان ٿورو اڳتي پٿر جي هڪ عمارت آهي جيڪا هن وقت تہ زبون حالت ۾ آهي پر ڪنهن وقت ۾ هتي فيروز سنز جي آفيس هوندي هئي جتي منهنجو بہ ڪتابن وغيره وٺڻ جي سلسلي ڪجهہ پيرا وڃڻ ٿيو هو. ان ئي سڙڪ تي جنگ گروپ ۽ ٻين مختلف ميڊيا گروپن جون آفيسون بہ آهن.

سڙڪ جي ڪنڊ تي هڪ پاسي شاهين ڪامپليڪس ۽ ٻئي پاسي سپريم ڪورٽ ۽ برنس گارڊن آهي. شاهين ڪامپليڪس اجا بہ ايئر فورس جي ملڪيت آهي. ان جي ٺهڻ کان اڳ هتي ايئر فورس جو ڀرتي جو مرڪز هو جتي هڪ اڌ ڀيرو منهنجو بہ اچڻ ٿيو هو. اها سڄي جاءِ ۽ ان جي ڀرپاسي عبدالله هارون مسلم جيمخانہ سميت هندو جيمخانہ جي ملڪيت هئي. سپريم ڪورٽ واري عمارت ۾ ان کان اڳ واٽر بورڊ جي آفيس هئي جڏهين تہ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ اها اسٽيٽ بينڪ جي پهرين آفيس هئي.

هن سڙڪ ۽ بندر روڊ جي اها خاصيت آهي تہ ٿوري ٿوري فاصلي ڪانپوءِ اهڙا نندا روڊ ۽ گهٽيون آهن جيڪي انهن کي پراڻي شهر ۽ مک بازارن وغيره سان ڳنڍين ٿا. هڪ لحاظ کان اهو سڄو علائقو جڻ هڪ تاريخ آهي جنهن کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## 66

# گل محمد ڪتريءَ جون سارو ڻيون

فيس بڪ تي سائين گل محمد ڪتريءَ جي تصوير ڏسي ڪجهه پراڻيون يادون من تي تري آيون. لياريءَ ۾ رهڻ جي حوالي سان ساڻس گهڻيون ملاقاتون ٿيون. سندس اسٽوڊيو نيپيئر روڊ ڪي ليمارڪيٽ سان ڳنڍيندڙ گهٽيءَ جي ڪنڊ تي هوندو هو. اسان جو دوست قمر جماڻي، جيڪو پاڻ هڪ سرگرم سياسي ڪارڪن هو، ڪتري صاحب جو وڏو قدردان هو ۽ ساڻس اڪثر ملڻ ويندو هو. آئون به ساڻس گڏجي اڪثر ان اسٽوڊيو ۾ ويندو هوس. هو پنهنجو ڪمرشل ڪم به ڪندو هو، جنهن ۾ گهڻو ڪري سينيمائن تي لڳندڙ فلمن جا پوسٽر وغيره هوندا هئا، پر ڪتري صاحب جو خاص موضوع ڀٽائيءَ جي شعرن ڪي تصويري شڪل ۾ پيش ڪرڻ هو. ان سان ڇڻ ڪيس عشق هو. پوءِ اها ئي ڳالهه سندس سڃاڻپ پڻ بڻجي ويئي.

سندس سڄو اسٽوڊيو اهڙين تصويرن سان پريو پيو هوندو هو. سنڌ جا گهڻا ناليوارا ماڻهو وٽس ايندا هئا. ان اسٽوڊيو ۾ هڪ ڀيرا علڻ فقير سان به منهنجي ملاقات ٿي، جيڪو خاص ڪتري صاحب سان ملڻ ايندو هو.

ان ڪانپوءِ پنهنجي جاءِ نهڻ جي ڪري جماڻي ڪيس بغدادي ۾ پنهنجي گهر جي هيٺئين حصي ۾ رهائش ڏني هئي، جتي اڪثر، جڏهن جماڻي سان ملڻ وڃبو هو ته هن سان به ملاقات ٿي ويندي هئي. موسيٰ لين ۾ سندس گهر نهڻ ڪانپوءِ جڏهن هن اتي رهائش اختيار ڪئي ته، اتي به ڪڏهن ڪڏهن وٽس وڃڻ ٿيندو هو. هو آخر تائين لياريءَ ۾ ئي پنهنجن وسيلن جي آڌار تي رهيو. سندس فن پارن ڪي ساراهيو ويندو هو ۽ انهن جي گهڻي تعريف به ٿيندي هئي، پر نه ته سرڪار پاران ۽ نه ئي سندس سنڌي قدردانن پاران ڪيس ايترا وسيلا مهيا ڪيا ويا، جيڪي سندس خاندان لاءِ ڪافي ٿي سگهن ۽ هو بي فڪر ٿي پنهنجو پورو ڌيان پنهنجي ڪم تي ڏيئي سگهي.

ڪتري صاحب جو پٽ افضال اسٽيٽ بينڪ ۾ ملازم آهي. هو جڏهن به ملندو آهي ته ڪلچر ڊپارٽمنٽ ۽ ٻين ادارن جي، ڪتري صاحب جي ڪم جي حوالي سان ڏنل آسرن جو ذڪر ڪندو آهي ۽ هميشه پراميد رهندو آهي، پر هڪ ڊگهي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ به انهن ادارن پاران ان سلسلي اجا ڪجهه به ناهي ڪيو ويو.

......

منهنجي لاءِ اهي سڀ استاد محترم ۽ معزز آهن، جن پرائمري ڪان وٺي يونيورسٽي تائين منهنجي تعليم ۽ تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ساڳئي وقت منهنجي لاءِ اهي دوست به اوترا ئي محترم ۽ عزت لائق آهن، جن منهنجي غير رسمي تعليم، تربيت ۽ صحيح دڳ تي لاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. منهنجي لاءِ اهي ليکڪ به استادن جو درجو رکن ٿا، جن جي لکڻين ۽ ڪتابن مان آئون اجا تائين سکندو ۽ لاڀ

پرائيندو رهيو آهيان. شعوري ۽ لاشعوري طور مون جن به ماڻهن مان، عمر ۽ تعليم جي ڪنهن فرق ڪانسواءِ پرايو آهي. آئون انهن سڀني جو ٿورائتو آهيان ۽ انهن سڀني کي محترم سمجهان ٿو.

.....

ڪنهن دوست پڇيو ته، ”اوهان جو خاندان ڪراچيءَ ۾ اٽڪل سئو سالن کان وڌيڪ عرصي کان رهندڙ آهي، پوءِ اوهان زمينن وغيره تي ٻين وانگر قبضا ڪري پنهنجي ملڪيت ۾ واڌارو ڇو نه ڪيو؟“ منهنجو ڪيس جواب هو ته، ”هي شهر اسان جو پنهنجو آهي، جنهن اسان کي اجهو، تعليم، روزگار ۽ زندگيءَ جي هر سهولت مهيا ڪئي آهي - ۽ اسان کي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته ڪو پنهنجي گهر، شهر ۽ ڌرتيءَ تي به قبضو ڪبو آهي، ڇاڪاڻ ته قبضا ڪرڻ ۽ ملڪيتون ناهڻ ته ڪاه ڪندڙن ۽ ڦورن جو ڪم هوندو آهي، ڌرتيءَ واسي ته پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ڪندا ۽ ان کي خوبصورت ناهڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن.

.....

ڪرڪيٽ جو مون کي شروع کان ئي شوق رهيو آهي، جيڪو گهٽي پاڳي ڪامينٽري وغيره ٻڌڻ ۽ مئچ ڏسڻ جي حد تائين رهيو آهي. ننڍي هوندي جڏهن اجا ٽي وي تي لائيو ميچ نه ايندا هئا ته ريڊيو تي عمرقريشي ۽ جمشيد مارڪر جي ڪامينٽري کي ڪن لڳائي ٻڌبو هو. نيشنل اسٽيڊيم ان وقت شهر کان ٻاهر هوندو هو ۽ مئچ وغيره جي موقعي تي شهر جي مختلف علائقن مان خاص بسون هلايون وينديون هيون. شايد به پيرا مون اسٽيڊيم ۾ وڃي مئچ ڏٺو هو. ان وقت نيشنل اسٽيڊيم جي چوڌاري قلعي جيان وڏيون ديوارون، جيئن هن وقت آهن، نه هيون، ان ڪري ماڻهو ميدان جي ٻاهران ڪنهن ٽڪريءَ تي ويهي به مئچ ڏسي سگهندو هو.

....

هڪ پيري جڏهن اسان کهڙا کان پير ڪنپر، ڏاڏا جي قبر تي ٽانگي ۾ وڃي رهيا هئاسين ته واٽ تي هڪ واٽر تي آبپاشي کاتي جي ڪنهن عملدار ٽانگي واري کي بيهڻ لاءِ چيو، پر ٽانگي وارو نه بيٺو ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو نڪري ويو. هن سمجهيو ته سندس جان ڇٽي ويئي، پر ائين نه ٿيو. هو همراه گهوڙي تي سوار هو ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو اچي ان همراه کي اتي قابو ڪيائين، جتي اسان بيٺا هئاسين. بس پوءِ ته ان ٽانگي واري جي حالت ڏسڻ جهڙي هجي. پٽڪو پَٽ تي ڪيرائي ۽ ڏوڙ پنهنجي مُنهن ۾ وجهي ان عملدار کان معافيون وٺڻ لڳو. نيٺ گهڻين آزين نيازين ۽ اسان جي چوڻ تي هن ان جي جان ڇڏي. خبر پيئي ته ڳوٺاڻن علائقن ۾ ڪنهن ننڍي عملدار جو به ماڻهن جي زندگيءَ تي ڪيترو نه اختيار آهي، جڏهن ته ڪراچي جهڙي شهر ۾ ماڻهو ڪنهن وڏي عملدار ۽ خان کي به نه ليکيندا آهن

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

**سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.**
**اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.**
**۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.**

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**